# تذڪرهٔ شعراءِ ٽڪڙ

اسد الله "اسد" ٽڪڙائي



سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# تذڪره شعراء ٽکڙ

مصنف

اسد الله "اسد" ٽکڙائي

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو سنڌ
2005ع

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو۔

[هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

چاپو پهريون سال 1959ع تعداد ٻه هزار
چاپو ٻيو سال 2005ع تعداد هڪ هزار

قيمت: هڪ سؤ ڏهه رپيا
[ Price Rs. 110-00 ]

خريداريءَ لاءِ رابطو:
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-633679, Fax: 022-2771602)
Email Address: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiab.com

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شورو ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ انعام الله شيخ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ڇپائيندڙ پاران

سنڌ جي جن چند ڳوٺن ۾ شهرن کي شاعرن ۽ اديبن جي ڪري سجاتو ويندو آهي، انهن ۾ 'ٽکڙ' بہ شامل آهي. هيءُ ڳوٺ وڏي عرصي کان سنڌ جي ناليوارن شاعرن عالمن، محققن، اديبن، مدبرن ۽ عوامي خدمتگارن جو مرڪز رهيو آهي. نورمحمد خستہ، حافظ عالي، ميان چتن، ميران محمد شاهہ (اول)، حافظ حامد، علامہ اسدالله شاهہ 'فدا'، محمد هاشم 'مخلص'، حافظ 'دلگير'، حافظ شاهہ، حافظ 'بسمل'، محمد خان 'غني'، ميران محمد شاهہ 'مير'، 'سعيد' ٽکڙائي، حافظ شاهہ حسيني 'ناطق'، ڊاڪٽر اسدالله شاهہ 'اسد'، 'بيخود' حسيني، شبير 'هاتف'، امداد حسيني ۽ ٻيا لاتعداد تخليقڪار سنڌي ٻوليءَ جا قادرالڪلام شاعر، نثرنگار، عالم ۽ علم دوست ٿي گذريا آهن، جن جو تعلق ٽکڙ سان آهي. انهن نالن ۾ "مخلص" جو نالو- طنز و مزاح ۾ قداور نظر اچي ٿو. حافظ حامد کي 'سنڌي شاعريءَ جو جان ملٽن' جي خطاب سان نوازيو ويو آهي. 'خستہ'، حافظ عالي، ميان چتن جا نالا پڻ سنڌي غزل جي بنيادي شاعرن ۾ اچن ٿا. انهن سڀني شاعرن جو تعلق ٽکڙ سان آهي. انهيءَ ڪري ٽکڙ کي 'شاعرن جو شهر' سڏجي، تہ ان ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو، ڇو تہ مذڪوره نالا سنڌي شاعريءَ ۾ پنهنجو هڪ بلندمقام ۽ اهميت رکن ٿا.

جناب اسدالله شاهہ 'اسد' ٽکڙائيءَ هن تذڪري ۾ 31 شاعرن جو ڪلام سوانح حيات سميت شامل ڪيو آهي. تذڪري جي اڀياس کان پوءِ اندازو ڪري سگهجي ٿو، تہ مصنف هن ڪم کي پايہ تڪميل تائين رسائڻ لاءِ ڪيترين دشوارين مان گذريو هوندو! هن تذڪري جي پڙهڻ کان پوءِ ٽکڙ سان واسطو رکندڙ مذڪوره ڳاڻ ڳڻين شاعرن بابت ڇڳو خاصو مواد ملي وڃي ٿو. خاص طور تي ادب جي هن صنف تي کوجنا ڪندڙ محقق حضرات لاءِ هيءُ ڪتاب هڪ 'ماخذ' جي حيثيت پڻ رکي ٿو، ڇو تہ مصنف جتان مواد حاصل ڪيو آهي، سندس اهي ذريعا معتبر نظر اچن ٿا.

ڪنهن بہ تاريخ لکڻ لاءِ معتبر ماخذ ۽ مواد جي ضرورت پوندي آهي. مستند تاريخ تي تڏهن ئي ڪم ڪري سگهجي ٿو جڏهن اسان وٽ ماخذ جا ذريعا بہ معتبر هجن. جڏهن اسان سنڌي شاعري يا ان جي جديد دور جو تذڪرو ڪنداسين، تہ اسان کي مٿينءَ راءِ تي بہ نظر رکڻي پوندي. ادب جي ڪنهن بہ صنف بابت تذڪرا تہ عام جام ملندا، پر جنهن انداز ۽ مطلب سان تذڪرا لکجن، سي گهٽ نظر اچن ٿا. 'تذڪره شعراء ٺٽڙ' جي مواد جي چونڊ ۽ ان جي ماخذ جي اهميت کي نظر ۾ رکندي هن تذڪري کي عام تذڪرن کان ڌار ڪري سنڌ تذڪرن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو.

اميد اٿئون تہ هيءُ نئون ڇاپو مانوارن پڙهندڙ دوستن جي خدمت ۾ قبول پوندو.

| | |
|---|---|
| **ڄام شورو، سنڌ** | **انعام الله شيخ** |
| ڇنڇر ٣٠- شوال المڪرم ١٤٢٦هه | سيڪريٽري |
| بمطابق 3- ڊسمبر 2005ع | سنڌي ادبي بورڊ |

# فهرست


| مضمون | صفحو |
| --- | --- |
| 1. ديباچو: الحاج سيد ميران محمد شاهہ | 1 |
| 2. تقريظ: مولانا غلام محمد "گرامي" | 9 |
| 3. عرض حال: مصنف | 12 |
| 4. تِڪڙ | 14 |
| 5. نور محمد "خسته" | 27 |
| 6. حافظ عالي | 28 |
| 7. ميان چتن | 29 |
| 8. محمد صالح ميمڻ "صالح" | 29 |
| 9. سيد حافظ حاجي حڪيم ميران محمد شاهہ اول | 30 |
| 10. حافظ حاجي حامد | 34 |
| 11. حافظ محمد يوسف | 52 |
| 12. حضرت الحاج الحافظ خواجہ محمد حسن جانؒ سرهندي | 53 |
| 13. محمد هاشم "مخلص" | 58 |
| 14. علامہ قاضي اسدالله شاهہ "فدا" | 75 |
| 15. قاضي محمد دائود | 94 |
| 16. سيد حاجي محمد حافظ شاهہ | 97 |
| 17. محمد ابراهيم | 111 |
| 18. الحاج مولانا محمد حسين جان سرهندي | 112 |
| 19. حافظ محمد هارون "دلگير" | 120 |
| 20. سيد شاهنواز شاهہ | 136 |
| 21. حافظ محمد عبدالله "بسمل" | 138 |
| 22. سيد محمد عالم شاهہ "عالم" | 152 |
| 23. پير حاجي محمد اسماعيل جان "روشن" | 155 |

24. پير حاجي عبدالستار جان "پير" ______ 163

25. سيد ميران محمد شاهہ "مهجور" ______ 168

26. سيد غلام محمد شاه "ناظم" ______ 175

27. محمد خان "غني" ______ 176

28. پير مولانا محمد ابراهيم جان "خليل" ______ 191

29. سيد محمد سعيد شاهہ "سعيد" ______ 196

30. سيد محمد حافظ شاهہ "حافظ" ______ 200

31. محمد آچر "نظير" ______ 203

32. اسدالله شاهہ "اسد" ______ 204

33. شبير علي شاهہ "هاتف" ______ 210

34. امداد علي شاهہ "امداد" ______ 213

35. غلام رسول شاهہ "سوز" ______ 214

# انتساب

هي ناچيز ادبي تحفو آءٌ پنهنجي والد بزرگوار مرحوم سيد الهه بخش شاهه جن جي نالي منسوب ڪريان ٿو، جن جي وقت بوقت ادبي ۽ علمي ڪچهريءَ مون ۾ سنڌي علم و ادب لاءِ محبت ۽ ادبي ميدان ۾ قدم رکڻ لاءِ اشتياق پيدا ڪيو.

منهنجي دعا آهي، ته شال الله تعاليٰ سندن روح کي راحت بخشيَ.

ناچيز

**اسد**

# ديباچو

هن ڪتاب جي مصنف جي خواهش مطابق، ڪجهہ ابتدائي لفظ لکڻا پيم- خصوصاً جڏهن تہ نوجوان مصنف جي دل ۾ هن بار جي برداشت ڪرڻ جو اولين جذبو منهنجي اڪسائڻ تي ٿيو. ازان سواءِ ڪيترن ٽکڙ جي شاعرن ۽ اديبن کي، جن جو ذڪر هن ڪتاب ۾ ڪيل آهي، مون زندگيءَ ۾ ڏٺو، ۽ انهن سان صحبت ڪئي. جنهن ڪري انهن جي رجحانات ۽ دورِ حيات جو مون کي مصنف کان زياده علم آهي، تنهن ڪري هن ديباچي لکڻ جي ذميداري منهنجي سر تي ڌري ويئي.

ڪرهٔ ارض جي سطح تي مختلف مقامات جون جداگانہ خصوصيات، طبعي توڙي ذهني، دست قدرت سان پيدا ڪيل آهن. ڪنهن قطعہ ارض ۾ ماڻهو جسيم تہ ڪنهن ۾ حسين، تہ ڪنهن ۾ وري ذهين رهيا آهن. جنهن ڪري دنيا جي ڪيترن ننڍڙن ڳوٺن جي دامن ۾ بہ ڪُيترن فلاسفرن، حڪيمن، ولين، شاعرن ۽ بهادرن ولادت ۽ پرورش پاتي آهي. سر زمين ٽکڙ بہ انهن خوشبخت ڳوٺڙن مان ليکجڻ گهرجي، جنهن جي گهَواري ۾ ڪيترن گوهرن ۽ گهوٽن پرورش پاتي آهي.

جيئن تہ طبعي ماحول جي اثر جو انسان جي طبعيت تي گهرو اثر ٿو ٿئي، تنهن ڪري ٽکڙ جي آس پاس جي دلڪش مناظر، اديبن ۽ شاعرن جي دماغ کي وسيع ۽ تخيل کي تيز ۽ طبعيت کي تر ڪيو ٿي.

اُتر کان گنجي ٽڪر جون پر رونق قطارون، اولهہ کان درياءَ سنڌ جون لهرون ۽ للڪارون، ڏکڻ کان سرسبز ساريون ۽ اوڀر کان وڻئڻ ۽ جواريون، جن جي متحد ۽ موافق ماحول ٽکڙ جي رهواسين جي رڳ رڳ ۾ حسنِ ڪائنات جو ڪيف ڀري ڇڏيو ٿي. اهڙي سر زمين ۾ اديبن، فقيهن، حڪيمن، شاعرن ۽ مفڪرن جو پيدا ٿيڻ ڪو غير معمولي واقعو نہ چئبو.

بهرحال پنجويهن ٽيهن سالن کان قدرت جي ڪمهريءَ ڪري، يا 'باشندگانِ ٽکڙ' جي بي شڪريءَ ڪري، هن مردم خيز خاڪ تي تنزل جا بادل

ڇانئجڻ لڳا. مثلاً حافظ شاهه. حافظ هارون، محمد هاشم "مخلص" ۽ قاضي اسدالله شاهه راهه ربانيءَ ڏانهن راهي ٿيا. جنهن ڪري درجي بدرجي منجهانئس اها رنگيني گهٽجڻ لڳي. آءٌ به حيدرآباد ۾ اچي سڪونت پذير ٿيس، سرهندي بزرگ به هجرت ڪري ويا، "بسمل" به ساڳي راهه اختيار ڪري گهڻو وقت حيدرآباد ۾ رهڻ لڳو. جنهن ڪري ٺٽڙ هن مصرع جي مطابق وڃي رهي:

اڄ چمـــن مـــان چٽـــون ويـــا چيهـــا،
ات رهيـا هـن ڪـلاب ڪـارا ڪـانگ.

مون ته پڳل پٽيون ۽ ڪلر جا ڪوٽ ڏسي سمجهيو هو ته هن سرزمين مان عندليب جو آواز ڇيهن جي ڇهه ڇهه ۽ ڪوئل جي ڪو ڪو هميشه لاءِ مفقود ٿي ويا. شايد شاهه لطيف عليه الرحمة جي قول مطابق ٺٽڙ جي اولي العزم شاعرن جا پويان پنهنجن بزرگن جي جوهر قلب کان محروم رهجي ويا:

ويا سي وينجهار، هيرو لعل وٽڏين جي،
تنهين سندا پويان، سيهي لهن نه سار،
ڪٽين ڪُٽ لوهار، هاٽي انهن پيٽين.

مگر اوچتو گذريل جون مهيني ۾ ميان غلام مصطفيٰ ميمڻ کان هڪ دعوت نامو مليو، جنهن ۾ "ادبي انجمن ٺٽڙ" جي ساليانى اجلاس ۾ مون کي مدعو ڪيو ويو هو. اتي وڃڻ سان نا اميدي ۽ مايوسي، جيڪا منهنجي دل تي طاري ٿي ويئي هئي، سا ڪافور ٿي ويئي. ڏٺم ته ڪي نوجوان پنهنجي سلف صالحين جي نقش قدم تي هلي، پنهنجي بزرگن جي روحن کان فيضياب ٿي، ادب جي عَلَم کي وري ٺٽڙ جي ڪريل ۽ ڪلرانن ڪنگرن تي کڙي ڪرڻ لاءِ ڪمر ڪشي بيٺا آهن. نه فقط ايترو پر ڪيترا نو عمر شعراءَ ۽ اديب به از سرِنو پنهنجي وڏن جي روايتن کي دهرائڻ لاءِ ڪوشان آهن، جنهن ڪري علم ۽ ادب جو سلسلو، جو ايامن کان هن سرزمين ۾ شروع ڪيل هو، سو تا ابد قائم رهندو.

مٿئين جلسي ۾ جيڪي مقالا پڙهيا ويا، جن سان به ياد پارينه تازي ٿيندي رهي، تن مان معلوم ٿيو ته اجا به ٺٽڙ جي اولي العزم شاعرن جو ڪلام ڪنهن نه ڪنهن حيلي هٿ ڪري سگهجي ٿو، ۽ جيڪڏهن هن ڏس ۾ وڏيڪ ۽ ترت قدم نه کنيو ويندو، ته هي بي بها خزانو هميشه لاءِ مدفون ٿي ويندو. انهيءَ ڪري وري به مصنف، ميان اسدالله شاهه، کي ترغيب ڏنيم ته پنهنجي

پياري وطن جي املهہ ماڻڪن جي جوهر ۽ جوت کي، پنهنجي خداداد ذهن ۽ نوڪِ قلم سان اجاري يڪجا ڪري، تہ آئينده نسلن کي ان مان فيض قلبي ۽ سرور دلي حاصل ٿئي ۽ ٿيندو رهي. منهنجي هدايت جو ڪافي اثر ٿيو. ڇوتہ هن نوجوان وڏي جان فشانيءَ سان وسريل واقعات ڏينهن ڏيهان ڏوري لڌا آهن ۽ بوسيده بياضن جي ورق گرداني ڪري، اڌوهين جي پيٽ مان بہ ڪنهن نہ ڪنهن شاعر جي ڪلام جو حصو حاصل ڪري، پنهنجي مسودي ۾ داخل ڪيو آهي. جنهن ڪري آفرين ۽ تحسين جو لائق آهي.

نوجوان مصنف شعراءِ ڪرام ۽ ادباءِ عظام جي سوانح حيات سان گڏوگڏ سندن جاءِ پيدائش جي طبعي ۽ ذهني ماحول جو بہ عمدو خاڪو ڪڍيو آهي، تنهن سان گڏ مختصراً ٺٽ جي باشندن جي عمومي ۽ اقتصادي ۽ معاشرتي زندگيءَ جو بہ نقشو پيش ڪيو آهي. مگر "شنيدن ڪي بود مانند ديدن" جو معاملو آهي. هن نو عمر جوان اهو دور ديدن سان نہ ڏيکيو هو، بلڪ بڌل احوال لازماً لکيو اٿس. برعڪس ان جي مون تہ انهن من مست ڪنڌ مجلسن ۾ شرڪت ڪري. ساقيءَ جي ساغر مان سرڪ چکي هئي، جنهن جو ڪيف، باوجود دور دوران جي ۽ باوجود مشرق و مغرب جي سير و سياحت جي، اڄ ڏينهن تائين منهنجي دل و دماغ تي طاري آهي. شاهہ صاحب جي مصرع

جيڪي ڏٺو هو سو مون ڏٺو،
جيڏيون ڙي اوهان نا ڏٺو هو!

جي مصداق آهي. نہ مون کي پئرس جي "آپيرا هائوس"، لنڊن جي "آلبرٽ ٿئيٽر" يا قاهره جي "ڪسينو بدياه" مان اها راحت روحاني رسي جا مرحوم محمّد حافظ شاهہ جي اوطاق جي ايوان ۾ عيسيٰ ۽ موتيي شيديءَ جي ڪافين ۽ ڪلام ٻڌڻ سان حاصل ٿي ۽ نہ مون کي ڪڏهن بمبئيءَ جي "تاج محل"، لنڊن جي "وار چيسٽر هوٽل"، پئرس جي "جارج دي سئنٽ هوٽل"، يا جرمنيءَ جي "فرئنڪفرٽ هوف ڪلب" يا مئڊرڊ جي "ڪيفي روزا" جي ماحول ۾، سيني جو سرور ۽ دلي سڪون حاصل ٿيو، جو 'دائود موچيءَ' جي دڪان، 'قاسم کٽيءَ' جي ايوان ۽ 'ٻرهان لوهار' جي دود ۾ ويلن جا ويلا ويهي، جونجهارن جون جنگيون ۽ جلهون، سگهڙن جون ڪوتيون ۽ ڪهاڻيون، شاعرن جون في البديهہ وايون ۽ وراڻيون ۽ 'ٻڍي ٻنپير' جون ڳجهارتون ۽ ڳالهيون ٻڌي حاصل ٿيم.

ماڻهن جو روزگار رب رتي معين ڪري ڇڏيو هو. ’ٿورو رزق گهڻي برڪت، هوندي هئي. فراغت ۽ فراغ دلي، محبت ۽ مهمان نوازيءَ جو زمانو گذريو ٿي، جنهن ڪري ٺٽڙ جي باشندن کي اطمينان قلب حاصل هئڻ ڪري، هنن جي دماغي قوت زياده قوي ٿيڻ لڳي ۽ هنن جي رقيق دل ۾ محبت جي ميخ بہ مضبوط کتل هئي. هرهڪ حسين شيءِ جو عڪس هنن جي آئينہ دل تي نقش ٿيڻ لڳو ٿي، جنهن ڪري عالم تخيل ۾ پرواز ڪرڻ جي بہ هنن ۾ دست قدرت ڪافي قوت پيري ڇڏي هئي. وري جو علم ۽ عبادت ڏانهن بہ ’حافظ يوسف‘ جهڙن عالمن، ’قاضي اسدالله شاهہ‘ جهڙن فاضلن ۽ ’سرهندي بزرگن‘ جهڙن متشرع رهنمائن سندن رخ ڦيرايو، تڏهن تہ هيڪاري دين ۽ دنيا جي سعادتن حاصل ڪرڻ جو کين ڪافي رقعو مليو. اهوئي سبب آهي، جنهن جي متحد اثر هن ننيڙي ڳوٺڙي جي هرهڪ باشندي، پڙهيل خواهہ اڻ پڙهيل، جون دماغي دريون ايتريون کولي ڇڏيون، جو يا تہ خود في البديہ شعر موزون چوڻ تي قادر ٿيا، يا شعر ڳائڻ جو بهترين طريقو ونڻ لڳا. اڪي پيا عموماً شعر سمجهي ان مان قلبي حظ حاصل ڪرڻ لڳا. حتيٰ ڪہ شام جو بازار جي وڏي چوڪ ۾ ڏسبو هو تہ ماڻهو ڇلگيون ڇلگيون ڪري، مختلف هنڌن تي يا ڪنهن مڪان تي شاعر جو تازو شعر پڙهي رهيا آهن، يا منجهن نئين شعر تي تنقيدي بحث هلي رهيو آهي.

افسوس آهي تہ فاضل مصنف ٺٽڙ جي اديبن جي جوهر کي فقط هنن جي شعر مان ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. شايد هن کي انهن اديبن جي نثر نويسيءَ جو ڪوبہ نمونو دستياب نہ ٿيو آهي. ورنہ سون تي جڙاءَ جو ڪم ٿي وڃي ها! جيتري قدر مون کي معلومات آهي تہ انهن اديبن مان، جن جو ذڪر هن ڪتاب ۾ ڪيو ويو آهي، مان ڪيترن جو نثر نويسيءَ ۾ بہ ڪمال حاصل ڪيل هو. مثلاً پراڻي نيٺ سنڌي عبارت ۾، ’حافظ يوسف‘ ۽ ’ڏاڏي ميران محمد شاهہ‘ جا نالا قابل ذڪر آهن. ”سذا توري ۽ ڪذاتوري“ [1] جو قصو يا ”مفيد الصبيان“ جيڪي ڏاڏي ميران محمد شاهہ، ’سر بارٽل فريئر‘ ڪمشنر سنڌ جي چوڻ موجب لکيا، تن جي عبارت اهڙن نج سنڌي لفظن، محاورن ۽ جملن

[1] هيءُ بيش بها ڪتاب تازو بورڊ جي سه ماهي رسالي ”مهراڻ“ 1-1959ع ۾ دوباره شايع ڪيو ويو آهي. ڇپائيندڙ

سان پرپور آهي، جنهن جهڙي سنڌي هن وقت ڪو مشڪل لکي سگهندو هوندو. اهي بئي ڪتاب اڄ بہ "ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد"، "فريئر هال لائبريري" ۽ 'ڪمشنر سنڌ' جي لائبريريءَ ۾ ملي سگهندا. انهن کان پوءِ حافظ محمد هارون پارسي خط نويسيءَ ۾ تہ يگانہ روزگار هو، مگر سندس خوش خطيءَ کان علاوه، سنڌي عبارت اهڙي رنگين ۽ سلوٽي ۽ برجستي هوندي هئي، جو سمجهڻ ۾ ايندو هو تہ "بهارِ دانش" يا "گلستان سعدي" جي عبارت جو تتبع ڪيو اٿس. مرحوم محمد هاشم "مخلص" بہ نہ فقط شاعر هو، مگر سنڌ جو هڪ ممتاز نثر نويس هو، سندس قلم کي اها قوت ۽ جرئت هئي، جو مشڪل کو سندس مقابلي لاءِ ميدان ۾ پير پائڻ جي ڪوشش ڪندو هو. انهيءَ ڪري پاڻ گهڻو زندگيءَ جو عرصو اخبار نويسيءَ ۾ صرف ڪيائين. مرحوم قاضي اسدالله شاهہ، باوجود سادي عبارت لکڻ جي بہ، پنهنجي مضمون ۾ ڪافي دلچسپيءَ جا جزا ملائيندو هو، جنهن ڪري سندس مضمون پڙهڻ مان ڪافي لطف ايندو هو. ميان محمد خان "غني" بہ اڄڪلهہ سنڌ جي ممتاز نثر نويسن مان ليکجي ٿو. هن بہ ڪافي عرصو ميدانِ قرطاس تي خامہ فرسائي ڪئي آهي. ساڳيءَ طرح مون بہ ڪاليج جي زماني کان وٺي، گاهہ بگاهہ، نثر نويسيءَ ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي. ڪي منهنجا مضمون جهڙوڪ "گنجي ٽڪر جو سير" يا "دل جي طلب" بمبئي يونيورسٽي توڙي سنڌ يونيورسٽي مئٽرڪ جي ڪورسن لاءِ مقرر ڪنديون اچن. تازو مضمون "سيرالحمرا" آڪٽوبر 1953ع ۾ رسالي "نئين زندگي" ۾ ڇپيو آهي، جو بہ گهڻن احبابن کي پسند آيو آهي. ڪم فرصتيءَ ڪري وڌيڪ لکڻ جو موقعو نٿو ملي. بهرحال هن مان ثابت ٿيو تہ ٺٽڙ جي اديبن پنهنجي دقيق خيالن ۽ عميق امنگن کي نہ فقط بحر ۽ وزن جي لڙهيءَ ۾ پوتو، پر عبارت آرائيءَ ۽ مضمون پيرائيءَ ۾ بہ هو بامِ عروج کي پهتا.

افسوس فقط هن ڳالهہ جو آهي، جو حوادثِ ايام کان ۽ پس ماندن جي غفلت شعاريءَ کان اها موتين جي مالها ٽٽي ٽڪر تي پيئي، جنهن جو هڪ داڻو بہ "يڪشمت نمونۂ خروار" جي مصداق اڄ مشڪل تو ملي سگهي.

طبعي طور جيئن 'ٺٽڙ' ٽي مقام بدلايا آهن، تيئن سندس شعراء ڪرام کي بہ ٽن دورن ۾ آسانيءَ سان تقسيم ڪري سگهجي ٿو. مثلاً نور محمد 'خستہ'، حافظ عالي، ميان چتن، ميان محمد صالح، سيد ميران محمد شاهہ،

حافظ حامد ۽ حافظ يوسف، دور اول جا اديب يا متقدمين چئبا. حافظ حامد ڪان سواءِ ٻين جو شعر گهڻو ڪري پارسيءَ ۾ پختو هو، ڇوته ان زماني ۾ ميرن جي بادشاهيءَ جو آخري دور ۽ انگريزن جو ابتدائي دورِ حڪومت هو ۽ سرڪاري زبان به تڏهن پارسي هئي. سنڌيءَ جي پوري نحوي عبارت به اڃا ابتدائي مرحلن تي هئي. باوجود ان جي به ٺٽو جي متقدمين سنڌي ادب ۾ چڱو خاصو اضافو ڪيو آهي. خصوصاً سيد 'ميران محمد شاهه' نثر ۾ ۽ حافظ حامد نظم ۾. حافظ حامد سنڌي شعر ۾ جا پختگي، شيريني ۽ رواني پيدا ڪئي، سا منهنجي خيال ۾ سندس همعصر مشڪل پيدا ڪري سگهيا. 'گدا'، 'فاضل'، 'ثابت علي شاهه' ۽ 'قاسم' جهڙا چمڪندڙ ستارا سنڌ جي ادبي آسمان ۾ رونما ٿي چڪا هئا، پر آخر تائين هو حافظ 'حامد' جي بلند خيالي ۽ شڪر ريزيءَ جي درجي کي نه پهچي سگهيا. مروج شاعراڻي موضوع تي ته حافظ صاحب ڪلام چيو، پر سندس مذاقيه ۽ مزاحيه شعر به نهايت دلچسپ ۽ موهيندڙ آهن. مثلاً هڪ دفعو حافظ صاحب کي ساڳيءَ رات ٻه دعوتون مليون، هڪ غريب جي ۽ ٻي ڪنهن سرنديءَ واري جي. حافظ صاحب غريب کي راضي ڪرڻ لاءِ هن جي گهر ويو، پر ماني ڪانه ڪاڌائين، ۽ ٿورو ويهي هليو آيو. تنهن وچ ۾ سرنديءَ واري سمجهيو ته حافظ صاحب نه آيو. تنهن ٻين کي سڀئي طعام ڪارائي ختم ڪيا ته حافظ صاحب به جماعت سان اچي نڪتو. جڏهن معلوم ٿيس ته خاص طعام ڪاڄي ويا، تڏهن اتي جو اتي في البديه نظم چيائين، جنهن جو في الحال مون کي هڪ شعر ياد آهي، جو لکان ٿو:

پـلاءَ بـوڙ، حلـوي ۽ سـيري جـي سڌ،
اُسـڙڪي اسـان جـو هنيـون ٿيـو بـه اڌ.

ٻيو واقعه نگاريءَ جو مثال هي آهي ته پيرن ۽ ڪن سيدن جي وچ ۾ ديواني مقدمو ڪورٽ ۾ دائر ٿيو. جنهن ۾ حافظ صاحب سيدن جو طرفدار هو. ڳوٺ جي ڪيترن هندن ۽ مسلمانن پيرن جي پاران شاهديون ڏنيون، جن سڀني جي نالي به نالي حافظ صاحب جارحانه مصرعون هڪ نظم ۾ درج ڪيون، جن مان ٻه هيٺيون آهن:

ڪـوڙ تـي ڪلمـون پـري انصـاف "آگـو شـاهه" ڪيـو،
غـرق ٿيـو غوطـو هڻـي ســادات سـڪيءَ ۾ صفـا.

حيف هونــــئي، تئيــن حلالــي ڪيــن "مــانو مــل مڪــي"،
هــر طــرح حقــدار جــو ڪــائي نمــڪ تــو ڪئــي خطــا.

دورِ ثانيءَ جا شاعر، قاضي اسدالله شاهه، محمد حافظ شاهه، محمد هاشم "مخلص"، حافظ هارون، حافظ "بسمل"، آغا حسين جان، محمد اسماعيل جان، عبدالستار جان، محمد عالم شاهه ۽ محمد خان "غني" وغيره ٿين ٿا.

هن دور ۾ علم ادب جو درياه سنڌو درياءَ سان گڏ مدوجزر جي حالت ۾ هلندو رهيو. مگر گهڻو عرصو ساوڻيءَ جي پور ڪي پهچندو رهيو. اهو وقت نهايت لطف ۽ لذت جو هو. مقامي شاعرن جي شعر کي زياده شهرت ڳوٺ جي سريلن ڳائڻن بخشي- جهڙوڪ عيسو، لونگ، موتيو، پرو شيدي ۽ سومار مڱڻهار جن جو سرپرست مرحوم 'حافظ' شاهه هو، جو باقاعدي هنن کي الحان توڙي تلفظ جي تعليم ڏيندو رهيو. قاضي اسدالله شاهه جيتوڻيڪ وڏو متشرع صاحب هو، مگر خوش الحانيءَ کي هو انسان جي روحاني راحت لاءِ ناگزير سمجهي، اجازت ڏيندو هو. پاڻ ڳوٺ جو قاضي هو پر خشڪ مُلو نه هو. ايتري تائين جو شادين تي دهل وڄائڻ جي به اجازت ڏني هئائين. تنهن ڪري ڳوٺ ۾ اڪثر رات جو مختلف اوطاقن ۾، خصوصاً حافظ شاهه جي اوطاق ۾، راڳ جي مجلس دير تائين هلندي هئي. جنهن ڪري ماڻهن ۾ راڳ سکڻ جو شوق پيدا ٿيو. شادين مرادين تي ڏونڪن يا ڏانديءَ راند ڪئي ويندي هئي. اها راند هڪ قسم جو ناچ آهي، جو ڪانيون هٿ ۾ جهلي، هڪ ٻئي سان ٺهڪائي، دهل جي تالَ تي ڪبو آهي. ناچ جڏهن انتهائي درجي تي پهچندو آهي ۽ دهل جو ڏونڪو تيز ٿيندو آهي، تڏهن ڏانديءَ جو ناچ به نهايت لطف اندوز ٿيندو آهي.

ٺٽ جا ماڻهو انهيءَ ناچ کي نهايت پسنديدگيءَ جي نگاهه سان ڏسندا هئا ۽ چڱي گهر جا نوجوان به ان ۾ حصي وٺڻ کان عار نه ڪندا هئا.

ڏانديءَ جي ناچ ۾ به عيسو، لونگ ۽ موتيو شيدي برڪ هئا. پر حيات شيدي، بلاول حاجاڻو ۽ ستار ڏنو ميمڻ به پنهنجو مٽ پاڻ هئا. چانڊوڪين راتين ۾ سرود ۽ ساز سان گڏ ڏانديءَ تي ناچ قلبن ۾ اهو ڪيف پيدا ڪندو هو، جو نه پئرس جي "فالي برجيز" ۽ نه روم جي "رائل آپيرا" ۽ نه غرناطا جي "بائلي دي ختانان" ڪڏهن منهنجي دل ۾ پيدا ڪري سگهيا.

مطلب تہ متوسطين جو دور ٺٽڙ جي تاريخ جو هڪ زرين باب هو. مثلاً هر سال پلن جي شڪار تي بيڙين ۾ چڙهي وجبو هو، جتي تازن پڪل پلن ۽ پلاءُ سان گڏ شعر گوئيءَ جو چرچو بہ ڪشتين اندر هلندو رهندو هو. جي ڪنهن انبن جي موسم ۾ انبن کائڻ جي دعوت ڏني، تہ بہ شعر و شاعري، نڪتہ سنجي ۽ موسيقيءَ جو دور هلندو رهندو هو. ساڳيءَ طرح سوئرن ۽ ڦاڙهن جي شڪار تي هر سياري وجبو هو، يا سانوڻيءَ ۾ گنجي ٽڪر جي سبز چوٽين تي چڙهي، منگها ۽ مرڻ کائي، پلر جو پاڪ پاڻي پي، ڏنارن جي دونهين تي ويهي، وري بہ ڪونہ ڪو ڪلام چيو ويندو هو.

ناظرين ڪرام محسوس ڪري سگهندا تہ جنهن قطعۂ ارض کي قدرت جون اهي سڀ نعمتون حاصل هونديون، تنهن جا باشندا ڇو نہ پنهنجي دماغي قوت کي منظوم نموني ۾ نمودار ڪري سگهندا!

ٽيون دور متاخرين جو آهي، جو مون سمجهيو هو تہ شايد پيدا ۽ هويدا ٿي نہ ٿين! مگر اقبال جي شعر وانگر:

"ذرا نم هو تو يہ مٽي بڑي زرخيز هي ساقي"

پراڻو جوهر وري بہ ڪلر جي ڪوٺن مان لاٿون ڪري نڪتو آهي، جن جو پيش رو منهنجي خيال ۾ محمد سعيد شاهہ آهي. پيا نوجوان شاعر سڀ ڪانئس پوءِ جا آهن. خود مصنف بہ ڪانئس گهٽو نندو آهي. اجا ابتدا اٿن، خدا سگهہ ڏئين، جو وري ادب جي وساٽل ڏيئي جي دوباره جوت جڳائين. (آمين)

راقم الحروف

**ميران محمد شاهہ**

2- ڪلفٽن روڊ، ڪراچي

26- جون 1956ع

# تقريظ

’تذڪره شعراء ٺٽڙ‘، جناب قاضي سيد اسدالله شاهه ”اسد“ جي شوقيه ڪاوش آهي، جا هن نوجوان اديب، سنڌ جي قديم مردم خيز خطي، ٺٽڙ، جي شاعرن جي سوانح ۽ منتخب ڪلام جي مختصر ۽ جامع تذڪري جي صورت ۾ پيش ڪئي آهي.

ٺٽڙ سندس وطنِ عزيز آهي، لهٰذا ”حب الوطن من الايمان“ جي مصداق، پنهنجي بزرگن ۽ عزيزن جي حالات ۽ علمي خدمتن کي سهيڙڻ ۽ سنوارڻ، هڪ طرف علم ۽ ادب جي خدمت به آهي ته ٻئي طرف ’ياد رفتگان‘ جو اخلاقي فريضو به ادا ڪرڻو آهي. ”نام نيڪو رفتگان ضايع مَ ڪُن!“

اصل ۾ تذڪره نگاري نهايت عظيم فن آهي. ان فن جي لوازمات ۽ اصولن کي اڳيان رکي ئي روايتن کي پرکڻو آهي ۽ تنقيدي نڪته نظر سان ”زندگيءَ ۽ فن“ جو جائزو وٺڻو آهي ۽ صحت مند مواد پيدا ڪرڻو آهي.

جڏهن ته اسان وٽ تذڪري نگاريءَ ۽ ان جي هيئت ۽ فن سڀ فارسي تذڪري تان مستعار ورتل آهن، ۽ فارسي تذڪري نگار فقط جاءِ ولادت، سلسله نسب، مختصر حالات، ڪرامات ۽ محير العقول واقعات تائين ئي تذڪرا لکي ويا آهن. تڏهن سندن تذڪري جي تتبع ۽ تقليد ۾ جن عالمن سنڌيءَ ۽ اردوءَ ۾ تذڪرا لکيا آهن، تن به اهائي روش پٺي اختيار ڪئي آهي.

هونءَ به روايت کي درايت جي ڪسوٽيءَ تي پرکڻ جو اهو معيار، جو هن دور جديد ۾، مغربي عالمن ۽ ناقدن پيدا ڪيو آهي، اهو يقيناً هن دور جي پيداوار آهي. اهي اصول ۽ معيار اڄ کان صديون اڳ اجا پيدا ئي ڪين ٿيا هئا، يا اجا ابتدائي مرحلن ۾ هئا. خير.

مشرقي ذهن جڏهن ته ’مشاهير پرست‘ وڌيڪ ٿو ٿئي، تڏهن مشرقي تذڪره نگار، خاص طرح سان جيستائين ماوراءِ العقل ۽ حالات بيان نٿو ڪري، تيستائين سمجهي ٿو ته نه ڪو ڪيس محقق، سڏيو ويندو ۽ نه ڪو سندس ”تحقيق“ جي ڪا قدر افزائي ٿيندي!

بهرحال تذڪري نگار تي اهو فني طور فرض ٿو عائد ٿئي، ته هو ’روايات‘ کي پرکي ۽ شخصيت جي ماحول جو جائزو به وٺي ۽ ان جي فن جي

ديانتدارانہ ۽ محققانہ طور تنقيدي چند چاڻ بہ ڪري. فني محاسن سان گڏ، پلي تہ معائب بہ اڳيان آڻي، ڇا لاءِ تہ انسانن لاءِ انسانن کي ئي پيش ڪري رهيو آهي ۽ نہ فرشتن کي!

تذڪره نگار نہ فقط نفسيات جو ماهر هجڻ گهرجي، پر ان سان گڏ سوانح ۽ واقعات کي پرکي فني طور ترتيب بہ ڏيڻ جهڙو هجي. شاعرن جي تذڪري لکڻ لاءِ تہ نهايت ضروري آهي تہ شاعريءَ ۽ ان جي فني لوازمات، اصولن ۽ بدلجندڙ ۽ ترقي پذير قدرن ۽ تنقيدي معيارن کان بہ تذڪره نگار واقف هجي تہ چڱو، اهڙو تذڪره نگار ئي صحيح طور تذڪري نگاريءَ جي فن کي نباهي سگهندو ۽ ڪا افادي ۽ مثالي چيز پيدا ڪري سگهندو.

پر افسوس جو اسان وٽ، مغربي ناقدين جهڙا تذڪره نگار اجا پيدا ئي نہ ٿيا آهن، جي ان کي فني طور نباهي سگهن. ايتري قدر جو اسان وٽ قائد اعظم جي تذڪري لکڻ لاءِ بہ ٻاهران ڪو مغربي عالم ئي گهرائڻو پوي ٿو!

قاضي اسدالله شاهہ "اسد" نوجوان ۽ نو آموز آهي. سندس هن تذڪري ۾ فني طور خاميون بہ آهن، تاهم سندس مخلصائي ڪاوش جو داد نہ ڏيڻ، انتها پسندي ٿيندي.

ٺٽ جي مشهور فوت ٿيل شاعرن مان ميران محمد شاهہ اول، "حامد"، "دلگير"، "روشن"، "سرهندي" ۽ "عالم" جهڙن بزرگن جي حالات ۽ ڪلام سان گڏ هن دور جي زندهہ ۽ سن رسيده شاعرن، "غني"، "خليل"، "پير"، "مهجور" سان گڏ "حافظ" شاهہ، "سعيد"، "اسد"، "هاتف"، "امداد"، "سوز" ۽ "نظير" جهڙن نوجوانن جو مختصر تعارف ۽ منتخب ڪلام گڏ ڪرڻ خود پنهنجي جاءِ تي سهڻي خدمت آهي.

تاريخي طور ٺٽ جي شاعريءَ کي، سنڌي عشقيہ شاعريءَ جو ابتدائي ۽ بنيادي، عروضي ڪلام چئجي تہ ان ۾ ڪو وڌاءُ نہ سمجهڻ گهرجي.

ٺٽ ۾ ئي اول اول مشاعرا ٿيا، جن جي تقليد ۾ اها علمي چيز سنڌ جي ٻين وڏن شهرن، جهڙوڪ لاڙڪاڻي، نئين ۽ حيدرآباد تائين پهتي. اڄ تہ هر هنڌ مشاعرا ئي مشاعرا آهن.

فارسيءَ ۽ اردوءَ جي تتبعي ۾ اول اول ٺٽ جي شاعرن غزل لکيا. اهوئي سبب آهي جو فارسي خيالات، جذبات، محاورات ۽ معاملات جو پورو پورو

رنگ ٺٽڙ جي شاعريءَ ۾ موجود آهي. ۽ ڪم و بيش غزل جو اهو ساڳيو رنگ سنڌ جي غزل گو شاعرن ۾ بہ مقبول رهندو آيو آهي. اها بہ غنيمت آهي تہ هن دور جي ڪن شاعرن ڪي نوان تجربا ڪيا آهن، پر اجا غزل پنهنجي پوري ڪمال تي اسان وٽ نہ پهتو آهي، تاهم تجربا اميد افزا آهن.

بهرحال، ”سنڌي ادبي بورڊ“، تهنيت جي لائق آهي، جنهن هڪ نوجوان جي علمي ۽ ادبي ڪاوش کي شايع ڪري، سندس حوصلہ افزائي ڪئي آهي.

آءٌ خاص طور بورڊ جي لائق فائق سيڪريٽري محترمي محمد ابراهيم صاحب جويي جو ٿورائتو آهيان، جنهن خاص طرح سان هن مسودي جي منهنجي اصلاح ڪيل مواد کي وقت بہ وقت پڻ نظر مان ڪڍيو آهي ۽ نهايت ڪارآمد مشورا پڻ ڏنا آهن.

اميد تہ هي مختصر تذڪرو سنڌي ادب ۾ سهڻو سمجهڻ ۾ ايندو. والسلام.

**ع. م. ”گرامي“**

# عرض حال

18 جون 1953ع تي، جناب قبله ميران محمد شاهه "مير" ۽ ٻين ساداتن سان گڏ، پلن جي دعوت تي، "چيٽ جي مياڻ"، نزديڪ ملا ڪاتيار ويل هوس. دورانِ گفتگوءَ ۾ شاهه صاحب جن فرمايو تہ "ڪهڙو نہ چڱي ٿئي، جو ٽڪڙ جو احوال ۽ ٽڪڙ جي شعراءَ ڪرام جي مختصر زندگي ۽ سندن ڪلام جو نمونو ڪنهن ڪتاب ۾ يڪجا ڪري ڇپائجي."

راقم الحروف جي بزرگ ڀاءُ، سيد محمد حافظ شاهه ثانيءَ، فرمايو تہ: "جيڪڏهن آءٌ پنهنجن ڏنڌن ڌاڙين جي ڪري مصروف ۽ مجبور نہ هجان ها، تہ اهو ڪم جيڪر هڪ مهيني اندر سرانجام ڪريان ها." آخرڪار اهو بارگران منهنجي ڪمزور ڪلهن تي رکيو ويو. مون تہ سمجهيو هو تہ آءٌ ويهن پنجويهن ڏينهن اندر ڪتاب مڪمل ڪري سگهندس. مگر قدرت منهنجي اڻجهائيءَ ۽ اڻ ڄاڻائيءَ تي کلي رهي هئي.

مون وٽ جد محترم علامہ "فدا" جي چند نعتيہ غزلن ۽ جد محترم محمد حافظ شاهه اول جي ڪجهہ ڪافين کان سواءِ ڪوبہ مواد موجود ڪونہ هو. ڳوٺ ۾ صرف هڪ ماڻهو، جناب محمد خان "غني" هو، جنهن جي پڪ هيم تہ وٽس سندس بزرگن جو ڪلام ضرور موجود هوندو. باقي ٻين شاعرن جي ڪلام يا سندن سوانح حيات بابت ڪابہ خبر ڪانہ هئي. ڪي مهينا پراڻا ڪتبخانا ڳوليندي، اديبن کي عرض ۽ آزيون ڪندي ۽ نارانگر نهاريندي، مس مس ڪجهہ هٿ آيو ۽ ائين گهڻي محنت جي باوجود بہ گهڻو عرصو لڳي ويو. خدا جو شڪر آهي جو هي ڪتاب نيٺ پايہءَ تڪميل تي پهتو.

بدقسمتيءَ سان آءٌ انهن خوش قسمت ۽ ڪهنہ مشق اديبن مان نہ آهيان، جن جيڏيءَ مهل قلم هٿ ۾ ڪنيو تہ لفظن جو لا متناهي ذخيرو، پنهنجو سر تسليم خم ڪري، سندن مضمون ۾ جاءِ وٺڻ لاءِ بيتاب ۽ منتظر هوندو آهي. مون کي تہ گهڻي تلاش ۽ جستجو کان پوءِ بہ مس مس ڪو هڪڙو اڌ لفظ هٿ آيو آهي، جو مضمون کي مرصع ڪري سگهي. ايتري بہ پڪ هيم تہ منهنجو مضمون گهڻين غلطين سان پُر هوندو ۽ هن ڳري ڪم ڪرڻ لاءِ ڪنهن وڏي اديب جي ضرورت هئي. تنهن ڪري ڏڪندي ڏڪندي هن ڪم ۾ هٿ وڌم، ۽ اڄ بہ خبر نہ اٿم تہ ڪيتري قدر ڪامياب ٿيو آهيان.

آخر ۾ آءٌ سڀ کان پهرين جناب سيد ميران محمد شاهہ صاحب جو شڪر گذار آهيان، جنهن جي حڪم جي تعميل ڪندي هن ڪتاب جو ڪم هٿ ۾ کنيم، ۽ جنهن مهرباني فرمائي ديباچو لکي هن ناچيز جي ڪتاب جو ملهہ مهانگو ڪيو ۽ منهنجي عزت افزائي ڪئي، ۽ سندس هر وقت مفيد مشورن ۽ بار بار همت افزائيءَ هن ڪتاب جي پوري ڪرڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي.

مرهونِ منت آهيان جناب مرحوم سيد حاجي زين العابدين شاهہ جو، جنهن سيد ميران محمد شاهہ اول ۽ ٺٽڙ جي ٺنهي ڳوٺن جي عمومي احوال کان واقف ڪيو.

زير بار احسان آهيان جناب قاضي محمد خان "غني" جو، جنهن جي مدد کان سواءِ هي ڪتاب ڪڏهن بہ منظر عام تائين نہ پهچي سگهي ها.

شڪر گذار آهيان جناب استاد مولانا غلام محمد "گراميءَ" جو جنهن تقريظ لکي، ۽ هن تذڪري لکڻ لاءِ منهنجي همت افزائي ڪئي ۽ مون کي "بهار اخلاق" جا چند پرچا ڏنائين، جن مان علامہ "فدا" ۽ "دلگير" جو ڪلام مليو.

شڪرگذار آهيان جناب ڊاڪٽر محمد ابراهيم صاحب "خليل" جو، جنهن وٽان ٺٽڙ جي شاعرن جو چڱو ڪلام مليو.

ٿورائتو آهيان آقا محمد ابراهيم جان جو، جنهن حضرت آغا حسين جان ۽ آغا محمد اسماعيل جان جي زندگيءَ جو احوال ۽ سندن ڪلام جو نمونو ڏنو.

پڇاڙيءَ ۾ اهو عرض ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو تہ مون هڪ تذڪره نويس جي حيثيت سان قلم هٿ ۾ کنيو آهي، ۽ حتي المقدور ڪنهن جي بيجا مدح سرائي يا بيجا تعريف کان گريز ڪيو اٿم. معتبر حقيقتن لکڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. البت جيڪڏهن ڪو بزرگ قابل تعريف آهي تہ سندس حق پوڙڻ مناسب نہ سمجهي، سندس توصيف ضرور ڪئي اٿم.

"بنتي نهين هي ساغرو مينا کهي بغير" (غالب)

ادب نواز طبقي کي گذارش آهي تہ مطالعي ڪندي، جيڪڏهن ڪا فني فروگذاشت ڏسن، تہ اها منهنجي ڪم عمريءَ ۽ هن ابتدائي علمي ڪوشش ڏانهن محمول ڪن ۽ معاف فرمائين.

25- قلعو، حيدرآباد — خاڪسار

21- سيپٽمبر 1956ع — **اسدالله شاهہ "اسد"، ٺٽڙائي**

# ٽکڙ

ٻارهين صدي هجريءَ جي اوائل ڏاري، متعلوي ساداتن جي جراڙ خاندان جي هڪ سيد، شهمير شاهه کي، سندس مرشد، ميان سيد حاجي رحه، جو ان وقت گهڻن مٽياري ساداتن جو روحاني هادي هو،[1] حڪم ڪيو تہ: "تون لاڙ وڃ". شهمير شاهه مرشد جي حڪم کي لبيڪ چئي، پنهنجي پياري وطن کي ڇڏي، اڪيلو ئي اڪيلو سيڻاهه تي چڙهي، درياءَ ۾ ٽپي پيو. مٽيارين کان ترندو تعلقي گونيءَ ۾ 'ملا ڪاتيار' کان ٻہ ميل اوري اچي پهتو ۽ اتي ئي پنهنجو ڳوٺ 'وسي شهمير شاهه' يا 'شهميراڻي وسيّ' جي نالي سان ٻڌائين.

ٻيءَ روايت موجب، ديهہ هنڙيءَ ۾ شهمير شاهه ۽ سندس پيائرن جي زمين هئي. انهيءَ زمين ۾ سندن برادريءَ جا ٻيا ٻہ ڪي سيد ڀائيوار هئا. هڪڙي ڏينهن شهمير شاهه جن گهر کان ٻاهر ويل هئا، ۽ اهي حصيدار سيد، سندن والده وٽ آيا ۽ ڪانئس سندس زمين جو حصو بخشائي ورتائون. جڏهن شهمير شاهه جن گهر آيا، تڏهن اهو احوال ٻڌي ڏاڍو رنجيده ٿيا. ٻيبي صاحبہ بہ پوءِ محسوس ڪيو تہ: 'مون ناحق پنهنجو حصو بخش ڪري ڏنو!' انهن ئي پورن پچائيندي کيس ننڊ اچي ويئي. خواب ۾ رسول ڪريم ﷺ جن اشارو ڪيس تہ: "شهمير کي چئو، تہ لاڙ وڃي ۽ جتي منزل انداز ٿيندو اُتي کيس زمين ملندي." پوءِ شهمير شاهه ماءُ واري انهيءَ خواب موجب مٽيارين مان گهوڙي تي چڙهي روانو ٿيو ۽ انهيءَ هنڌ تي پهتو، جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي، کيس لاڙ ۾، ڪجهہ ناڻي سان ۽ ڪجهہ مفت ۾ زمين ملي. ٿوري وقت کان پوءِ سندس پٺئر بہ مٽيارين مان لڏي، اچي وسي شهمير شاهه ۾ وينا. آهستي آهستي هي ڳوٺ وڌندو ويو ۽ مٽيارين مان 'گولا'، 'شيدي'، 'ڳنيپر'، 'کٽي'، 'ميمڻ' ۽ 'هندو' بہ چڱي انداز ۾ لڏي اچي هت آباد ٿيا.

"جديد سنڌي شاعريءَ" جي لکندڙ، ميان محمد خان "غني"، جي دعويٰ موجب، سنڌي زبان ۾ موزون شاعري پهرين پهرين هن ڳوٺ مان شروع ٿي. جن شاعرن موزون شاعريءَ ۾ طبع آزمائي ڪئي. انهن مان نور محمد "خستہ"،

---

[1] سندس درگاهہ مٽيارين ۾ موسيٰ ساداتن جي محلي ۾ آهي.

حافظ عالي ۽ ميان چتن جا نالا قابل ذڪر آهن. پر ڪنهن جديد شاعريءَ جو مرڪز نٿي ۽ بين شهرن کي ڏنو آهي.

جيتوڻيڪ شهمير شاهه ۽ سندس پائر وطن کان پري هئا، تڏهن به وطن وارن ماڻهن سان سندن گهرا تعلقات رهيا. ۽ اڪثر مٽيارين ۾ ايندا ويندا هئا. سندن ڪجهه زمين مٽيارين ۾ پڻ هئي، جا اجا تائين سندن اولاد جي هٿ ۾ آهي. سندن قبرستان به مٽيارين ۾ ٿي رهيو.

واجهائي وطن کي، آئون جي هت مياس،
تہ گور منهنجي سومرا! ڪج پنوهارن پاس،
ميائي جياس، جي وجي مڙهہ مليرڏي.

جي مصداق جيڪڏهن ڪو سيد 'شهميراڻي وسي' ۾ وفات ڪندو هو تہ سندس لاش کي اتان ڪڍائي، مٽيارين واري مقام ۾ دفن ڪيو ويندو هو. اهو سلسلو سيد ويڌل شاهه تائين هليو، جنهن 1266هه ۾ وفات ڪئي. ڪانئس پوءِ سيدن جا لاش پير واري قبرستان 'شاهه ذڪريا' ۾ دفن ڪيا ويندا هئا. اهڙيءَ طرح سيدن جو سڱ پنڌ به مٽيارڪي برادر مان ٿيندو هو. مثلاً هاٽوڪي ٺٽڙ جي بانيءَ سيد ملوڪ شاهه جي والده به مٽيارين جي موسوي خاندان جي ڇاموٽن مان هئي.

سنڌو نديءَ کي سنڌ جي ماڻهن 'پورالي نديءَ' جو نالو ڏنو آهي. سندس انهيءَ بادشاهي پور، گهڻن انسانن جون حياتيون تباهه ڪري ڇڏيون، ڪيترن اميرن کي غربت جي هولناڪين ڏانهن اڇلي ڇڏيو. انهيءَ آر کان ويچاري 'وسي' به پاڻ بچائي نہ سگهي. درياءَ دم ۾ دهشت ڏيکارڻ لڳو، ماڻهن مجبور ٿي اتان ٽپڙ ڪنيا ۽ درياء کان ميل ڪن پري، جتي هينئر حسين علي واهه ۽ ميرواهه آهن، انهن ٻنهي وچ واري ٽڪر جي سامهون ڳوٺ ٻڌو. جيڪڏهن هن وقت انهيءَ ڳوٺ جو نقشو ناهجي، تہ سندس پڊ درياءَ جي پرينءَ پر ٿيندو.

انهيءَ ٻئي ڳوٺ کي به 'شهمير شاهه' جي نالي سان سڏيو ويو. پر جيئن تہ ڳوٺ کي ٽن طرفن کان پاڻي ڦري ٿي آيو، انهيءَ ڪري ڪيس 'شهميراڻي وسيءَ' سان گڏ "ٺٽڙ" بہ سڏڻ لڳا.

ٻيءَ روايت موجب، ٺٽڙ جو ڳوٺ اڳ ئي آباد هو. جڏهن شهميراڻي وسيءَ جا ماڻهو لڏي، اچي هن ڳوٺ ۾ وينا، تڏهن ڪيس 'شهميراڻي وسي' ۽ 'ٺٽڙ'

جي ٻنهي نالن سان گڏجي سڏڻ لڳا. ٿوري وقت کان پوءِ ڪثرت استعمال جي ڪري پهريون نالو مرڳوئي حذف ٿي ويو.

انهيءَ ٽڪڙ وڏا وڏا شاعر ۽ اديب، حڪيم ۽ عالم، پيدا ڪيا، جهڙوڪ: سيد محمد شاهه 'طبيب'، سيد ميران محمد شاهه اول، حافظ 'حامد'، حافظ محمد يوسف، محمد هاشم 'مخلص'، سيد حاجي عبدالحڪيم شاهه، قاضي اسدالله شاهه 'فدا'، سيد حاجي محمد حافظ شاهه 'حافظ' وغيره.

شهميراڻي وسيءَ سان سنڌونديءَ جهڙيءَ طرح الله ڪارڻ هن کان اڳ به دشمني پئي ڪئي، تيئن ساڳيءَ طرح سنڌو ندي هينئر به هن ڳوٺ کي ڳهڻ لاءِ ڳاٽ ڪڍڻ لڳي. ماڻهو حيران ۽ پريشان هئا ته بچاءَ لاءِ ڪهڙو حيلو هلجي.

انهن ڏينهين. سبدن ۾ سيد ملوڪ شاهه گهڻي پئسي وارو هو. تنهن نئين ڳوٺ بڌڻ جو ارادو ڪيو، ۽ ماڻهن کي به دعوت ڏنائين ته 'نئين ڳوٺ لاءِ تيار ٿيو!' ماڻهن کي پنهنجا نهل نڪيل گهر درياءَ جي نذر ڪرڻ ڏاڍا ڏکيا لڳا ٿي. ڇوته گهڻا ماڻهو، سواءِ ڪن ميمڻن ۽ هندن جي، ڪيتيءَ تي گذران ڪندا هئا، تنهن ڪري تونگر ڪونه هئا جو روز روز پيا نوان گهر ٺاهين. پر انهيءَ کان به وڏيڪ اها دقت درپيش هئي ته هبترن سارن ماڻهن کي آباد ڪرڻ ۽ جاين جڳهين بنائڻ لاءِ واڍا، رازا، ڪمي ۽ ڪاري ڪٿان اچن.

قسمت سان انهيءَ وقت سيد رڪن الدين رحمة الله عليه متبارين واري جو سجاده نشين سيد حاجي ڇتن شاهه ٽڪڙ ۾ آيل هو. شاهه صاحب پنهنجي وقت جو هڪ ڪامل بزرگ هو ۽ خدا جي خلق سندس تعظيم بجا آڻن ۾ فخر سمجهندي هئي. ماڻهن پنهنجي ماجرا سيد صاحب اڳيان عرض رکي. شاهه صاحب دردمندن جي داد لاءِ بارگاهه الاهيءَ ۾ فرياد ڪيو ۽ سندس دعا مستجاب ٿي، ۽ هاٿوڪيءَ ٽڪڙ آباد ڪرڻ لاءِ، ڪمي ڪاري، رازا ۽ واڍا پاڻهي آيا ۽ ماڻهن جي جڻ اڌ مشڪل حل ٿي وئي.

هاٿوڪي ٽڪڙ آباد ڪرڻ ۾ سڄو بار سيد ملوڪ شاهه تي هو ۽ ڳوٺ جو نالو به 'وسي ملوڪ شاهه' رکيو ويو، پر انهيءَ سان گڏوگڏ اڳيون نالو 'ٽڪڙ' به قائم رکيو ويو. هي ڳوٺ اٽڪل 1290هه ڌاري آباد ڪيو ويو.

سيد ملوڪ شاهه جو مکيه صلاحڪار حافظ حاجي حامد هو. ڳوٺ جا پيا معزز ماڻهو به صلاح مصلحت لاءِ چوندبا ويا، جن اها زمين، جنهن تي موجوده

’ٺٽڙ‘ آباد آهي، پسند ڪئي. جيڪڏهن هينئر بہ هن تباهہ ٿيل ڳوٺ کي ڏسبو، تہ معلوم ٿيندو تہ ڪنهن قابل انجنيئر جو نقشو تيار ڪيل آهي، جنهن مطابق ڳوٺ آباد ڪيو ويو هو. ڳوٺ جي ڪابہ اهڙي گهٽي ڪانهي، جا ڏنگي ڦڏي هجي. جيڪڏهن ڪنهن بہ گهٽيءَ جي هڪ ڇيڙي تان بيهي نظر ڪبي، تہ ٻئي ڇيڙي تي بيٺل ماڻهو بلڪل آسانيءَ سان ڏسي سگهبو. ڳوٺ جي اهڙي نموني جي شاندار بيهڪ حافظ صاحب جي ئي قابليت جو نتيجو آهي. هوڏانهن وري پاڻ ظاهري نور کان بلڪل محروم هو! سندس صلاح سان هرهڪ ذات جا ڌار ڌار پاڙا ٺاهيا ويا. جيئن تہ ويڙهيچن، ميمڻن، موچين، گولن ۽ شيدين جو سيدن سان گهاٽو تعلق هو، انهيءَ ڪري سندن پاڙا سيدن جي پاڙي سان لاڳو ڪيا ويا. تنهن کان پوءِ، هندن کي جاءِ ملي، پوءِ ميمڻ (غير مٽارڪا)، ڳنڀير، ڪٽي، ڪنيار، وغيره.

بازار بہ مٿئين نموني، سڌي سنواٽي ۽ گهٽو ڪري ڇانيل هئي. بازار جي ڊيگهہ اٽڪل ڏيڍ فرلانگ هئي، جنهن جا نشان اڄ ڏينهن تائين موجود آهن.

هن ڳوٺ جي چوطرف سرسبز کيتيون آهن. ميل کن اتر طرف گنجو ٽڪر، اولهہ ڏي سنڌو ندي، ڏکڻ ڏي ملاڪاتيار ۽ اوڀر ڏي اصغر آباد اٿس.

ٻيا تہ سڀ مشڪل مرحلا حل ٿي ويا، مگر اجا پاڻيءَ جي تڪليف هئي. ماڻهن کي کوهن جي پاڻيءَ تي گذران ڪرڻ ناگوار ٿي گذريو. درياءُ ڏيڍ ميل کن پري هو. جلد ئي سرڪار هڪ واهہ ”جونس واهہ[1]“ نالي کوٽايو، جو ڳوٺ جي بلڪل پرسان وهڻ لڳو. ’جونس واهہ‘ ايتري قدر اوڏو آهي، جو پاڻيءَ چڙهڻ تي هرهڪ گهٽيءَ جي منهن تائين پاڻي اچي وڃي ٿو. وري خوش قسمتيءَ سان واهہ بہ بلڪل سڌو آهي. هي واهہ اولهہ کان اوڀر طرف وهي ٿو. هرهڪ پاڙي کي پنهنجي گهٽيءَ جي سامهون گهيڙ ڏنو ويو. جيئن، سيدن جو گهيڙ، واڻين، ڪٽين، ڳنڀيرن، جتن وغيره جا گهيڙ. واڻين جي گهيڙ تي مسلمانن کي ڪپڙن ڌوئڻ، غسل ڪرڻ وغيره جي منع هئي.

مون اڳيئي ذڪر ڪيو آهي تہ سيدن سان کي هندو بہ مٽيارين مان آيل هئا. انهيءَ ڪري، انهن کي ٻين هندن کان مقدم سمجهي، منجهانئن هڪ کي پنچائت جو مکي مقرر ڪيو ويو.

---

(1) ’جونس واهہ‘ کي ڳوٺ جا ماڻهو ’جون‘ بہ ڪري سڏيندا آهن.

جڏهن وسي ملوڪ شاهه (ٻئي نمبر ٺٽ) جي ڀرين آدم شماري ٿي هئي، تڏهن منجهس ڪل 1200 ماڻهو هئا. پر جيئن ته هتي هر هنر جا ماهر ۽ واپاري موجود هئا، تنهن ڪري مزدور ۽ پورهيت ماڻهو پنهنجو گذر سفر لاءِ اچي ٺٽ ۾ رهڻ لڳا. ٿوري عرصي کان پوءِ، اَن جون ڪريون پيون، ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ سيد حاجي علي اصغر شاهہ هڪ چڙ- پيرن جي مشين رڪائي، جنهن هيڪاري ڳوٺ جي رونق کي وڌائي ڇڏيو. واپار زور ورتو، ڪيترا جت ۽ مهاڻا ڳوٺ ۾ آباد ٿي ويا. سڄو ڏينهن انن جون قطارون ۽ بيل گاڏيون هڪڙو ان ڀاهران آڻينديون هيون ۽ ٻيو ان ٻاهران نينديون هيون. واپار ٻيڙين رستي به هلندو هو، جنهن ڪري درياءَ جي ڪناري تي 'حاجي پور' نالي هڪ بندر ٺهي پيو، جتي ڪئين ٻيڙيون بار ڍوئينديون نظر اينديون هيون. ٺٽ جي هندن جو ڪراچيءَ تائين به واپار هلندو هو.

ٺٽ جي ڪنيارن جي ڪاريگريءَ ۽ گربين جو ذڪر جهونن سنڌي اسڪولي ڪتابن ۾ موجود آهي. ڪٿين جون نهيل اجرڪون ۽ موچين جون سنڌي جتيون، سڄيءَ سنڌ ۾ مشهور هيون. سنڌ جي ڪيترن حصن مان ماڻهو اهي اجرڪون، گربيون ۽ سنڌي جتيون خريد ڪرڻ ايندا هئا. دائود موچيءَ جهڙو ڪاريگر سڄي لاڙ ڊويزن ۾ ڪونه هو. مرحوم هزهائينس مير عبدالحسين "سانگي" دائود کان ئي جتي ٺهرائيندو هو. سندس جتيءَ جي قيمت 25 روپين کان 50 رپين تائين هوندي هئي.

درياءَ جي ڪناري تي وري انبن ۽ ٻين ميون جا باغ ۽ ڪمند جي پوک ٿيندي هئي. سيد ميران محمد شاهہ اول ۽ سيد الله بخش شاهہ جا ڪمند جي رس ڪڍڻ جي چيچڙا هئا، جتي ڳڙ به ٺهندو هو. مطلب ته هي ڳوٺ هر طرح رونق وارو هو. درياءَ جي ويجهڙائيءَ ۽ چوڌاري ساريال ۽ ٻئي اناج جي ٻنين هئڻ ڪري، هوا ڏاڍي فرحت بخش اٿس.

جيتوڻيڪ هاڻوڪي ٺٽ به درياءَ جي ڪناري تي آهي، پر سکر بئريج کان اڳي، ڪيس هميشه ٻوڏ جو خطرو رهندو هو. درياءَ جي ڦوه جوانيءَ (ساوڻ) ۾ ماڻهو پنهنجا ٽپڙ کڻي گنجي ٽڪر تي وڃي رهندا هئا ۽ جڏهن ٻوڏ جو خطرو گهٽ ٿيندو هو، تڏهن واپس اچي "وسيءَ" پيڙا ٿيندا هئا. مگر هن ڳوٺ کي ٻوڙڻ ۾، درياءَ کي چڙ ته حياءُ اچي ويندو هو. سکر بئريج کان پوءِ ته سندس اهو ڊپ ڊاءُ به ختم ٿي ويو.

سيد ملوڪ شاھ جي پاءُ سيد قنبر علي شاھ جي عادت هوندي هئي تہ ڏينهن جو ننڊ ڪندو هو، ۽ رات جو جاڳندو هو. سندس صحبتي بہ رات جو ٺئي رس رهاڻ لاءِ ايندا هئا. سندس مجلس ۾ هميشہ ڳجهارتون، ڏور، بيت ۽ ٻيون عقلي ڳالهيون ٿينديون رهنديون هيون. رات جو جاڳڻ ڪري ڳوٺ ۾ ڪا دانهن ڪوڪ ٿي تہ شاھ صاحب يڪدم پيا ڳاچا لاءِ ماڻهو موڪليندو هو. انهيءَ ڪري گهڻا ڏوھ جهليا ويندا هئا. ٿوري ئي عرصي ۾ اهڙا حادثا بلڪل بند ٿي ويا. چوريءَ چڪاريءَ جي تہ ڪنهن کي جرئت ئي ڪانہ ٿيندي هئي. ماڻهو آرام ۽ سڪون جي زندگي بسر ڪرڻ لڳا. گهر کي ڪڙي ڪلف ڏيڻ جو ڪنهن کي خيال ئي ڪونہ ايندو هو. پوليس وٽ سالها سال ٺٽڙ جي ماڻهن جو ڪيس ڪونہ آيو. جيڪڏهن ڪا بہ ڳالھ ٿي، تہ وڏو سيد يڪدم فيصلو ڪري ڇڏيندو هو. اڳتي جي چڪتاڻ کان ماڻهو ڇٽل هئا.

1294ھ ۾ سيد ملوڪ شاھ وفات ڪئي. ڪيس اولاد ڪونہ هو، انهيءَ ڪري ماڻهن جي چيڙي نبيريءَ جو بار سندس پاءُ، سيد الهہ بخش شاھ جي سر تي آيو.

هي اهو زمانو هو، جڏهن افغانستان ۾ امير ايوب خان ۽ امير عبدالرحمان جي وچ ۾، "ميوند" وٽ، افغانستان جي تخت تان لڙائي لڳي. عام مسلمان امير ايوب خان جي طرف هئا، ۽ انگريزن امير عبدالرحمان جي مدد ڪئي. جنگ ۾ ايوب خان کي شڪست آئي ۽ تخت ڇڏي پڇي ويو. امير عبدالرحمان تخت تي ويهڻ شرط غازين تي ڏاڍا ويل وهايا. ڪيترا بهادر سردار قتل ڪرائي ڇڏيائين. انهيءَ سبب ڪري گهڻا مجاهد افغانستان مان هجرت ڪرڻ لڳا. حضرت صاحب خواجہ عبدالرحمان نقشبندي سرهندي رح بہ انهن غازين مان هو، جن پنهنجي وطن کي خيرباد چيو. سندن سنڌ ۾ اڳ ئي مريد خادم هئا، جن تي هونئن بہ پاڻ ٻارهين مهيني ور واندو پيا ڪندا هئا.

افغانستان کي ڇڏڻ کان پوءِ، پاڻ رياست قلات جي رئيس فقير محمد مستوفيءَ وٽ منزل انداز ٿيا، جنهن کين عرض ڪيو تہ "مون وٽ هميشہ لاءِ رهو!" مگر پاڻ جواب ڏنائون تہ "ابا، اسين هتي رهڻ لاءِ نہ آيا آهيون!" دراصل سندن عربستان وڃڻ جو خيال هو. قلات کان پوءِ 'پاڳناڙيءَ' ۾ مولوي حامدالله ۽ ملا عبدالحڪيم جي گهرن ۾ ڪجھ وقت رهيا. اتان پوءِ ڳڙهي ياسين آيا،

جتي سندن مخلص مريد رئيس اعظم عطاءُ الله خان رهندو هو. خان صاحب سندن ڏاڍي خدمت ڪئي ۽ کين عرض ڪيائين تہ "هتي رهو. آءٌ پنهنجي زمين مان ڪجهہ حصو ۽ رهائش لاءِ جڳهہ ڏيان ٿو." مگر خان صاحب جي عرض کي شرف قبوليت حاصل نہ ٿيو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ، پاڻ مٽيارين ۾ آيا، جتي سندن گهڻا مريد خادم هئا. هتي سيد ميران محمد شاهہ اول[1] کين عرض ڪيو تہ "ٺٽو هلي رهو." پاڻ شاهہ صاحب جو عرض قبول ڪري ٺٽي ۾ تشريف فرما ٿيا. سيدن پنهنجون جايون حصي رستي حضرت صاحب جن جي حوالي ڪيون. ٺٽي ۾ اٽڪل ڏيڍ سال (1297-1298هہ) رهي، عربستان هليا ويا. جتان اٽڪل ٽن سالن کان پوءِ وري سنڌ ۾ آيا ۽ وري بہ ٺٽي ۾ ئي سڪونت پذير ٿيا. سندن ٺٽي ۾ رهڻ ڪري، ٺٽي ۾ هند، سنڌ، ڪابل ۽ قنڌار جا ماڻهو اچڻ لڳا، جن سان تبادلہ خيالات ڪرڻ ڪري، ٺٽي جي ماڻهن جي علم ۽ معلومات ۾ اضافو ٿيو.

حضرت صاحب جن جيد عالم، الله وارا ۽ شرعيت جا پورا پائبند هئا. پاڻ نقشبندي طريقو رکندا هئا. سندن فيض هند ۽ سنڌ ۾ جاري هو. وٽن فجر ۽ سانجهي نمازن کان پوءِ، مراقبو (ذڪر) ٿيندو هو. ڪي ماڻهو مراقبي بعد گهر هليا ويندا هئا ۽ ڪي وري ترسي سندن وعظ ۽ نصيحت کان مستفيد ٿيندا هئا. سندن منهن مبارڪ ۾ اهڙو نور ۽ جمال هو، جو جنهن شخص ڏانهن نهاريندا هئا، تہ اهو يڪدم سندن قدم بوسيءَ جو شائق ٿي پوندو هو.

ڪجهہ عرصي بعد وري عربستان وڃڻ جو ارادو ڪيائون، مگر قسمت نہ ٿين. هڪ دفعي جهاز ڪونہ ملي سگهيو ۽ ٻئي دفعي پاڻ موٽي آيا ۽ پنهنجي وڏي فرزند خواجہ محمد حسن جان رح کي فرمايائون تہ "مون کي حڪم ٿيو آهي تہ سيدن جي پاڙي ۾ گذاريان." جلد ئي پاڻ بيمار ٿي پيا ۽ انهيءَ بيماريءَ سببان 12 ذوالقعد 1315هہ ۾، 71 ورهين جي ڄمار ۾، رحلت فرمايائون. سندن درگاهہ گنجي ٽڪر جي دامن ۾ جوڙي ويئي. سندن اتي مدفون ٿيڻ کان پوءِ، سيدن ۽ ٻين ڳوٺ جي ماڻهن پنهنجو قبرستان بہ گنجي ٽڪر تي قائم ڪيو، نہ تہ اڳي 'شاهہ زڪريا' يا پير واري مقام کي استعمال ڪندا هئا. حضرت صاحب جي درگاهہ کي سندن مريد "مقبره شريف" بہ چوندا آهن.

---

[1] حضرت صاحب جن جي والد، خواجه عبدالقيوم رحہ المعروف بہ "قنڌار وارو صاحب" جو مريد هو.

1310ھ ۾ سيد الله بخش شاھ وفات ڪئي. سندن وفات کان پوءِ سندس وڏي پٽ سيد حاجي عبدالحڪيم شاھ ڳوٺ جون واڳون سنڀاليون. ڳوٺ ۽ ڳوٺ جي آسپاس جي ماڻھن ڪيس پڳ ٻڌائي.

عبدالحڪيم شاھ ھڪ وڏو عالي دماغ ماڻھو ھو. سنڌ جي اڪثر وڏن ماڻھن جي ساڻس سنگت ھئي. مرحوم غلام محمد خان ڀرڳڙي، سندن عزيز دوست ھو ۽ سندس ئي صلاح سان سياست ۾ پير پاتائين.

ٺٽڙ جي سيدن کي انگريزيءَ ڏانھن متوجھ بہ عبدالحڪيم شاھ ڪيو. عبدالحڪيم شاھ جي ئي وقت ۾ ٺٽڙ اوج ۽ ڪمال تي پھتي.[1] وڏا وڏا اديب ۽ شاعر، مدبر ۽ سياستدان ۽ ھنرمند ۽ فنڪار سندس وقت ۾ پنھنجي فن جو اظھار ڪرڻ لڳا. سندس ئي وقت ۾ روشنيءَ، صفائيءَ ۽ پوسٽ آفيس جو ٺٽڙ ۾ بندوبست ٿيو.

انھيءَ وقت، ٺٽڙ ۾ علم جو چرچو عام ھو. پڙھيل تہ خير، پر اڻ پڙھيل بہ انھيءَ علمي ماحول ڪري، ايتريءَ سمجھ کي پھچي چڪا ھئا، جو شعر و شاعريءَ کي بلڪل آسانيءَ سان سمجھي ۽ انھيءَ مان لطف اندوز ٿي سگھندا ھئا. جنھن بہ پاڙي مان مٽبو ھو، تہ ڪانہ ڪا ڳجھارت، ڏور، بيت، بينسرين ۽ بينن جا مٺا آواز ۽ نڙن جا دل کي موھيندڙ آلاپ ٻڌڻ ۾ ايندا ھئا. سڀ ڪنھن سرنديءَ واري ماڻھوءَ جي پنھنجي اوطاق ھئي، جتي مسافرن ۽ ٻاھرين فنڪارن جي ھر طرح خاطر مدارات ڪئي ويندي ھئي.

شاعرن جو دستور ھوندو ھو تہ شام جو پنج ڇھ ڄڻا گڏجي درياءَ جي سير لاءِ نڪرندا ھئا. مس قلم ساڻ ھوندو ھون: ھڪڙي طرح ڏني، تہ ٻيا سڀ ان تي طبع آزمائي شروع ڪري ڏيندا ھئا. جيستائين موٽندا ھئا، تيستائين بہ ٿي سؤ شعر ٿھي پوندا ھئا.

---

(1) ھاڻوڪي سيد ميران محمد شاھ. سيدن مان پاڻ ئي چوندي ڪديائين، ۽ ڪيس سياست جي ميدان ۾ آڻن وارو عبدالحڪيم شاھ ئي ھو. 1926ع ۾، حيدرآباد ميونسپل اليڪشن ۾، عبدالحڪيم شاھ ميران محمد شاھ کي ھر طرح مدد ڏيئي وارڊ نمبر 4 مان اميدوار بيھاريو. عبدالحڪيم شاھ جا انھيءَ وارڊ ۾ پيٽي، ڪوڪر، دوٿابي جا سومرا ۽ ٻيا ڪيترا ماڻھو چڱيءَ طرح واقف ھئا. انھيءَ ڪري ميران محمد شاھ انھيءَ اليڪشن ۾ پھريون نمبر آيو. ٻيو نمبر قاضي عبدالقيوم ۽ ٽيون نمبر منشي امين الدين آيو. جڏھن قاضي صاحب کي ميونسپالٽيءَ جو پريزيڊنٽ چونڊيو ويو ۽ ماڻھن ڪيس مبارڪون ڏئي ھارا پاتا، تڏھن پاڻ اھي ھار لاھي، ميران محمد شاھ کي پارائي، چيائين تہ "ھار ھن کي پارايو، جو ھئي ڳوٺ جو ھڪ اڻ واقف نوجوان ٿي ڪري، اسان کان نمبر کڻي ويو آھي."

هڪ دفعي جو ذڪر آهي تہ مرحوم حاجي محمد حافظ شاهہ ۽ ٻيا ڪي شاعر ۽ لوڪل بورڊ اسڪول جو هيڊ ماستر شام جو سير تي نڪتا. هيڊ ماستر جي پنهنجي نائب سان ٻي انداز محبت هئي. همراه سير و تفريح ڪندا رهيا تہ ڪيڏيءَ مهل هڪ اسڪول جو شاگرد ڊوڙندو ڊوڙندو هيڊ ماستر وٽ آيو ۽ سهڪندي چيائين تہ "سائين، نائب ماستر جي بدلي ٿي وئي!"[1] هيڊ ماستر جي پيرن هيٺان زمين نڪري وئي، ويچاري جو منهن هارجي ويو. مرحوم حافظ شاهہ، سندس ناگفتہ بہ حالت ڏسي، يڪدم فرمايو:

بدلي ٿئي ٿو بيشڪ محبوب ماستر جو،
افسوس آهہ ڏاڍو، هن حادثي حشر جو.

پوءِ هڪ ٻئي پٺيان سيني شاعرن طبع آزمائي شروع ڪري ڏني. افسوس آهي تہ اهي جواهر پارا زماني جي اٿل پٿل نابود ڪري ڇڏيا.

علم جي انهيءَ طريقي ارزان ٿيڻ ڪري، اڻ پڙهيل ماڻهن ۾ بہ شاعريءَ جو اشتياق پيدا ٿيو. ڪيترن شعر جوڙڻ شروع ڪري ڏنو، ۽ جيتوڻيڪ علم وارن شاعرن سان پڄي نہ سگهيا، تڏهن بہ پنهنجي پروڙ سارو چڱو شعر چيو اٿن. انهن سگهڙن مان، واحد ڏنو ڳنڀير، جمعدار ابراهيم، آڏو فقير ۽ نور محمد ميمڻ جا نالا قابل ذڪر آهن. انهن مان واحد ڏنو ڳنڀير اڪثر مزاحيہ شعر چوندو هو.

هڪ دفعي، هو ڳوٺ جي سرڪاري بنگلي جي پرسان مٽيو ۽ اتي ڪجهہ گڙ ٻڙ ڏٺائين. ڳوٺ پهچي ماڻهن کي اهو احوال هن طرح سان ٻڌايائين:

ڪارا شيشا، ڪار بلوري، پي شراب، چرڪي ڇوري،
پيتي ڪان پوءِ، چپ چپات، مُني بہ مات ۽ مني بہ مات.

جمعدار ابراهيم گولو سيدن جو خاص خادم هو. ڪيس شاعريءَ جو حد کان وڌيڪ شوق هو. جيتوڻيڪ سريلو نہ هو، تاهم پنهنجيون ڪافيون پاڻ يڪتاري تي ڳائيندو هو. اٽڪل چار پنج سو ڪافيون چيون اٿس، جن ۾ رڳي تُڪ تُڪ سان ملائي اٿس. هن پنهنجي ڄاڻ موجب خوب محنت ڪئي آهي. سندس هڪ ڪافي نموني طور پيش ڪجي ٿي:

---

[1] ٽکڙ ۾ تپال شام جو ايندي آهي.

پرين منهنجا آهيو پيارا، جيءَ جڏي جا جانب جيارا.

آءَ تہ محبن لئي آهيان ماندي،
هيڪر تن سان ٿيان هيڪاندي،
حسن وارا ڏسان منهن موچارا.

عجيب آهن اَهنجيون چاليون،
اچو تہ ڪريون ڪي قرب جون ڳالهيون،
وره تنهنجي هي وڌيا ويچارا.

ڪنديون اکيون آهن ڪاريون،
سجڻ مون ڪي سي تہ ڏيکاريون،
مون سي نيڻ خماري ساريا.

"ابراهيم" وهن تا نينهن جا نارا،
ڪونج وانگر ڪن ڳچيءَ جا ڳارا،
چمڪن جيئن تا اپ تي تارا.

اهڙيءَ طرح، آڍو فقير ولد پنهون حاجاڻو، اڳي اٺ لڏيندو هو. پر پوءِ انجنيئري کاتي ۾ بيلدار ٿيو. جتي اجا تائين آهي. ڪافين مان ڪونہ ڇاٽي، باقي بيتن جي بيهڪ چڱي اٿس.

هڪ دفعي، مامن ۽ حاجي قاسم موچين ۽ ٽن واٽين، پيرو، بصر ۽ ڪيئل، سان سندس ڪنهن ڳالهہ تان جهيڙو ٿي پيو. ڪاوڙ ۾ هينيان بيان ناهڻ لڳو ۽ جو ڪجهہ ناهيندو ويو، سو ماڻهن کي ٻڌائيندو ويو. جڏهن موچين ۽ واٽين کي اها ماجرا معلوم ٿي، تڏهن فقير کي هٿين پيرين پئي پنهنجي جند ڇڏايائون ۽ آڍي جي آکاڻي نامڪمل رهجي ويئي!

## انسان جو گدڙ سان جهيڙو

گدڙ گڏيو هو گس ۾، حاجي قاسم ڪي في الحال-
مجلس ٿي موچين ۾، اچي ڪنهن ڳالهئون اها ڳالهہ:
'گدڙ گڏيو هوم گس ۾، منجهس ڏاڍا آهن مال!'
سٺي ڳالهہ سرها ٿيا، بهادر سڀ بحال،
هٿيار ٻڌي هشيار ٿيا، ڪٺي سپرون ۽ ڍال،

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

اچي پئي 'آڍو' چوي، ڪا موڃين منجهه مقال!
پوءِ اهو حال احوال، مڙ ٻڌايائون مامن کي.

مڙ ٻڌايائون مامن کي، جو دانهه هو دلير.
سٽي ڳالهه سرهو ٿيو، آٿيو شوق منجهاران شير،
تي سورهيه سمجهايو سين کي، پـُـون انهيءَ پير:
'همت رکي هلي حشمت سين، دم نـ ڪريو دير!
'مرد هلي ميدان ۾، ڪنڌ نـ ڪيائي ڪير!
'گوڙ ٻڌي گدڙ جي، دهشت جهليندا دلير!
'ياڙي پچندا پوئتي، پويان وني پير!
.... انهيءَ ڳالهه ۾ 'آڍو' چوي، نڪو قند نـ قير
۽ گدڙ پنيان گير، مامن ٻڌي مڙسيءَ سين.

مامن ٻڌي مڙسيءَ سين، ساڻ وڏي ايمان،
وني هليو لشڪر لڙائيءَ تي، ڪٺي تنبو ۽ طولان،
پـَـر وني 'باڍڙي' جي، لاٿئون 'سرڙيءَ' ۾ سامان،
مڙيا ڪين 'ميرواهه' تي، جت گدڙ جا گهمسان،
وجي وُڙهيا 'واسينگ واهه' تي، جت گدڙ جو هو مڪان،
ڏسي ڏرِ شينهن ٿيو، هيبت ڏيکاري حيوان،
ڪري گوڙ گهڙي پيو، منجهه موڃين جي ميدان،
موڃين کي موت جو، اچي پيو گدڙ منجهه گمان،
لڪڻ جون لين ۾، جايون ڳولين جوان،

نـ پيٺي پچڻ جي، وري ڪنڌي ٿين ڪانـ.
مامن اوريان مڙسيون ڪيون، پر ٿيو 'پاچوريءَ' ۾ بيمان،
.... اچا پڻ 'آڍو' چوي هوند آئون گڏ هجان!
ايڏا جن ايمان، سي پل گڏجي وڙهن گدڙ سان.

گڏجي مڙد گدڙ سين، جڏهن ورِتل ٿا وڙهن،
ڪٽي خان وريا پوئتي، آجهڙندا اچن،

ڊنا اچي 'ڊاپي' ۾، سوڙها ٿيو سمهن،
نہ ڪڙڪو ٿئي ڪامن ۾، نہ ٿي ليون ٿيون لڏن،
وريو وير اچن، ورتل سڀ 'وسيءَ' ۾.

ورتل آيا 'وسيءَ' ۾، جڏهين بيمان برقرار،
موچين مڙي پاڻ ۾، ويهي ڪيو ويچار
'ري مرڻ راڇن جي، اهو ڪم نہ ٿيندو ڪار!
'مڙد مڙ موجود ٿين، جيها جوان جونجهار!'
پڙها وڌائون پنن ۾، چو قبلا چوڌار-
وڏي سر ويريءَ جو، ڪاٽين هلي ڪاپار،
منٿون ڪيائون مهتن کي، حيلا ڪئين هزار،
پيرو، بصر، واٽيا، هئا مهتن منجهہ مٽدار،
ٿيون مروان پٽ موريئي جو، ڪيئل خبردار،
ٿنهين ٿولي ٻڌي، وري ڌارئون پنهنجي ڌار،
سنپري سورهيہ هليا، اوڏانهن رکي آر،
مهندان ڪيائون مامن کي، جنهن جو ڏور سچي ڏهڪار،
ويحها وجي وٽڪار، سامان لاٿئون 'سرڙيءَ' ۾.
سامان لاٿئون 'سرڙيءَ' ۾، جتي ڪالهہ ڪيئون ڪاميٽي،
ٻي جنگ 'ٻـَلي' ۾، وري جوانن وجي جوٽي،
وڙهڻ جون ويريءَ سين، ڪي ٿلون ڪي ٽوٽي:
'اسين آياسون آس ڪري، ڪري جنهن لاءِ ڪوٽي،
'جيرا جگر وڍيون ٽنهن جا، پيرو نہ ڇڏيون پوٽي!'
(اچي گڏيا 'آڍو' چوي، پٽيل سڀ پيٽي،)
'مارڻ ڍاران موٽي، وري نہ ويندا سون 'وسيءَ' ۾!'

'وري نہ وينداسون 'وسيءَ' ۾، جيسين نہ ڪريون جُـج!'
گدڙ گهران نڪري چيو، 'مامن! ڳالهہ منهنجي مڃ،
'مفت مارائي لشڪر سڀ، صفا ڪرائيندين سچ،
'ڪاهي پوندس ڪٽڪ ۾، ڏيندس ڪا بلاٽي پچ،

’سيئي سورهيہ تنهنجا، ڪندس موڙاٽي مچ!‘
....اٿلي ”آڍو“ چوي، پوئتي وير وري تون وڄ،
صفا ڪرائيندين سڄ، لشڪر سڀ لڙائيءَ ۾!

آڍي فقير جي هيءَ مزيدار ڳالهہ ايستائين پهچڻ کان پوءِ، هميشہ لاءِ ناممڪن رهجي ويئي.

اهڙيءَ طرح نور محمد ولد گل محمد ميمڻ بہ مشهور سگهڙ گذريو آهي. هن بزرگ جو تعلق حافظ حامد جي خاندان سان آهي، عمر تقريبا سٺ ورهيہ اٿس. گهڻيون ڪافيون چيون اٿس. مرحوم حافظ شاهه جي صحبت ڪري سندس ڪلام ۾ سوز ۽ اثر بہ ڏسجي ٿو. پنهنجي ڪلام ۾ ڪوشش ڪري صاف ۽ سلوڻي سنڌي ۽ تجنيس حرفي ڪم آندي اٿس. سندس ڪلام جو نمونو هيءَ آهي:

يـارهينءَ وارا يـا پيـر! مـون کـي ملاييـن محبـن.
هيـرَ تـي حيـران تـي، جنهـن جـو مرلـيءَ موهيـو مـن،
مجنـي کـي لغـار لڳـي، تـڏهن ويڙهيـو تـي وَلـن.
سـهڻي گهـڙي سـير ۾، کـاهي منجهہ کُـنن،
هڪـڙا ونـگ وارن جـا، پيـا واڳوتـا بـہ وڙهـن.
ڪربـلا ۾ ڪيـس ٿيـو، ڪونـڌر تـا ڪُـسن،
ڳوڙهـا لال ڳلـن تـان، واهـُـڙ جيئـن وهـن.
وره مـون کـي وينـي ٿيـا، سـڪندي سـال ٿيـم،
نمـاڻو ”نـورو“ چـوي، ’وسـي‘ منهنجـو وطـن.

سيد حاجي عبدالحڪيم شاهہ 1354هہ ۾ رحلت ڪئي. سندس وفات کان اڳي ئي سندس ٽي پٽ، حاجي غلام شاهہ، علامہ اسدالله شاهہ ’فدا‘ ۽ محمد حافظ شاهہ ’حافظ‘، وفات ڪري چڪا هئا. باقي سندس ننڍو پٽ، حاجي علي اصغر شاهہ، ڪجهہ وقت اڳي ٽکڙ مان لڏي پنهنجو نئون ڳوٺ ”اصغر آباد“ جي نالي سان ٻڌي وڃي وينو هو. سيدن مان ڪو وڏو باقي رهيو ڪونہ. عبدالحڪيم شاهہ جي وڏي پٽ ملوڪ شاهہ کي پڳ ٻڌايائون، پر هو تمام سادو ۽ دل جو نرم هو، انهيءَ ڪري هرهڪ سيد پاڻ کي وڏيرو سمجهڻ لڳو. عبدالحڪيم شاهہ جي وفات کان پوءِ ٽکڙ تي اچي زحمت نازل ٿي. سيدن جي اٿبٺت ڪري، ڳوٺ ۾ بدامني پنهنجو بدنما منهن ڏيکاريو. چوري عام جام

ٿيڻ لڳي. يا تہ هتي اڳي علم ۽ ادب جو چرچو عام هو، ماڻهو دينداريءَ ڏي وڌيڪ راغب هئا، يا تہ هينئر جوا جو زور ۽ ڏنڊي ڪونڊي جو شور هر گلي ڪوچي مان اچڻ لڳو. ڪمزور ڏر (هندن) سان زوري ۽ ظلم زور وڌندا ويا، گهڻا هندو ٽکڙ ۾ ٽڪي ويا. ايتري قدر جو پاڪستان کان ٿورو اڳ هندن جا باقي پنج يا ڇهہ گهر وڃي بچيا هئا. نہ تہ اڳي سندن اٽڪل 200 کن دوڪان هئا، جن سان ئي بازار ۾ رونق هئي. هندن جي پيڇڻ ڪري، مزدورن، ڪمين ۽ ڪاسبين کي ڏاڍو ڌڪ لڳو. جت بہ ڳوٺ ڇڏي ڀڄي ويا. ان جون ڪريون بند ٿي ويون. غريبي ٽکڙ ۾ گهر ڪري ويئي. پاڪستان کان پوءِ تہ رهيو کهيو حال بہ ويندو رهيو. گهڻا سيد ۽ ٻيا سرند ماڻهو ڳوٺ ڇڏي پنهنجي لاڳاپي وارن هنڌن، جهڙوڪ: حيدرآباد، ٽنڊي محمد خان وغيره ۾ وڃي وسنا. ڪيترا هاري ناري پنيءَ ٻاري جي تلاش ۾ ٻين پاسن وڃي نڪتا.

وري، پي. ڊبليو. ڊي. وارن بہ موقعو هٿان وڃائڻ مناسب نہ سمجهيو. انجنئرن فتويٰ ڏني تہ درياءُ هن طرف کان ڪاڻ ٿو ڪري، انهيءَ ڪري نئون بچاءُ بند ٻڌائڻ گهرجي. سندن رٿ موجب ٽکڙ ”لُوپ“ ۾ اچي ٿي ويئي. انهيءَ وقت پي. ڊبليو. ڊي. جو وزير سيد ميران محمد شاهہ هو. جنهن کي هن جهڙي تاريخي ڳوٺ کي ٻوڙائڻ نهايت ناگوار گذريو. پاڻ ڳوٺ جي چوڌاري، بند ٻڌارايائين ۽ ڪيس ٻڏڻ کان بچايائين.

ڪير چوندو تہ جنهن ڳوٺ ۾ هينئر اٽڪل 500 کن ماڻهو مس ٿا رهن، جنهن ۾ رڳو مسڪيني ۽ بي روزگاري گهر ڪري ويئي آهي، جنهن جي جاين جا در و ديوار بہ سَگها نہ آهن، تنهن جي ڪلراٺي زمين اهڙا اعليٰ شخص پيدا ڪيا هوندا، جن پنهنجي ادبي خدمتن ۽ علمي محفلن، غريب نوازي، مهمان نوازي، اخوت ۽ مساوات سان ساريءَ سنڌ کي ٽکڙ جو ثنا خوان بنائي ڇڏيو.

## نور محمد ”خستہ“

قديم قلمي بياضن ۾، نور محمد ”خستہ“ جو نالو ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جو وسي شهمير جو وينل هو. هي شاعر ٻارهين صدي هجريءَ جي وچ واري دور جو آهي. هن بزرگ علامہ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي درسگاهہ ۾ تعليم ورتي هئي. جيتوڻيڪ سندس ولادت ۽ زندگيءَ جا مفصل حالات معلوم نہ آهن، تاهم

بياض مان 1130هہ ۾ سندس هجڻ ثابت ٿئي ٿو. هن جي سنڌي ڪلام جو نمونو هي آهي:

تــــابر افگنـــــدي از رخِ تــــو نقـــاب،
حشــــر تيـــو، آفتـــاب لايـــو تـــاب.

آن منـــــر ڪــــز تصـــــادمِ هجـــــران،
روز شـــب تـــو رهـــان بـــي خـــور و خـــواب.

ڪشـــتيءَ عمـــرِ مـــــن بـــہ بحـــرِ غمـــت،
لهـــر لـــــوڏن هٽـــي ڪئـــي غرقـــاب.

تـــابشِ حســـــن بيمثـــال ســـــندئي،
بـــــره ڏيئـــــي وري ڪيـــــو بيتـــــاب.

"خستہ" و خوار منجهہ 'وسيءَ' مون جيئـن،
نيســـت ديـــگر ڪســـي ز شـــيخ و شـــاب.

## حافظ عالي

ساڳي ٻارهين صدي هجريءَ ۾ حافظ عاليءَ جو نالو ملي ٿو. هي قوم جو ميمڻ هو ۽ "مومن" اسلام ڪوٽيءَ جو شاگرد هو. جيتوڻيڪ سندس ولادت جي تاريخ جي خبر ڪانهي، پر بياض مان معلوم ٿو ٿئي تہ هن بزرگ سال 1192هہ ۾ رحلت ڪئي.

حافظ صاحب جو سنڌي ۽ پارسي ڪلام گهڻو هـو، مـگر زمـاني جـي انقلابن ۽ قديمي ڪتابن تي اڏوهيءَ جي حملن ڪري سڀ ڪجهہ ناپيد ٿي ويو. فقط ڪو ٿورو ڪلام هٿ آيو آهي، جنهن مان نموني طور پيش ڪجي ٿو.

سندس پشت مان حافظ يوسف، حافظ "دلگير" ۽ حافظ "بسمل" جهڙا باڪمال شاعر پيدا ٿيا.

حافظ صاحب پنهنجي استاد، "مومن" اسلام ڪوٽيءَ، جي شان ۾ جيڪو قصيدو چيو آهي، ان مان هي ٽي شعر بچيا آهن:

آه اســـــلام ڪـــــوٽ ۾ منهنجـــــو،
مـــرد مومـــن مجـــاز جـــو مهنـــدار.

ڪنهن سجاتو نہ ڪنهن سڃاڻ جو
معرفت ۾ متي سندس مقدار.

سڪ وارن سبق سريو سالم،
پرت وارن پسيو پراهون پار.

## ميانِ چتن

حافظ عاليءَ جو همعصر، ميان "چتن" هڪ درويش صفت انسان ۽ خاص سنڌي زبان جو شاعر ٿي گذريو آهي، جو وسي شهمير شاه جو وينل ۽ مور، تعلقي ماتليءَ جي بزرگن جو شاگرد هو. هن جون ڪافيون، ڏوهيڙا ۽ غزل چيل آهن، جن مان فقط هي بيت سندس يادگار لاءِ سالم بچيا آهن.

پراهون پرين، پيو نہ پانَب پرو،
سُڪا سنڌي سيني ڪي سريو سرو.

ونيون واجهہ ويتر وجهن واءِ واءِ!
ڪري قرب واڍوڙين ڏي ورو!

پسي پاند پازيءَ جو پر بو ترابي،
گنهگار جو آهہ گولو گرو.

پڪو پرت ۾ ڪيو پتنگن پچي،
رهيا رمز ۾ آڳ مهندان اچي.

---

پکي پڄرو، مڇي مهراڻ، ڦٽڪن پيا ۽ ڦاسن پيا،
ڪڏي ڪاني، منڍي ماري، لمي لڙ ۾، رڙهي رڻ ۾.

## محمد صالح ميمڻ "صالح"

محمد صالح ميمڻ انهن ميمڻن جي بنياد مان آهي، جيڪي سيدن سان گڏ مٽيارين مان لڏي آيا هئا.

پاڻ شهميراڻي وسيءَ ۾ چائو. سندس سنڌي ڪلام گهڻو ڪري ناپيد آهي. باقي ڪجهہ پارسي ڪلام بچيو آهي، جنهن مان نموني طور پيش ڪجي ٿو.

سندس خاندان مان، "حامد"، "مخلص"، "دائود"، "ابراهيم" ۽ "غني" پيدا ٿيا.

مرحوم سيد حڪيم محمد شاهه ٺٽائيءَ جي وفات تي سندس قطع تاريخ هن طرح چيل آهي.

جناب سيد عالي نسب محمد شاهه،
خجسته خويءِ صفوت ماب نيڪ نگاهه.
ز جام رحمت نوشيد چون رحيق وصال،
سرور يافت ز قربِ ڪمال خوش ناگاهه.
نزول رحمت بادا فراز مرقد او،
هم از نفائح غفران معطرش مشواهه.
ز سال و صلش هاتف بگوش "صالح" گفت،
ڪه باد رحمت وهاب بر محمد شاهه.

1269هه

## سيد حافظ حاجي حڪيم ميران محمد شاهه اول

حڪيم سيد محمد شاهه جو وڏو فرزند ۽ هاٺوڪي سيد ميران محمد شاهه صاحب جو ڏاڏو، سيد حافظ حاجي حڪيم ميران محمد شاهه اول، 12 صفر 1245هه ۾ اڳئينءَ ٺٽي ۾ ڄائو. سندس والد محمد شاهه هڪ ڪامل بزرگ ۽ نهايت ئي قابل حڪيم هو. سندس اوطاق هميشه مريضن سان ڀريل رهندي هئي. جن جو علاج گهڻو ڪري مفت ڪندو هو.

ميران محمد شاهه ننڍپڻ کان ئي نماز روزي جو پابند هو. پيءُ جي ورثي مان کيس حڪمت ملي. حڪمت تي کيس ايتري قدر عبور حاصل هو، جو پريان ڏسڻ سان، مرض جي شناخت ڪري وٺندو هو.

**ملازمت ۽ وڪالت:** انگريزن جي حڪومت جو اوائلي دور هو. هندستاني، خاص ڪري مسلمان، اڃا انگريزي تعليم ڏانهن متوجهه نه ٿيا هئا. ميران محمد شاه عربي، پارسي ۽ سنڌيءَ ۾ چڱي طرح تعليم حاصل ڪري چڪو هو. دفتري زبان به اڃا پارسي هئي، انهيءَ ڪري ميران محمد شاهه سنڌ جي چيف ڪمشنر جو مير منشي ٿيو. اتان وري حيدرآباد جي سيشن جج جو سرشتيدار ٿيو.

نماز جو ايڏو ته پابند هو، جو هڪ دفعي ڪورٽ ۾ خون جو ڪيس هلي رهيو هو، ڪيس هلندي هلندي جمعي جي نماز جو وقت ٿي ويو. پاڻ ڪم ڇڏي

نماز تي وڃڻ لاءِ تيار ٿيو. جج نماز تي وڃڻ کان ڪيس منع ڪئي، مگر پاڻ نـہ مڃيائين ۽ يڪدم استعفا لکي جج کي پيش ڪيائين. خير انهيءَ وقت تـہ ڪيس جج موڪل ڏني، پر جڏهن اهو ساڳيو سيشن جج بدلي ٿيو، تڏهن ٻئي جج کي ميران محمد شاهہ لاءِ چيائين تـہ "سرشتيدار محنتي آهي، پر نماز جي وقت ڪورٽ ڇڏي ڏيندو!"

ڪجهہ عرصي بعد ٺٽي آدم ۾ ريزيڊنٽ مئجسريٽ مقرر ٿيو. انهن ڏينهن ۾ سيد ملوڪ شاهہ (جنهن هاٽوڪي ٺٽڙ آباد ڪئي) تي، ڪاٺي بدلائڻ جي ڳالهہ تان، ڪورٽ ۾ مقدملو هلي رهيو هو. ميران محمد شاهہ گهڻي وقت ملازمت ڪرڻ ڪري قاعدي قانون جو چڱيءَ طرح واقف ٿي ويو هو ۽ پنهنجي عزيز جي بچاءَ لاءِ، پنهنجي نوڪري کي قربان ڪري، ملوڪ شاهہ جي وڪيل سان گڏ ڪم ڪرڻ لڳو ۽ پوءِ وڪالت جو ئي پيشو اختيار ڪيائين. سندس همعصر وڪيل، خان بهادر حسن علي آفندي، ديوان ڏيارام گدو مل ۽ خدا بخش نظاماڻي هئا.

هن کان اڳ حضرت صاحب خواجہ عبدالرحمن رحہ جن جو ذڪر ٿي چڪو آهي، تنهن ميران محمد شاهہ کي چيو تـہ "شاهہ صاحب، تو جهڙي درويش ماڻهوءَ لاءِ وڪالت ۾ رڳو ڪوڙ ۽ ڪوڙين ڳالهين کي پشت ڏئي، سچ جو لباس پهرائي، سچ کي ڪوڙ ۽ ڪوڙ کي سچ ڪري ڏيکارڻ نيڪ نـہ آهي." شاهہ صاحب انهيءَ ڏينهن کان پوءِ وڪالت ڇڏي ڏني.

**حڪمت:** اڳيئي سندس آبائي ورثو هو، انهيءَ ڪري وڪالت ڇڏڻ کان پوءِ وري حڪمت شروع ڪري ڏنائين. ايتري قدر تـہ مشهور ٿي ويو، جو جيڪڏهن ڪنهن مريض کي هڪ ڳوٺڙي ۾ ڏسڻ ويندو هو، تـہ اتان وري ٻيا ماڻهو ڪيس وٺي ويندا هئا. ۽ اتان وري ٽئين هنڌ وڃي نڪرندو هو. تان جو ڪيس ڳولڻ ئي مشڪل ٿي پوندو هو. ڪمال اهو آهي تـہ شاهہ صاحب ان حڪمت کي ڪڏهن بـہ ذريعہ معاش نـہ بنايو، بلڪ دوا دارون خيراتي ڏيندا وتندا هئا.

ديهہ "مهراڻيءَ" ۾ ميران محمد شاهہ سان گڏ سيني سيدن جا حصا هئا. ڪين بـہ حڪيم جي ضرورت هئي. خاص ڪري اهل پردي وارن لاءِ. انهيءَ ڪري سيدن صلاح ڪري پنهنجا حصا ميران محمد شاهہ کي بخش ڪري ڏنا. ۽ چيائون تـہ "ڳوٺ ۾ ئي طبابت ڪر، باقي ٻاهر نـہ وڃ." مگر انهيءَ زمين مان

ڪا ايڏي آمدني ڪانہ ٿيندي هيس، جنهن مان پنهنجي اهل ۽ عيال جي پرورش ڪري سگهي، انهيءَ ڪري ٻين زمينن جا نيڪا ڪٽڻ شروع ڪيائين. تڏهن بہ سندس دل کي تسڪين نہ آئي. تنهن ڪري پنهنجي حڪمت ۽ ان سان گڏ سفر کي جاري رکيائين.

**امام رباني‌ءَ رح جي درگاهہ جي مرمت:** هندستان ۾ اسلامي حڪومت جي ڪمزوريءَ ڪري، سکن پنجاب تي پٽي حملا ڪيا ۽ ڪيترن حصن تي قابض ٿي ويا. سرهند شريف بہ سندن حملي جي زد ۾ آيل هو. انهيءَ ڏي- وٺ جي ڪري امام ربانيءَ جي درگاهہ کي نهايت سخت نقصان پهتو. جڏهن حضرت صاحب جن اتي زيارت لاءِ ويا، تڏهن خيال ڪيائون تہ درگاهہ جي مرمت ڪرائجي. پر انهيءَ ڪنن ڪم لاءِ هڪ تہ پئسي جي ضرورت هئي، ٻيو ڪنهن اهڙي برجستي ماڻهوءَ جو اتي هئڻ لازمي هو، جنهن جي زير نگرانيءَ اهو ڪم ٿئي. ميران محمد شاهہ پنهنجو پاڻ حضرت صاحب جن جي خدمت ۾ پيش ڪيو ۽ کيس اجازت ملي.

شاهہ صاحب هڪدم سفر شروع ڪري ڏنو ۽ جتي بہ حضرت صاحب جن جا مريد خادم هئا، انهن کان چندا وصول ڪيائين. ويندي افغانستان ۽ هندستان جي ڪيترن حصن ۾ وڃي نڪتو. ٿورن ڏينهن ۾ ايترو پئسو ڪٺو ٿيو، جنهن مان درگاهہ جو ڪم شروع ٿي ويو. انهن ڏينهن ۾ پاڻ گهڻو وقت سرهند شريف رهندو هو. ساڻس گڏ هتان سنڌ جا ماڻهو، صديق چانڍيو ۽ احمد پنوهر، بہ ڪم ڪار جي نگرانيءَ لاءِ رهندا هئا. آخرڪار اهو مشڪل مرحلو جنهن لاءِ ڪنهن قابل انجنيئر ۽ وڏي متمول ماڻهوءَ جي ضرورت هئي، ٺٽڙ جي هڪڙي غريب سيد هٿان پايہ تڪميل تي پهتو.

**سندس اوطاق:** شاهہ صاحب جي "جونس واهہ" جي ڪناري تي، هڪ هوادار ۽ ڳوٺ جي ٻين اوطاقن کان ليول ۾ مٿي، اوطاق هئي، جا ساڳئي وقت سندس مطب بہ هئي. پاڻ جڏهن بہ سفر تان موٽندو هو، تڏهن سوين ماڻهو، سندس اوطاق ۾، سندس سفر ۾ ڏٺل عجائبات جو ذڪر ٻڌڻ ايندا هئا. انهيءَ وقت موٽر ۽ هوائي جهاز تہ هئا ڪونہ. باقي اٺ ۽ گهوڙا جام هوندا هئا. وڌ ۾ وڌ ريل گاڏي يا دريائي رستي سفر ڪيو ويندو هو. اهڙي زماني ۾ ايترو سفر ڪرڻ بيشڪ تعريف جوڳو هو.

**زهد ۽ عبادت:** شاهه صاحب زهد ۽ عبادت جو ڏاڍو شائق هو. هڪ دفعي "شاه نهال" اولياءَ تي سٺ ڏينهن اعتڪاف ڪيائين، اعتڪاف ۾ سارو ڏينهن روزو رکندو هو. شام جو ٿورو ڪاڏو ۽ ٻاڪرو کير پيئندو هو. جو هڪ خدا رسيده پيرسن زال لاڪس ڪٽي ايندي هئي. انهن مجاهدن کان سواءِ روزانه قرآن مجيد جي منزل جو دور ۽ صبح ۽ شام "حزب البحر" جو وظيفو پڙهڻ، سندس ورد هوندو هو.٠

**علم و فضل:** حڪمت کان سواءِ شاه صاحب علم جفر، رمل ۽ نجوم ۾ بہ پڙ هو. قرآن مجيد جو بہ حافظ هو. وڪالت جي دوران ۾ شاه صاحب انگريزيءَ جو بہ چڱو اڀياس ڪيو. هڪ ننڍي سنڌيءَ مان انگريزيءَ ۾ ڊڪشنري بہ لکي هئائين، جا ڪمشنر جي لئبريريءَ ۾ موجود آهي.

شاه صاحب جو سياست سان بہ تعلق هو. شاه صاحب، شاهه اسماعيل شهيد ۽ سيد احمد بريلوي جي پوئلڳن سان، دهلي، لاهور امرت سر، عليڳڙهه ۽ اجمير ۾ مليو هو. انهن کان متاثر ٿي سنڌ ۾ ڪم ڪيائين. سندس صحبت مان سندس عزيز ۽ شاگرد، علامه اسدالله شاهه قاضيءَ، سنڌ ۾ خلافت تحريڪ کي زور وٺايو.

**نثر نويسي:** شاه صاحب هڪ سٺو نثر نويس هو. سندس لکيل ڪتاب "سڏاتورو ۽ ڪڏاتورو" جو سر بارٽل فريئر جي ڏيءَ جي پڙهڻ ۽ وندر لاءِ لکيو هئائين، خالص ۽ نيٺ سنڌيءَ ۾ آهي. ٻيو هڪ ڪتاب "مفيد الصبيان" شاه صاحب لکيو، جو ليٿوءَ ۾ ڇپايو ويو. هن ڪتاب جي ٻولي بہ نهايت دلڪش ۽ خالص سنڌي آهي. هن ڪتاب جون چند ڪاپيون ڪمشنر جي لائبريريءَ ۾ موجود آهن.

سندس هڪ ٻيو فارسيءَ ۾ طب تي لکيل ڪتاب "مفيد الطالبين" جو مسودو بہ موجود آهي.

**شعر و شاعري:** جيتوڻيڪ گهڻو وقت سفر ۾ رهڻ ڪري ۽ پنهنجي مصروفيتن سبب کيس ايڏي فرصت ڪانہ هئي، جو شعر چوي، تنهن بہ ڪڏهن ڪڏهن مڙيو ئي طبع آزمائي ڪئي اٿس. سندس ڪلام گهڻو ڪري پارسيءَ ۾ هو، جو هينئر ناپيد آهي. صرف هڪ شعر هٿ آيو آهي، جو پنهنجي جاءِ نهڻ جي سال تي جيڪا قطع تاريخ لکي هئائين، ان مان بچيو آهي. اهو شعر هيٺ ڏجي ٿو:

خــــدارا دمبــــدم شــــڪرو ثنــــائي،
بشــــد تعميــــر ابــــن خوشــــتر بنــــائي.

شاه صاحب 1309ھ ۾ رحلت ڪئي. سندس پشت مان سيد ميران محمد شاه دوم سنڌي زبان جو هڪ سٺو اديب آهي.

## حافظ حاجي حامد

ٺٽ جو مايہ ناز شاعر، حافظ حاجي حامد ولد محمد هاشم ولد محمود ميمڻ، اڳينءَ ٺٽ ۾ ڄائو. سندس لياقت ۽ قابليت جو ٺٽ جي احوال ۾ اڳي ئي ذڪر ڪيو ويو آهي.

**تعليم ۽ تربيت:** حافظ صاحب اجا ٽن سالن جو مس ٿيو. تہ ماتا جي منحوس بيماريءَ ۾ مبتلا ٿي پيو. ۽ آخرڪار نابين ٿي پيو. مگر الله تعاليٰ سندس دل کي جا روشني بخشي هئي، سا لاڪس مشعلِ راه بڻي ۽ هن پنهنجي حڪمت آميز شاعريءَ سان بين گهٽين دلين کي روشن ڪيو.

ننڍپڻ ۾ ئي قرآن ڪريم جي حفظ ڪرڻ جو شوق جاڳيس. قرآن شريف جو ڪجهہ حصو هتي سنڌ ۾، باقي مديني منوره ۾ وڃي ياد ڪيائين. مديني پاڪ کان موٽڻ بعد ”ملا ڪاتيارن“ ۾ درس ولي محمد وٽ اچي عربي پڙهڻ شروع ڪيائين. پر اتي ڪنهن مسئلي تان درس صاحب سان بحث ٿي پيس، ۽ پڙهڻ ڇڏي ڏنائين.

جڏهن خواجه عبدالرحمان جن ٺٽ ۾ آيا ۽ پنهنجي صاحبزادن جي تعليم لاءِ مولانا محمد متعلويءَ کي گهرايائون، تڏهن حافظ صاحب بہ مولانا وٽ عربي پڙهڻ لاءِ حاضر ٿيو ۽ ڪجهہ وقت اندر چڱو استعداد پيدا ڪيائين.

سندس پارسي تعليم جو ذڪر هن نموني ڪيو ٿو وڃي تہ هڪ دفعي پاڻ ٺٽ ۾ مسجد ۾ سُتو پيو هو تہ مولوي محمد موسيٰ نظاماڻي ماتليءَ وارو اتي آيو ۽ کيس ننڊ مان اُٿاري چيائين تہ ”حافظ اٿي پارسي پڙهہ!“ حافظ صاحب پارسي پڙهڻ کان انڪار ڪيو، پر آخرڪار مولوي صاحب جي زور ڀرڻ تي راضي ٿيو. مولوي صاحب کيس پارسيءَ جي ٽن مصدرن ”آمدن، آوردن ۽ آموختن“ جا گردان سيکاري ڳوٺ هليو ويو ۽ جلد ئي رحلت ڪيائين. حافظ صاحب لاءِ انهن ٽن مصدرن جو گردان ڪافي هو. سندس خداداد ذهن کيس پارسي زبان تي مَلڪو عطا ڪيو.

**گذر اوقات:** جيتوڻيڪ حافظ صاحب نابين هو، تڏهن بہ بين وانگي پنڻ ۽ ونڊن تي زندگي گذارڻ پنهنجي گهٽتائي ٿي سمجهيائين. پنهنجي اهل و عيال جي پرورش لاءِ حڪمت شروع ڪيائين، مگر انهيءَ مان ڪو ايڏو اُپراسو نہ ٿيندو هوس، انهيءَ ڪري ڪپڙي جو دڪان کوليائين. انهيءَ دڪان تي پاڻ ئي ويهندو هو. سندس ذهن ايتري قدر سجاڳ هو، جو ڪوڙن سچن پئسن جي پرک چڱيءَ طرح ڪري سگهندو هو.

هڪ دفعي سندس دڪان تان ڪپڙو چورائجي ويو. پاڻ پوليس ۾ رپورٽ ڪيائين، پر چوري نہ لڌي. گهڻي وقت کان پوءِ، هڪڙي مائي حافظ صاحب جي دڪان تي هڪڙو ڪپڙي جو ٽڪر ڪٽي آئي ۽ ڪيس چيائين تہ "هن نموني جو ڪپڙو ڏي." حافظ صاحب يڪدم ڪپڙو سڃاڻي ورتو ۽ مائيءَ کي جهلي پوليس جي حوالي ڪيائين. پوليس جي وٺ پڪڙ تي مائيءَ چورن جا نالا ٻڌايا. چورن کي پڪڙي، ڪپڙي سوڌو ڪورٽ ۾ حاضر ڪيو ويو. جج، حافظ صاحب جي امتحان وٺڻ لاءِ، سندس ڪپڙو ٻين ٿاڪين سان ملائي، کيس چيو تہ "پنهنجو ڪپڙو ڳولهي ڪڍ." حافظ صاحب بنا ڪنهن اٽڪ جي پنهنجو ڪپڙو ٻين ڪپڙن مان چونڊي ڪڍي ورتو! ٻيا بہ اهڙا ڪئين واقعا آهن، جي طوالت جي ڊپ کان نظر انداز ڪيا وڃن ٿا.

**وفات:** پڇاڙيءَ ۾ سيدن سان ناراض ٿي، "نورائي" تعلقي حيدرآباد ۾ وڃي ويٺو، ۽ 1315هہ ۾ مارواڙي علائقي جي "ڄاريلي" ڳوٺ ۾ سفر ڪندي رحلت ڪيائين ۽ کيس اتي ئي سپرد خاڪ ڪيو ويو. سندس اتي وفات ڪرڻ جو ذڪر 'مارئيءَ' جي واتان پنهنجي هڪڙي شعر ۾ چيو اٿس:

عمـــر ع آهـــي نـــہ ويجهـــو وطـــن،
مئـي مـــاڙيين ڪيـــر ڏينـــدم ڪفـــن؟
ڪنديـم شـال ڪنڌيـــن ڏراڙيـون دفـن،
پکيـن پـــارکر منهنجـــا پونـــدا پٽـــر!

هن کي گهڻا ماڻهو سندس پيشگوئي تصور ڪندا آهن. سندن وفات جو سال "آه غريب الوطن" مان نڪري ٿو.

1315

حافظ صاحب جو ڪل اولاد 6 نياٽيون ۽ ٽي پٽ هئا. پٽن مان مرحوم "مخلص" هڪ ناميارو شاعر ۽ اديب ٿي گذريو آهي. باقي محمد دائود ۽ محمد ابراهيم به چڱا شاعر هئا.

**شعر و شاعري:** جيتوڻيڪ ٺٽڙ ۾ حافظ صاحب کان اڳ به شاعريءَ جو چرچو عام هو ۽ ڪيترا چڱا شاعر به پيدا ٿيا. مگر انهن شاعرن جي حيثيت اتان جي هڪ ادبي بنياد وانگر هئي. حافظ صاحب انهيءَ بنياد تي عمارت کڙي ڪئي ۽ انهيءَ کي زيب ۽ زينت بخشي.

اهو صحيح آهي ته حافظ صاحب جو سڄو ڪلام موزون ۽ بحر وزن جي لڙهيءَ ۾ پوتل ۽ پختو ٿيل آهي. مگر حافظ صاحب موزون شاعريءَ جي تصنع ۽ تڪلف واري ڌارئين رنگ ۾ رنگجي وڃڻ کان جتي ڪٿي ڪَنُو ڪاڍو آهي. پنهنجي هر شعر ۾، هو پنهنجي منڙي ۽ سباجهڙي سنڌي زبان کي ڇڏي، هرويرو عربي ۽ فارسيءَ جي ڳاٽي ٽوڙ لفظن کي ڪونه ٿو ٽنبي. سنڌي پهاڪا، سنڌي محاورا، نيٺ سنڌي بولي، سنڌي رسم و رواج، سندس ڪلام جون امتيازي خصوصيتون آهن.

**تجنيس حرفي:** تجنيس حرفي، جا سنڌي شاعرن جو ورثو چئجي ۽ جنهن جي ئي ڪري سندن ڪلام وڌيڪ موهيندڙ ۽ وڻندڙ ٿئي ٿو، سا حافظ صاحب جي هر غزل، مداح، مرثيي ۽ خطبي ۾ موجود آهي.

ڪُني جي ڪالهه توسان ڪانڌ، اوريون پاس آتڻ جي،
اهي آريءَ سنديون اڄ تان، ڳٺي ڳالهيون ڳرڻ گهرجي.

**رواني:**

منهن مثل مهتاب محبن، آه نسورو نور، ميان!
مٺ نه ملاحت، تين ملائڪ، حسن نه اهڙو حُور ميان!
زلف معنبر، مينيا مشڪي، ڪاڪل محض ڪپور، ميان!
نافع نطق نفيس سندو ۽ شاهي شان شعور، ميان!

**سلاست**

محبت مچايو مگر، الغياث!
جليو جوش ڪان جيءَ جگر، الغياث!
ٿيو محو هڏ ماهه، وگهريو وجود،
ڪيو عشق ايڏو اثر، الغياث!

شاعر جي اها بہ هڪ خوبي آهي تہ هو جيڪو شعر چوي، سو جيڪڏهن غور سان ڏسجي تہ نثر بہ آهي ۽ نظم بہ آهي. سمجهجي ائين تہ ڪا سادن سودن لفظن ۾ ڳالهہ پئي ٿئي، جنهن ۾ زبان ڪي اٽڪ ۽ اوک محسوس نہ ٿئي. حافظ صاحب پنهنجو گهڻو ڪلام انهيءَ رنگ ۾ چيو آهي:

آءُ اڪڙين نار، وهلو ڪيم وڄ!
دل گهر يا دلدار، وهلو ڪيم وڄ!
پير ڏي پنبڻيين، اڪيون اوطاق ڪر،
تان نرن نت نار، وهلو ڪيم وڄ!

## زور بيان

حافظ صاحب جي ڪلام ۾ مضمون جي بندش ۽ چستي، ۽ بيان جو زور نهايت نمايان نظر اچن ٿا:

مون سُيون سانباريان، چُرنديون چَڙيون، تن چوريس،
ڪيئن ويهان ويرون ڏسي، وڃنديون وساري، الغياث!

## صاف سنڌي

واٽ وٽڪارين نڪو رائي نہ رند:
پيچرو پپ جو اپر اونڌو اهڌ.

----

پنهل چام سندياءِ پورهيت آهيان،
متي مون ڪي ٻئي درجي دائي نہ ڪر!

## منظر نگاري

باڪمال شاعر جي اها بہ خوبي آهي تہ هو جنهن بہ ڪيفيت جو بيان ڪري، تہ پڙهندڙ جي اڳيان يڪدم اُهو منظر قري اچي. حافظ صاحب ’سهڻيءَ‘ جي واتان، درياءَ جو دم ۽ دهشت، ڪنن جا ڪڙڪا وغيره انهيءَ نموني ٿو بيان ڪري، جو يڪدم اسان جي اڳيان اهو منظر اچي وڃي ٿو:

اتر اوڙاهہ ۾ اگرو، پوي پاتار ۾ پارو،
تڏو تيلهن سان تَڙڪائي، وڌيس چولڻيءَ جي ننپ ناري،
ڪپر ڪاندو، سُنوالي سير، جر ۾ جهاڳ، لس لهريون،

ڪسر ڪـُـن آه ڪالهوٽي ڪـان، وَه واهـڙ ۾ واڏاري،
سـونهون ٿئيـن جـي سـندم سـپرين، اچـي تـون آرَ اونهـي ۾،
مـُنجهائي آهيـان موجـب ۾ جـُـهڙ جـَـهڪ ابـر انـذاري!

يا مارئيءَ جي واتان مينهن جي مند ۾ پنهنجي وطن جو حال بيان ٿو ڪري، تہ يڪدم اسان جي اڳيان اهي وليون ۽ وڻ، تل ۽ ترايون ۽ تر جو متارو مال سرسبز ماترين ۾ چرندو نظر ايندو:

ترايـون تـار تـازي سـين، پـٽـن تـي پـوڄ پـاٽي ٿيـا،
وطن ۾ ڪيون وٺـن جهڙيـون، منڌيـڙن مـاتريون مـُوري،
چـَـري چوڏس چـُـيڙ ۾ ٿيـا، متـارا مـال مـارن جـا،
پـٽن ۾ ٿيـون پلن پيڙيـون، ڪـَـڪي ۽ ڪونـج ڪـا نـوري.

## محاورو

محاورو نثر توڙي نظم ۾ ائين آهي جيئن ڪاڏي ۾ لوڻ. محاوري ڪان سواءِ نثر توڙي نظم ڦڪا ۽ بـُسا پيا لڳندا آهن. حافظ جي ڪلام ۾ اڪثر سنڌي محاورا ڪم آيل آهن. مثلاً:

روئـان رڻ ۾ پنهـل لئـي پـار ڪٺيـو،
ڏيـان ڏونـگر ۾ آڏيءَ اوچنگـارون.

---

سـدا ٿ ثبـاتي نـہ ڪوتـن ڪـي ڪـا،
ميـان مـاڙيون تنهنجـون ويندیـون ٿـي واءُ،
هميشـہ نـہ هونـدو اهـو پـاڳ پـاءُ،
پيـا ڳـالهيون ڳٺينـدا مڙئـي معتبـر.

متين شعرن ۾ "پار ڪٺڻ"، "واءُ ٿي وڃڻ" ۽ "ڳالهيون ڳٽڻ" خاص سنڌي محاورا آهن.

**سنڌ جون سورميون:** هر قوم پنهنجي جهونين سياسي، مذهبي توڙي روماني روايتن ڪان زنده رکڻ جي هر دور ۾ ڪوشش ڪندي پئي آئي آهي. پوءِ يا انهن روايتن ڪي بر زبان ڪيو ويو آهي يا وري قلمبند. سنڌي شاعرن بہ پنهنجي ملڪ جي روماني قصن ڪي پنهنجي پنهنجي رنگ ۾ منظوم پئي ڪيو آهي ۽ پنهنجو اصل مقصد بہ انهن قصن ۽ ڪهاڻين جي سورمن ۽ سورمين جي

واتان پئي ظاهر ڪيو آهي. حافظ صاحب بہ سهڻي ميهار، سسئي پنهون، ليلا چنيسر، مومل راڻي ۽ عمر مارئيءَ جي داستانن کي پنهنجي رنگ ۽ ڍنگ ۾ دهرايو آهي. ملاحظہ ڪريو:

## سهڻي

ڳهڙو ڳهوريو، ڳهڙي ويندس، ڪُنن ڪان ڇو ڪنبان آئون،
لنگهيندي لهريون لوڏا، سچو ساهڙ سنياريندس.

## سسئي

قبوليم ڪيچ ساري جو، مٿي سر سينَهون سرتيون،
جتن جي ذات کي جيڏيون، پري پاٽي پياريندس.
سياڪو سنگَ نہ سيٽن سان، آهيان گولي گگيرن جي،
اگڻ اوطاق اکڙين ساڻ، ٻاروچي ٻهاريندس.

## ليلا

هيم جا پيش پازياٽي، سندم سڏجي تي سائڻ،
ٻيهر ٻانهي ٻهاريدار، در تي ڪانہ ڏاريندس،
تيس ڏاهي ڏکن لئي، ياڳ واريون تي ڏسان پوريون.
هِيين تان هوش جا "حامد"، اڪر اصلي اتاريندس.

## مومل

مڙهيو مَنِ مينڌرو مون کي، وري سو ڪيئن وساريندس،
جيان جيسين تي جيڏيون هاڻ يار ساريندس.

## مارئي

جيڪو درد ۽ فراق، سوز ۽ اثر حافظ صاحب مارئيءَ ۾ پيدا ڪري سگهيو آهي، سو پنهنجو مٽ پاڻ آهي. مارئيءَ جون آهون ۽ دانهون، اباڻن ڏانهن اڪنڊ ۽ اڪير، عمر جا ڏاڍ ۽ ڏمر، تنهن ڪان سواءِ مينهن جون مندون، ٿر جون وليون ۽ ڪاڄ، مارن ماڻهن جون رسمون ۽ رواج، پٽون ۽ پاٽا، تڙ ترايون ۽ کوهہ وغيره اهڙي نموني تہ بيان ڪري، جو ڇٽڪ، خود مارئي آهي، يا وري ڪو ٿر علائقي جو پيدا ٿيل شاعر آهي. انهيءَ جو خاص سبب هي بہ ٿي سگهي ٿو تہ حافظ صاحب پنهنجي زندگيءَ جو گهڻو عرصو ٿر جي سير ۽ سفر ۾

گذاريو هو ۽ وري پنهنجي هم وطنن کان ڏکوئجي، ڏورانهين ڏيهہ ۾ وڃي اولا اڏيا هئائين.

عمر لاهہ عاجز تان ظالم زنجير،
ڏي موڪل تہ مارن ملان منجهہ ملير.

هيڪاندا هُتي هو، سيئي منجهہ سنگت،
امر مون کي اُنِ مان آٽي ڪيو اسير.

ڳران ڳالهيون ڳڻ سنياليو سندن،
وسن مينهن وانگر منجهان نيڻ نير.

اٿ ئي پهر اُن ڪاڻ وجهلي وجود،
سوين سانبين جا اندر چاڪ چير.

بدل برسيا، وڄ ڪوي، اپ گڙي،
هيون ڪي حبيبن سنياليو سڙي،

پٿاري پريا سپ ترايون ۽ تل،
ولهارن ۾ واسي تيا گاهہ گل،

ڀهون پرٽ، ڪيهہ مرٽ، ڳم ۽ ڳنڌير،
منگها مکٽيون موڪ پکڙيا پنير،

ڪلورو ڪوري ڀوڄ پوئي پٽر،
ڪئين موريا منجهہ ڪنڌيين ڪانهہ سر،

ڦٽا ڦوڳ بيحد ٿي پڇٽي پٽر،
ڇَنن پاس ڇبرون مَڪن ڪيا مجر،

گورالون گولاڙا پڇي پٽ پيا،
ليرَ لعل ڪنيون ڪاتونبا تيا،

ڪندا ڪرڙ ڳاگسا ڄگر چاريون،
ڦري ڦرڪيائون ڪليون ڪاريون.

----

ٻجر ڪوڙي پکن ذاران اباٹن ڪين ٻيو اڏيو،
وچائين ڪين واريءَ تي تڏو ۽ طول ڪا توئري.

پارسيءَ ۽ عربيءَ ۾ بہ نهايت سهڻا ۽ سليقي پريا شعر چيا اٿس.

حافظ صاحب جي ڪلام ۾ ظرافت بہ موجود آهي. جيڪڏهن ڪنهن تي ڪاوڙ اچي ويس تہ يڪدم مٿس شعر ۾ هجو شروع ڪري ڏيندو هو. يا وري هن تي ٺٺولي ڪندو هو.

سندس ڪلام "مخلص" صاحب 1926ع ۾ "ارمغان حامد" جي نالي سان شايع ڪرايو هو. سندس ڪلام جي مقبوليت جو اهو حال آهي، جو "ارمغان حامد" اڄڪلهہ ڇهون دفعو شايع ٿي چڪو آهي. "ارمغان حامد" ۾ سنڌي سي حرفيون، مداحون، غزليات، شجرا، تاريخي مادا، عربي، پارسي ۽ سنڌي غزل وغيره اچي وڃن ٿا.

انهيءَ کان سواءِ حافظ صاحب جا چيل خطبا، سڄيءَ سنڌ ۾ مشهور آهن ۽ گهڻين مسجدن ۾ پڙهيا ويندا آهن.

هن هيٺ سندس ڪلام مان انتخاب پيش ڪجي ٿو.

**انتخاب**

چہ سحر آموخت يا رب چشم يارم،
خراب انداختہ است آن جملہ ڪارم.

سيہ زلفش چہ سودا داد در دل،
کہ هردم بيخود وبي اختيارم.

هوائي خاطر جز حضرتش نيست،
خيالي جز سرِ ڪويش نہ دارم.

بشوقِ عارضِ آن حُورِ پيڪر،
خداوندا کہ بس من بيقرارم.

چہ نقشم بست بردل عشقِ خوبان،
کہ پندِ ڪس نگيرد استوارم.

همي نالم بدرگاهش کہ روزي،
مگر باشد قبولِ اعتذارم.

چو منصور ار کنم دعويٰ بہ عشقش،
بود زود آن کہ بيني سر بدارم.

بشوقِ موعدِ وصلش کہ صبح است،
همہ شب ميرود بر انتظارم.

## مدح محبوب حقاني

سٽي عرض عارف الله لڳ امير،
سندم سيدا داد ڪر دستگير.
اتاهون اڳي اسم الله جو،
منو نام مرسل مني ماھہَ جو،
چئي چا چوان شان تو شاھ جو،
تون رهبر ٿيين رب جي راھہ جو.
سندم سيدا.....
بزرگيءَ ۾ ڀهرو ٿيو تنهنجو بلند،
تون اڪمل ولي اوليا ارجمند،
تون داور جي در جو پيارو پسند،
ڪرين شاھ شادان دلِ دردمند،
سندم سيدا.....
خصومت رکي خارجي خام خر،
ڇڏي ڪين سو تو شقي شوم شر،
منافق مري منهنجو مردود مر،
وڃي پورجي پير دشمن جو در،
سندم سيدا.....
دلئون دانهن منهنجيءَ جو تون داد ڪر،
عطا علم ايمان امداد ڪر،
بقا وارو منهنجو تون بنياد ڪر،
خدا لڳ سندم خانو آباد ڪر،
سندم سيدا.....
ذليل آهيان سڄ زاري سنديم،
وئي عصيان ۾ عمر ساري سنديم،

تـوريءَ تـوه تـڪيـو نـہ تـاري سـنديم،
ڪريـن غـوث تـون غمگسـاري سـنديم،
سندم سيدا.....
همہ حاج "حامد" جي سائين سُـڪار،
وڏا پيـر وڏيـون تـون ڏاتيـون ڏيـار،
مڙئي ميٽ مشڪل تون اوکيـون اڪـار،
نہ در ٻئي جي داتـا سندم ڪم سپار،
سندم سيدا.....

## سي حرفي

اَلف اوچتـي اچ انـايس عمـر،
سـوين ڪيـام سـڏڙا نـہ پهتـي پهـر،
ڪيـس ڪالهہ آڻـي ونـي ڪـان وڳـر،
نظـر بنـد نيـَرن ۾ سـوگهي سـبر،
پـري پـائران منهنجـا سـانگي سـڌر،
ابـاڻن ري اچ ڪيـر لهنـدوم ڪـر!
بکـون ب مٿـم بنـد تسـيا تمـام.
پچـان پـور پـر ڏيهہ ڪونيـون قيـام،
سـدا سـومرا سـخت مـون تـي مـدام،
ٻيـا ٻيڙيـن ۾ ڏهـاڙي ڏمـر.
سـدا ث ثبـاتي نـہ ڪوٽـن ڪـي ڪـا،
ميان مـاڙيون تنهنجـون وينديـون ٿـي وا،
هميشـہ نـہ هونـدو اهـو يـا ڳ يـا،
پيـا ڳـالهيون ڳٺينـدا مڙئـي معتبـر.
خبـر خ نـہ منهنجـي پنوهـارن پڇـي،
نہ ذارين سان دل جي ڪپر مون ڪـُڇي،
وهايـام ويهـي لوهـن ۾ لـُـڇي،
رساٽيـَـم روئـڻ جـا اُيـن ۾ اثـر.

اتـــم د دل ۾ توهـــر تـــر تـــڌو،
رســو روح جــو ســاڻ بيڙيــن بـڌو،
ستـي رات سـهٽو مــون ليٽــي لــڌو،
تــہ وڙڪيــو ولهــارن ۾ واريــان ولــر.

ڪــري س ســڌڙا اتينـــدي اســـير،
تـــ مـــاڙين ۾ مـــاري ڦوڙائـــو فقيـــر،
ٻـڌي ڪانـ باڪـار مئـيءَ جـي مليــر،
اباڻـا اڳــاهون، تــورو پنــڌ نـــ تــر.

ڪيــان ش شـــيرا نـــ تنهنجــا تســـي،
لنگهايــان لنگهــڻ روز روئنـــدي رســـي،
رڏي رات هونـــدي پنوهـــارن پســـي،
ســندن ســيڪيل ســاريان تــي ســـگر.

عمـــرع آهــي نـــ ويجهـــو وطـــن،
مئــي مــاڙيين ڪيــر ڏينــدم ڪفــن!
ڪنـدم شــال ڪنڌيــن ڏراڙيــون دفــن،
پڪيــن پــار ڪــر منهنجــا پونــدا پٽــر.

ڪيـم ڪ ڪوٽـن تـــي نڪـري نهــار،
تہ ساٽيهہ ڏي سَمهين ڪي تاڙي تنوار،
اُبـــون ابـــر اپ ۾ متـــان هئـــا مـــلار،
ڏنـم ڏِس متـي ڪـرڪ وسـندا ڪڪـر.

لڪان ل سو ڪيئـن پنوهـاريون پڙهـن،
ورق ويڌنــا منجهـــ ســـٽيو ســـڙن،
هزاريـــن متـــي حـــرف ڳوڙهـــا ڳـــڙن،
ٻڌيــو بــاڦ بــاري تــي خــاطوءَ خبــر.

هييــن هيــر هـ وه وطــن جــي وٽــي،
اپيئيـــاس اوڏاهيـــن اکڙيـــون کٽـــي،

سنياليوم ستار دل ۾ ڏٺي،
تہ ڪڏهن سندا قيد ڇڄندا ڀهر!

لڪين لام جاڳيو تي جانان ڀري،
تہ والي وطن واڳ منهنجي وري!

هتي شال "حامد" سندم ڀت ڀري،
آهي ڏاٺ ڏولي سان پاسي ڏنگر.

## فراق جون دراز راتيون

عمر ڪوٽ ۾ عمر آندي آهيان،
ملڻ ڪاڻ مارن جي ماندي آهيان.
نہ سرتيون نہ سانگي نہ مارو مليس،
سليان ساڻ ڪنهن سور جو منجهہ سرير.
پريان ڏار ڀهرين مون رنج رات تي،
ڪپت ۾ ڪٽي پار پريات تي.
تي ٻر ٻر ڪريان ٻيءَ سنياليو سڄر،
ڪتي ملڪ مارو ڪتي ويڙهہ ور!
تري ڪين تي رات من ڪان مليس،
اداسيو اپر لاءِ سانگين سرير.
چريم چاڪ چوٽينءَ هيين منجهہ هزار،
نہ وسرن وري وير ڪنهن مون ولهار.
ڇهينءَ رات پيا ڇيهہ منهنجا ڇڄي،
اڪين آب وهايو جيئن بادل ٻڄي.
نئون نوئينءَ پيو مامرو من مڃي،
تہ پڇيس نہ پرينئون اباڻن اچي.
وهايام ويهي ڏهين ڏسڪندي،
جڏو جيءُ ڪيو سور سانگين سندي.
اتيا ابر ارڙهينءَ ڏونهہ مارن ملار،
وٺي شال ورندام سانگئون سنگهار!

اتـــم آس **اوٺهينءَ** تـــہ مـــارن ملـــي،
چوندبينديـاس چيڙيـون ۾ ڪيتـن ڪلـي.
الله آڻ **ايڪيهن** ڪـو وانگـي وٺـانِ،
ٺـئي سـاه سـرهو سـٺي سـڌ سـندانِ!
ٺمـائين **ٽيويهن** نديـون نيـر نيـڻ،
پيـا يـاد پـائر جـا سـانگي مـون سيڻ.
سـتي سـئام سـاٽيهہ جـا **چوويهن** چـڙا،
اٿـان تـان اجـا قيـد قـابو ڪـڙا.
چويهـَن چانگڙيون هو جي چوڙيون هنن،
ٺـا آڏا اڪيـن ڪـي سـي قـرڙا قـرن.
ڏسـي حـال "**حامد**" جـو عـاجز اپـر،
معـافي مدايـون ڪـرم سـاڻ ڪـر!
تـون رحمـت ڏٺـي رب بخشـين بديـون،
تـون ڏڪيـن ڏيـن ڏان، ميٺيـن مديـون!
لاهيـن لـِڪَ انـدر تـون مڙئـي مـامرو،
عطـا تنهنجـي جيـڏو اتـم آسـرو!

## غزليات

مٺو چاڻ مون ڪي جي ويندين وٺام،
پريـن تـون پڇاڻـان حيـاتي حشـر.

---

ڪٺي مسـلمانيءَ ۾ منهنجـي سـپ خيـانت تنهنجـي خـال،
ديـن، دل، ايمـان، هڪـڙي نـاز نيڻـن جـي سـان نـاس.

---

ڪـيچ تـہ ڪـوري ڏيـن توڪـي اڻ ملهـو مشـتاق مـاس،
ڏينهـن جـو ڏسـندا ڏجهـڻ، ڪـچ ڪـو ينـيءَ پيـرو پـلا.

---

جيئن جڳان اڳرو سند ئي جاني جمال،
تيئن محبت منهنجو من ڪيئڙو ڪمال.
هڪ سڄڻ جي سوز واڍوڙيو وجود،
تيو هڄي حيران هينئڙو هوش حال.

---------------

ٿيم عيد آيا اڳڻ مون عجيب،
وڇوڙيا وري ٿيا هيڪاندا حبيب.
ڪُليو گل خزان ويو ٿيو باغين بهار،
پٽي شاد بلبل، نوازي نصيب.
چمن پاس چٽڪي سوين پت سرود،
وصل جي واڌائي سان اڄ عندليب.

---------------

ڪري سينگار صورت جا جڏهين جلوا وجهين جاني،
حسد ڪن حسن تي حورون پوي پرين پريشاني.
صنوبر سوڏي قد دلبر جي ڪئين شمشاد شرمايا،
پسي قامت قريبن جي ٿئي هر ڪنهن کي حيراني،
اکيون ڪاريون ڪجل ذاران، ڪندو سينگار سرمون ڇا،
ضرورت ناهه زينت جي، جنهين کي رنگ روحاني.
بہ مشڪين زلف موچارا اتم عنبر ڪان ارڏي جا،
ڪيا لعلِ بدخشان لب جهڪا ياقوت روماني.

---------------

دورنگن دهر ۾ چاتو هنر هي،
هيين ۾ هڪڙي ٻي وات وائي.
وفا جي ول سچي سائي نہ ڪٿهين،
جهپٽ جهولي جفا جي سا جلائي.

---------------

ڪالهہ جن لئہ ٿي ڪتيم، سي هوت هٿ هاريون نہ اچ،
ڪس اچن ڪيچين سوا پنيور بازاريون نہ اچ.
ڪان قابو قرب جو جيڏيون هنيو جوڙي جتن،
باڻ باروچي ٻيون ڪي مون مثل ماريون نہ اچ.
هُئي سڳي، تان سور منهنجو سر وجهي ساٿم هلي،
قاف ۾ ڪنديون ڪشالا درد ري ڏاريون نہ اچ.
چوٽين چڙهنديون چريون ڏوريديون ڏونگر ڏکيون،
هيڪلي هاڙو مٿينديون هاءِ هوشياريون نہ اچ.
لاڙيو نيئي لکن تان سات سرواڻ سنجهي،
بر متي باهيون بلوچن مون ٻڌيون باريون نہ اچ.
ڏاڪڙا ڏاکن جا ور واٽون ونگيون پٽيون پهاڙ،
برهہ مون پاڳي وڌا ورنديس ڏسي واريون نہ اچ.
وڻ وندر جا منهنجي واڪن ٻاڦ سان باريا نہ ڪوه،
هي ڇپون ڇپرن سنديون چو منهنجي ڏک ڏاريون نہ اچ!
يا تہ جيءَ گهريون جتن سان ڳالهيون ڳرهيم ڳُجهيون،
يا تہ باروچا ٻڌن منهنجون ذرو زاريون نہ اچ!
ٽيون پٽن پيڙو ڪٽيو سو سور سيني ۾ سدا،
"**حامدا**" ري هوت ڇُرنديون وره ويچاريون نہ اچ.

---------------

محرم نہ ڪوبہ منهنجو هي سور ڪنهن سٺايان،
اغيار سين اهو ڳجهہ چوئي پڌر نہ پايان.
ايندم ڪڏاهين سپرين جن لئہ تو ساهہ ساري،
محبوب جي ملڻ جا پلپل پهي پچايان.
پهچي سگهان نہ پرين قاصد وجي نہ ڪوئي،
پيغام پيش پرين، ڪنهن جي هٿان هلايان!
سانڍڻ نہ سڪ سهان تو مشهور ٿي محبت،
نئون عشق ڪيو نظارو لڳي پرت ڪيئن لڪايان!

سر مال ساهہ صدقو گهرتڙ متانئس گهوريان،
جيڪر اڇيم جاني لحظي اندر لٽايان!

دربار دوست منهنجي سلطان ٿيا سپاهي،
آءُ ڇو پيش ان جي چاڪر نہ پاڻ چايان؟

ميثاق ڪان تي منهنجي آهي جا آشنائي،
"حامد" حبيب سان او ناتو نہ ڪيئن نيايان!

---------------

اتم عهدو عجيبن سان الستئون آشنائيءَ جو.
مٿايان ڪيئن محبن سان سخن سالم سچائيءَ جو.

نہ چاٽان يار هيئن چاڪي، وساريو وصل ڪان مان ڪي،
ڏنو هي پَهہ پرِيان ڪي، ب سُري ڪنهن بي وفائيءَ جو.

اسان لنئون لال سان لائي، ڪيو پختو پيچ ڪو پائي.
ڏجهڻ چاڪاڻ ڏرمائي، رکيو من منهن منائيءَ جو.

سڄڻ مون ساڻ منجهہ صحبت، ڏسي هوڙن کي ٿئي حسرت،
پوي سرشال شر شامت، ڪلالن کي ڪُڏائي جو.

ڪيم ڪَئين ڪيرتون ڪارون، سٽي لڏيئي نہ مون سارون،
ٿيم در دوست تو ڏارون، جيئڻ مشڪل جدائيءَ جو.

چئج پانڌي پلئہ پائي، پريان جي پيش ڪنڌ نائي،
تہ بانهن ساڻ پاجهائي، ڪجا پيرو پلائيءَ جو.

ويا سپ ويچ لائي وس، پريتم تون حال منهنجو پس،
نہ ڏاهن ڪان ٿئي تو ڏس، اندر جي غم اگهائيءَ جو.

وڄهيو گهنڊ، گهور سان گهائين، نہ پئہ بي ترس ڪو پائين،
ڦٽو ڪر لاڏ لڪَ تائين، ويچارن سان وڏائيءَ جو.

اچي اي دوست دلداري، ڏي "حامد" کي تون هڪواري،
پلا پر جهل تئج باري، ڪمينن جي ڪچائيءَ جو.

## هزل

حافظ ’حامد‘ نهايت برجستہ هزل گو بہ هو. سندس هزليات مان هڪ پيش ڪجي ٿو، جنهن ۾ سيد غلام محمد شاهہ ٺٽائيءَ جي ملڪيت تي ناجائز قبضو، ڪورٽ ۾ معاملي جو وڃڻ ۽ شاهدن جا بيان ۽ سچن ۽ ڪوڙن جي جنم پتري بيان ڪيل آهن.

مومنو، دل سان ٻڌو منهنجي مـڙي هـيءَ مـاجرا،
ڪيئـن مسـلمانن مـڙي آلِ نبـيءَ سـان ڪيـو ايـذا.

هن تہ پنهنجو حق چڪيو، سرڪار ۾ سادات تي،
تنهن ڏسي مومن مڙئي شاهد لڪايا شهر جا.

زور لائـي ظـالمن ڪـاريو گواهـن ڪـي گناهـہ،
سي ڪڏي هليا قسـم ڪـوڙي تـي ڪـورٽ ۾ ڪتـا.

ٿيا منجهن مومن مگر ڪي دل سچيءَ سان ديندار،
جي نہ پـوَ ڪنهن جي ڪان پليا رب جي ڳوليئون رضا.

نـام ان جـا تـو ڪريـان نـروار آءٌ هـن نظـم ۾،
جـي ٿيـا مومـن موافـق يـا مخـالف ٿيـا مـُـنا.

پهريـن پيئـڙو پـاپ ۾ ”قاسـم“ قسـم ڪـاٽو ڪٽـي،
سخت ڇاتي ڪين سُنهن جي تنهن جهڙيل جاهل جزا.

او ٻهـر آيـو تـہ ٻيـو ڪـورٽ وري ڪـو ڪـاريو،
لالـچي ليـندو لبوسـي پـوڪ اٿيـو بـي حيـا.

ايءُ نہ هو ارباب اصلي، هئي پٽس تي ڪانہ پڳ،
ڄـم ڪٽـي ڄـاموٺ بنيـو ڪالهہ يـارو سين قضـا.

ساڏ تـي ”سـامي“ هليـو تـي پٽنـج پـٽ پگـڙي ٻـڌي،
ساڪ پنهنجيءَ جا ٿي سي ڪنهن وٺ ڪيئين ڪوڙا قصا.

رام سـي راهـون منجهـايس نيـو الڪ اوڙاهـہ ۾،
نـام پٽـي ويـو نـرڳ ۾ هنـدو وهـائي سـر هچـا.

حيف هونـَئي تئيـن حلالـي ڪيـن ”مـانو مـل مڪـي“،
هـر طـرح حقـدار جـو ڪـائي نمـڪ تـو ڪٽـي خطـا.

ڪانـ خوبي ڪئي "خميسـي" جـو اسـان يـانيو اميـن،
بُـڌِ چڙهي باتي جي پٽ، ٿيو حق چوندي تنهـن حيـا.
تـف هجئي ڙي "سـاند سـما" ڪـاڻ توڪـي ڪانـہ هئـي،
ڪيئن ڪتـا ڪـوڙي قسـم جي بي سـبب ڪـاڏين بـلا.
ڪيئـن مـسـنين "مننـار" ۾ وجـايئي دزد ديــن،
سـاک ڪـوڙيءَ جي "سمي پوتـا" سـگهو ڪيندين سـزا.
ڪـوڙ تـي ڪلمـو يـري انصـاف "آگـي شـاه" ڪيـو،
غـرق ٿيـو غوطـو هڻـي سـادات سـڪـيءَ ۾ صفـا.
ڪين سمجهيئي "سومرا هارون" حق هو هـن طـرف،
هُـن طـرف حرڪـت حسـد رنـج نبـي خشـم خـدا.
توڪـي سربسـتي "سـليمان" هئـي حقيقـت حـال جـي،
ڏوهــ ۾ پئـي ڏيهــ ۾ گانــدبو ڪرايئـي چــو گــلا.
هـي تـہ ڪوڏيـا ڪـوڙ جـا بـاطل يلايـا بـي نصيـب،
هـاڻ حـامي حـق جـا سـاريان تـو سـي سـورهيہ سـچا.
پهرئيـن اُن مـان پڪـاريئون يـڪ دليـو "يوسـف ڳنييـر"،
تنهــن اتـــي ايمــان ســين آنــدو بهــادر حــق بجــا.
ڪيـن لالـچ ڪنهـن جي لرزايـو نـہ پئـہ بـا ديـن ڪيـو،
ڪئي "مـني ميمڻ" ڪـي ايءَ مردانگـي آگـي عطـا.
جـي ذريئـون دل ۾ رکـي "حـاجي محمـد" هـو هليـو،
لفــظ ســي الله ڪــارڻ ڪيئيــن امـــانت ســين ادا.
ڪيــن لاوڻ ڪـي لجـايو وقـت تــي "وريـــام خـــان"،
ڪيئـــن بلوچـــاڻو پـــلا بنيـــاد تينـــدو بـــي وفـــا.
سـچ چـوڻ جو صـاف سـچ پچ مـرد تـي سـاريو تـہ مـپ،
رمـز سـين رس ۾ جهلـي "معـروف" آنـدا بئـي متـا.
شـاهديءَ جـي شـروع موجـب حـرف "حـامد" جـي چيـا،
سـي لڳـا منهـن ۾ مخـالف جـي تراڙيـن ڪـان تڪـا.

# حافظ محمد يوسف

حافظ محمد يوسف ولد حافظ محمد هارون 1528هه ۾ اڳينءَ ٺٽي ۾ ڄائو. سندس والد، حافظ محمد هارون، پنهنجي وقت جو هڪ جيد عالم هو. سندس مڪتب مان ٺٽو ۽ ٻين ڳوٺن جا شاگرد دولت علم سان مالامال ٿي ويندا هئا.

**تعليم و تربيت**: حافظ محمد يوسف پنهنجي والد کان عربيءَ، پارسيءَ ۽ سنڌيءَ جي تعليم حاصل ڪئي. قرآن مجيد جي حفظ ڪرڻ جو بہ شرف حاصل ٿيس. اڳينءَ ٺٽي ۾ تعليم کان فارغ ٿي پنهنجي والد سان گڏ طلباء کي بہ تعليم ڏيندو رهيو ۽ گهر جي ڪم ڪار ۾ بہ پيءُ جي همراهي ڪندو رهيو. وڌيڪ علم جي تحصيل لاءِ پنهنجي والد جي ڪتب خاني جو (جو، حافظ عاليءَ جي زماني کان وٺي وٽن پشت بہ پشت هلندو ٿي آيو) مطالعو ڪندو رهيو. والد جي وفات کان پوءِ پاڻ ئي مدرسي جو مهتمم ٿيو.

**فضل و ڪمال**: جڏهن اڳين ٺٽو سنڌو درياءَ جي اٿل ڪري زير آب ٿي، تڏهن حافظ صاحب بہ ٻين ماڻهن وانگي موجوده ٺٽي ۾ اچي رهيو ۽ پنهنجو مدرسو جاري ڪيائين. موجوده ٺٽي ۾ سندس مدرسو اوج ۽ ڪمال تي پهتو. پري پري جا شاگرد، حافظ صاحب جي فيوض و برڪات مان مستفيد ٿيڻ لاءِ ٺٽي ۾ اچڻ لڳا. سندس ئي فيض ۽ تربيت ڪري ٺٽي مان "مخلص"، "فدا"، "حافظ شاه"، "دلگير" ۽ "بسمل" جهڙا مشهور عالم ۽ شاعر پيدا ٿيا.

حضرت صاحب خواجه عبدالرحمن سرهنديءَ جي ٺٽي ۾ سڪونت اختيار ڪرڻ ڪري، ٻين ماڻهن وانگي، حافظ صاحب بہ سندن مريد ٿيو. ٺٽي جي ساداتن ۽ عام ماڻهن جي استاد هئڻ ڪري ڳوٺ ۾ سندس حد کان وڌيڪ عزت ڪئي ويندي هئي.

حافظ صاحب تمام اعليٰ پايي جو خوشخط هو. سندس رسم الخط کي ڏسي ڇاپي جو دوکو ٿئي ٿو. ٺٽي جي سيدن جي شادين جا دعوت ناما ۽ خط پڻ حافظ صاحب ئي لکندو هو. انهن خطن جي طرز تحرير کي ڏسي معلوم ٿو ٿئي تہ حافظ صاحب جيد عالم هو.

**شعر و شاعري**: شاعري کيس حافظ عاليءَ جي ورثي مان ملي. پاڻ گهڻن ٺٽائي شاعرن جو استاد هو. سندس ڪلام زماني جي خورد برد ڪري ناپيد ٿي ويو آهي. سندس ڪلام اڪثر پارسيءَ ۾ هو، جو گهڻو ڪري اڌوهيءَ

جو ڪاڄ ٿي ويو. ڪجهہ سنڌي ڪلام هٿ آيو آهي، جو اڳتي هلي پيش ڪبو.

مون کي افسوس آهي جو آءٌ حافظ صاحب جهڙي برگزيده شخص جو وڌيڪ احوال هٿ ڪري نہ سگهيو آهيان ۽ نہ ئي هينئر سندس لائق فرزند مرحوم حافظ 'بسمل' زنده آهي، جنهن کان وڌيڪ معلومات حاصل ڪري سگهجي ها.

سندس اولاد مان "دلگير" ۽ "بسمل" بلند پايہ جا شاعر پيدا ٿيا. سندس وفات جو سال 1322هہ آهي.

**انتخاب**

ڪڏهن نہ پاڻ کان مون کي سڄڻ جدا ڪريو،
جي ڏين جان تہ اُنِ تي وري جفا ڪريو.
سڄي ڄمار ۾ هئي التجا اها منهنجي،
تہ هن مريضِ محبت جي ڪا دوا ڪريو.
پڪيڙي دام ڪيئي قيد دل کي ڪاڪل ۾،
ڪري قياس ڪو دل ۾ وري رها ڪريو.

---

داد دلبر سوا نہ ڏيندو ڪير،
هاڻ همراز منهنجو ٿيندو ڪير!
تنهنجي محفل ۾ مہ لقا مون کي،
ساڻ ساٿي ڪري سڏيندو ڪير!
اڪ ڦَري تي ۽ پڻ لنيو ڪانگل،
اڄ اڱڻ عاشقن جي ايندو ڪير!
جن کي مستي رهي محبت جي،
تن کي پلپل چئي پليندو ڪير؟

# حضرت الحاج الحافظ خواجہ محمد حسن جان رح سرهندي

آءٌ حضرات سرهندين جو هن ڪتاب ۾ ذڪر ڪريان، تنهن کان اڳي اهو ٻڌائڻ ضروري سمجهان ٿو تہ پير صاحبن جا سنڌ ۾ گهڻي ئي مريد خادم هئا.

۽ افغانستان مان هجرت ڪرڻ کان پوءِ خواجه عبدالرحمان کي گهڻن ئي عقيدتمندن گهڻيون ئي ميڙيون منٿون ڪيون ته اسان وٽ رهو. ايتري تائين، جو خان عطاءُ الله کين جاين جڳهن سان گڏ پنهنجي زمين مان حصو به ڏنو ٿي. مگر ڪنهن جو به عرض قبول نه پيو ۽ اهو شرف ٺڪڙ جي ڪلراٺي زمين کي ئي حاصل ٿيو. جتي خواجه صاحب رهائش اختيار ڪئي.

جڏهن وري خواجه صاحب جن حرمين شريفين مان واپس ويا، تڏهن به ٺڪڙ ۾ ئي سڪونت اختيار ڪيائون. هميشه رهڻ جي ارادي سان، اتي ئي پنهنجون جايون جڳهيون تعمير ڪرايائون. سندن وفات به ٺڪڙ ۾ ٿي ۽ سندن درگاه به اتي ئي قائم ڪئي وئي.

اجا تائين به "مقاماٺي مارن جي وجي تر تبان" جي مصداق پير صاحبن مان جيڪڏهن ڪوبه بزرگ، سنڌ ۾ ڪٿي به انتقال ڪري ته کيس مدفون وري به ٺڪڙ واري درگاه ۾ ڪيو ويندو آهي.

خواجه محمد حسن جان رح حضرت صاحب خواجه عبدالرحمان رح جو وڏو فرزند، 6 شوال 1278هه ۾، قنڌار ۾ تولد ٿيو.

**تعليم و تربيت:** اهو هڪ قانون فطرت آهي ته جڏهن ڪنهن به ٻار کي نديپڻ کان وٺي ڪامل استاد ۽ فائق اطاليق ملن ٿا، ۽ اهي استاد ٻار جي سڌارڻ لاءِ هر وقت ڪوشان رهن ٿا، تڏهن يقيناً اهو ٻار هڪ بهترين عالم ۽ فاضل شخص بڻجي وڃي ٿو. خواجه حسن جان کي ابتدا کان وٺي نهايت لائق ۽ فائق معلم مليا، جن مان ڪن وٽان پارسي، ڪن وٽان عربي ۽ ڪن وٽان فن حديث ۽ ڪن وٽان فقه جي تحصيل ڪيائين. ان سان گڏ پنهنجي والد بزرگوار کان به ججهو فيض پرايائين.

**قرآن ياد ڪرڻ:** سندس قرآن شريف ياد ڪرڻ جو به عجيب واقعو آهي. قرآن ياد ڪرڻ جو جڏهن کيس شوق جاڳيو، تڏهن لڪڇپ ۾، ياد ڪرڻ لڳو. کيس خيال ٿي پيو ته متان کيس حضرت صاحب جن گهڻي ڪم ڪار هئڻ ڪري منع ڪن. چوته هڪ دفعي اڳي به قرآن شريف ياد ڪرڻ لاءِ کانئن موڪل گهري هئائين، مگر پاڻ کيس

"ڪه عشق آسان نمود اول ولي افتاد مشڪلها"

چئي، منع ڪرڻ فرمائي هئي. انهيءَ ڪري لڪِي‌پ ۾ ٻاويهه پارا ياد ڪيائين، مگر پوءِ ڳالهه کلي پئي. جڏهن اها خبر حضرت صاحب جن تائين پهتي، تڏهن پاڻ ڏاڍا خوش ٿيا ۽ خدا جا هزار شڪرانا بجا آندائون ۽ باقي اٺ پارا سندن روبرو ياد ڪيائين. سندس حافظو ايتري قدر تہ تيز هو، جو جڏهين مصروفيتن هوندي بہ (ڇاڪاڻ تہ مڪي مڪرمه ۾ بازار مان سودو خريد ڪرڻ، استاد وٽ عربي ۽ حديث پڙهڻ ۽ حضرت جن جي خدمت ڪرڻ کان ڪيس ايڏي فرصت ڪانہ هئي) روزانو اٽڪل اڌ پارو ڪن ياد ڪري ويندو هو.

**پيري مريدي:** حضرت خواجه عبدالرحمان جي رحلت کان پوءِ، خواجه حسن جان سندس جاءِ نشين ٿيو. خواجه صاحب پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيترن ئي راه ڪان ڀٽڪيل مسلمانن کي عنانِ شريعت سان موڙي سڌي سنواٽي واٽ تي گامزن ڪيو. ڪيترن ئي ڪُور دل انسانن جي قلبن ۾ سندس وسيلي سان رجوع الي الله جو رنگ پيدا ٿيو.

**سياست:** سياست ۾ جيتوڻيڪ پاڻ ٻهرو نہ وٺندو هو، تڏهن بہ جتي بہ پنهنجي سمجهه موجب ملت محمديه جي مفاد جي ڳالهه ڏسندو هو، تہ پوءِ ضرور انهيءَ جماعت جي مدد ڪندو هو. پاڻ "مسلم ليگ" جي دل و جان سان مدد ڪيائين ۽ پنهنجي مريدن ۽ معتقدن کي "مسلم ليگ" جي مدد ڪرڻ لاءِ ترغيب ڏنائين.

**نثر نويسي:** خواجه صاحب نثر نويسيءَ ۾ يگانہ عصر هو. ڪيترا ڪتاب لکيا هئائين. جهڙوڪ:

شفاءُ الامراض: هيءُ ڪتاب عربي زبان ۾ آهي. منجهس تعويذات ۽ وظائف وغيره آهن. هي ڪتاب قلمي حالت ۾ سندس ڪتبخاني ۾ موجود آهي.

انيس المريدين: هن ڪتاب ۾ پنهنجي والد جي مڪمل سوانح حيات ۽ طريقہ نقشبنديہ وغيره تي تبصرو ڪيو اٿس. ڪتاب پارسيءَ ۾ آهي، ۽ سال 1328هه ۾، امر تسر ۾ "مطبع مجدديءَ" ۾ ڇپيو، ۽ مخلص ۽ دوستن ۾ مفت تقسيم ڪيو ويو. هي ڪتاب هينئر ناپيد آهي.

ترجمه عهد و مواثيق: اصل عربي زبان ۾ علم تصرف ۽ اخلاق جي باب ۾ امام شعرانيءَ جو لکيل آهي. شيخ عبدالرحيم سنڌي، جو نئون مسلمان ٿيو هو، تنهن خواجه صاحب کي عرض ڪيو تہ عربي پوريءَ طرح سمجهه ۾ نٿي اچي، تنهن

ڪري خواجه صاحب انهيءَ ڪتاب کي پارسيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ شروع ڪيو. اڌ ڪتاب جي ترجمي کان پوءِ، گهڻين مصروفيتن ڪري باقي ترجمو سندس فرزند حضرت عبدالله جان عرف شاه آغا ڪيو. هي ڪتاب غير مطبوع آهي.

انساب الانجاب: هن ڪتاب ۾ سيني مجددي خاندانن جو مڪمل شجرو وغيره آهي. هي ڪتاب لاهور جي مطبع "مشهور عالم" مان شايع ٿيو هو.

اصول الاربعه في ترديد الوهابية: هن ڪتاب ۾ رضا خانيءَ فرقي جي تائيد ۽ ديوبندي طريقي جي طريقي تي تنقيد ۽ ترديد ڪئي اٿس. هي ڪتاب ڇپائي مفت تقسيم ڪيو ويو.

طريق النجات مع رساله التنوير في اثبات التقدير: تصوف ۽ اخلاق جي فن تي جامع ۽ مختصر ڪتاب آهي، جنهن جو گهڻو حصو غزاليءَ تان ورتل آهي. آخر ۾ 'تقدير' جو بحث آيل آهي. هيءُ ڪتاب اصل عربيءَ ۾ لکيو هئائين، پر پوءِ سندس فرزند، حافظ محمد هاشم جان، عربيءَ جي سامهون اردوءَ ۾ ترجمو ڪيو. هي ڪتاب 1349هه ۾ لکيو ويو.

العقائد الصحيح في بيان مذهب اهل السنة والجماعة: هن ڪتاب ۾ هندستاني عالمن جي ٻن فرقن، ديوبندي ۽ بريلوي جي اختلاف مسائل لاءِ، بريلوي عقائد جي تائيد ۾ لکيو اٿس. هي ڪتاب عربيءَ ۾ اردو ترجمي سان گڏ "مطبع الفقيه"، امر تسر ۾ شايع ٿيو.

رساله تهليليه: هن ۾ ڪلمي شريف جي شرح ۽ تفسير آهي. هي ڪتاب 1354هه ۾، مطبع "رفاه عام" اسٽيم پريس، لاهور ۾ ڇپيو.

تذڪرة الصلحاعي بيان التقياءِ: هن ڪتاب ۾ انهن صالح ٻانهن جو ذڪر آهي، جن کي خواجه صاحب پنهنجي اکين سان ڏٺو ۽ ساڻن گفتگو ڪئي. هي ڪتاب 1248هه ۾ "مطبع نظامي" ڪانپور، وارن پنهنجي خرچ سان ڇپارايو.

پنج گنج: پنجن رسالن تي مشتمل ڪتاب آهي، جنهن ۾ عربستان جي سفر جو ذڪر ڪيو اٿس.

سفرنامه عربستان: هن ۾ حجاز، عراق ۽ شام جو سفر جيڪو 12 شعبان کان 17 ربيع الاول 1323هه تائين، خواجه صاحب ڪيو، انهيءَ جو احوال آهي. اصل پارسيءَ ۾ هو، مگر انهيءَ جو ترجمو سنڌيءَ ۾ به پيرا ڇپجي چڪو آهي.

الاشارة البشارة: هن ڪتاب ۾ حڪيم علي نواز شڪارپوري، جيڪي امام مجدد الف ثاني رح تي اعتراض پنهنجي ڪتاب "بشارت در اثبات" ۾ ڪيا، انهن جو جواب ڏنو ويو. هي ڪتاب غير مطبوع آهي.

رساله في باب صحة الجمعة في القريٰ: جڏهن خواجه صاحب "شابو" (ڪوئيٽا) ۾ اونهاري ۾ رهڻ ويندو هو، تڏهن اتي ڏنائين ته ماڻهو جمعي جي نماز نٿا پڙهن. اتي جي ملن جمع نماز جي صحت جو انڪار ڪيو. خواجه صاحب ملن جي سمجهائڻ لاءِ هي رسالو لکيو، جنهن ڪان پوءِ اتي باقاعدي جمع نماز ٿيڻ لڳي. هي ڪتاب عربيءَ ۾ لکيل آهي.

لغات القرآن: هن ڪتاب ۾ خواجه صاحب قرآن جي مشڪل لفظن جا آسان عربي لفظ ساڳيءَ معنيٰ وارا لکيا آهن. اجا قلمي آهي.

رساله در قواعد تجويد: هي رسالو قرآن جي قرائت ۽ تجويد متعلق لکيل آهي. سندس بيو ڪتاب، شرح حڪم عطاء الهي آهي.

**ڪتبخانو:** سندس خانداني ڪتبخانو (جو حضرت صاحب جن هجرت وقت بہ پاڻ سان انن تي ڪٺائي آيا هئا) نهايت اعليٰ پيماني جو آهي. منجهس ڪيترا قلمي ڪتاب موجود آهن. خواجه صاحب خود بہ ڪتابن جو چڻ عاشق هو. ڪيترائي قلمي توڙي ڇپيل ڪتاب مصر توڙي بين ملڪن مان آڻي، پنهنجو ڪتخانو سينگاريائين.

**شعر و شاعري:** خواجه صاحب جي شعر سان ڪا خاص دلچسپي ڪانہ هئي. ڪڏهن ڪنهن جذبي جي تحت ڪجهہ چوندو هو، پاڻ عربي ۽ پارسيءَ ۾ طبع آزمائي ڪئي اٿس.

خواجه صاحب 12 رجب 1365هہ ۾، تندي سائينداد ۾ وفات ڪئي. سندس لاش کي ٽَڪڙ واري درگاهہ ۾، سندس والد ۽ مرشد خواجه عبدالرحمان رح جي پير ۾، دفن ڪيو ويو. سندس پارسي ڪلام جو نمونو پيش ڪجي ٿو:

**انتخاب**

در وصف مدينه مطهره

ز اوصاف مدينه، هرچہ گويم قطره از دريا است،
عفاف آنجا، ڪفاف آنجا، صلواة آنجا، زڪواة آنجا.

خداوندا عطا ڪن بنده خودرا بفضلِ خود،
قيام آنجا، مقام آنجا، حيات آنجا، ممات آنجا.

اگر خواهي ڪہ بيني جنت الماويٰ درين عالم،
نشين در روضہ اطهر، بخواه از حق نجات آنجا.

...................

در فراق و مرثيہ پسر خود محمد شريف ڪہ در واقع
زلزلہ ڪوئيٽہ فوت شده.

بي تو اي راحتِ دل نعمتِ دنيا چہ ڪنم!
جان شيرين چہ ڪَنم، ديدهٔ بينا چہ ڪنم!
گر ز مخلوق بُدي چارهٔ خود ميڪردم،
با قضا و قدرِ خالقِ يڪتا چہ ڪنم!
فرقتِ روئي تو اي جان پدر زخم دل است،
زخمِ ناصور بگرديد، مداوا چہ ڪنم!
گربہ پرسيدنِ من رفتنت اي جان بودي،
جان و مالم بعوض دادمي، اما چہ ڪنم!
صبر و توفيق و رضا بخش بمن اي مولي،
يا به ايمان ببرم، غير تمنا چه ڪنم!

..................

تاريخ وفات حضرت عبدالقدوس رح عرف شيرين جان آغا
ڪہ بر لوحِ مزارِ او نوشتہ اند.

شيخ عبدالقدوس حق آگاه،
ڪرد زين دار بي بقا رحلت.
شبِ پنجشبہ چهارمِ عاشور،
روح شان شد رواڻ سوي جنت.
سال ترحيل او بگفت "حسن"
لفظ مغفور با سرِ حسرت. 1326+ 8=1334

## محمد هاشم "مخلص"

محمد هاشم "مخلص" ولد حافظ حاجي "حامد" 1278هہ مطابق 1869ع ۾، اڳينءَ ٺٽ ۾ ڄائو. سندس استاد حافظ محمد يوسف هو، جنهن وٽ سنڌي پارسي ۽ قرآن شريف پڙهيو هئائين.

حافظ حامد، سندس والد محترم، نابين هو ۽ وڏيءَ عمر کي پهچي چڪو هو ۽ اڪيلي هٿڻ ڪري ڪم ڪار بہ نٿي ڪري سگهيو. انهيءَ ڪري "مخلص" پڙهڻ ڇڏي، پنهنجي ڪٽنب جي پرورش لاءِ، پيءُ سان همراهي ڪرڻ لڳو. والد سان گڏجي ٿر ۽ ڪڇ جي سفر تي بہ ويندو هو.

**اخباري دنيا جو سير:** "مخلص" جي زندگي در حقيقت شروع ئي اخباري دنيا کان ٿئي ٿي. انهيءَ وقت جي اخبارن، "آفتاب سنڌ" ۽ "خير خواهہ" ۾ سندس مضمون ڇپبا هئا. ڪجهہ وقت "خير خواهہ" جو ايڊيٽر بہ ٿي رهيو.

**"الحق" ۽ جلاوطني:** "مخلص" 1901ع ۾ پنهنجي هڪ اخبار "الحق" نالي حيدرآباد مان جاري ڪئي، جنهن جو ايڊيٽر بہ پاڻ هو. سندس قلم ۾ ايترو تہ زور هو، جو پڙهندڙن جي دلين تي تير و نشتر جو ڪم ڪندو هو. انهيءَ ئي قلم جي شوخيءَ کيس قانوني شڪنجي ۾ اڙائي، پنهنجي وطن کان دور ڪيو.

سرڪار کان روپوش ٿي جوڌپور، ناگور ۽ بيڪانير ۾ گهمندو رهيو. اتي پنهنجو نالو ڦيرائي 'قاضي ناصر علي' رکيائين. اتي جي ماڻهن کا اردوءَ ۾ شعر ٺاهي ٻڌائيندو هو. جنهن بہ محفل ۾ ويندو هو، تہ اها محفل سندس ظريفانہ نڪتن ۽ شعر و سخن سان گرم رهندي هئي.

**وطن ڏانهن ورڻ:** جلد ئي اباڻن جي اڪنڍ ۽ اڪير ٺٽو ۾ آڻي ڪڍيس. سندس ئي صلاح سان علامہ اسدالله شاهہ "فدا"، 1906ع ۾، "بهار اخلاق" نالي هڪ رسالو جاري ڪيو، جنهن ۾ هر مهيني "مخلص" جا "ناصر" جي نالي سان مضمون ۽ شعر شايع ٿيندا هئا.

انهيءَ وقت ۾ ميان هدايت الله "مشتاق" متعلويءَ جي لکيل ڪتاب "ڪواڪب السعادت في شرح مناقب سادات" تي سنڌ جي ڪيترن عالمن اعتراض اٿاريا. انهن مان مولوي احمد آبڙيءَ واري جي رد ۾ "ناصر" صاحب هڪ ڪتاب "سيف الله المسلول" لکيو، جنهن جي پڙهڻ سان "مخلص" جي قابليت جو پورو پورو پتو پوي ٿو. جيتوڻيڪ انهيءَ ڪتاب ۾ پنهنجي عادت مطابق شوخي اختيار ڪئي اٿس، تڏهن بہ سندس طرز تحرير لاجواب آهي.

**"جعفر زٽلي" ۾ ڪم ڪرڻ:** ٿوري وقت کان پوءِ، مرحوم غلام محمد خان پرڳڙيءَ حيدرآباد گهرايس. اتي "جعفر زٽلي" ۾ 'ماستر عبدالرحيم شائق' جي نالي سان پنهنجي قلم کي جنبش ۾ آندائين.

**آزادي ۾ "الامين"**: سال 1931ع ۾، پرگڙي صاحب جي ڪوشش سان ڪيس آزادي ملي. پرگڙي صاحب "الامين" نالي اخبار جاري ڪئي، جنهن جو ايڊيٽر "مخلص" ٿيو.

**مسلمان**: 1924ع ۾ "زميندار ائسوسئيشن"، ميرپورخاص، پاران ميرپور خاص مان "مسلمان" اخبار جاري ڪيائين، جا 1933ع تائين ڏاڍي زور شور سان هلي. انهيءَ وچ ۾ "مخلص" جي نظر بہ موڪلائي ويئي. تڏهن بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪم ڪندو رهيو.

**ظرافت**: جيتوڻيڪ "مخلص" جو قلم سخت هو، پر سندس زبان تکي نہ هئي، هو هميشہ خوش طبعيءَ سان اهل محفل کي وندرائيندو هو.

**نقل**: منهنجو والد مرحوم ڳالهہ ڪندو هو تہ "آءٌ ننڍو هوس، تڏهن هڪ دفعي مون هڪڙي ڪڪڙ خريد ڪئي. اها ڪڪڙ اجا منهنجي هٿ ۾ ئي هئي، تہ اوچتو 'مخلص' اچي نڪتو، ۽ مون کي چيائين تہ: 'بابا، انهيءَ ڪڪڙ ۾ پائيواري رکندين؟' مون جواب ڏنو تہ: 'هائو'، تڏهن پاڻ يڪدم کلي چيائين تہ 'چڱو آنا منهنجا ۽ وِنيون تنهنجون!'"

**لطيفو**: هڪ دفعي ڪنهن سرجن کيس جانورن جي اسپتال پئي ڏيکاري، جتي گهمندي گهمندي سرڪاري ڪتن وٽان اچي لنگهيا. ڊاڪٽر صاحب "مخلص" کي چيو تہ: "ڏسو تا سرڪاري ڪتا، ڪهڙا نہ آسودا پيا پلجن!" "مخلص" برجستو جواب ڏنو تہ: "سرڪار بهادر جي دور ۾ قدر ئي ڪتن جو آهي!"

**لطيفو**: هڪ دفعي ڪنهن دوست وٽ صبح جو سويل ويو ۽ هن چرچي طور کيس چيو تہ: "محمد هاشم! اوهان جي نظر صبح ساڻ مون تي پئي آهي، اهو سوڻ اوهان لاءِ چڱو ڪونهي." پاڻ جواب ڏنائين تہ: "فڪر ڪونهي، مون اوهان کي ڏسندي لاحول پڙهي ڇڏيو آهي."

"مخلص" صاحب، 2 فيبروري 1934ع جمع رات، رت جي دوري بند ٿيڻ ڪري، ميرپورخاص ۾ رحلت ڪري ويو. سندس لاش کي اتان کڻائي، ٺٽڙ جي پير ۾ سندس اباڻي قبرستان "شاهہ ميران" ۾ دفن ڪيو ويو.

**شعر و شاعري**: "مخلص" کي ننڍپڻ کان وٺي شاعريءَ جو شوق هو، پر جڏهن بہ ڪو ڪچو ڦڪو شعر چوندو هو، تہ والدُ کيس منع ڪندو هو تہ "شعر نہ چئو" ۽ مجبوراً والدِ جي حڪم جي تعميل ڪندي خاموش ٿي ويندو هو.

هڪ دفعي، ٽر جو سفر ڪندي "ٽڙ احمد" ۾ آيو. "مخلص" ڪوهه تي بيٺل هو، تہ اوچتو هڪ نازنين دوشيزه آئي ۽ پاڻي ڀري "مخلص" جي دل بہ پاڻ سان کڻي ويئي. اوڏيءَ مهل "مخلص" جي گهايل دل مان هي موزون فقرو نڪتو:

دلي سان گڏ کڻي ويو دلربا دل!

اها مصرع والد کي ٻڌايائين، جنهن کان پوءِ کيس شعر چوڻ جي اجازت ملي. پوءِ تہ "مخلص" مجسمۂ شاعري بنجي ويو. وري جو مرحوم غلام محمد شاهہ "گدا" جي ٽکڙ ۾ آمد ٿيندي رهندي هئي، تنهن سان صحبت ٿيس ۽ سندس شاگرد ٿيو. تنهن "مخلص" جي شاعريءَ کي چمڪائي ڇڏيو. "گدا" شاهہ جي استاديءَ جو اعتراف "مخلص" پنهنجن گهڻن شعرن ۾ ڪيو آهي، جيئن:

اڄ "گدا" شاه رونق افزا ٿيو،
منهنجو استاد قدردان آيو.
"مخلصا" تيغ زبان سين بمدد مير "گدا"،
صيد مضمون معانيءَ جا ٿو نخچير ڪريان.

هڪ تہ حافظ "حامد" جو فرزند، ٻيو "گدا" شاهہ جو شاگرد، ٿيون وري ٽڪڙ جو شعري ماحول، تنهن "مخلص" کي رڱي ڇڏيو. ڪنهن بہ ڳالهہ تي في البديهہ اهڙو موزون شعر چئي ويندو هو، جو ٻڌندڙ حيرت ۾ پئجي ويندا هئا.

هڪ دفعي سانوڻ جي مهيني ۾ "جون واهہ" تار وهي رهيو هو. هڪڙو سيد پنهنجي پٽ کي سمجهائي رهيو هو تہ "ابا، جون واهہ تار وهي رهيو آهي ۽ تون اڻ تارو آهين، ڪڏهن پلجي بہ متان وهنجڻ وڃين." "مخلص" صاحب بہ اتي موجود هو. يڪدم چئي ڏنائين:

"اهوئي فرض آهہ تو شاه تي،
نہ هزگر وڃ تون ڪڏهن واه تي!
ٿئي جيڪڏهن غسل جو تو ضرور،
تہ پڻ 'جون' جي تون نہ وڃجانءِ مور!"

گورنمينٽ کان روپوش ٿي "مخلص" جيڪي تڪليفون ڏٺيون، تن جي ذڪر ڪرڻ سان دل کي صدمو پهچي ٿو. روپوش ماڻهو- بي يار و مددگار. اهل ۽ عيال جو بار مٿي تي- سڀ ڪم ڪار پنهنجي سر تي هوس. پاڻي ڀرڻ، گاهہ ڪرڻ، ٻيرن مان پلڙا ۽ ٻوري روڙڻ. مطلب تہ هرڪو پورهيو پاڻ ئي ڪندو هو.

هڪ دفعي، سندس مٽو اگهاڙو، پير اگهاڙا، ور ڪنيل، مٽي تي ٻلڙن جي پري- رستي تان وڃي رهيو هو، تہ واٽ تي هڪ همدرد ملي ويس، جنهن ڪيس اهڙي حال ۾ ڏسي، خواجه حافظ جو هيءُ شعر چيو:

اسپ تازي شده مجروح بہ زير پالان،
طوق زرين همہ در گردن خرمي بينم .

"مخلص" صاحب پلڙن جي پري مٽي تي هوندي في البديهہ هي بيت چيا:

اسپ تازي شده مجروه بہ زير پالان،
بار بردار ٿيو آهہ سو خچر جي اڳيان،
ارزلن جا ٿيا محتاج شريفانِ جهان،
هيچ تي لعلِ بدخشان تہ پٿر جي اڳيان.

**سندس ڪلام:** "مخلص" صاحب پنهنجي ڪلام ۾ گهڻو ڪري عربي ۽ پارسي لفظن ڪان ڪم ورتو آهي. ڪڏهن ڪڏهن صاف سنڌي بہ ڪم آڻيندو هو. جيئن هڪ دفعي آخوند يار محمد متعلويءَ پنهنجو غزل "مخلص" کي ڏيئي چيو تہ "هن طرز ۾ جواب ڏي!" آخوند جي غزل جو هڪ شعر هي آهي:

اڄ قربئون ڪڏهن نجهري نمٽن،
وسن تنهنجا سدا شل دوست ديرا .

"مخلص" جي جوابي غزل ۾ صاف سنڌي ملاحظ ڪريو:

ڪري ڪيچي هليا ٻانيڻ کي ٻيرا،
جتن جي لئي جلن تا جان جيرا .
ڪنديس هاڙهي ۾ هڪلون لاءِ هوتن،
نهاريندس وڃي پب پاس پيرا .

**سلاست ۽ رواني:** "مخلص" صاحب اوچي خيال کي نهايت سليس لفظن ۾ اهڙيءَ طرح جڙي ڇڏي ٿو، جو پڙهڻ سان دل بهار بهار ٿي وڃي ٿي:

روبرو يار نہ دانهنِ ڪان ٿو دلگير ٿئي،
آه و زاري پس ديوار ڪريان يا نہ ڪريان.
الفتِ ڪاڪل، دلدار ڪريان يا نہ ڪريان.
دل کي آفت ۾ گرفتار ڪريان يا نہ ڪريان.

**تخيل:** "مخلص" صاحب غزل ۾ نوان نوان مضمون نئين رنگ ۽ ڍنگ ۾ پيش ڪرڻ جو ڪوڏيو هو. سندس ڪلام ۾ سنا سنا خيال ملن ٿا. سندس خيال جو پرواز ملاحظ فرمايو:

اڄ ڏسي تنهنجو تہ رخ خورشيد مثل،
صبح پڻ ڦاڙيو گريبان، واهہ واهہ!
برق تي آهي تبسم ۾ عيان،
واه واه هي عڪس دندان، واهہ واهہ!
صفحۀ رخ جي تلاوت ڪان مون ڪي،
آهہ ٿيو اڄ حفظ قرآن، واهہ واهہ!

**جامعيت:** "مخلص" جي ڪلام ۾ هيءَ بہ هڪ خوبي آهي، جو هڪڙي ئي بيت ۾ سڀ ڪجهہ چئي ڇڏي ٿو. ڪٿي تشبيهہ يا استعاري ۾، ڪٿي ڪنهن خاص رنگ ۾، هڪ وسيع مضمون ڪي، جنهن جي تشريح لاءِ هوند ڪافي عبارت گهرجي، نهايت صفائيءَ ۽ رواني‌ءَ سان ادا ڪري ٿو:

اڪثرين ڪي هرڻ سمجهو، تہ هر خال ٿيو نافہ.
دلبر جو همہ حسن محاصل ٿيو ختم جو.
ڪيئن نالۀ بلبل ڪيو عبث خلق ڪي بدنام.
اي يار، پڇو گل ڪان سبب جامہ دريءَ جو.
ڏڪوئين ڪيئن تو دل بلبل سندي تون؟
نہ فصلِ گل جون ڳالهيون ڪر خزان ۾!

..................

شمع پروانن ڪي ڏئي ٿي جاءِ محفل ۾ متي،
عاشقن جي بزم جانان ۾ عجب توقير آهہ.

**منظر نگاري:** منظر نگاريءَ ڪي ڏسو، جنهن ۾ امام حسين عليہ السلام جي شهادت جو ڇڻ اکين ڏٺو احوال ڏئي ٿو:

جهنڊو خداي پاڪ جو بلڪل ٿيو سرنگون،
يعني ڪريو زمين تي امام فلڪ مقام.
لب خشڪ، دل ڪباب، بدن غرق خون ناب،
سينو قتيل ٿيو نيزه و شمشير سان تمام.

**ظرافت ۽ طنز:** هن فن ۾ "مخلص" صاحب يگانہ روزگار هو. سنڌ ۾ ظريف الطبع شاعر تمام گهٽ پيدا ٿيا آهن. جيڪڏهن پيدا بہ ٿيا هجن، تہ بہ سواءِ مرحوم "بلبل" ۽ "مخلص" جي اڄ ٻين جو نالو نشان گم آهي.

"مخلص" صاحب موالين، مغرب زده زالن مردن، راشي ڪامورن ۽ ليڊرن جي چالبازين وغيره کي، ظرافت جي پردي ۾، اسان جي اڳيان نهايت بيباڪيءَ سان عريان ڪري ڏيکاري ٿو. البت ڪڏهن ڪڏهن بي خياليءَ ۾ يا عمداً ڪي ڳتا لفظ بہ سندس قلم مان نڪريو وڃن. پر انهيءَ کي سندس طبع جو زور ۽ رواني چئجي يا ظرافت جي فن ۾ انتهائيت سمجهي، گرفت نہ ڪجي، تہ چڱو آهي.

نئين فيشن جي نئين محبوب جو لباس ملاحظہ ڪريو:

نيم برقعي تي ستر تائين ڇڙهيل ان کي جُراب،
سينءَ صاف تي جا ڪٽ وري پيوستہ ڏنم.

"مخلص" جي هيءَ بہ هڪ خوبي آهي تہ ڪنهن ڳالهہ کي نهايت سليس رنگ ۾، پنهنجا خود ساختہ قافيہ ڪم آڻي، اهڙو نقشو ٺو چٽي، جو کلندي کلندي پيٽ ۾ سور.

هڪ شخص، تُرڪي ٽوپي پيل، وڏي ڏاڙهي، ٽائي ٻڌل، ٽم ٽم ۾ ڇڙهيل، "مخلص" کي مليو ٿو. سندس احوال "مخلص" کان ٻڌو:

ديديم ٽمٽمي را، شخصي ڇڙهيده بوده،
گردن ۾ ان جي ڪالر ٽائي لڳيده بوده.

حالت جا ان بنائي، ڪهڙو بيان تنهنجو،
سر تي ٽي ترڪي ٽوپي، ڏاڙهي ڏڪيده بوده.

ان کان پڇيم تہ مسٽر ڪاڏي اوهين وڃو ٿا،
چيائين تہ 'ماٺ اُلو!' شايد رنجيده بوده.

پيڇو ڇڏيم نہ ان جو، پنيان ٿيس روانو،
آخر وڃي تہ هڪڙي گهر ۾ گهڙيده بوده.

سس کي وڃي پيو پيرين، بيٺو ٻڌي ٻئي هٿ،
ورتس انهيءَ بغل ۾، ڳلڙا چميده بوده.

چيائين: 'پري ٿي چاچي، مانع شرعيت آهي'
چيائين تہ 'وس نہ منهنجو، شوقم ٻڙيده بوده'

'هيءَ قاعدو تہ جيسين ساماڻجي وڃيري،
گهوڙيءَ مٿي چڙهڻ ۾ حرڪت نہ ديده بوده!'

آخر وجهي ڳهاڻي، يڪذات سي بڻي ٿيا،
مطلوب ساڻ طالب ڪٺ تي سمهيده بوده

اين طور من نديديم هرگز گزل کسي را،
سعدي نہ شعر ههڙو هرگز لکيده بوده.

سڀ شاعرانِ سنڌي افتاد در تعجب،
وه واه شعر هن ڪان وٺها وڃيده بوده.

ميدان جو تماشو توکي ڏسڻ هو واجب،
هو اسپ لنگ يا ڪجهہ دائم دويده بوده.

**ليڊر تي جاهہ ملاحظہ ڪريو:**

لنگور ٿئي چو تو تنظيم جو شيدائي،
اهڙي ڪا چري چوتل ماٺس بہ ڪڏهن چائي!

**• اليءَ سان ڳالهہ ٻولهہ:**

پيريءَ جي ٿوپ نيز ضعيفن جي لاءِ زور،
چا دلفريب آهہ تيو نشو افيم جو.

**پيرن تي مارو:**

پنگڙي ملي، افيم ملي، چرش پڻ ملي،
پنڪين ۾ سير لاءِ وري عرش پڻ ملي.

آهي اسان جو پير تيو عرش جو ڏٺي،
آفيم، پنگ، چندو ۽ چرش جو ڏٺي.

ان جي نظر سان پهچي وڃون جلد عرش تي،
نوڪر هٺون اسين ٿا زمين جي تہ فرش تي.

چا عرش پر زمين بہ پيرن مان ٿئي ٿي تنگ،
جن جي وزم ڪان چرش جو اڏري ويو نام ننگ.

**"مخلص" صاحب جا مشهور شاگرد:** سندس شاگردن جي حلقي مان
مرحوم غلام احمد "نظامي"، مرحوم جمعو خان "غريب"، الحاج الله بخش
"سرشار" عقيلي، وغيره سنڌ جا بلند پايہ شاعر آهن.

سندس نالي تي ڪنڊ ڪوٽ ۾ هڪ ادبي جماعت "بزم مخلص" جي نالي سان برپا ٿي آهي، جا سنڌي علم ۽ ادب جي خدمت ڪندي رهي ٿي.
هن هيٺ سندس ڪلام جو نمونو پيش ڪجي ٿو:

## انتخاب

### ڪافي

سگهو موٽ مسافر يارَ مري،
تنهن ڪي پاڻ پچو ٻـ ٿي پير پري.
هڪ سهڻيءَ ڪي سڪ سامان هئا،
پيا ڏيرن جا ٻـ ارمان هئا،
تيون ملڪ پنهنجي ۾ نـ مانَ هئا،
چوٿون جت ويا تنهن سان ڏاڍ ڪري.
هڪ سهڻيءَ ڪي چِڪ چُور ڪيو،
ٻيو پيار وڄڻ ٻـ ضرور پيو،
ٽيون ميهر جو جنهن ڪي پُور پيو،
چوٿون تِڪ وهي تـ ٻـ تار تري.
هڪ عشق تنهنجي جو آزار ٿيو،
ٻيو ٻت سچو بيمار ٿيو،
ٽيون نيڻين جاري ناز ٿيو،
چوٿون درد جو دارون ڪير ڪري.
هڪ حال "هاشم" جو هيڻو ٿيو،
ٻيو سور سڄڻ تنهنجو ٻيڻو ٿيو،
ٽيون درد مون ڪي آهي ٽيڻو ٿيو،
چوٿون محب ملي تان شل دلڙي ٺري.

### غزليات

يار دلدار، وضعدار، خوش اطوار سندي،
پرتوِ رخ کان ٿيو ماهِ منور پيدا.

...............

هڪڙي هجرت گل سندي ۽ ٻي هتي ڪُنجِ قفس،
اي فلڪ چئو آه باقي ڪا سزاي عندليب.

...............

عشق تنهنجي ۾ مون سڀ ننگ ۽ ناموس ڇڏيو،
ليڪ توڪي نه پيو منهنجو حيا، ڇا باعث؟

..............

ناهه جنسِ غير ڏانهن ڪو ميل توٽي حور هوءِ،
تيو مثل مشهور هي 'انسان کي تيو انسان پسند'.

..................

مون کي دلبر چيو، 'رگينندس هٿ،
'چشمِ پُر خون مان خون فشاني ڪر!'

....................

هوا وانگر وڃان اُڏري، آهيان آءٌ اهڙو ديوانو،
پَري پيڪر سندم هوندو اگر قصرِ سليمان ۾.

....................

زلف ڪوليا باغ ۾ جيئن ان سراپا باغِ حسن،
مارِ پيچان جي طرح سنبل ٿو کائي پيچ و تاب.
ڇو پڇين مون کان ٿو "مخلص" هر گهڙي هر لحظ تون؟
عشق ۾ تقويٰ نه واجب، ۽ نه واجب اجتناب.

....................

ڇو نه سمجهان سٺي سوغات ملاقات جي رات،
غير جا ذڪر ڪري مات ملاقات جي رات،
مون ٿي ڄاتو اڄها هاڻ وهامي ويندي،
ليڪ محشر سندي ساعات ملاقات جي رات.

......................

هوش ڪر عشقِ صنم ۾ ٿي نه نادان جي طرح،
ڦاڙ تون دامان نه ايمان جو گريبان جي طرح.

ڪُوي جانان کان نہ ايندس ڪي مثالِ نقشِ پا،
خاڪ ناحق ڪائي چڪر چرخ گردان جي طرح.
ڇو نہ ٿيندو تابعِ فرمان اُو رشڪِ پري،
داغ دل "مخلص" جو ٿيو نقشِ سليمان جي طرح.

..................

تو چوان آءٌ حال، خوب و زشت منهن تي، صاف صاف،
آهيان او آئينو جنهن کان ٿيا مڪدر سو هزار.
شڪر، قاتل جي سبب او سڀ زبانون ٿي پيا،
جي پڇي رهجي پيا زخمن ۾ خنجر سو هزار.

..................

آئينو تي تو رهان هر وقت پيشِ روي دوست،
او ڏسي مون کي سدائين، آءٌ نهاريان سوي دوست.
سير جنت جو جڏهن رضوان ڏيکاريو مون کي،
بي تامل منهن مان نڪتو 'هاءِ لطفِ ڪِري دوست!'
دل کان بهتر روشني ياقوت گوهر ۾ نہ تي،
نو رتن آهي عجب هي قابلِ بازوي دوست.
پنهنجي دل مان تو ڪيان ان وقت آفت خيز آه،
ياد جنهن دم تو پوي مون کي قدِ دلجوي دوست.
حسرتِ ديدار ۾ بلبل جي دل بيتاب تي،
تا قفس آندي صبا جنهن دم چمن کان بوي دوست.
تو اچي آواز عاشق جو ڪناري قبر کان،
'هاءِ خالي دوست جي پهلوءَ کان پهلوي دوست!'
سچ تہ عاشق جي مرڻ تي "مخلصا" قربان تي،
چشم مصروفِ نظاره، سر تہِ زانوي دوست.

....................

دل ڪنهن سان رکان هاءِ جو دلبر نہ ملي تو،
ڇا ظلم سهان ڪوئي ستمگر نہ ملي تو.

خط منهنجو نيو جنهن سو ڪبوتر نہ ملي ٿو،
چا ذڪر ڪبوتر سندو، هڪ پر نہ ملي ٿو.

زلفن جي طرح عُمر بسر آه ٿي منهنجي،
هن خانہ بدوشن کي ڪٿي گهر نہ ملي ٿو.

چا ساڻ ڏيان يار جي دندان کي تشبيهہ،
ڪنهن جاءِ تي اهڙو ڪوئي گوهر نہ ملي ٿو.

هڪ طالبِ زر بت نہ ٿيو، غور سان ڏس تون،
حق آه تہ الله پري بي زر نہ ملي ٿو.

جا هجر ڪان ٿي چاڪ، سا دل منهنجي سبي ڪير،
اهڙو ڪوئي استاد رفوگر نہ ملي ٿو.

"مخلص" جو لبالب ٿئي عرفان جي مئي سان،
ساغر او بجز ساقيءَ ڪوثر نہ ملي ٿو.

## ظرافت ۽ طنز

محرر مان وري ٿيا پيشڪار، آهستہ آهستہ،
سيڪاريو آهہ عهده ڪاربار، آهستہ آهستہ.

اهو دور حڪومت ٿيو تہ ٿيندا جلد ايل ايل بي،
لهار آهستہ آهستہ، چمار آهستہ آهستہ.

ڪرڻ جن کي نہ آئي ڳالهہ سي لڪچر ٻڌائن ٿا،
ٿيا تهذيب جا پتلا ڳنوار، آهستہ آهستہ.

هماري مير صاحب جون اکيون آهن هينئر لڳيون،
چيو ٻٽلير کي صاحب، "پڪار آهستہ آهستہ!"

بغير از ڪورٽ شپ ڪهڙو وري ٿيو لطف شاديءَ جو،
وڌايم ان پريرُو سان پيار، آهستہ آهستہ.

..............

مزي جهڙو ٿيو آهي تہ سائي پان ۾ رولو،
وجائي رنگ قدرت جو وجهي دندان ۾ رولو.

بہ ظاهر سبز ٿيو ليڪن بہ باطن خون سان پريل،
وجهي لالائي ان جي لعل ۽ مرجان ۾ رولو.
چون دانا تہ ”خوردن پان باشد حيض مردانہ!“
ٿئي جنهن ڪان تہ مردن جي سموري شان ۾ رولو!

..................،..

.... ٻيءَ ڪي چيو تہ ”منهنجي تون ٻڌ ڳالھ هيءَ ٻڙي:
ڪهڙا مئن جا حال ادي ڙي ڪريان بيان،
اٿندي وجن سلون ڏي لوئيا اهي لڙي،
ڏاڙهي ڏين حجام ڪي پيئي مڇن تي مار،
اخلاق سڀ انڏن جا ويا سربسر سڙي،
ان ڪان وڌيڪ ظلم وري هي ٻيو تون ڏس،
زالن جي طرح مرد وجهن پير ۾ ڪڙي،
منهن ۾ مثال مرد ۽ پيرن ۾ ڇڙڪ زال،
پورا تہ هيجڙا تہ سندن پير هيجڙي،
آهي اميد جلد زمانو اهو اچي،
ڪنجرو وجهن ڪلهن ۾ ۽ پائين پڻ پڙي،
زالن جا بار سڀ هو ڪٽن پنهنجي سر مٿي،
جنبڊ پڻ پيهن، رڌين وري دال ۽ وڙي!

## رنگ فيشن

حبذا اي رنگ فيشن، مرحبا، صد مرحبا!
بنده بي دام آهي تو ڪيو عالم تمام!
پيرس و لندن مان نڪري هند ۾ اچ سير لاءِ،
ڪالجن جي نوجوانن ۾ ٿيو تنهنجو مقام.
جامہ زيبيءَ تنهنجي آهي مون ڪي ڪيو حيرت زده،
ٿيو بجا، بهروپين جو جي چوان توڪي امام.
وار ٿيا ڪڏهين مٿي تي چٽ ڪڏهين ڏاڙهي مڇون،
پڻ ڪڏهن عينڪ جي صورت ۾ ٿئي چشمِ انام.

هندو ۽ مسلم جي صورت ۾ نـ جـڏهن ٿئي تميز،
بندگي ڪنهن کي ڪريون اڄ ۽ ڪريون ڪنهن کي سلام.

دين ايمان نقد ٿيو سڀ تنهنجي قدمن تي نثار،
سر بہ ٿئي صدقو جڏهين تنهنجو ڏسون ٿا خوش خرام.

ٿيو يقين ڪامل ڪندين تون جهٽ اميرن کي فقير،
ورهـ ڏهـ ويهہ جيڪڏهن تنهنجو هٿي ٿيندو مقام.

هن ڪان زياده آه ڇا تنهنجي حڪومت جو ثبوت،
تو ونين آفيسرن کان خوب تي ڪارِ غلام.

آهي ناممڪن ڪيو هن تنهنجي نيرنگيءَ جي وضع،
"با مسلمان الله الله با برهمن رام رام!"

...............

ويو ملڪ ۾ وڌي اڄ سگريٽ پان ٻيڙي،
انسانيت جو سمجهن بلڪل ٿا شان ٻيڙي.

ٻيڙي پيڻ کي ڄاڻن معيارِ آدميت،
وڏ ماڻهپي جو آهي گويا نشان ٻيڙي.

ٻيڙيءَ سوا حياتي ڪنهن ڪار جي نہ ڪم جي،
رازِ حيات ڪارڻ تي رازدان ٻيڙي.

مجلس جو زيب زينت ٻيڙيءَ سوا نہ آهي،
محفل جو شان شوڪت تي بي گمان ٻيڙي.

تهذيب يورپيءَ جو ٻيڙيءَ ۾ راز مضمر،
شائستگي جهان جو تي داستان ٻيڙي.

هڪڙي ٿئي تي پوري ان مان ٿا بي دکائين،
هر هر گهري ٿو تن جو گويا دهان ٻيڙي.

انسان جي زندگيءَ کي بيڪار تنهن بنايو،
گوياڪ آهي ڪوهِ آتش فشان ٻيڙي.

ڏاها چون تہ ٻيڙي قاطع حيات آهي،
جهٽ پٽ ڪري فنا ٿي هر ڪنهن جي جان ٻيڙي.

بيڙي پيئڻ سان گڏ ٿئي بدبوءِ وات ۾ تي،
نفرت جو آه باعث اچ الامان بيڙي.

بيڙي پيئو نہ يارو، بيڙي بري بلا تي،
انسان تي اچي تي لاريب سا قضا تي.

## پٽيوالن جي پڪار

ڪن پٽيوالن چيو روئي تہ "ڪاڪا ڪرڻ ٻڌ:
"تنهنجي در تي هي اسان جي درد جو فرياد آه.

"هن مڙن منشين اسان کي آه بلڪل تنگ ڪيو،
"جيل خانن ۾ بہ ههڙو ڪونہ ڪو بيداد آه!

"هن ۾ هرگز شڪ نہ ڪو نوڪر اسين سرڪار جا،
"شاهي پئسن مان وري تنخواه جو ارشاد آه.

"ڏينهن جو چڪيون پڪا ۽ يا تہ ڊوڙڻ ۽ ڊڪڻ،
"ڌوپ ۽ گرميءَ ۾ سارو جسم ٿيو برباد آه.

"بند آفيسون ٿين تان حڪم ٿئي گهر تي هلو،
نت نئون سر تي اسان جي ٿيو ستم ايجاد آه.

گهر سڄي کي ڏيون بهاري ۽ بيا برتن مليون،
هن نسوري ظلم جي کهڙي نہ تي روداد آه!

جي ڪريون ڪجھ هان ۽ هون تان سر متي پادر وسن،
هن اسان جي حال کي انصاف وارا ڪي پسن!

...........

دلبر چيو' مون هوندي، ڇا دين جي حاجت تي،
'مسجد ۾ اذان ڇو ٿئي مندر ۾ پڄن ڇو ٿئي!

هلنداسون ڪٺي ڪنڌ تي، جلسي ۾ سڄڻ توڪي،
هي اٿ بہ اٿئي حاضر، تيار فتن ڇو ٿئي!

غربا کي ملي ٿي اڄ، مشڪل سان رکي روٽي،
پوءِ ميز تي يارن جي اڄ چاپ متن ڇو ٿئي!

**نظم. سنڌ جي بمبئيءَ کان ڌار ٿيڻ تي**

ڏنو روح الامين حق جو اهو پيغام سنڌڙيءَ کي،
مليِ جلدي حقيقي عزت و اڪرام سنڌڙيءَ کي.
دوامي عيش حاصل ٿئي، اچي آرام سنڌڙيءَ کي،
رکان خوش حال ۽ خورسند شاد و ڪام سنڌڙيءَ کي.

مصيبت بمبئيءَ کان بي گمان آزاد سا ٿيندي،
رهي آزاد ۽ دل شاد ۽ آباد سا ٿيندي!

شراب روح پرور جو پياريان جام سنڌڙيءَ کي،
ڏيان قدرت سان پنهنجي اِي عجب انعام سنڌڙيءَ کي،
نئي سر زندگي بخشيان مثل اجسام سنڌڙيءَ کي،
رساٽيان بان رفعت تي تہ نيڪو نام سنڌڙيءَ کي.

ڦٽل هن باغ ۾ سرنو بهار بي خزان ايندو!
بهار بي خزان ان سان گڏ تہ عيش جاودان ايندو!

اهو راحت فزا آهي مليو الهام سنڌڙيءَ کي،
ڪري سو فتح وارو آخر الانجام سنڌڙيءَ کي،
نظر بد سان ڏسي جو دشمن اسلام سنڌڙيءَ کي،
چئي پائي پڇن ويندا هرنام سنڌڙيءَ کي.

ڪريو ڪوشش دل و جان سان تہ سنڌڙي جلد صوبو ٿئي!
نہ پرواه، جي مخالف ڪو ڪنڻ ۾ سيٺ خوبو ٿئي!

انهيءَ آواز ربانيءَ ۾ آهي راز نصرت جو،
يقين ڄاڻو تہ انهيءَ راز ۾ ٿيو ساز نصرت جو،
عجب دلڪش ٿيو ان ساز ۾ آواز نصرت جو،
سراسر آه ان آواز ۾ اعجاز نصرت جو.

چون هندو تہ 'ناممڪن اهو سنڌ جو سوال آهي!
'ٿئي هي سنڌ جدا اي ڳالهہ مشڪل پر محال آهي'!

مگر قدرت چيو منهنجي اڳيان ڪنهن کي مجال آهي،
سڄي دنيا ڪئي مون، ڪهڙو ٿيو سوال آهي،

ڏٺي قدرت جو هڪڙو ئي خدائي ذوالجلال آهي،
اڳيان ان جي سدا آسان هرهڪ شيءِ محال آهي.

ڦنائڻ جي وسائڻ جي فقط انهيءَ ڪي طاقت ٿي،
جنهين جي سامهون دنيا تماشا گاهِ عبرت ٿي.

نہ مشڪل امر ٿيو آهي ڪڏهن سنڌ جي جدائيءَ جو،
نہ هن ۾ دخل آهي زور ۽ زور آزمائيءَ جو،
نہ گهرجي گوڙ گولن جو نڪو لشڪر هوائيءَ جو،
مگر ڏسڻو تماشو ڪبريا جي ڪبريائيءَ جو.

وجهي پٽ ۾ پرن وارن ڪي، بي پرڪي اڏائي ٿو!
تڏهن او پنهنجو نالو قادر مطلق سڏائي ٿو!

ڪريان آخر ٿو ڪجهہ احوال هت مرقوم سنڌڙيءَ جو،
خدا ڇا خلقيو هو خوبتر مقسوم سنڌڙيءَ جو،
برابر شير جي طاقت ۾ هر معصوم سنڌڙيءَ جو،
شگفتہ ڇون گلِ ريحان هو بوم سنڌڙيءَ جو.

نظر ڪئيسون تہ هر ڪا جنس سستي ۽ سهانگي هئي،
فقط هڪ زندگي بيمار جي البت مهانگي هئي.

اسان جي ديس جو ڪهڙو نظارو روح پرور هو،
تماشو قدرتِ حق جابجا ڇا جلوه گستر هو،
نہ نالو مفلسيءَ جو هو نہ ڪو بکيو ۽ بي زر هو،
گداگر ان زماني جو بہ ڇڻ شاهي تونگر هو.

نہ ڪڏهين جاءِ ڪنهن تي ڪوبہ سائل ٿي نظر آيو،
اميريءَ ڏانهن هر ڪو مست مائل ٿي نظر آيو.

مگر جڏهن وجي ڳڏياسين بمبئيءَ جي حڪومت سان،
تڏهن پرجي وياسون يڪ قلم افلاس و نڪبت سان،
ٿياسون ڪين هرگز آشنا صنعت ۽ حرفت سان،
نہ خاطر خواه ٿي تعليم ڪا شومئ قسمت سان.

جنهين پاليا هزارين سا صفا محتاج ٿي ويئي،
ڏياٽي تاج جي جا هئي اها بي تاج ٿي ويئي!

رهي هن ساڻ گڏ چا چا اوهان کي نعمتون مليون،
وئي راحت يڪا يڪ ۽ سراسر زحمتون مليون،
ٿيو حاصل رڳو شر کهڙيون پيون برڪتون مليون،
پرائي چاپلوسيءَ کان هميشه ذلتون مليون.
مصيبت کان اسان کي جلد تون آزاد ڪر، مولا!
وري هن سنڌڙيءَ کي خير سان آباد ڪر، مولا!
الٰهي فضل سان تون ڪاميابي ڪامراني ڏي،
وڃائي درد پهريان پوءِ عيشِ جاوداني ڏي،
مري وياسين، فنا ٿياسين، نئين سر زندگاني ڏي،
اسان کي باغ پنهنجي جي سگهو تون باغباني ڏي.
اسان جي جذبءِ دل کي سلامت تا قيامت رک!
مسلمانن جي حالت تي نظر لطف و عنايت رک!
ڪئي مون طبع جي دريا مان هي سلکِ گُهرَ پيدا.
ڪري جو قدر ان جو، ڪر اهو اهلِ هنر پيدا.
صداي مرحبا هر قلب مسلم مان تون ڪر پيدا.
خدايا نظم هن ۾ ڪر اجابت جو اثر پيدا.
اها "مخلص" جي آهي تنهنجي در تي التجا، سائين!
ڪجان پوري مسلمانن جي من جي مدعا، سائين!

## علامہ قاضي اسدالله شاهہ "فدا"

علامہ اسدالله شاهہ "فدا" ولد سيد الهہ بخش شاهہ تاريخ 15 شعبان المعظم 1385ھ جي مبارڪ ڏينهن ۾ اڳينءَ ٽکڙ ۾ ڄائو. ٽکڙ جي مشهور شخصيتن مان شاهہ صاحب هڪ هو، جنهن جي شهرت هندستان تائين پهتي.

**تعليم و تربيت:** سندس پهريون استاد حافظ يوسف هو، جنهن وٽ سنڌي، پارسي ۽ فقہ پڙهڻ کان پوءِ، صرف نَوَن مهينن جي قليل عرصي ۾ قرآن شريف ياد ڪيائين.

حضرت صاحب خواجہ عبدالرحمان جن جي مريد هئڻ سان گڏوگڏ، وٽن مڪتوبات شريف امام رباني مجدد الف ثاني ۽ مڪتوبات شريف خواجہ

محمد معصوم 'عروة الوثقيٰ' بہ پڙهڻ شروع ڪيائين. اتان فارغ ٿي، حيدرآباد ۾ مولوي محمد حسن وٽ عربي پڙهڻ لاءِ ويو، جتان تعليم يافتہ ٿي نڪتو، مگر ڪيس علم جي اڃا بہ گهٽي اُڃ هئي. تنهن ڪري علم حديث پڙهڻ جو ارادو ڪيائين ۽ مائٽن کي ٻڌائڻ سٽائڻ کان سواءِ، ديوبند هليو ويو. (ڇوتہ ڪيس خبر هئي تہ والدين ايڏي دور دراز سفر جي ڪيس اجازت نہ ڏيندا). اتي پهچي نهايت محنت ۽ جفاڪشيءَ سان پنهنجو سبق سمجهڻ ۽ ياد ڪرڻ لڳو. اتي جو صدر المدرسين، حضرت شيخ الهند مولانا محمود الحسن ديوبندي، شاه صاحب ڏانهن خاص توجهہ ڏيندو رهيو.

هوڏانهن وري مائٽن مٽن کي سندن گم ٿيڻ پريشان ڪري وڌو. ڪين اها تہ خبر ڪانہ هئي تہ ڪو هي مائيٽو ٻار ايترو پري وڃي نڪرندو. انن مهينن گذرڻ کان پوءِ، شاه صاحب خود پنهنجي خيريت جو خط لکيو. مائٽن اڃا ڪيس ڳوٺ آڻڻ جو خيال پئي ڪيو، تنهن کان اڳي سيد ميران محمد شاه اول، جو سرهند شريف ويل هو، سو ڳوٺ وٺي آيس.

**علم طب:** طب ۾ سندس استاد سيد ميران محمد شاه اول هو، جنهن وٽان چڱو فيض حاصل ڪيائين. سندس ٺٽڙ ۾ هڪ عاليشان دواخانو هو، جتان ڪيترن مريضن کي شفا حاصل ٿيندي رهندي هئي، سندس دوا زود اثر ۽ گهٽ قيمت واري هوندي هئي. غريبن جو علاج مفت ڪندو هو.

**ڪتب خانو:** سندس هڪ عاليشان ڪتب خانو هو، جنهن ۾ اٽڪل پنج ڇهہ هزار معلومات افزا ۽ ناياب ڪتاب موجود هئا. ڪتابن سان ايتري قدر محبت هيس، جو جڏهن ٻوڏ جي زماني ۾ ماڻهو گنجي ٽڪر ڏانهن لڏيندا هئا، تڏهن پاڻ روئي ڏيندو هو ۽ چوندو هو تہ "ٻوڏ جي ڊپ کان جان تہ بچايان ٿو، پر جان کان پياريون شيون ڇڏيون ٿيون پونم، انهيءَ جو افسوس اٿم!" ڏک جهڙي ڳالهہ آهي، جو سندس وفات کان پوءِ، اهي نادر الوجود ڪتاب، سندس اولاد جي بي توجهيءَ ڪري، اڌوهيءَ جي نذر ٿي ويا ۽ ڪي تہ درياءَ ۾ ٻوڙيا ويا.

**تحريڪ خلافت:** هي اهو زمانو هو، جڏهن هند جي هر هندو ۽ مسلمان انگريزن مان بيزار ٿي، پنهنجي گردن مان غلاميءَ جي طوق ڪي لاهڻ لاءِ، جدوجهد آزادي اڳ ئي شروع ڪري ڏني هئي، ٻئي طرف وري انگريزن جي اسلامي ملڪن تي جارحانہ حملن هندوستاني مسلمانن کي هيڪاري مشتعل

ڪري وڌو هو ۽ ان جي ڪري خلافت عثمانيہ جي تائيد ۾ هندستان ۾ تحريڪ خلافت عمل ۾ آئي.

خلافتين ۽ ڪانگريسين گڏجي هڪڙي پليٽ فارم تي ڪم ڪيو ۽ اهي جوش خروش ڏيکاريا، جو هندستان جي وائسراءِ لارڊ ريڊنگ جا وائيسر ئي ڦري ويا ۽ حڪومت کي لکيائين تہ: ”جيڪڏهن ترڪن سان صلح نہ ڪندا تہ هندستان ۾ بغاوت ٿي پوندي.“ انهيءَ ڪان پوءِ ئي انگريزن ترڪن سان ”لوزان“ وارو عهدنامو ڪيو.

سنڌ ۾ خلافت جو باني اسدالله شاه هو. خوش قسمتيءَ سان ڪيس نور محمد وڪيل، عبدالجبار وڪيل، شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ پير غلام مجدد سرهنديءَ وغيره جهڙا، مخلص ۽ بي لوث نوجوان ڪارڪن ملي ويا، جن جي قومي خدمتن ڪان سنڌ جو ٻچو ٻچو واقف آهي. شاھ صاحب سڄيءَ سنڌ جو دورو ڪري غافل مسلمانن کي غفلت جي ننڊ مان جاڳايو.

**امن سيا:** تحريڪ خلافت کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ، انگريزن وري ”امن سيا“ برپا ڪئي، جنهن جا ڪيترا ملت فروش سرڪردا ٿي پيا، جن وقت بوقت زبان سان، توڙي قلم سان، آزاديءَ جي متوالن جي راه ۾ رنڊڪون پئي وڌيون. حيدرآباد شهر جي قاضي ابراهيم شاه بہ ”امن سيا“ ۾ شامل ٿي، مسلمانن جي دلين کي سخت صدمو پهچايو. ڪيس ڪيترو ئي سمجهايو ويو، مگر بي سود.

**حيدرآباد جو قاضي ٿيڻ:** رمضان جي عيد هئي: قاضي ابراهيم شاھ حيدرآباد جي ڪليڪٽر گبسن کي عرض ڪيو تہ: ”هن عيد تي انگريز خلاف ريزوليشن پاس ڪيا ويندا.“ گبسن يڪدم آرڊر ڪڍيو تہ: ”جيئن تہ عيدگاھ ڪنٽونمينٽ ايريا ۾ آهي، انهيءَ ڪري انگريزن خلاف جيڪڏهن ڪنهن جي بہ زبان مان هڪ لفظ نڪتو، تہ ڪيس هڪدم گرفتار ڪيو ويندو.“ خلافتين مجبور ٿي شاھ محمد مڪيءَ واري ميدان تي نماز پڙهڻ جو فيصلو ڪيو. پر، اتي وري ابراهيم شاھ جي پاءُ محمود شاھ اعتراض اُٿاريو تہ: ”آءٌ نماز پڙهائيندو آهيان!“ نيٺ ”شاھ جي قدمن“ تي نماز پڙهڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

عيد واري ڏينهن سخت گرمي هئي. ”شاھ جي قدمن“ وارو ميدان، سڄو گند ڪچري سان پريل هو. نماز پڙهڻ لاءِ نڪا چانو هئي، نہ وري ڪي تڏا توئريون هيون. مگر مسلمانن جي دلين ۾ ذرا بہ جنبش نہ آئي ۽ صفون ٻڌي

بيهي رهيا. امامت جا فرائض علامه اسدالله شاھ ادا ڪيا. انهيءَ ڏينهن مسلمانن ابراهيم شاھ سان بائيڪاٽ ڪيو ۽ انهيءَ ڏينهن، اسدالله شاھ کي شهر جو قاضي مقرر ڪيو ويو.

سندس تقرير نهايت اثر واري ۽ آواز رعبدار هو. مرحوم پير غلام مجدد سرهندي ڳالهه ڪندو هو تہ: "جيڏيءَ مهل شاھ صاحب انگريزن جي ظلم و تشدد جو ذڪر ڪندو هو، تہ سندس منهن جوش کان لعل ٿي ويندو هو ۽ اهڙي تہ پرجوش تقرير ڪندو هو، جو ٻڌندڙن جون دليون جوش مان پرجي ويندِيون هيون."

انهن ڏينهن ۾ مولوي فيض الڪريم ۽ مسٽر عبدالغنيءَ تحريڪ خلافت خلاف هڪ مختصر رسالو "تحقيق الخلافة" لکيو، جو گبسن پنهنجي هٿن سان ماڻهن ۾ ورهايو. شاھ صاحب مولوي صاحب جي رد ۾ "الفتوحات الربانيه في الاثبات الخلافة للدولت العثمانيه"[1] نالي رسالو لکيو ۽ کيس اهي دندان شڪن جواب ڏنائين، جو وري اسري نہ سگهيو.

**عادات و اطوار:** شاه صاحب هڪ نهايت سنو تارو هو. هڪڙي دفعي، "جون واه" ۾ غسل ڪندي، "واڻين جي گهيڙ" کان ٽپي ڏنائين تہ "سيدن جي گهيڙ" کان وجي نڪتو.[2]

سندس طبعيت ننڍپڻ کان ئي سادي سودي هئي. گهٽي ناھ نوهہ سان ڪانہ پوندي هيس. پاڻ اجا ننڍو هو ۽ حافظ يوسف جي مڪتب ۾ پڙهندو ئي هو، تڏهن هڪ "صاحب" امتحان وٺڻ آيو. شاه صاحب جا بيا يائر ۽ مٽ مائٽ بہ مڪتب ۾ پڙهندا هئا ۽ "صاحب" جي اچڻ جو ٻڌي، نهي نڪي سنا ڪپڙا گنديون پائي آيا. مگر شاھ صاحب جهڙو هميشہ رهندو هو، اهڙو ئي مڪتب ۾ آيو. امتحان وٺندي، 'صاحب' پڇيس تہ: "تون هنن سيدن جو ياءُ آهين؟" چيائين تہ "هائو سائين." وري پڇيائينس تہ: "نالو ڇا اٿئي؟" چيائين تہ: "سائين، اسدالله شاھ" صاحب کلي چيو تہ "ابا، نالو وڏو شهر سجو!"

**لطيفو:** ٻئي دفعي پاڻ ملا ڪاتيارن ۾ خلافت جي جلسي ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو هو، ساڻس گڏ ٺٽ جا بيا بہ گهڻا ماڻهو هئا. رستي جي پر

---

[1] "تحقيق الخلافة" جي جواب ۾ نهايت مفصل ۽ مدلل دندان شڪن جواب مولانا دين محمد صاحب "وفائي" مرحوم بہ لکيو هو، جنهن کي ان مسئلي تي حرف آخر جي حيثيت حاصل آهي.

[2] انهن ٻنهي گهيڙن جي وچ ۾ اٽڪل اڌ فرلانگ جو مفاصلو ٿيندو.

۾ هڪڙو مينهن جو ننڍو پاڏو ڇري رهيو هو. (ٻـچو نـانوائي، جو ان وقـت ڇوڪرو هو ۽ ٻين ٻارن وانگي جهنڊا ڪٽي هلندو هـو ۽ نهـايت ظريف طبـع هـو) چيس تہ "سائين هي پاڏو ڏڳيءَ مان تہ پيدا نہ ٿيو آهي؟" پاڻ جواب ڏنائين تـہ. "ابا. اها ڳالهہ خدا جي قدرت کان بعيد نہ آهي، ائين ٿي هوندو."

**وفات**: اسدالله شاهہ. 59 ورهين جي ڄمار ۾ 27- رجب المرجب 1244هـ ۾، موجوده ٺٽڙ ۾ رحلت ڪئي. اها بہ هڪ عجيب حقيقت آهي ۽ سندس بزرگيءَ جو ثبوت آهي، جو سندس ولادت ۽ وفات جا ٻئي پلارا ڏينهن آهن. يعني 15- شعبان ۽ 27- رجب.

**نثر نويسي**: شاهہ صاحب هڪ سٺو نثر نويس هو. بقول سيد ميران محمد شاهہ. "قاضي اسدالله شاهہ. باوجود ساديءَ عبارت لکڻ جي بہ. پنهنجي مضمون ۾ ڪافي دلچسپيءَ جا جزا ملائيندو هو، جنهن ڪري سندس مضمون پڙهڻ مان لطف ايندو هو."

**بهار اخلاق**: 1906ع ۾ جڏهن "مخلص" مرحوم، روپوشيءَ جي حالت ۾ ٺٽڙ ۾ موٽي آيو. تڏهن سندس صلاح سان، شاهہ صاحب هڪ رسالو "بهار اخلاق" ٺٽڙ مان شايع ڪيو، جنهن جو ايڊيٽر شاهہ صاحب پاڻ هو. "بهار اخلاق" ۾ هر مهيني سندس اعليٰ مضمون ايندا رهيا. هي رسالو سالها سال سنڌي ادب جي خدمت ڪندو رهيو. منجهس ان وقت جي مشهور اديبن ۽ شاعرن جا املهہ مضمون ۽ بي بها شعر شايع ٿيندا هئا. مصرع طرح بہ ڏني ويندي هئي، جنهن تي آيل ڪلام وري ايندڙ پرچي ۾ شايع ٿيندو هو.

**هديہ اسديہ**: هيءُ ڪتاب شاه صاحب سن1331هہ ۾ شايع ڪرايو. جنهن ۾ رسول الله ﷺ جن جي عالم غيب هئڻ يا نہ هئڻ جي مسئلي تي نهايت سهٽي ۽ عالماڻي سمجهاڻي ڏني اٿس. "هديہ اسديہ" شاهہ صاحب پنهنجي خرچ سان شايع ڪرائي مسلمانن ۾ مفت تقسيم ڪيو. هيءُ ڪتاب ٺن حصن ۾ هو.

**الانتصار في جواب الاشتهار**: ميان هدايت الله "مشتاق" متعلويءَ جي لکيل ڪتاب "ڪواڪب السعاداة" جي شرح "مناقب ساداة" تي مولوي احمد آبڙيءَ واري جيڪي اعتراض اٿاريا هئا، انهن جي جواب ۾ هي ڪتاب شاه صاحب لکيو. هي ڪتاب هڪڙي عيسائيءَ جي اسلام تي ڪيل حملن جو رد آهي.

**فتح الهادي في رد گمنام حيدرآبادي**: شاه صاحب جنهن مڪتب جو شاگرد هو، اتي بين سبقن سان گڏ، شاعريءَ ڏانهن بہ توجهہ ڏنو ويندو هو. انهيءَ ڪان سواءِ ٺٽڙ جي شعري ماحول، مرحوم غلام محمد شاهہ "گدا" جو ٺٽڙ ۾ اچڻ ۽ ڏينهن رات علمي رهاڻين جو هجڻ، حافظ "حامد" جي هر وقت في البديهہ غزل گوئي، "مخلص" ۽ آغا حسين جان جي صحبت، هڪ تيز فهم ۽ سليم الطبع ڇوڪر جي دل ۾ شعر چوڻ جا امنگ ڪيئن نہ اتاريندا!

اندازي مان معلوم ٿو ٿئي تہ شاهہ صاحب اٽڪل 13 يا 14 سالن جي عمر ۾ شعر چوڻ شروع ڪيو هو. "انيس المريدين" ۾ سندس هڪ اوائلي پارسي ڪلام آهي، جو پنهنجي مرشد خواجه عبدالرحمان جان سرهندي رحہ جي شان ۾ چيو اٿس. شروعات ۾ سندس تخلص "اسد" هو.

اي کہ ره گم کردگان را بي گمان رهبر توئي،
راست گويم سروران دهر را سرور توئي.
اي شہ ملک طريقت وي دلم را چاره ساز،
چاره بيچارگسان در اول و آخر توئي.
هاديءِ راهِ هدايت، مهديءِ دوران بحق،
آسمانِ دِين احمد را مه انور توئي.
کن نظر برحال زارِ بنده مسکين 'اسد'،
زانکہ اورا در دو عالم نافع و رهبر توئي.

شاه صاحب جي ڪلام ۾ صاف ۽ سلوڻي سنڌي تمام گهٽ لڀندي. سندن ڪلام تي عربي ۽ فارسي رنگ چڙهيل آهي. پارسي ترڪيبون، استعارا، تلميحون ۽ تشبيهون وغيره چڱيءَ قدر ڪم آنديون اٿس. سندس ڪلام ۾ معياري مضمون سان گڏ لفظن جي بندش ۽ چستي ۽ وزن جي پختگي قابلِ تعريف آهن. هڪ نعتيہ ڪلام ۾ چوي ٿو:

ذوم تي عالم ۾ شاه، انس و جان پيدا ٿيو،
اول و آخر هويدا ۽ نهان پيدا ٿيو،
باعثِ تخليق آدم ۽ جهان پيدا ٿيو،
مظهر ڪامل ظهورِ (ڪن فڪان) پيدا ٿيو.

شاه شاهان، جانِ جان، جانِ جهان پيدا ٿيو.

فخر عرش و فخر فرش و فخر عز و فخر شان،
فخر بطحا، فخر طيبه، فخر انس و فخر جان،
فخر اب، فخرِ عرب، فخرِ عجم، فخرِ جهان،
فخر دنيا، فخر دين، فخرِ زمين، فخرِ زمان
فخـرِ آدم، فخـرِ روحِ قدسـيان پيـدا ٿيـو.

**تلميح**: تاريخي واقعي ڪي پنهنجي ڪلام ۾ آڻڻ:
گرچ ٿي خلقِ جهان مهر سـليمان جي مطيـع،
آهه ٿيو ڪون و مڪان، شاها سندئي زير نگين.

هتي "مهر سليمان" ڪي تلميح طور آندو ويو آهي: اها هڪ مشهور مذهبي روايت آهي جا فقط توريت ۾ آيل آهي تہ حضرت سليمان وٽ هڪ منڊي هوندي هئي، جنهن جي زور تي پاڻ جن و انس ڪي مطيع ڪيو هئائين. ساڳئي وقت مهر سليمان سان رسولِ اڪرم جي منڊيءَ ڪي تشبيهہ ڏيئي، سندن شان مٿي ڏيکاريو ويو آهي.

**تشبيهہ:**
انهيءَ جو ورق نزاڪت ۾ مثـل لـب دلبـر،
ٿيو سو رنگ ۾ مٽ ساڻ يار جي رخسار.

گلاب جي گل جي تعريف ڪندي، اُن جي پنن ڪي يار جي چپن سان ۽ رنگ ۽ روءِ ڪي يار جي ڳلن سان پيٽيو اٿس.

**تخيل**: شاهہ صاحب جي ڪلام ۾ جتي ڪٿي فڪر جي بلندي موجود آهي.
عشق ٿيو دل ڪي نبيءَ جي گيسو و رخسار جو،
ڪيئن نہ ڪريان روز شب نعت و ثناي مصطفيٰ.

نبي ﷺ جن جي وارن ۽ رخ مبارڪ تي عاشق ٿيو آهي ۽ ڏينهن رات سندن وصف ۽ واکاڻ ڪري ٿو. هتي هي بلند تخيل جو مثال آهي. جيئن اڪثر شاعر ڳلن ڪي آفتاب، ماهتاب وغيره سان ۽ وارن ڪي ڪاريءَ رات، نانگ، ڪڪر وغيره سان تشبيهہ ڏيندا آهن، تيئن هتي بہ اها حالت آهي. ڏينهن ۽ رات چو ٿو ثنا ڪري، انهيءَ لاءِ تہ وارن ۾ رات جي ڪيفيت ۽ ڳلن ۾ ڏينهن جي ڪيفيت آهي. ٻنهي سان عشق آهي، پوءِ چونہ انهيءَ جي سودا ۾ رات وهائي، ڏينهن گذاري، رات ڪري.

**سلاست:** شاهہ صاحب جي شعر ۾ سلاست بہ ملي ٿي. تمام اوچي مضمون کي نهايت سليس پيرائي ۾ بيان ڪري ٿو ۽ پڙهندڙن کي ائين سمجهہ ۾ ايندو تہ ڄڻ نثر پڙهي رهيو آهيان. ملاحظہ ڪريو:

منهنجا دشمن، هجي مبارڪ تو،
تيغ ابروءَ جي منهنجي گهائي دل.
ڪهڙي ڪوشش ۽ جستجوءِ ڪجي،
جا وئي سا نہ مور آئي دل.
دل جا دلبر جي دست ڪين وئي،
آهہ سچ پچ اها اجائي دل.
آهيان عوام مان نہ آءٌ "فدا"،
دور منزل سندم رسائي دل.

"فدا" صاحب جو ڪلام اڪثر نعتيہ آهي. بندي کي اهو معلوم نہ هو تہ ڪو پاڻ عشقيہ ڪلام بہ چوندو هو. مگر تازو جناب ڊاڪٽر "خليل" صاحب کان حافظ "بسمل" مرحوم جو لکيل هڪ ڪاغذ مليو، جنهن ۾ "فدا" صاحب جا ڇهہ عشقيہ غزل لکيل هئا.

**ماده تاريخ:** ڪنهن جي مرڻ يا ڄمڻ تي، شاه صاحب جيڪي تاريخي مادا لکيا آهن، تن ۾ ڪمال ڪري ڇڏيو اٿس. قطعہ تاريخ ڪڍڻ ۾ شاهہ صاحب ٺٽڙ جي بين سيني شاعرن کان گوءِ کٽي ويو آهي.

ايڏي باڪمال شاعر جي پورين جيڪو سندس ڪلام نابود ڪيو آهي، تنهن کان نهايت ڏک پهچي ٿو. پندرهن يا سورهن ورهين جي ڄمار تائين، مون کي يا منهنجن بين ڀائرن کي ايتري بہ خبر ڪانہ هئي تہ ڪو اسان جو ڏاڏو بہ شاعر هو. اتفاق جي ڳالهہ آهي، هڪ دفعي والد مرحوم سان گڏ، حضرت صاحب خواجه عبدالرحمان رحہ سرهنديءَ جي درگاهہ تي ويل هوس، اتي درگاه جي مسجد تي لکيل هينئين قطعہ تاريخ ڏانهن اشارو ڪري والد مرحوم فرمايو تہ "هتي تنهنجي ڏاڏي جي لکيل تاريخ آهي ۽ سندس تخلص 'فدا' هو."

بنا شد مسجدِ زيبا لہ الحمد،
بيا جنات عدنِ را بکن سير
چو شد آغاز و انجامش بخوبي،
"فدا" سالش بگو، انام بالخير
1338.

والد مرحوم ڪان جڏهن سندس ڪلام جي پڇا ڪئي ويئي، تڏهن جواب نفيءَ ۾ مليو. پر آخر تہ: ”ڳولين سي لهن“ جي مصداق، رلندي پنندي سندس ڪلام جو ڪجهہ نمونو بندي کي هٿ اچي ويو.

”انيس المريدين“ ۾، حضرت خواجه عبدالرحمان رح جي رحلت تي، شاهہ صاحب جون چيل تاريخون ٻين شاعرن جي تاريخن سان درج ٿيل آهن. پهرين تاريخ جا چند بند:

اي حبيبِ خالقِ يڪتا، انيس جان ما،
وي طبيبِ جملہ علتها و دردم را دوا!
يا انيسي يا عظيم الخلق يا ڪشف الڪروب،
يا دليلي يا وڪيلي يا ولي المجتبيٰ!
مانده ام جان برلب از هجر تو اي وجه الجميل،
تا بہ چند از ناز بر رويت حجاب از اختفا!
آفتابِ برج معنيٰ، ماهتابِ اوج فضل،
سروِ بُستانِ ولايت، مطلع صبح صفا!
عرش و فرش و تحت وفوق ازا استضايش مستغني،
شمشِ بازغ از رخش، برقِ او مثلِ سها.
نقشبندِ نقشبندان، سرورِ سرهنديان،
قطب ارشادِ مدار و دورِ شاه اصفيا.
از اضافاتش عبوديت برحمان الرحيم،
زان بشاهِ عبد رحمان شد شهِ ارض و سما.
آه بي سر ماند از ترحيلِ آن قيومِ دين،
ملڪ و دين، علم و عمل، جود و ڪرم، فيض و هديٰ.

(90 + 64 + 140 + 13 + 260 + 890 +10) –
(40 + 4 + 70 + 70 + 3 + 20 + 80 + 5) = 1315

## ٻي قطعہ تاريخ

خواجه صاحب جي وفات تي ٻي تاريخ لکي اٿس، جنهن ۾ هر مصرع مان سال وفات 1315هہ نڪري ٿو:

آه از ترحیلِ آن حسن آفتاب، (1315)
بر سپهرِ علم انور ماهتاب. (1315)

مخزنِ اسرار حد دلدادهٔ، (1315)
بر طریق از بهر حق استادهٔ. (1315)

در مکنون نقش او نقش ازل، (1315)
بحر عمان خازنِ علم و عمل. (1315)

عیسوي دم کاشفِ مکتوم راز، (1315)
بیکسان را دستگیرِ چاره ساز. (1315)

فخر علماءِ جهان والا مقام، (1315)
مصدرِ نور الیقین صدر الکرام (1315)

کن توزع چار[1] چندهر کلمہ را، (1315)
یک بیفزا ضرب حب ده سابقا. (1315)

طرح عشرین نما اي دلکشا، (1315)
زن در اسلم خمسه عدد میفزا. (1315)

گیر هر مصرع زو صلِ شاهِ ماه، (1315)
قدوة الارشاد محبوبِ خدا. (1315)

عام تولید مقرب راهرو، (1315)
آفرین طرز از "فدا" احقر شنو. (1315)

شاهزاده زاد[2] بافیض و هدي، (1244)
مصدرِ اعطف مکرم مهتدا (1244)

عمر احلا معلم مکتوم راز، (1244)
باهدي جواد اهدا پاکباز. (71)

باد فایز فیض مصطفوي "فدا"، (1315)
از فیوض ساطع نورِ هدي. (1315)

---

(1) صفت صنعت جامع اولا هر کلمہ را که خواهي اخذ وصال حضرت قدس سره نمائي. اعداد همون کلمه راچهار چند کن ویک بر او اضافہ کن. بعده در ده ضرب ده. و از ماحصل بیست بیست طرح کن آنچ باقي ماند اورا ضرب اسلم ده و در ماحصل پنج اضافه کن تا سال وصل مبرین گردد.

(2) مٿین ٻن شعرن جي ٽن مصرعن مان حضرت صاحب جو سن تولید 1244ھ ۽ پوئین مصرع مان سندن عمر 71 سال نڪري ٿي.

"انیس المریدین" تان ورتل

شاهه صاحب وري ٿي تاريخ لکي، جنهن مان حضرت صاحب جي ولادت جو سن 1244هه، عمر 71 سال ۽ سن وفات 1315هه هر هڪ مصرع مان نڪري ٿو، جا انتخاب ۾ پيش ڪبي.

افسوس آهي تہ شاهه صاحب جو ڪلام سندس ڪتابن سان گڏ ناپيد ٿي ويو. سندس ڪلام لاءِ جستجو جاري آهي، جو ڪجهہ بہ هٿ چڙهي سگهيو، سو اميد آهي تہ جلد شايع ڪيو ويندو.

هن هيٺ سندس ڪلام مان انتخاب پيش ڪجي ٿو:

## انتخاب

### عشقيہ

صرف ٿي هيءَ عمر منهنجي درميانِ ڪُوئ دوست.
بس ٿيو مانوس خاطر آستانِ ڪُوئ دوست.

روضہ رضوان ۾ ناهي ڪجهہ نشانِ ڪُوئ دوست.
لا مڪان جي شان سان ٿيو آهہ شانِ ڪُوئ دوست.

قبر ۾ ڪفنِ شهيد ناز، خون آلوده آهہ،
ٿيو متس تا حشر آ باقي نشانِ ڪُوئ دوست.

هن سبب کان ٿي زبان بلبل سندي آهي فصيح،
روز شب جو ان ڪي ٿي وصفِ مڪانِ ڪُوئ دوست.

ڇا رضا اي سوختہ دل، قطرهٔ مئي واسطي،
ساغرِ خون تا ونن هي ساقيانِ ڪُوئ دوست.

پير هن قاتل جو رنگين ٿيو نشانِ خون کان،
جِي وري هن کان پياسين، ڪُشتگانِ ڪُوئ دوست.

باغِ جنت همسريءَ جي ان سان دعوي ڪيئن ڪرين،
ڪي منقش آهہ، جو خون مقتلانِ ڪُوئ دوست.

آهيان ڪُشتہ تہ ڏهن تا ناز مان ڏوڙيو اچن،
لطف سان مون ڏي "فدا" هي ڏس سگانِ ڪُوئ دوست.

**نعتيہ ڪلام**

ڪيئن نہ تئي اعزاز ۾ آدم ملائڪ کان وڏيڪ،
تيو جڏهن پيدا انهيءَ مان دودمانِ مصطفيٰ.
تن تي تيو شيدا خداوندِ زمين و آسمان،
جيڪي ٿيا سو جان سان دل دادگانِ مصطفيٰ.

...............

جنهن دم تئي وصف عارضِ رنگينِ مصطفيٰ،
گل باغ ۾ وفور خجالت کان آب تئي.
هر دم اها دعا تي خدا کان "فدا" سندي،
قسمت سندم تہ جانبِ طيبہ شتاب تئي.

...............

ڪير فخر المرسلين ٻيو ماسواي مصطفيٰ،
ڪير روزِ حشر، شافع ٿيو، وراي مصطفيٰ.
ڪنهن کي ٿيو قربِ خدا اهڙو سوائي مصطفيٰ،
عرش فرش مصطفيٰ، قوسين جاي مصطفيٰ.
ڪنهن کي تي مهرِ نبوت ماسواي مصطفيٰ،
ڪير ٿيو ختمِ رسالت ماورائي مصطفيٰ.
ڏي مون کي دارين ۾ يا رب براي مصطفيٰ،
ذوق عشقِ مصطفيٰ، شوقِ لقائي مصطفيٰ.

...............

محمد باعثِ ايجاد ڪونين، دو عالم جسم ٿيو ۽ جان محمد،
ٿيو مسجود عالم ڪعبۂ دين، ٿيو قبلہ جڏهن ايمان محمد.

...............

عجب پُر فضا ديارِ مدينہ،
تون ڏيکار يا رب بهارِ مدينہ.
حقيقت تي ڇا مال و دنيا جي اي دل،
ڪريان نقد جان سڀ نثار مدينہ.

"فدا" جي سڪونت براي خدا ڪر،
مديني ۾ اي شهر يارِ مدينا!

..................

شوق منهنجو آهه هر هر يا شفيع المذنبين،
تي رهي دل منهنجي مضطر يا شفيع المذنبين.
ڪڍ نقاب از رويِ انور يا شفيع المذنبين،
ديدهٔ دل ڪر منور يا شفيع المذنبين.
تشنهٔ ديدار ڪي شيراب ڪر بهرِ خدا،
مالڪِ تسنيم و ڪوثر يا شفيع المذنبين.
نور تنهنجي مان سين ڪي تي عطا جلوه گري،
واه تون خورشيد انور يا شفيع المذنبين.
جادهٔ ايمان تي منهنجو خاتمو ٿئي خير سان،
منهنجا هادي، منهنجا رهبر، يا شفيع المذنبين.

......................

طور ڪامي ديدهٔ انسان جو گو سرمو ٿيو،
سرمهٔ چشمِ ملڪ تي خاڪپاي مصطفيٰ.
مثل سو سن سؤ زبان پيدا ڪريان تان ڇا حصول،
سَوَ زبان سان ٿئي نه پوري هڪ ثناي مصطفيٰ.

........................

ٿيو مون ڪي خيالِ مدحت خير الوريٰ آهي،
سريرِ ڪلڪ کان پيدا صدا صلي عليٰ آهي.
چمن ۾ نعمت گوئي جي، هي طوطي طبع منهنجي جو،
بذڪرِ پاڪ (ختم المرسلين) ٿيو خوش نوا آهي.
محمد برگزيده بارگاهه ڪبريا آهي،
محمد انبياءِ ۽ مرسلن جو پيشوا آهي.
محمد باعثِ ايجاد عالم خلقيو خالق،
محمد ڪشورِ لولاڪ جو مالڪ ادا آهي.

محمــد جــي مهــابي عفــو ٿيــو عصيــان آدم جــو،
محمــــد نــــوح جــو طوفــان ۾ ٿيــو نــاخذ آهـــي.

محمــد جــو مبــارڪ نــام آهــي روح جــي راحــت،
محمــد جــو مبــارڪ ذڪــر دردن جــي دوا آهــي.

محمــد جــا ٻئــي گيسـو ٿيــا واليــل جــو تفسـير،
محمــد جــو رخِ انــور سراســر والضحــيٰ آهــي.

نسـيم بــاغِ جنــت ڪــي جنهيــن آنــدو خجــالت ۾،
مدينــي جــي اهــا بيشــڪ هــوا فرحــت فــزا آهــي.

ٻڌي هــيءَ نعــت منهنجــي بــاغ جنــت ۾ چيــو رضــوان،
هزاريـــن آفريـــن صـــد مرحبــا توکــي "فــدا" آهــي.

..................

بلبــل ڪــان زيــاده ٿــي تمنــاي مدينـــه،
ڇـا غيــرتِ گــلزار ٿيــو صحــراي مدينـــه.

گويــا ٿــي زبــان بهــرِ ســخنهاي مدينـــه،
روشـــن ٿـــي نظـــر بهــرِ تجــلاي مدينـــه.

حضـرت تـو انهـن لاءِ اڇـي راهــ نمـا ٿئـي،
ڳولين ٿـا جــي صـدق سـان جويـاي مدينـه.

نــي خواهــش فــردوس نــي پــرواه ارم جـــي،
آهيــان مــان ســدا بلبــلِ شــيداي مدينـــه.

مـدت ڪـان اهـا آهـ تمنـا ٿـي "فـدا" جـي،
دل ڪــان نــه وڃــي منهنجــي تمنــاي مدينـــه.

...................

## مخمس

### بر غزل مولانا قدسي رحه

ڪيـر مـــٿ تنهنجـو ٻيـو آهــ رسـولِ عربـي،
بـي وضـو نـام ونـڻ آهـي سـنڌئي بـي ادبـي،

آهي زيبا تي متئي خلعتِ والاحسبي،
مرحبا سيد مڪي مدني العربي،
دل و جان باد فدايت چہ عجب خوش لقبي.

ڇا جمال رخِ انور جو ٿيو هي عالم،
جنهن تي حيران تي پري حور ۽ جن و آدم،
مظهر نور الـهي اهين قرآن جو قسم،
من بيدل بجمالِ تو عجب حيرانم،
الله الله چہ جمال ست بدين بوالعجبي!

دل کي تسڪين نہ ٿئي غير جمالِ انور،
جلد ڏيکار تون ديدار بربِ اڪبر،
ڪر ڪرم بهرِ خدا حال تي منهنجي سرور،
چشم رحمت بڪشا سوي من انداز نظر،
اي قريشي نسبي هاشمي و مطلبي.

نور ڪان تنهنجي زمين توڙي فلڪ ٿيا معمور،
ماهہ شق، مهر ٿيو ششدر ۽ پريشان هر حور،
تنهنجي اعجاز نمائي تي خدا کي منظور،
ذات پاڪ تو درين ملڪ عرب ڪرد ظهور،
زان سبب آمده قرآن بزبانِ عربي.

يا نبي نور سندئي نور ڪان رب جي پيدا،
موڪلي توکي خدا پاڻ متئي ٿيو شيدا،
خاڪ آدم کي يلا نور سان نسبت ٿئي ڇا،
نسبتي نيست بذاتِ تو بني آدم را،
بر تر از عالم و آدم تو چہ عالي نسبي.

منبع رحمتِ عالم بخدا تنهنجي ذات،
مرجع عام خلائق اهين اي نيڪ صفات،

الغيــاث اي شــه ڪونيــن شــفيعِ عرصــات،
مــا همــه تشــنہ لبــانيم توئــي آب حيــات،
لطف فرماڪ زحدمي گذرد تشنہ لبي.
شان ۾ ڪهڙي نبــيءَ جــي تــي پلاٿــي لــولاڪ،
زينتِ عـرش عـلا تنهنجي شها ذات تـي پـاڪ.
تـو سوا ڪنهن ڪي مليـو اهڙو بـراقِ چـالاڪ،
شـبِ معــراج عــروج تــو گذشــت از افــلاڪ،
بمقاميڪ رسيدي نرسد هيچ نبي.
آءٌ محتــاج آهيــان تــون تــہ ڪريــم و اڪــرم
منهنجي بخشائي خطا رب ڪـان رسـول اعظـم
ڪر خطا منهنجي تي تون جلد عطا فخر امم،
نسبتِ خـود بسـگت ڪـردم و بـس منفعلـم،
زانڪہ نسـبت بسـگ ڪـوي تـو شـدبي ادبـي.
عرش اعليٰ تي ڪيو خوب خدا تو سان ڪلام،
قدسين توتي پڙهي شوق مان صلوات و سلام.
اي گــلِ بــاغ صفـــا، اي دُرِ بحــرِ اڪــرام،
نخــلِ بســتانِ مدينــہ ز تــو سرســبز مــدام،
زان شده شهرهٔ آفاق بشيرين رطبي.
فيض بخشِ دو جهان آهيـن تـون اي شـاه حجـاز،
سنڌ وارن کي ڏئيـن هجـر ۾ ڇـو سـوز و گـداز،
جلد ڪر پنهنجي زيارت ڪان انهن کي ممتـاز،
بـر درِ فيـض تـو اسـتاده بصـد عجـز و نيــاز،
زنگي و طوسي ورومي، يمني وحلبي.
هجر جي مرض ڪان تي جان سندم لب تي نبي،
خـود مسـيحا بـہ لکڻ نسـخي ۾ تيـو آهہ غبـي،
عـرض توکـي هـي ”فـدا“ جـو اي رسـول عربـي،
سـيدي انـــت حبيبـــي و طيـــب قلبســي،
آمـده سـوي تـو قدسـي پـــيءَ درمــان طلبــي.

(بر وفات خواجہ عبدالرحمن سرهندي رحہ ڪہ از هر مصرع سن عمر 71 و سن تولید 1244 و سن وفات 1315 هجري مشهود میگردد.[1] )

71 1244

واءِ ویلا هاي، رحلت کرد آن عین الیقین 1315

71 1244

با حزن آه، مطلعِ سر ولا رفت از جهان 1315

71 1244

پاک امجد، چاره سازي مقتداي عارفان 1315،

71 1244

بوي احمد، سروناز مرشید هرانس و جان 1315

71 1244

پاکبازي زیب ده، آن خازنِ اسرار گنج 1315

71 1244

بزمِ ایزد، کافلِ دنیا و دین فخرِ زمان 1315

71 1244

بود مهدي، نائبِ شرعِ محمد حق شناس 1315

71 1244

زاهد و امجد، بهین نوبادۂ باغ جنان 1315

71 1244

بدءِ دین، بدر سماءَ رشد صاحب عقل و فهم 1315

71 1244

مهبطِ اجواد، ارحم خواجۂ سرهندیان 1315

71 1244

زبدۂ اهلِ زهاد، آن موردِ فیض وولائي 1315

71 1244

احمدي آداب، ثاني احمد و کبرا نشان 1315

---

(1) هيءَ تاريخ هن طرح آهي تہ پهرين لفظ مان مثلاً: "هاحزن آه" مان 71 نڪري ٿو ۽ "آن مطلعِ سرولا رفت از جهان" مان 1244 نڪري ٿو، ۽ سڄيءَ مصرع ڪي ڳڻڻ سان 71-1244 1315 نڪري ٿو.

1244 71

یوح مجد، دین پناه سر سبحان الذي 1315،

1244 71

اطیب امجاد، حق بین فائصن معجز بیان 1315

1244 71

با احد دایر، بذات حق محو، لا یزال 1315

1244 71

جاه جر اوحد، سکندر مدحت وصاحب قرآن 1315

1244 71

با ادب این، آمده رحلت ولادت سن 1315

1244 71

تو بیاب، از جان "فدا" هر مصرعِ هرکار دان 1315

## بروفات حسرت آیات آغا عبدالحلیم جان رح سرهندي

## در صنعت مهملات

لا الـه الاالله محمد الرسول الله، صلي الله علئ روحه وسلم. سال وصل محطه الرحال، حاو للکمال، اسعد السعداءَ، اکمل الکملا، (محور سماءِ العلم والعمل)، حاسر مراسر طول الامد والامل، صاعد مصاعد، سالک مسالک، مکارم معمر، صروه لعدل، هادم اساس الحدل، اکمل اهل الله، اکرم اهل الولاء، وهو الاطهر سراً و الاسلم، سلوماً ولا حوط عملاً، والاصلح حالاً، اسمه المکرم، "حلما" وهدئ[1] "روح الله روحه الاطهر الاعطر سرمداً محرره اسدالله حاله وماله."

## در طرح مهمل

آه عمـّد الملک کرده الوداع، موصول الامال مسعود و مطاع،
الله الله حامل اسرار سمو، الله الله سُلم طارم عُلُو،
سر اوحد سالک سلک کرم، راس کمل صاعد مصعد همم،
ماه عالم واصل سر العمل، سعد اکرم حاسر طول الامل،
صالح الاعمال آمد للکرام، اهل دل را اکمل واسعد امام،

---

(1) اشاره به اسم شریف در لفظ "حلم" اعداد هدئ زیاده کرد شود "حلیم" مي بود.

مطلع الاسرار در عالم علم، در هدي وحلم و اعطا و کرم،
مالک ملک ولا مهر عُلا، ما رد الحساد طارد للعدا،
دارک مدرک صلاح و سر سداد، طامس الحادها للکل هاد،
طول اللهم، عمر اولاده، حسم اللهم اعدا عاده،
سال وصل او اسد کرده ادا، سرور احرار صدر اللعلا.

1331

.................

الله الله مصلحِ اسلام صمصامِ عدا،
موسدِ اهلِ امل، هم سلمِ طارم عُلا،
محور الاکرام اعطاف کرم را مائده،
سالکِ مسلک سلوک و مالکِ ملکِ ولا،
اکمل و اسعد محط الکل حاو للکمال،
سرورِ اعلام عالم مصدرِ حلم و عطا،
سال وصلِ کامل آمد در دلِ ملهم آسد،
مصدر الاسرار و ماه عالم واصدر هدي.

3121

.....................

**بر وفات آغا عبدالحلیم سرهندي رح که هر مصرع ماده تاریخ بر مي آید**

آه رحلت کرد آن عالم فگار 1331،
شمع دوران مرکز و قطب المدار 1331.
سرور دین مخزن جود و همم 1331،
در کمال الشکر در عالم علم 1331.
آن موحد مطلع نور و ضیا 1331.
آن معظم جامع یمن وهدا 1331
اجملي خورشید دینِ احمدي 1331
نور حق با هر مکرم مهتدي 1331

خواجہ معجز نشان عبدالحليم 1331

آه اکمل معدنِ فصل عميم 1331.

گوهر تابان و سر سرهنديان 3131،

بي بهادر سرورِ روشن دلان 1331.

رهروان را رهبري بيدار دل 1331،

او مؤدب فاني خير الرسل 1331.

واصل حق سر حق سر تاج دين 1331،

لطف عام و مقتدي المهتدين 1331.

رهنما ابرار عمده اتقياء 1331،

خوبي احرار و قدوه اصفياءِ 1331.

مقتداي ڪاملين صدر الصدور 1331،

نور حقِ اقدس ماحي الشرور 1331.

خاص حق سلم طارمِ علا 1331،

گوهر يڪتا و محبوب خدا 1331.

آن گل باغ مجدد حق بين 1331،

آفتاب عالم سراج العارفين 1331.

گوهرِ تابان در بن قحط الرجال 1331،

جود منبع مطلع فضل و ڪمال 1331.

برد اللهم مضجعه علا 1331،

ختم سازد بادعا ادنيٰ "فدا" 1331.

## قاضي محمد دائود

حافظ حاجي "حامد" جو ٻيو نمبر فرزند، محمد دائود، اٽڪل 1286هہ ڌاري اڳينءَ ٺٽ ۾ تولد ٿيو. حافظ صاحب جي وفات ڪان ٿورو اڳ متس جيڪي زماني جا يڪا يڪ حوادث ٿتا هئا، تن جو اثر سندس رحلت ڪان گهڻو عرصو پوءِ ٻہ سندس اولاد تي رهيو. گذر اوقات لاءِ هر ڪنهن پٽ پنهنجو پنهنجو طريقو اختيار ڪيو.

**ملازمت:** مرحوم محمد دائود سنڌي توڙي پارسي وغيره ۾ چڱي تعليم حاصل ڪئي هئي. پنهنجي خداداد همت ۽ دليريءَ ڪري پوليس ڊپارٽمينٽ ۾ ڀرتي ٿيو، جتي پنهنجي محنت ۽ جانفشانيءَ سان ستن سالن جي قليل عرصي ۾ ڪنسٽيبل جي معمولي عهدي تان ترقي ڪري سب انسپيڪٽريءَ جي عهدي تي فائز ٿيو.

**علم و ادب:** گورنمينٽ ملازمت جي باوجود، سا بہ پوليس جي نوڪري، علمي شغل، جو سندس خاندان ۾ پشت بپشت هلندو پئي آيو، تنهن کي هٿان نہ ڇڏيائين. جيتوڻيڪ پنهنجي وڏي ياءُ ”مخلص“ جي ڪڙيءَ تي ڪڏهن بہ نہ اچي سگهيو.[1]

**نثر نويسي:** نثر ۾ ”مومن“ ٽڪڙائيءَ جي نالي سان، مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ سندس مضمون شايع ٿيندا هئا.

**شعر و شاعري:** شعر ۾ ڪن ٿورن نظمن ۾ ”مومن“ ۽ باقي ٻين ۾ ”دائود“ تخلص اٿس. سندس ڪلام ڪو گهڻو ڪونہ آهي. جيڪو ڪلام اٿس سو نهايت ساديءَ، سليس ۽ دلپسند سنڌيءَ ۾ آهي. چند غزل پارسي آميز بہ اٿس. دائود سنڌي ڏوهيڙا بہ چيا آهن، جن ۾ چڱو رس آهي. ٻين عشقيہ غزلن سان گڏ، ’سهڻي ميهار‘، ’سسئي پنهون‘، ’ليلا چنيسر‘، ’عمر مارئي‘ وغيره تي بہ طبع آزمائي ڪئي اٿس.

سندس بياض ”لحن دائود“ جي نالي سان سندس فرزند محمد خان ”غني“ وٽ موجود آهي.

**طبعيت:** سندس طبعيت نهايت سادي هئي. سڀ ڪنهن امير خواه غريب سان خنده پيشانيءَ سان پيش ايندو هو.

”دائود“ صاحب 19 مارچ 1937ھ ۾، خميس جي پيلاري ڏينهن، اٽڪل 70 سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي. سندس ڪلام مان انتخاب پيش ڪجي ٿو.

## انتخاب

نهوڙي نيو، جڪندن منهنجو جيءُ،
قضا جي قلم جو، پرو ڪونہ پيو،
پارڻ سو پيو، جو لکيو لوح قلم ۾.

. . . . . . . . . . . . . .

---

[1] انهيءَ جو معقول سبب مطالعي جي گهٽتائي بہ هئي ۽ سرڪاري نوڪريءَ جو جنجال بہ سر تي هوس.

چولي ڇڏ مَ ڇپرين، متا هيءَ مُئي،
ڪر ڳنڍڻ جون ڳالهيون، ڪري دور دوئي،
جا تنهنجي سڱ سئي، سا چولي ڇڏ سمَ ڇپرين.

...............

جي پانئين جت پسان، ته اتي ڏونگر ڏور،
ته مَنَ مرداون پُڄَنَئي، هِينئڙي لهنئي هور،
پوري ڇڏ پنيور، ته پهچين پنهونءَ ڄام کي.

## غزليات

اڄ مليو آهي دلاسو دوست جي ديدار جو،
نئون نياپو آهه پهتو مون پرينءَ جي پار جو.

سال ٿي جنهن لءِ سڪيس ۽ ٿي گهنگهر ۾ گهاريم،
اڄ مليو انجام آهي دل گهرئي دلدار جو.

يار جي صورت ڏسي سڀ کو ڪري ساراه ٿو،
ڪونه مٽ آهي ڪٿي هن سونهن جي سردار جو.

منهنجي مشفق مه لقا جو ڪين مٽ ٿئي ماهتاب،
ٿئي جهڪو جلوو هتي هر حور جي جنسار جو.

دمبدم "دائود" جو هي عرض آهي رب کي،
شل رهي سايو سدائين دوست جي ديوار جو.

...............

وڃي قاصد قريبن کي سڻائج سور سڀ ساري،
ته پرينم تو بنا پرديس ۾ ڪٽتين ڇڏيو ڳاري.

وساري تون رهئين ويهي، نه لڌيئي سارڪا ساجن،
انهن دردن اندر دلڙي ڪريو ٻر ٻر ٿي ٻاڪاري.

سڪي سڪ ۾ ٿيس ساٿو نه تن ۾ ڪا رهي طاقت،
منا، ري منهن ڏسڻ تنهنجي ٿو مون کي موت اڄ ماري.

جيئڻ جنجل ٿيم جانب گهنگهر گهارڻ ٿيم گهڙيون،
ڪسي "دائود" جي جنهن دل ڪڏهين ايندو سو اوياري.

...............

مٺا محبوب مون مسڪين کي ماٺن سان مارين ڇو،
آهن جي آسري تنهنجي ونهيل تن کي وسارين ڇو.
جدائيءَ ۾ جلڻ جي ناهه طاقت ڪا رهي تن ۾،
سڪن جي سڪ اندر تنهنجي، تنهين سان گڏ نہ گهارين ڇو.
رسڻ جون تون سڪئين ڪنهن ڪان سڄڻ ريتون ۽ رمزون هي،
ڪيئي جي وصل جا وعدا، پيارل سي نہ پارين ڇو.
وهاير رات اڄ ويهي تڪيندي يار ري تارا،
نيئي "دائود" جي دلڙي وري سان تون نہ وارين ڇو.

...............

الاهي صبر ڏي عشقِ بتان ۾،
جڏهن ناهي اثر آه و فغان ۾.
نيو آرام منهنجو ان جي الفت،
لڳائي آڳ منهنجي آستان ۾.
وفا منهنجي ۽ ان جي بي وفائي،
انهيءَ جو ذڪر ٿيو پير و جوان ۾.
سدا معشوق مارن عاشقن کي،
ڏنم چرچو اهو ساري جهان ۾.
ڪري دعويٰ تو هرڪو دوستيءَ جي،
مگر معلوم ٿيندو امتحان ۾.
نہ ڪر دم دير تون مون سان ملڻ ۾،
رهي ڪجهہ جان باقي نيم جان ۾.
ڪيا ڪئين درد جا "دائود" دارون،
فرق ٿڪين نہ ڪيو دردِ نهان ۾.

## سيد حاجي محمد حافظ شاهه

سيد الهہ بخش شاهه جو چوٿون نمبر فرزند ۽ علامہ اسدالله شاهه جو پاٽ، سيد حاجي محمد حافظ شاهه، 20 شوال المڪرم، 1287ھ ۾ اڳينءَ ٺٽ ۾ ڄائو.

**تعليم و تربيت:** ڪيس حافظ يوسف جي مڪتب ۾ ويهاريو ويو، جتي قرآن ڪريم جي پڙهڻ سان گڏ، سنڌي ۽ پارسيءَ ۾ بہ چڱي مهارت حاصل ڪيائين. عربي، "سراجي" تائين پڙهيو.

**مرشد ونڻ:** ٻين سيدن سان گڏ، حضرت صاحب خواجہ عبدالرحمان سرهنديءَ جو مريد ٿيو. نہ رڳو مريد، پر حضرت صاحب جن جي مٿس هميشہ مهر ۽ قرب جي نظر پڻ رهندي هئي. ساڻس گڏ ڪيترا دفعا ڪوئيٽا، ڪابل ۽ قنڌار وغيره جي سفر تي بہ ويو هو. حافظ شاهہ جيتوڻيڪ نقشبندي هو، ۽ نقشبندي طريقي ۾ راڳ ۽ سماع حرام آهي، مگر ڀانءِ راڳ کي روح جي راحت سمجهيائين ٿي. اهوئي سبب هو جو سندس اوطاق هميشہ راڳيندڙن، نڙاين ۽ بانسرين وارن سان ڀريل رهندي هئي. ڳوٺ جا ماڻهو گهڻو ڪري سندس ئي اوطاق ۾ ڏسبا هئا. ڪڏهن مداري، ڪڏهن ڏور ۽ بيت چوندڙ. ڪڏهن سگهڙ ۽ سچيت ماڻهو سندس اوطاق کي رونق بخشيندا رهيا. پرديسي ڳائڻا ۽ سگهڙ ايندا هئا، تہ گهڻو ڪري سندس ئي اوطاق ۾ رهندا هئا. پنهنجي هم مجلسن سان ايتري قدر انس ۽ محبت هوندي هيس، جو جيڪڏهن ڪوبہ سيد سندس ڪنهن ساٿيءَ کي ڪم ڪار چوندو هو تہ ڪيس ڏاڍو ڏک ٿيندو هو، ۽ پاڻ انهيءَ سيد کي چوندو هو تہ: "ادا! آءٌ تو تنهنجو ڪم ڪريو اچان. باقي منهنجي ڪچهريءَ وارن کي تڪليف نہ ڏي." جيڪڏهن وٽس روزانو ايندڙ ماڻهو ڪڏهن ڪچهريءَ تي نہ آيو، تہ صبح جو پاڻ انهيءَ جي گهر وڃي سندس خبرچار لهندو هو.

**لباس:** ڪيس بدن جي صفائيءَ جو ڏاڍو خيال رهندو هو. نهايت نازڪ ۽ نفيس لباس پهريندو هو. خوشبوءِ لڳائڻ سان خاص شوق هوس.

**طبعيت:** خوش خلق ۽ رلڻو ملڻو بہ اهڙو هوندو هو، جو جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ سان هڪ دفعو ڳالهايائين تہ اهو شخص سڄي عمر سندس دوست ٿي رهندو هو. خوش طبعي ۽ مذاق جو بہ ڪوڏيو هو. جنن ۽ ڀوتن جي اجاين ڳالهين تي اعتبار ڪونہ ڪندو هو. جيڪڏهن ڪا اهڙي ڳالهہ ٻڌندو هو تہ جيسين انهيءَ ڳالهہ جي پڪ نہ ڪندو هو، تيسين سڪ تي نہ سمهندو هو. سندس تحقيق ڪان پوءِ اهڙيون ڳالهيون هميشہ ڪوڙيون نڪرنديون هيون.

ٺٽِ ۾ راندين روندين کي حافظ شاهہ ئي زور وٺايو هو. انهيءَ وقت ٺٽِ جا اني ڏڪر، ونجهوٽي ۽ وڏ ڪبل جا رانديگر، ٻئي هر ڪنهن ڳوٺ جي

رانديگرن ڪان سنا ٿيا. ٺٽڙ ۾ انهيءَ وقت زبردست ملاکڙا لڳندا هئا. خود ٺٽڙ ۾ جمعدار ستارو ميمڻ هڪ سنو ملهه هو، جو حافظ شاهه جو خاص ماڻهو هو. حافظ شاهه جي ئي دم قدم سان اهي ملاکڙا لڳندا هئا.

**غريبن سان همدردي:** اها ڳالهه مشهور آهي ته جڏهن به ٺٽڙ ۾ سخت برساتون پونديون هيون، نڌهن انهن سخت برساتن ۾، هڪ شخص، لٺ هٿ ۾، گوڏ ٻڌل، هر ڪنهن غريب جي گهر وڃي سندس خبرگيري ڪندو هو ۽ پنهنجيءَ پڇنديءَ آهر سندن مدد ڪندو هو. اهو هو حافظ شاهه. جنهن جي دل ۾ غريبن ۽ مسڪينن لاءِ ايڏي همدردي هوندي هئي.

**وفات:** حافظ شاهه 5- صفر 1337هه ۾ وفات ڪئي. کيس حضرت صاحب خواجه عبدالرحمان رح واري مقام ۾ دفن ڪيو ويو.

**شعر و شاعري:** حافظ حامد ڪان پوءِ جيڪڏهن ڪو ٺٽڙ جو شاعر، پنهنجي ڪلام ۾ سوز ۽ درد پيدا ڪري سگهيو آهي، يا جنهن جي ڪلام ٻڌڻ يا پڙهڻ سان، دل ۾ جذب ۽ ڪيف پيدا ٿي سگهي ٿو، ته اهو حافظ شاهه ئي آهي.

**شاعريءَ جي ابتدا:** حافظ شاهه جي شاعريءَ جي شروعات بابت چيو ٿو وڃي ته هڪ ڏينهن سير و تفريح ڪندي "جون واهه" جي ڪناري تي اچي نڪتو ۽ اتي ئي هڪ نازنين دوشيزه ڪپڙن ڌوئيندي سندس دل کي ڌتاري ورتو. سڄڻ جي سڪ ساڻ ڪري روئندو رهيو. بره جي باهه پڙڪو ڪاڏو. ۽ شاه صاحب هميشه لاءِ دل وڃائي ويٺو. لنوءُ لڳائڻ لاءِ ته لڪ به ضروري هئي، مگر ماٺ ڪرڻ مان به ته ڪو درد جو درمان ٿي نٿي سگهيو. آخرڪار ننگ ۽ ناموس جا مڙيئي ٽڳا ٽوڙي ويٺو. کيس ڪنهن سباڻي صلاح ڏني ته: "تنهنجي مرض جو مداوا حضرت صاحب ئي آهي." اها صلاح وڻي، پنهنجي عشق جو احوال پنهنجي پير طريقت اڳيان پيش ڪيائين. حضرت صاحب جن کيس دعا ڪئي ۽ انهيءَ ڏينهن کان وٺي سندس سوز درون شعر جي صورت اختيار ڪئي.

مجازي عشق ته اڳ ئي پيدا ٿي چڪو هو، ويتر جو مرشد مٿي تي هٿ ڦيريس، تنهن سون تي سهاڳي جو ڪم ڪيو. غزل تمام گهٽ، باقي پنهنجي جهوني سنڌي رنگ، مداحن ۽ ڪافين ڏي تمام گهڻو توجهه ڏنو اٿس. جڏهن عشق جي اندرين آڳ سندس صبر جو پيمانو لبريز ڪري وجهندي هئي، تڏهن اها آتش هزارين ارمان کڻيو، شعر جي قالب ۾ پلنجي، سندس زبان مان ٻاهر نڪرندي هئي.

موٽيو، عيسو ۽ لونگ شيدي هميشه ساڻ هوندا هئس، پاڻ شعر چوندو ويندو هو ۽ انهن کي ياد به ڪرائيندو ويندو هو. ڪافين جو سُر به پاڻ ڪيندو هو ۽ اول ڪافي به پاڻ ڳائي ٻڌائيندو هو ۽ پوءِ، هو سندس پنيان ڳائيندا هئا.

سندس ڪافين ۾ ايتري ڪشش هوندي هئي، جو جيڪڏهن هڪ شام جو، سندس اوطاق تي، ڪا نئين ڪافي ڳائي ويئي ته صبح جو انهيءَ ڪافيءَ جو هڪ يا ٻه بند ڳوٺ جي ٻار ٻچي، پير و جوان جي زبان تي ٻڌبو هو. هاري ۽ ناري، ڪمي ۽ ڪاري، ڪٽي ۽ ڪوري، مزدور ۽ پورهيت، پنهنجو ڪم ڪار لاهي، اچيو حافظ شاهه جي اوطاق پيڙا تيندا هئا. عشاءَ جي نماز کان پوءِ، مجلس شروع ٿيندي هئي. عيسو، موٽيو ۽ لونگ، واري واري سان يا گڏجي، ڳائڻ شروع ڪندا هئا. ساري محفل تي ڪيف ۽ مستيءَ جو عالم طاري ٿي ويندو هو. شاهه صاحب پاڻ به هنجون پيو هاريندو هو، ته ٻڌندڙن جي نيڻن مان به نار پيا وهندا هئا.

حافظ شاهه هڪ عوامي شاعر هو. انهيءَ جو ثبوت اهوئي ڪافي آهي ته. جڏهن سندس ۽ سندس همعصرن جو دور گذريو ۽ ٺٽڙ مان اها بهار جي بوءِ ختم ٿي ويئي، ۽ ٻين شاعرن جا بياض سندس بياض وانگي گر ٿي ويا ۽ جڏهن پوئين دور جي اديبن سندس ڪلام جي ڳولا ڪئي، تڏهن ماڻهن کي سواءِ "حافظ" جي ڪافين جي ٻئي ڪنهن به شاعر جي ڪلام مان هڪ يا ٻن بندن کان سواءِ، ڪجهه به ياد نه هو. اهوئي سبب هو جو ماڻهن جي ساڻس ۽ سندس ماڻهن سان محبت هئي. اڄ به سندس صحبتي، سندس ڳڻن پريون ڳالهيون ڪٽيو، اکين مان آب هارين ٿا.

حافظ شاهه جو ڪلام گهڻو ڪري ڪافين جي صورت ۾ آهي. گل ۽ بلبل، خال ۽ خط، باده و جام، ساقي ۽ پير مغان جا خيالي استعارا ۽ افسانا سندس ڪلام ۾ گهٽ نظر اچن ٿا. سندس شعر ۾ نيٺ سنڌي لفظ، سنڌي محاورا ۽ تجنيس حرفي گهڻي موجود آهي.

**نيٺ سنڌي رواني ۽ سلاست:** شاهه صاحب ڪوشش ڪري، پنهنجي ڪلام ۾ اهي لفظ استعمال ڪيا آهن، جي بلڪل عام فهم آهن.

حال نه مون ۾ هاڙهي هلڻ جو، هوت هلي آ آري.
چوهه چپر ۾ چڏيئي چولي، ڪانه ڪيئي پوئواري.

روه رنــدن ۾ رس رلــيءَ ڪــي،　　مـــوت، آءُ مـــنزل مـــاري.
”حافظ شاھ“ جي حجت نہ ھوتـا،　　زور نـــاھـــي، تـــوســـان زاري.

**محاوره!** شاھ صاحب جو ڪلام سنڌي محاورن سان ڀرپور آھي. مثلاً:

تـــارا تڪيـنـــدي راتيـــون گذاريـــم،
ڏينهـــن ڏڪـــن ۾ ڀيهـــي پچـــاريم،
ســـور ســـَـــنا مـــون ســـال پيـــارا،
واريـون ورھـ جـون مـون ورھيـ وسـايون.

ھن بند ۾ ”تـارا تڪڻ“- ”سـور سـهڻ“- ”واريـون وسـائڻ“ خـاص سـنڌي محاورا آھن.

**تجنيس حرفي:** شاھ صاحب جو اھڙو ڪوبہ ڪلام ڪونهي، جو تجنيس حرفيءَ سان سينگاريل نہ ھجي. ملاحظ ڪريو:

اي عجيبـــا! اوچتـــي توســـان ســـندم دلڙي اڙي،
قلب ۾ ڪنهن پـر ڪا اٽڪي قـرب جي قـابو ڪـڙي.
ســـور توڪـــي چـــا ســـٽايان، درد دل ۾ ٿيـــا ھـــزار،
ڏســـڪندي ڏينهـــڙا گذاريـــم، راتيـــون روئـــي رڙي.

...............

پيـــچ ۾ پيـــچ پـــائي زلـــف ســـينگارين ســـهٽا،
ور وجهـــــي وَر ۾ وري وارَ ســـــنوارين ســـــهٽا.
سر ڏيان ســَتِ ۾ سندم، صدقي سچڻ ســاھ ســي!
اي! وتـــم گـــڏجي گهـــڙي پـــل، جـــي گذاريـــن ســـهٽا!

**منظر نگاري:** شاھ صاحب جي ڪلام ۾ منظر نگاري بہ چڱي آھي. مثلاً، سهٽيءَ جي ٻڏڻ جو پورو پورو نقشو ھن طرح چٽيو اٿس:

ســگهو ڏي سير ۾ ســاھڙ، ميهـر، مـون ڪـي مددگـاري!
نـہ ٻـُـوڙو بيـٽ ڪـو ٻـانڌي، تنبـو ترھـو نـہ تـڙ تـانگهو،
چنـي چوليـن چـڏيس چولـي، لڙھيـس لهـرن ۾ لهـواري.
دلـو دريـاءَ جـي دھڪـن، پڃـي پيلـو ڪيـو پـورا،
چـڏيو سـت ٻـَـرُ ٻـانهن، ھڃيـس ھيبـت ۾ ھيڪـاري.
سوين سينسار ٿيا سامهون، ڪڏيو ڪن ڪاھ مڇ مانگر،

وڏايـو وات ڪـن واڳـو، ڇيهـٺ ڇـرڙات ڇـوڏاري.
ڳهريو ڪُن ڳهور ڪَن ڳهيرا، هٽي هٽڙا ٽـَڙي ٽڪيس،
ميهـر مـل تـار ۾ ترتئـون، پرينـم ڪريـوم پوئـواري.

يا وري، سندس محبوب هار سينگار ڪري اڱيانئس اچي ٿو، انهيءَ جو نقشو ملاحظ ڪريو:

دلبـر جـو ديـدار ڏنـم، وه واهه عجب رنگي رخسار ڏنم!
ڪنگڻ ڪڙيون بيـنـي بيـنسر، نـازڪ نـورا جـهـومـڪ جـهـالـر،
وه واهه چيرن سان چمڪار ڏنم!
اطـلـس ارمـڪ ڇـوڙيـدار چـادر، شـبـلـم، بـخـمـل، گلنـار، گلبـر،
وه واهه سهڻل جو سينگار ڏنم!

**ياس ۽ حرمان:** ياس ۽ حرمان شاهه صاحب جي ڪلام جي خاص خصوصيت آهي. هر وقت نهنو ۽ نماڻو ۽ غمگين نظر اچي ٿو. هر وقت پنهنجي محبوب کي اڳڻ اچڻ لاءِ ڪيرتون ۽ ڪارون ڪندو نظر اچي ٿو. محبوب کي سڏائين "ٻاجهارا، پرين، دلبر، عجيب" وغيره سان پڪاري ٿو. نه ڪي "قاتل، بي رحم، چنگيز ۽ ڪافر"- جيئن:

آءُ عـجـيـبـا اوراهـون، وي، ڏينهن ڏکيا هيءَ گهايل گهاري!

..............

آءُ مـل يـار پـيـارا، وي، بـرهه بيمار ڪيس آءُ بلڪل!

..............

آءُ تـون، جـيـئـن شـال پـيـارا، جوڙي ڏيئين يار جيءَ ۾ جايون!

يا ته وري ڪانگ پيو اڏائي ۽ محبوب ڏانهن نياپا ۽ سنيها پيو موڪلي ۽ ڪانگل کان پرينءَ جون خبرون چارونُ پيو وٺي:

ڪانگا ڪهي هيءَ ڪيفيت، نئين پرينءَ جي پيش ڪر.
بعـد بيحـد بندگيـن جـي، ڪـج ادب آزيـون اپـر،
سـو سـلامن سـوڪڙيون، ڏئـي چئـج خـاطو هـيءَ خبـر:
عشـق جـو آزاهـ بـي انـداز منجهـ آتـي انـدر،
تـا جدائـيءَ کـان جلـن ان جـوش ۾ جيـرا جـگر.
ڪانگ تون هي عرض منهنجو ڪج ٻڌي ٻانهون ٻيهر:
هـاڻ "حـافظ شـاهه" سـان ڇـڏ ڏوٿ ڏاڍايـون ڏمـر.

شاهہ صاحب جو بياض سندس وفات کان پوءِ گم ٿي ويو. سندس ڪافيون صرف اهي هٿ آيون آهن، جيڪي ڳائڻن يا عام ماڻهن کي ياد هيون. پاڻ مداحون، مولود، سي حرفيون، مرثيا وغيره بہ چيا اٿس. مگر سواءِ مارئيءَ جي هڪ مداح، هڪ مرثيي ۽ ٽيهن ڪافين جي ٻيو سڀ ڪلام ناپيد ٿي ويو. بندي سندس هٿ آيل ڪلام بنام ”پيامِ غمگسار“ 12- ڊسمبر 1954ع تي، ڇپائي پڌرو ڪيو آهي.

هن هيٺ سندس ڪلام جو انتخاب پيش ڪجي ٿو:

## انتخاب

### مداح

اول الله عليـــــــــــــــم،
علـــي اعلـــيٰ عـــز عظيـــم،
رازق راحـــــم رب رحيـــــم،
قـــادر! قـــدرت جـــون تـــون ڪريـــم،

ميـــر محمـــد ڪيئـــي مهنـــدار،
صـــاحب آهيـــن رب ســـتار،
ســـانگي ميڙيـــن ســـيڻ ســـنگهار!

ســـاهہ ســـڪي تـــو جيـــڏين ڪـــاڻ،
ســـري نـــہ ســـاعت هـــٽ مـــون هـــاڻ،
ســـاريان ســـرتين ريجهـــہ رهـــاڻ،
شـــال مـــلان وجـــي مـــارن ســـاڻ،
هـــُرن هئيـــن منجهـــہ ويڙهـــہ وٿـــاڻ،

اتـــم انـــدر ۾ اڪنـــدب اپـــار!

هـــر دم ســـيڻ ســـڄڻ تـــي ســـاريان،
ســـرتين ري ڪيئـــن ســـينڌ ســـنواريان،
مشـــڪل مـــاٽهن منجهـــہ گذاريـــان،
ڏينهـــن ڏکيـــا هـــٽ گهنگهـــر گهاريـــان،
وطـــن ويڙهيچـــا ڪيئـــن وســـاريان.

ڏســـان وري شـــل ويڙهـــہ، ولهـــار!

موتــي لايــون مينهــن ملهــاريون،
بــادل برســيا، تيــون بهــاريون،
پــلَ پريــا بيــون پلٽيــون پــاريون،
توهـ ٺڙيــا ٺيــون ٺهڪــن ٺــاريون،
ســاين لويــن ســاڻ ســنگهاريون.
پــر تئــون پــُـويو پــائن هــارَ!

هــت ســپ ســرتيون گــڏ گهمــن،
چــال چگــيءَ ســان چهــت چلــن،
هيٺيــون حيــا ســان هلــن چلــن،
ولــر ڪيــو منجهــ ويڙهــ وطــن،
آءُ هــت قــابو منجهــ ڪــڙن.
پــل پــل پــونمر يــاد پنوهــار!

شــال مرَ وســران ويڙهيچــن،
مــون ڪــي مــور نتــا وســرن،
مــن مُر تــن لئــي مــچ مچــن،
دم دم دل تــي يــاد اچــن،
ڳوڙهــا ڳاڙيــان روز ڳلــن.
روئــان تنهيــن لئــي زار و زار!

عمــر! اســان جــو تــاٽو تــر،
ســاريم ســاوا پــاڪ پتــر،
مــُـرت مريــڙو قوڳــن قــر،
پهــون تــا پهرائــن پنوهــر،
چونــدبن ٽيــون ات پــُـرٽ پتــر.
اهــڙا ســاٽيهه منجهــ ســڪار!

عمــر ابــاٽي اتــم اڪيــر،
ســاري منهنجــو ســاهـ ســرير،
اڄ پــڻ ونــڙا مينهــن مليــر،

گـــل قـــل ڪليـــا ڳـــوپ ڳنـــدير،
پيـــن پنوهـــاريون پـــاڪ پنيـــر.
ڪـيـــن ڪـــليو تيـــون لال ليـــار!

عمـــر! اباڻـــا ڪيئـــن لڄـــايان،
ڪـــوه لڳـــن تـــان لوئـــي لاهيـــان،
ڪهـ ســـپ ويـــس، وڳـــا ســـپ ڪايـــان،
پـــر نـــ پنوهـــارن، آءٌ ڪيئـــن پايـــان،
آخـــــر آءٌ انهـــن جـــي آهيـــان.
ســـانگهي لهنـــدم ســـگهڙي ســـار!

عمـــر ادا! هـــي محـــلا مـــاڙيون،
ڪرسيون ڪـوچ ڪٿـون هـي ڳـاڙهيون،
بـــاري بنگـــلا طـــاق ۽ تـــاڙيون،
مـــورڻن ڪيـــن پڪـــن ســـان پـــاڙيون،
واه ويڙهيچـــن جـــون هـــت واڙيـــون.
رڪـــون تـــ پيهـــن ســـاڻ پچـــار!

عمـــــر! ســـياڻو تـــيءُ ســـڌير،
عـــاقل عـــادل تـــيءُ اميـــر،
لاهـــي ڪڙيـــون زور زنجيـــر،
حـــاڪم هيٺـــي چـــڏ حميـــر،
موڪـــل واري منجهـــ مليـــر.
پيـــڙي تيـــان وجـــي ســـاڻ پتـــار!

هيٺـــو "حـــافظ" شـــاه حقيـــر،
مرســـل منهنجـــا محمـــد ميـــر،
مهـــڙ مڙينـــي ماهـــ منيـــر،
ورج وســـيلا والـــي ويـــر،
اوڪـــي لاهييـــن وقـــت اخيـــر.
قـــادر ڪلمـــي ســـاڻ اڪـــار!

**غزل ۽ ڪافيون**

مٺا محبوب ماڻن ساڻ ڇو مشتاق مارين ٿو.
ڪنل تي ڪيئن تکي هيءَ تيغ ابرو جي الارين ٿو.
ڪري هڪ ناز نيڻن جو، ڪيئي قابو ڏتاري دل،
زوراور زلف جي زنجير ۾ ڇو قيد ڪارين ٿو.
تيا ڪئين سال مون سڪندي، جدائيءَ ۾ جلايم جيءُ،
پسي اهڙي سندم حالت، ڪي ناقص ڏي نهارين ٿو.
سدا تون دل متي دلبر، نہ وسرين وير ڪنهن مان ڪي،
نہ توکي لاڏلا لائق، ولهيءَ ڪي ور وسارين ٿو.
نہ "حافظ" شاھ جي حجت، مگر هي عرض آزيءَ سان:
ڪيئي جي ٻول ٻانهيءَ سان، پيارل ڇونہ پارين ٿو.

.................

دلـــدار ســـاڻ دلڙي آهـــم اڙي اڙي،
محبت جي ميخ محڪم جيءَ ۾ جـڙي جڙي.
دک درد ۾ گذاريم ڏکيا ڏينهن ڏسڪندي،
راتيــون ويهــي وهـــايم روئـــي رڙي رڙي.
سـهڻا سـڄڻ سـوا تـو سـاعت نٿـي سـري،
سو سال ڪان بہ سرس تي گذري گهڙي گهڙي.
هر وقت آهہ "حافظ شاھ" جو اهوئي حال،
پل پل پون ڳلن تان ڳوڙها ڳڙي ڳڙي.

.................

آءُ مل يار پيارا، وي، برهہ بيمار ڪيس آءُ بلڪل!
زلف زوراور، وار وسيهر، ڳات ڪنيو ڏين ڳارا، وي،
وَر ورن ۾ ڳوڙها ڳتيل، ڪـَرَ ڪاريهر ڪارا، وي-
اتڪن لٽڪن، ڪنڍڙا ڪاڪل!
مزگان جا ڪن تير تيزيءَ سان، مشتاقن تي مارا، وي،
اچن اوراٺيو سورهيہ سامهون، سينا ڏين سچارا، وي-
تل نہ ترسن ڪن نہ تامل...

ابروءَ جي ان سيف سين سهسين، وڏئي واڍوڙي ويچارا، وي،
چور ٿيو سي ڇهڪ ڇڪائين، ويا ڇُـڪين جا چارا، وي-
دردن اُن جـو دارون نـہ درمـل...
ڪنيـو نقـاب ڪليـو جـي نهـارين، ڪڙيـا ڪنٺهـارا، وي،
ڪليـا گـل گلابـي گلشـن، گهريـا گـل هـزارا، وي-
سـروَ، صنوبـر، سوسـن، سـنبل...
هرجـا هـر هنـد هـر دو جهـان ۾، جلـوي ڪيـا جهلڪـارا، وي،
ڪيا جهڪا سڀ جوبن تنهنجي، سج، ڪتيون، چنڊ، تارا، وي-
حسن تنهنجي جو هرڪا هـُل هـُل...
"حافظ شاهه" ڪـي آهـي هـردم، پرينـم تنهنجـي پچـارا، وي،
آ ويهـہ جـوڙي جـيءَ ۾ جـايون، جـانب جـيءَ جيـارا، وي-
نــازن پريــا نــوري نرمــل!

................

آءُ عجيبـا اوراهـون، وي ڏينهـن ڏکيـا هـيءَ گهـايل گهـاري.
سـٽج سـپاجها دل سـان دلبـر، دردونـديءَ جـون دانهـون، وي،
آءُ عجيـب اڳـڻ اسـان جـي، پرينـم وج مرَ پراهـون، وي-
سـور سـٽايئين سـاجن سـاري...
بنا پيـارل پـارس تنهنجـي، ويـون ڇـُـڪي سـپ واهـون، وي،
ڪرم ڪنـل تـي ڪـامل ڪرڪـو، سـائين سـٽج صدائـون، وي-
سـدا سـڪايل سـهٽا سـاري...
رت روئـان تـي رانجهـن تـو لءِ، روز پچايـان راهـون وي،
عـرض ڪريان تي اپيو ادب سين، ٻڌي ٻانهين جيئن ٻـانهون، وي-
ور ولهـيءَ تـي واڳـون واري...
حـال ڏسي هي "حافظ شـاهه" جو، بـاري بخـش خطـائون، وي،
سـهڻن جـا سـرتاج سـڳورا، عـاجز جـون سـڻ آهـون، وي-
پيـس پيـارا آنهنجـي پنـاري.

..............

نيـن جـا نـاوڪ نهـوڙي نيـش نـر ڪئيـن نائيـا،
مست ٿي منصور جيئن سهسين سي سوريءَ آئيـا،
تيـغ ابـروءَ ڪئيـن ڪنـا، شمشـير جوهـر دار ڇـا.
ڪج ڪلنگي شاھ جي، شاهان عالم ڪيا عـدم،
تـرت سـي تـابع ٿيـا نوشـيروان، جمشـيد جـم،
شـوخ شـاهد جي شجاعت ڀي ڪريان اظهـار ڇـا.
زلـف جـي زنجيـر ۾ در دام ٿيـا هـاتڪ حميـر،
چشم جي چوڪن چڪائي چور ڪيا عـاقل امير،
جهـٽ لٽـي سـا لـوڏ لالـن، بـاز شـهـ پـردا ڇـا.
حال "حافظ شاھ" جو سارو اٿئـي معلوم، ميـان،
ديـن دنيـا، مـال مڏيون، سـر صدق توتـان ڪيـان،
جان لک قربان ڪيان، هي سر اڳيـان سردار ڇـا.

.................

اڄ ليئـو پـائي لڪـائي لـوڪ ڪـان دلبـر ڏنـم،
سـپ طـرح سـينگاريل زرزيـب سـان ظـاهر ڏنـم.
زلـف جـو زنجيـر ظـالم قيـد لءِ ڪيڙئـي تيـار،
ور ڏيـو ٿـي واريئـي واسـينگ وانـگر پيچـدار،
منهنجي مارڻ ڪاڻ ڦهري، وِهـَ پريو وسيهر ڏنم.
لعــل لــب دنــدان گوهــر زيبــداري زرنگــار،
طـوق طائوسـي ڪبـڪ رفتـار ۽ طوطـي تنـوار،
صـاف سـهڻـ جـو سـپهـ سـالار سـو سـرور ڏنـم.
گلبــدن، گــل پيرهــن، ۽ رخ گلابــي، گــل عــذار،
سـروقد، شمشـاد قـامت، نيـڻ نرگـس نوڪـدار،
سـونهن پريـو سـرتاج سـهڻو مـاهرو منـور ڏنـم.
چست چشمن سان چٽيائين تير مزگان منجهـ انـدر،
هوش "حافظ شاھ" جو جهٽ پٽ نيـائين سـان نظـر،
سـاڻ اهـڙيءَ پـر پـري پيڪـرُ سـو زوراور ڏنـم.

..................

تنهنجــي حســن هزاريــن هــزار، لڪيــن لاچــار ڪيــا.

نــوڪ نيڻــن جيئــن شــهباز شــاهي،
جــُنگ جهـَـپي جونجهــار، نسـنگ نـروار ڪيـا.
ســونهن ســچڻ تنهنجــي سهســين ســڪايا،
ســوز ســتي ســي ســچار، بــره بيمــار ڪيـا.
طــرح طــرح جيئــن ســي رنــگ ســهٽا،
ســاز ڪــري ســينگار، عجــب اســرار ڪيــا.
”حــافظ شــاه“ نــاهي طــاقت تنهنجـــي،
عشــق ســندي آزار، گهٽــا بيــزار ڪيــا.

. . . . . . . . . . . .

منهنجــي ســاجن ريءَ نــه ســري، گهــڙي گهــارڻ تــي مشــڪل.

جــال جنجــل تــي يــار جدائــي،
عشـــق انـــدر ۾ آڳ اُنــائي،
گهــاءَ انهــيءَ هــيءَ گهــايل گهــائي،
چهڪــن ڪيئــڙي چــري، آيــو عاشــق ســر اجــل.
مــورون ســاعت مــون نــه ســري تــي،
محــب منــا مشــتاق مــري تــي،
پــل نــه پيــارا مــون ڪــان پــري تــي،
نــه تــه وينديــس مفــت مــري، پونـدئــي خــون ڳچــيءَ ۾ خلــل.
ڪنهــن پــر پيــچ پريــنءَ ســان پــايم،
”حــافظ شــاه“ ســي هــوش وجــايم،
ســور نــه ٻئــي ڪــي ســوز ســلايم،
ڳــاري انهــيءَ ۾ ڳــري، منهنجــو عشــق منجهــايو عقــل.

. . . . . . . . . . . . . .

آس اجــا مــون ڪــي آهــي ڙي،
ڪيــچ مــلان مــن ڪــاهي، ڙي،
مــوٽ، مـَ هــل تــون مــاءُ ٻرائــي،
تنهنجــو چپــر ۾ چــاهي، ڙي.

# الحاج مولانا آقا محمد حسين جان سرهندي

حضرت خواجه محمد حسين جان سرهندي، 1290هه ۾، ڳوٺ ارغستان، علائقي قنڌار ۾ تولد ٿيو. پاڻ حضرت صاحب خواجه عبدالرحمان جو ٻيو نمبر ۽ ننڍي ۾ ننڍو فرزند هو. اڃا انن سالن جو هو، ته حضرت صاحب جن، امير عبدالرحمان جي مظالم جي ڪري، افغانستان مان هجرت ڪري، ساداتن جي استدعا تي، ٽکڙ ۾ اچي سکون پذير ٿيا، جنهن جو مٿي ۾ ذڪر ٿي چڪو آهي.

**علم ۽ فضل:** حضرت سرهنديءَ پنهنجي عمر جا اٽڪل 32 بهار ٽکڙ ۾ گذاريا. علم ۽ فضل حافظ محمد يوسف، مولوي لعل محمد متعلويءَ ڪانسواءِ، سنڌ جي ٻين ڪيترن برگزيده عالمن کان پرايائين. ننڍپڻ کان سندس بيپناهه ذهن ۽ بيمثال حافظو ضرب المثل هئا. قرآن، حديث، فقہ، منطق، نحو، رياضي وغيره ۾ سندس ڪمال ڪي ڏسي ڪيترا باڪمال ماڻهو دنگ رهجي ويندا هئا. ملڪ جا مشاهير عالم سندس آڏو طفل مڪتب پيا لڳندا هئا. سندس گفتگو ۾ قوت استدلال، موثر طرز بيان ۽ قادر الڪلاميءَ جا عجيب جوهر هئا.

**طب:** فن طب ۾ پير صاحب کي وڏي مهارت حاصل هئي. سندس دوا جو اثر تير بهدف هو. دوا جو پيسو ڪڏهن به نه وٺندا هئا.

**سادگي:** ٽکڙ ۾ سندس عاليشان خانقاهه آهي. جتي سندس اولاد ۽ مسافرن لاءِ عاليشان عمارتون ٺهرايون هئائين، اتي پاڻ پنهنجي رهڻ لاءِ هڪ سادي جاءِ ٺهرايائين. سندس کاڌو ۽ لباس نهايت سادو سودو هوندو هو. باوجود اهل هئڻ جي به پنهنجي والد جي اڻ کٽ مريدن سان آمد و رفت ۽ زماني سازيءَ واري راهه رسم بلڪل ٽوڙي ڇڏيائين.

**شعر و شاعري:** شعر و شاعري، جنهن جو سلو ننڍپڻ کان ئي سندس گلشن طبع ۾ سرجي چڪو هو، تنهن اڳتي هلي، نوبت انهيءَ حد تي پهچائي، جو پير صاحب پارسي ۽ عربيءَ جو هڪ باڪمال ۽ قادر الڪلام شاعر ٿي پيو. سندس ڪلام "خيابان سرهندي" جي نالي سان، 166 صفحن تي مشتمل، سندس حياتيءَ ۾ ئي ڇپجي چڪو هو. سندس پوئين دور جا اشعار اڃا غير مطبوع آهن.

**هجرت:** 1329هه ۾ ٽکڙ مان هجرت ڪري پنهنجي زمينداريءَ جي سانگي، تعلقي ساماري، ضلعي ٿرپارڪر ۾ سڪونت اختيار ڪيائين ۽ اتي ئي پنهنجي نالي سان "ڳوٺ پير سرهندي" ٻڌايائين.

**وفات:** پير صاحب 1367هه ۾، 77 ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪئي. سندس لاش کي مقبره شريف ۾ پنهنجي والد ۽ ڀاءُ جي ٻن پٽن جي پير ۾ دفن ڪيو ويو. هيٺ سندس ڪلام جو انتخاب پيش ڪجي ٿو:

## انتخاب

## غزليات

لبم از اشک اگر حنا ميداشت،
غازه سان بر رخ تو جا ميداشت.
گر مقامِ دلم بد انستي،
زلف را بر زمين کجا ميداشت.
رنگ کاهي ز بهر غمزهٔ تو،
کاشکي جذب کهربا ميداشت.
گل شادي زگرد غم ميرست،
ز ابر لطفت اگر حيا ميداشت.
بقرار و وصال دل نرسيد،
کز طپيدن بکف عصا ميداشت.
يار اگر بهر دفع درد سرم،
از رخِ صندلي طلا ميداشت.
نرهاندي اسير خود ز کمند،
در خم زلف مشکسا ميداشت.
کي مجالِ فلک بدي برما،
کز حوادث رسن بپا ميداشت.
شکوه هجر پيشِ يار نشد،
نگهش سرمہ برنوا ميداشت.
در تگا پوئي وصل "سرهندي"
از پرِ رنگ باد پا ميداشت.

. . . . . . . . . . . . . . . . . . . . .

بتو بود این امیدم کہ بکار خواهي آمد.
پي این دلِ رمیده، بہ شکار خواهي آمد.
زسر جهان گذشتم، بره تو خاک گشتم،
بہ امید آنکہ روزي بہ مزار خواهي آمد.
بشبِ وصال اي چشم مدد از تو چشم دارم،
کہ بپایش از در اشکِ بنثار خواهي آمد.
بتلازمي کہ پیدا از وجودِ حسن و عشق است،
متوقعم کہ گاهي بہ کنار خواهي آمد.
بجواب نامہ من کہ سجنجل ست طوطي،
بگذارشِ محبت، بگذار خواهي آمد.
"سرهندیا" چہ گوئي کہ شنیده ام بکوئي،
کہ براي مشک موئي بہ تتار خواهي آمد.

......................

رخ گلابي عجبي، زلف نقابي عجبي،
آفتابي عجبي، زیر سحابي عجبي.
بي تو چون ماهئ بي آب بگلشن ماست،
اضطرابي عجبي، رنج و عذابي عجبي.
ز آتش روي تو چون زلف پریشان دارم،
انقلابي عجبي، عقده و تابي عجبي.
بیست ابروي تو کلکِ ازل از نقطہ خال،
انتخابي عجبي کرده زبابي عجبي.
خال بر کنج لبش هر کہ بہ بیند گوید،
وه ذبابي عجبي شکر نابي عجبي.
لب و دندادن ترا وصف محقر اینست،
در حبابي عجبي در خوشابي عجبي،
دل دیوانۂ ما از نگہ مست توشد،
از شرابي عجبي مست و خرابي عجبي.

در برش جوش هوس موج لطافت انگیخت،
این حبابي عجبي خاسته زابي عجبي.
خوش فتاده ست خط سبز تو بر دفتر حسن،
گشته بابي عجبي زيب کتابي عجبي.
خوش بود گر کني از دولت وصلش آباد،
به ثوابي عجبي خانه خرابي عجبي.
نام کوثر نبرد هر که خورد از لب تو،
ميءِ نابي عجبي شهد و شرابي عجبي.
لحظه باش که از جور جفائي تو کنم،
سر شابي عجبي بند طنابي عجبي.
خواهم از چشم سخندان توتا شرح دهد،
به خطابي عجبي معني و خوابي عجبي.
شکر از لب بفشان بهر زکواة حسنت،
قند نابي عجبي، بهر نصابي عجبي.
غنچۀ طبع من از گفتۀ بلبل بشگفت،
از خطابي عجبي داد جوابي عجبي.
از رخِ خوب تو "سرهندي" عاجز دارد،
صبر و تابي عجبي نقص بر آبي عجبي.

..................

ترا من دل صفا دانسته بودم،
نگاري با وفا دانسته بودم.
سواد طرۀ تو بخت خود را،
به سر ظل هما دانسته بودم.
خمِ زلفِ شکستن آفرينست،
براي خود خدا دانسته بودم.
به تحقيقِ مسلسل گيسوانت،
تسلسل را روا دانسته بودم.

بـــ محشـــر عـــروة الوثقـــائ ایمـــان،
سـِــر زلـــفِ تـــرا دانســـتہ بـــودم.
چـــو بـــادي بـــر ســـر مویـــت وزیـــدي،
سـِـرِ خـــود را فـــدا دانســـتہ بـــودم.
بصـــد امیـــد گلقنـــدِ لبـــت را،
بـــراي دل دوا دانســـتہ بـــودم.
ســـرِ تســـلیم بـــر خـــاک درِ تـــو،
حریـــفِ نقـــش پـــا دانســـتہ بـــودم.
ز دیـــوانِ جمـــالش بیـــت ابـــرو،
ز اشـــعارِ خـــدا دانســـتہ بـــودم.
دلِ بیمـــار خـــود را دانـــۂ خـــال،
بـــه از حـــب الشـــفا دانستـــه بـــودم.
بطـــاقِ ابروانـــت اي بـــتِ مـــن،
ســـجودِ خـــود روا دانســـتہ بـــودم.
ز کیـــنِ خویشـــتن ســـنگین دلـــت را،
چـــو رخســـارت صفـــا دانســـتہ بـــودم.
تـــو هرگـــز بـــامن از مهـــر و مـــروت،
نکـــردي آنچـــہ مـــا دانســـتہ بـــودم.
دریـــغ و درد بـــا "ســـرهندي" از بـــه،
چـہ هـا کـردي چـہ هـا دانسـتہ بـودم.

## در تتبع قدسي و عرفي

بـر در گهـت فتـادن و مـردن گنـاه مـن،
دیـدن زخـاک برنـگرفتن گنـاه کیسـت؟

دز دیـده دیـدن آه کشـیدن گنـاه مـن!
خندیـدن و کرشمـہ نمـودن گنـاه کیسـت؟

از دیـدن تـو چشـم نـہ بسـتن گنـاه مـن!
پیـش آمـدن نقـاب کشـادن گنـاه کیسـت؟

گفتن بگر یہ وصل تو جستن گناه من!
رفتن بخنده زود گذشتن گناه کیست؟
دل دادن و وفا طلبیده گناه من!
دل بردن و جفا بنمودن گناه کیست؟
گفتن ز عشق خود نہ نهفتن گناه من!
پیش رقیب رفتن و گفتن گناه کیست؟
عاشق شدن ترا ز تو جستن گناه من!
کشتن بهجر و رحم نکردن گناه کیست؟
قربان شدن فداي تو گشتن گناه من!
رنجیدن و ز خویش براندن گناه کیست؟
در بر گرفتن و نہ هلیدن گناه من!
خود را رهاندن و برمیدن گناه کیست؟
"سرهندي" این مطایبہ گفتن گناه من!
وه وه نگفتن ونشیدن گناه کیست؟

## مسبع بر غزل مولانا جامي رحہ

اي کہ بر اوج شرافت تو همان ماه وشي،
در فروغ تو کند خور ذره آسا رمشي،
یابد از خوان نوالت دو جهان پرورشي،
ختم بر ذاتِ معلیٰ تو عالي منشي،
شاد باش ایدل و از هجر چرا در تپشي،
"لي حبیب عربي مدني قرشي،
کہ بود درد و غمش مایہ شادي و خوشي."
لطف جویم ز تو چو معدن لطف و کرمي،
فضل خواهم کہ تو در فضل بعالم علمي،
هم شفاعت ز تو جویم کہ شفیعِ امميِ،
هم ز تو صلہ مدحت کہ کریم النسبي،

کیـف یـا سـیدنا مدحـک ینشـا بنمـي،
"فهـم رازش چہ کنم او عربي من عجمـي.
لاف مهرش چہ زنم او قرشي مـن حبشـي.
اي گرامـي گهـر از لجۂ صنـعِ یـزدان،
جـز خـدا هسـت تـرا برهـم عـالم رجحـان،
نیسـت امکـانِ نظیـرت بفضـاي امکـان.
زان سبب ذات تو بي سایہ در آمد بجهان،
لامکـان نیـز نـدارد ز مکـانش چـو نشـان،
"ذره وارم بهـوادارئ او رقـص کنـان،
تـا شـدم شـهرۂ آفـاق بخـود رشـید وشـي"
تـا ز عشـقت خبـرم داده ز خـود بیخبـرم،
دردي دارم بـدل ونشـۂ هجـرت بسـرم،
گرشـبي جلـوه کنـد طلعـت اودر بـصرم،
دیـده بنـدم ز دو عـالم بجمـالش نـگرم
دل چـو شـد همـدم دلبـر غـم او شـد زبـرم،
"گرچہ صد مرحلہ دور ست ز پیش نظـرم،
وجهـه فـي نظـري کـل غـداة وعشـي."
شـرح اسـرار خـدا از منـشِ مسـت مپـرس،
گنـج عرفـان ز فقیهـان تهـي دسـت مپـرس،
صحـت از آنکہ بتیـرِ مـزه اش مپـرس،
رسـتنِ آنکہ دلـش طـرۂ او بسـت مپـرس،
مهر رویش کـه مـه از شرم ندیدست مپرس،
"صفـت بـادۂ عشـقش زمـنِ مسـت مپـرس،
ذوق ایـن مـي نشناسـي بخدا تـا نہ چشـي."
یـا رب از مـا برسـان خواجۂ مـارا صلـوات،
آل و اصحـاب و را نیـز رسـان تسـلیمات،

آن صلواتي کہ مرا هست نجات عرصات،

وان سلامي کہ مرا باد برات جنات،

چشمۂ نوش کہ من یافتمش بي ظلمات،

"مصلحت نیست مرا سیري ازان آب حیات،

ضاعف الله بہ کل زمان عطشي."

هرچہ از کتم عدم سوي وجود آمده اند،

در قیامت چو سر از بیم بپاي تو نهند،

اختیار همہ آن روز بدستِ تو دهند،

نہ پسندي کہ گناهم بکند زار و نزند،

غیر مهرش کہ نهند بر دل "سرهندي" بند،

"'جامي' ارباب وفا جز ره عشقش نروند،

سر مبادت گر ازین راه قدم باز کشي."

## رباعیات

اي واي ازین داوري و جور و ستم،

در قسمتِ او فتاده در کتم عدم.

خوش خوش بنشستند ونمودند رقم،

کین خستہ همیشہ باد در رنج و الم.

.................

در خاک سیسه تا تو گرفتي منزل،

من بي تو شدم خاک بر سر پاي بگل،

برمن شده از مردنت اي راحت دل،

مردن آسان و زندگاني مشکل.

.................

این خود چہ معاملہ ست اي بار الہ!

من ترک گنہ خواهم و تو فعل گناه!

مـن مـي نـہ ڪنـم تـو ميڪنـاني از مـن،
دانم بکـه بـاز گـردد ايـن بـاد افـواه!

. . . . . . . . . . . . . . . . .

در شـاعر و مـلا بلحـاظ شـر و خيـر،
فرقـي اسـت بکـن در کتـب آنـان سـير،
شـاعر نـہ نگـارد ورقـي غيـر از خـود،
مـلا نـہ نويسـد سـخني غيـر از غيـر!

## حافظ محمد هارون "دلگير"

حافظ محمد هارون "دلگير" ولد حافظ محمد يوسف 1299هہ ۾ موجوده ٺٽو ۾ تولد ٿيو.

**تعليم و تربيت:** علامه يوسف ڏارين شاگردن کي جڏهن فرش تان ڪٽي عرش جو سير ڪرايو هو، سو هيءَ تہ سندس فرزند هو ۽ اهڙو ڪري ڇڏيائينس جو پڇاڙيءَ ۾ ڪانئس بہ گوءِ ڪٽي ويو. علامہ يوسف جو علم هميشہ ڪڪر جيان وسندو رهيو. انهيءَ مان جن طالب علمن قطرا جهٽيا، تن مان سندس هن لائق فرزند جو مرتبو مٿي هو ۽ اهي علم جا قطرا جي سپ وانگر سندس دهن ۾ داخل ٿيا، سي سپ ماڻڪ بنجي دنيا ۾ آيا. ٻارهن سالن تائين "دلگير" مرحوم پنهنجي پيءُ وٽ پارسي ۽ سنڌي پڙهي پڇائي، انهيءَ ڪان پوءِ قرآن ڪريم ياد ڪيائين.

1314هہ کان 1316هہ تائين، علامہ اسدالله شاهہ "فدا" وٽ عربيءَ جي تعليم حاصل ڪيائين. 1316هہ ۾، آقا محمد حسين جان ڪيس پنهنجي فرزندن، محمد اسماعيل جان ۽ محمد يعقوب جان جي تعليم لاءِ مقرر ڪيو.

حافظ صاحب صاحبزادن کي تعليم ڏيڍ سان گڏ خود بہ پير صاحب جي صحبت مان جهجهو فيض پرايو. علمي رهاڻين ۽ محفل شعر و سخن، "دلگير" جي قلم کي ڪافي قوت حاصل ڪئي. پير صاحب خود بہ "دلگير" کي نثر ۽ نظم ۾ دل کولي داد ڏيندو هو. اهو سلسلو 1328هہ تائين هليو، جيستائين پير صاحب ٺٽو ۾ رهيو.

**ذريعہ معاش:** هنن برگزيده بزرگن جو درس و تدريس کان سواءِ، ٻيو ڪوبہ ظاهري طور ذريعہ معاش ڪونہ هو. تنهن ڪري مفلسيءَ جو مڙئي مٿن مارو رهندو هو. حافظ محمد يوسف جي وفات کان پوءِ، سندس درسگاهہ "دلگير" جو دامن جهليو ۽ "دلگير" جي سرچشمہ فيض مان گهڻائي علم جا اڃايل سيراب ٿيا.

سعيد پور واري سيد محمد ڪامل شاهہ مرحوم جو "دلگير" سان خاص قرب هوندو هو. سندس خط و ڪتابت جو ڪم بہ "دلگير" ڪندو هو. جڏهن بہ سندس صاحبزادا گرمين جي موڪلن ۾ ڳوٺ ايندا هئا، تڏهن يڪدم "دلگير" کي گهرائيندو هو تہ اچي کين ديني تعليم ڏئي. حافظ صاحب کي ڪامل شاهہ مرحوم کان چڱو خاصو وظيفو ملندو هو.

جيئن تہ اڳي گهڻو ڪم پارسيءَ ۾ هلندو هو، انهيءَ ڪري "دلگير" خط پٽ لکڻ، شادين جي دعوتن جي مسودن ٺاهڻ، ڪنهن جي ولادت يا وفات تي قصيدن يا مرثين چوڻ ۽ قطعه تاريخ لکڻ مان ڪجهہ نہ ڪجهہ حاصل ڪري وٺندو هو.

"دلگير" حافظ خاندان جو پهريون فرد هو، جنهن پنهنجي گذران لاءِ ٺٽڙ کان ٻاهر نڪري هٿ پير هنيا.

**خوشخطي:** "دلگير" نهايت اعليٰ پايہ جو خطاط بہ هو. ڪيترا ليٿو پريس وارا پنهنجا ڪتاب وغيره حافظ صاحب کان لکائيندا هئا. گهڻا شوقين اصحاب ناياب قلمي ڪتاب وٺانئس ڪتابت ڪرائيندا هئا. ان وقت ٺٽڙ مان نڪرندڙ رسالن، "بهار اصلاح" ۽ "الاصلاح" جو ڪاتب حافظ صاحب ئي هو. علامہ اسدالله شاهہ جي ڪتابن جا مڙيئي مطبوع نسخا بہ حافظ صاحب ئي تيار ڪيا هئا.

متعلوي ساداتن جي پراڻي شجري کي اتاري نئون ڪيو ويو، سو بہ حافظ صاحب جي هٿ جو هڪ ادنيٰ فن هو، جنهن جو معاوضو ڪيس ڪي مڻ اناج ۽ ڪجهہ روڪڙ ملي. انهن اکرن کي ڏسي، حافظ صاحب کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي.

**نثر نويسي:** مرحوم جي فارسي دانيءَ ۽ نثر نويسيءَ ۽ انشا پردازيءَ تي وقت جا نامور عالم ۽ فاضل بہ رشڪ ڪائيندا هئا.

مرحوم سنڌي زبان جو به هڪ سٺو انشاپرداز هو. سندس مضمونن کي جيڪڏهن گڏ ڪري شايع ڪجي، ته هوند پارسي ۽ سنڌي زبانن جي انشاء جو چڱو مجموعو موجود ٿي سگهي ٿو. مگر افسوس زماني جي لاهين چاڙهين جي ڪري اهي جواهر پارا اهڙي اهڙ ۾ اچي ويا، جو انهن جو هن وقت ملڻ نهايت مشڪل آهي. صرف ڪي زباني روايتون وڃي رهيون آهن ۽ ڪجهه فارسي ڪتابن تي سندس لکيل تقريظون ۽ تاريخي قطعات.

**وفات:** حافظ صاحب جي وفات نهايت پُردرد ٿي. 1340هه ۾ کيس هڪ پٽ ڄائو، جنهن جو نالو محمد فاروق رکيائين. هن ٻار جي پيشانيءَ ۾ ننڍپڻ کان ئي بزرگيءَ جا آثار موجود هئا. جيئن جيئن وڏو ٿيندو ويو، تيئن تيئن حسن صورت سان گڏ حسن سيرت ۾ به ترقي ڪندو ويو. اهڙو اولاد هونئن به هرهڪ رشتيدار جي دل ۾ گهر ڪري ويندو آهي، پر هن سهڻي سلڇڻي پٽ تي حافظ صاحب جو بيحد پيار هوندو هو. مگر افسوس، قضا ۽ قدرت جي ڪير آڏو اچي. معصوم محمد فاروق 4- ذوالقعد 1352هه ۾ وفات ڪري پيءُ جي چڻ ڪمر ڀڃي وڌي. انهيءَ ڪان پوءِ حافظ صاحب غمگين گذارڻ لڳو. پوري چوٿين مهيني يعني 11- ربيع الاول 1353هه آچر جي ڏينهن منجهند مهل، جيئن سعيد پور مان گهوڙي تي چڙهي گهر پهتو ۽ وهنجي سهنجي اجا مانيءَ تي وينو ئي مس، ته کيس رت جي اُلٽي آئي ۽ جيسين حڪيمن جو هٿ رسي، تيسين هن مفلس عالم ۽ فاضل جو روح قفس عنصريءَ مان پرواز ڪري ويو. کيس صرف هڪ نياڻي هئي، جا به هاڻي تازو رحلت ڪري ويئي.

**شعر و شاعري:** شاعري ڄڻ ته "دلگير" جي گهر جو ورثو هئي. طبيعت ايتري قدر روان هوندي هيس، جو ڪنهن به "طرح" تي في البديهه شعر چئي ويندو هو. جن ڏينهن ۾ "مخلص" روپوش ٿي ٺٽي ۾ آيو هو، انهن ڏينهن ۾ ٻنهي جا پاڻ ۾ شاعرانه معرڪا ٿيندا هئا.

هڪ دفعي صبح جو سوير جيئن "مخلص" مرحوم بازار ۾ آيو، تيئن ڏنائين ته ماڻهن جي اها چهل پهل آهي ئي ڪانه. پريان حافظ صاحب به بيٺل هو. "مخلص" چيو ته:

"اڙي يارو، سبب ڪهڙي وسي ويران ٿي ڏسجي؟"

حافظ صاحب يڪدم گره ملائي:

"خدا جي خلق جنهن ۾ جا بجا حيران ٿي ڏسجي!"

پوءِ ائين اڌ ڪلاڪ تائين پاڻ ۾ ڏي وٺ ڪندا هليا. هڪ دفعي "مخلص" مصرع ميدان ۾ اچلي:

"وئي هلي نيٺ آبرو منهنجي."

حافظ صاحب چيو:

"ملڪ ۾ آهه گفتگو منهنجي، شهر ۾ آهه جستجو منهنجي،
عشق بازيءَ ۾ يار جي، هيهات، وئي هلت نيٺ آبرو منهنجي."

**سنڌس ڪلام:** "دلگير" جو جيڪو بہ ڪلام هٿ آيو آهي، انهيءَ مان معلوم ٿو ٿئي، تہ پاڻ سنڌي شعر تمام گهٽ چيو اٿس، ۽ سنڌيءَ ۾ جو ڪجهہ چيو اٿس سو بہ سچو پارسي زبان جي ترڪيبن، محاورن، استعارن ۽ ڪناين سان پريل آهي. سنڌيءَ ۾ ڪي تہ اهڙا شعر اٿس، جو سواءِ پارسي دان جي ٻيو ڪو سمجهي نہ سگهندو. البت هڪ غزل هٿ آيو آهي، جو سچو تجنيس حرفي ۽ خاص سنڌي محاورن سان سينگاريل آهي. چند بند ملاحظہ ڪريو:

سڄڻ جي سڪ ۾ ويو سينو سڙي اچ،
پريــن ڏاران پيــم ڳوڙهــا ڳــڙي اچ.

جدائــيءَ جــو جيئــڻ ٿيــو تنــگ دل تــي،
گنگهــر گهاريــان بنــا تنهنجــي گهــڙي اچ.

ٻــڌم ٻــانڌاڻ تـــو ســان پيـــچ پختـــو،
ڪــڙم ۾ آئــون ٿيــس ڪــامل ڪــڙي اچ.

نڪــون لاهــي وهــي تـــو نيـــر نيٽيـــن،
ڪـــري لائـــق اچـــج لالـــن لڙي اچ.

.....................

**رواني:** حافظ صاحب جي ڪلام (غزل، قصيدي، مرثيہ ۽ نظم ۾) بي پناهہ رواني موجود آهي:

اچ وري ڪنهــن ســاڻ دلبــر بــزم آرا آهــ ٿيــو،
منهنجي خــارن ۾ ٻيــن ســان بــاده پيمــا آهــ ٿيــو.

هاءِ محرومي، جــو عــرضِ حــال پڻ مشــڪل لڳــي،
نامــہ بــر جــو حــال ڏينــدي بنــد گويــا آهــ ٿيــو.

هل وري هيڪر ڏسون حسن و جمالِ روي دوست،
دل ۾ هي "دلگير" ڪي اڄ شوق پيدا آهہ ٿيو.

..................

**زور ڪلام:** "دلگير" جي طبع نهايت مغموم رهندي هئي، ۽ سندس غم جو اثر سندس ڪلام ۾ موجود آهي. مثال طور هڪ هنڌ چوي ٿو تہ:

ٿيو آهہ درد ڪان بي رنگ بيان منهنجو،
ستم جي خون ۾ ٿيو غرق داستان منهنجو،
وجي ٿو تا بفلڪ شور الامان منهنجو،
ڏسي هي ظلم ويو تاب ۽ توان منهنجو،

لڪان مان ڪهڙي طرح درد دل سندو احوال،
جو باهہ فرقت ڪان قلب ٿيو سڙي پامال!

نہ جوش علم رهيو ۽ نڪي بهار سخن،
رهي نہ ملڪ ۾ رعنائي و وقار سخن،
اجل ڪيو هاءِ عجب رنگ سان فشار سخن،
رهيو نہ آهہ پيو گل ڪو يادگار سخن:

متي هوا ۽ ڦري ويئي ملڪ جي حالت،
نہ آهہ ڪنهن بہ بشر جي اندر ڪي ڪا فرحت.

پنهنجي والد محترم جي وفات حسرت آيات تي حافظ صاحب جيڪا اشڪ فشاني ڪئي آهي، تنهن جو هڪ بند ملاحظ ڪريو ۽ سندس قلم جو زور ڏسو:

برخيز ڪہ آه از دلِ ناشاد برڪشيم،
غوغاي نوحہ و نالۀ بيداد برڪشيم.
چون شمع سيلِ اشڪ فشانيم بر زمين،
وز سوز دل غريو چو فرهاد برڪشيم.
آواز دردناڪ رسانيم بر فلڪ،
وا حسرتا بعالمِ ايجاد برڪشيم.
بر سر زنيم دست تغابن ڪفِ اسف،
حنانہ وار نوحہ و فرياد برڪشيم.

از دود آه روي فلــڪ نسيـــه ڪنيـــم،

پاداش زيـن ستمگر و جـلاد برڪشـيم.

...................

**منظر نگــاري:** منظر نگـاري حـافظ صـاحب جي ڪـلام جي خصوصيت آهي. خاص ڪري مرثين ۽ قصيدن ۾ هن ڪمال ڪري ڇڏيو آهي.

چمن جو نقشو هن طرح ٺو چٽي:

بــاغ ۾ بلبـــل تـــي ڳـائي اڄ ترانـــو عيـــد جـــو،

گـــل ڪليـــا گلشـــن ٺڙيـــا آيـــو زمـــانو عيـــد جـــو،

نـــو بهـــار آيـــو چمـــن ٺيـــو آســـتانو عيـــد جـــو،

وات ۾ هرهـــڪ ڪـــي آهـــي داســـتانو عيـــد جـــو:

عيد هيءَ ڪهڙي، ڏني جنهن ڪامگاريءَ جي نويد،

غنچــۀ دل ڪـــي ملـــي اڄ نوبهـــاريءَ جـــي نويـــد.

باغبـان حيـرت ۾ پيـو هـن سـاز سـامان ڪـي ڏسـي،

تخت گـل مهنـدان وري بلبـل غزلخـوان ڪـي ڏسـي،

سرو ۽ شمشـاد تـي قمريءَ خوش الحان ڪي ڏسي،

سـبزۀ نـورس تـي ابـرِ گوهـر افشـان ڪـي ڏسـي،

ڪاڪـلِ مشـڪين ڪـدي سنبل سنواريو پاڻ ڪي،

نســـترن پـــڻ قـــابل نظـــاره ڪـــاريو پـــاڻ ڪـــي.

...................

شيخ نور محمد مرحوم جي فرزند جي پيدائش تي جيڪو قصيدو چيو اٿن، تنهن ۾ باغ جو منظر ملاحظ ڪريو:

بحمـــدلله ڪـــہ ڪـــارم خوشـــتر افتـــاد،

غـم و محنـت ز عـــالم گشـــت بربـــاد.

نســـيمِ صبـــح در بســـتانِ عـــالم،

ســـحر گـــه مـــزده و تهنيتـــي داد.

صبـــا از لالـــه و گـــل عطـــر بيـــزي،

بـــراي لالـــه رويـــان ڪـــرد ايجـــاد.

گســـتہ در چمـــن شـــيرازه نســـرين،
فشـــانده عنبـــر تـــر جعـــد شمشـــاد.
گـــل انـــدر جلـــوه گـــاهِ خـــوش زبـــاني،
حديـــثِ مطـــرب ومـــي ڪـــرد ايجـــاد.
عروســـانِ بهـــاري پرنيـــان پـــوش،
ز جـــام ارغوانـــي مســـت و دلشـــاد.
قـــدح دردســـت مســـتان برلـــب جـــو،
ڪـــفِ ســـاقي ز بخشـــش ابـــر جـــواد.
بنفشـــہ برڪنـــارِ جـــو ئبـــاران،
خطـــي چـــو برلبـــي خوبـــان نوشـــاد.
قـــد ســـروَ ســـهي در طـــرف بســـتان،
دهـــد از قـــامتِ شـــيرين لبـــان يـــاد.

.............

**قادر الڪلامي:** "دلگير" جو ڪلام هڪ قـادر الڪلام اسـتاد واري پختگي رکي ٿو. سندس نعتيہ شعر جا چند مصرع پيش ڪجن ٿا:

لڳـــاءِ وصـــل جـــو الله يـــا نبـــي مرهـــم،
جو هجر تنهنجي ۾ مـدت ڪـان دلفگـار آهيـان.
خدا جي واسطي محشر ۾ ڪج ڪا منهنجي مدد،
گناهگـــار ســـراپا ســـياهڪار آهيـــان.
گهرايـو مـون کـي مدينـي ۾ جلـد يـا حضـرت!
هميشـــہ درد جدائـــي ڪـــان بيقـــرار آهيـــان.

...............

حافظ صاحب پنهنجي ڪلام ۾ ڪڏهن "هارون"، ڪڏهن "دلگير" ۽ ڪڏهن "حافظ" تخلص ڪم آندو آهي. اها خبر نٿي پوي تہ پاڻ پنهنجو ڪو بياض ناهيو بہ هئائين يا نہ. نهايت گهڻيءَ جستجو ڪان پوءِ جيڪو سندس ڪلام هٿ لڳو آهي، اهو ردي پنن، پراڻن لفافن ۽ 'مني آرڊرن' جي ٽڪرن تي ڪجهہ پينسل سان ۽ ڪجهہ مس سان لکيل آهي. ڪي تہ اهڙا پنا آهن، جو هٿ

لاٽڙ سان پُـريو تا پون. ڪي وري گهٽي ڊاٽ ڊوٽ جي ڪري، سمجھ ڪان ٻاهر آهن. سندس ڪلام جي اجا بہ جستجو جاري آهي، جيڪڏهن ڪجھ ذخيرو ملي ويو تہ انشاءَ الله تعاليٰ شايع ڪيو ويندو. هت "مشتي نمونہ خروار" جي مصداق سندس ڪلام جو انتخاب پيش خدمت آهي.

## انتخاب

مـــــزده ات بـــــاد اي دلِ بيتـــــاب،
صبـــح عشـــرت ز رخ فگنـــد نقـــاب.
از صفـــا رشـــک خلـــد بســـتان شـــد،
خيـــز و در پـــاي گـــل بنـــوش شـــراب.
در چمـــن مـــي وزد نســـيم طـــرب،
نکهـــتِ نافـــہ گشـــت عنبـــر نـــاب،
عـــالم مـــرده بـــاز يـــافت حيـــات،
فتنـــہ افســـرده گشـــت و رفـــت بخـــواب.
بحريفـــان، صـــلاي عـــام رســـان،
دولـــتِ وقـــت نيـــک را دريـــاب.

.....................

وارثِ علـــم نبـــي فـــاتح خيبـــر حيـــدر،
داورِ هـــر دوســـرا ســـاقئ کوثـــر حيـــدر.
واقـــفِ ســـرِ خـــدا، فـــارس مضمـــار هـــدا،
مرکـــزِ امـــن و امـــان قـــاتلِ عنتـــر حيـــدر.
تاجِ دين کهفِ زمـان حـامئ هر فـرد و بشـر،
عـــالمِ ســـر نبـــي و حســـن پيمبـــر حيـــدر.
ذات او مظهـــر اســـرار خداونـــد کريـــم،
خلقتِ کـون و مکـان راشـده مصـدر حيـدر.
آفتـــاب او فتـــد از تـــاب جمـــالش در تـــاب،
گـــر نقـــاب افگنـــد از روي منـــور حيـــدر.
هـم بيک حملہ شمشير جهـان سوز نمـود،
پـــاي اســـلام قـــوي، کفـــر مســـخر حيـــدر.

گاه بيگاه به آيات ڪلامِ اَبدي،
آمد از اين همہ توصيف مکرر حيدر.

ليس والله سويٰ مدحک لي کل زمان،
گشت وردِ دل من، دائم حيدر حيدر.

هست "هارون" زصدقِ دلِ خود صبح ومسا،
بنده و خادم و مملوک ثناگر حيدر.

تا نگهداردش از جملہ بليات زمان،
تا شفاعت کندش عام بمحشر حيدر.

اين جواب غزل آنست کہ "مخلص" فرمود،
"مظهر سرِ خدا نفس پيمبر حيدر."

## محمد ڪامل شاهہ جي فرزند محمد عادل شاهہ جي وفات تي

سراي عالم آهي بہ هڪ عجيب مقام،
مسافرن کي هتي کو رهڻ جو ناهہ دوام،
نہ هڪڙي دم کان زياده ڪيو ڪنهين آرام،
عجب تغير ڏيکاري گردشِ ايام،
تہ بدلي رنگ فلڪ نت نوان صبح ۽ شام.

ڪليل رهي تي شب و روز شاهراه عدم،
ڪٽن مسافر تا جلد جلد پنهنجو قدم،
نہ آهہ قدرت ڪنهن کي رهي جو هڪڙو دم،
نہ ان ۾ شبہ ٿيو آهہ کو خدا جو قسم.
فنا جي راهہ ۾ دشوار آهہ دم جو قيام.

هلو هلو، جو اچي ٿو پٺيان اهو آواز،
هي اهڙي راهہ خطر جنهن کان جان ٿئي ٿي گداز،
ڪٿي نہ ڪوبہ ٿو سامان ۽ سفر جو ساز،
هلي ٿو ساڻ نہ همراهہ دوست کو دمساز،
صدا رحيل جي گويا ٿي موت جو اعلام.

ڪريو ڪو فڪر تہ پنهنجي حيات فانيءَ جو،
ڪيو ڪو رستو ادا عيش جاودانيءَ جو،
هتي لحاظ نہ ٿيو پيري و جوانيءَ جو،
اهوئي آهہ ٿيو حال زندگانيءَ جو،
ٿيو جهڙو شام جو خورشيد خاوري لب بام.
او بيوقوف حياتيءَ جو پروسو جنهن کي،
امير توڙي گدا کي ادا اجل ٿو سڏي،
مرڻ ڪان پاڪ نہ ڪو پير ۽ جوان ٿئي،
اجل جي راهہ ۾ هرگز نہ ترسڻو ٿو پوي،
وڃن ٿا پوري اڪيون راهہ هن تان خاص ۽ عام.
مقام فڪر ٿيو انقلابِ ليل و نهار،
جي تندرست هئا ڪالهہ، سي ٿيا بيمار،
جي اڄ مريض سي آهن ٿيا اجل جو شڪار،
ٿيو آهہ درهم و برهم انهن جو ڪاروبار،
عزيز توڙي اقارب ۾ تن جو ٿيو ماتام.
نہ استوار ٿيو بنياد عالمِ امڪان،
هزار رخنہ ٿين ٿا هميشہ جنهن مان عيان،
نشاط عيش ڪٿي، ڪٿ ٿيو آهہ غم جو نشان،
ٿيو آهہ آب قضا سان زمين تي طوفان،
هزار جنهن ۾ ٿيا غرق از سَحَر تا شام.
هجي ڪو پير پيمبر ڪہ صاحبِ عرفان،
رسول توڙي اولوالعزم نامور ذي شان،
ڪريون خيال تہ ظاهر ادا هي آهہ بيان،
ڪلام حق جو صفا "ڪل من عليها فان"
سوا خدا جي نہ ڪنهن کي ٿيو بقا دوام.
سفر ضرور سراي جهان ڪان آهہ ڪرڻ،
قدم کي منزلِ ملڪ عدم ۾ آهہ ذرڻ،

هيءَ ڳالهہ سچ تہ سين کي ٿيو هڪڙي ڏينهن مرڻ،
ويو جو تنهن کي نہ دنيا ۾ مور ٿيندو ورڻ،
مگر ٿيو باعث افسوس موت بي هنگام.
هي ڪير دارفنا کان ويو، ادا، افسوس،
هي ڪنهن جي داغ الم دل تي زخم ڪيا، افسوس،
هي ڪنهن جي رحلت کان چاڪ اڄ چڪيا، افسوس،
هي ڪنهن جي موت ڪيو حشر اڄ بپا، افسوس،
هي ڪنهن جي لاءِ ٿيا نوحہ خوان خاص و عام.
هي ڪنهن جي موت کان ٿيو آهہ هر بشر بيچين،
هي ڪنهن جي موت کان آهي ٿيو اندر بيچين،
هي ڪنهن جي موت کان سيني ۾ ٿيو جگر بيچين،
هي ڪنهن جي موت کان ٿيو آهہ سارو گهر بيچين،
هي ڪنهن جي موت کان پهلو ۾ دل ٿي بي آرام.
جناب سيد سادات مير عادل شاهہ،
سليم طبع، جوان بخت، بيڪسن جو پناه،
جڏهن دنيا کي ڇڏيو تي هليو رباهي راهہ،
پڙهيائين "اشهد ان لا الــــه الاالله"،
ڪيائين منزل پنهنجي وڃي بہ دار السلام.
بيان ڪري نہ سگهي ان جي وصف جو ڪا زبان،
مقر ان جي محاسن جا عاقلانِ زمان،
بلند همت، ذي خلق، صاحبِ ايمان،
محيط علم و ادب، فيض بخش فيض رسان،
سين جي وات ۾ آهي سندس صفت جو ڪلام.
ٿئي نہ هرگز ان کي ملال تربت ۾،
بسر زمانءُ برزخ ٿئي خواب رحمت ۾،

نبــيءَ ســان گــڏ ٿئـي محشــور شــل قيــامت ۾،
الاهـــي لطــف ســان ڏي ان کــي جــاءِ جنـــت ۾،
هميشــ روح سـندس شـل رهـي بهشـت مقـام.
رهـــن عزيـــز ۽ ابويـــن، ان ســـندا آبـــاد،
هجـن زمـاني ۾ سـپ خويـش ان سـندا دلشــاد،
حصـول تـن جي سدائين ڪجان تـون دل جي مـراد،
الم کـان دهـر جـي تـن کـي رکـج سـدا آزاد،
بحــق ابـــن ابـــي طــالب و رســول انـــام.
خمــوش "حــافظ" تــن بيقــرار اڄ تــو ٿئـي،
هـي درد دل جـو اجهـو آشـڪار اڄ تـو ٿئـي،
سـخن جـو طـول طبيعـت تـي بـار اڄ تـو ٿـئ ي،
بـڏي تـو جيڪـو اهـو اشـڪبار اڄ تـو ٿئـي،
هي تعزيت جـو مخمـس ڪ مرثيـو ڪ سلام.

....................

## آفتاب علم

روشـن ٿيـو جهـان ۾ جـڏهن آفتـاب علـم،
کوليـو جـڏهن دبيـر ازل جــي ڪتـاب علـم،
مفتوح ٿيو زماني ۾ جنهن وقت بـاب علم،
قـدرت جـڏهن ڪئي دلِ انسـان منـاب علـم،
پيدا ٿيو نـور، علـم بشـر جي دمـاغ ۾،
الله ڪيـو فـروغ عطــا ان چــراغ ۾.
طوبيٰ کان خوشـنما نظـر آيـو نهـال علـم،
روشن ڪمال مهـر کـان افـزون ڪمـالِ علـم،
ٿيو رشڪ حسن، حور پريءَ جو جمال علـم،
الله جـي وصــال جــو زينــو وصــالِ علــم،
لاريب راه راسـت جـو ٿيـو علـم رهنمـا،
پڻ معرفـف خـدا جـو اهـو آهـ پيشـوا.

جڏ تند باد علم کان گم ٿيو سحاب جهل،
تڏ سر عوام جي تان لهي ويو عذاب جهل،
ڪاشانۀ جهان جو ٿيو بند باب جهل،
قانون دهر ۾ نہ رهيو التهاب جهل،
چهرو ٿيو نور، عقل کان آئيني جي مثال،
سينو بشر جو علم کان گنجينہ جي مثال.
دريا جي ٿيو بشر تہ انهيءَ جو گهر ٿيو علم،
ذاتِ بشر چمن، تہ شجر بارور ٿيو علم،
انسانُ جي شجر تہ انهيءَ جو ثمر ٿيو علم،
جي آدمي ٿيو چشم تہ ان ۾ بصر ٿيو علم،
با علم هوءِ تہ نيڪ ۽ پڻ با صفا ٿئي،
بي علم هوءِ تہ آدمي انسان ڇا ٿئي؟
انسان جو ڪمال جي آهي تہ علم آهہ،
هڪ مال لازوال جي آهي تہ علم آهہ،
تصوير باجمال جي آهي تہ علم آهہ،
تنوير بي مثال جي آهي تہ علم آهہ،
پرديس ۾ جي يار ۽ مونس تہ علم آهہ،
غربت ۾ غمگسار ۽ مونس تہ علم آهہ.
بي علم، بي فروغ، اگر رشڪ حور آهہ،
جي علم هوءِ تہ راز نهان جو ظهور آهہ،
ديجور جهل، علم جي پرتو کان دور آهہ،
اکين جو نور قلب و جگر جو سرور آهہ،
بي علم خوش خصال ۽ جي بافراغ آهہ،
هڪ گهرَ عجيب آهہ تہ او بي چراغ آهہ.
هي زر نہ آهہ چور جو جنهن تي هجي نظر،
هي سر نہ آهہ تيغ جو جنهن کي رسي ضرر،

هن گهر کي ناهہ سيل جو ڪو خوف ۽ خطر،
هن آرسيءَ کي زنگ جو موران نہ ٿئي اثر،
زينت ڪريهہ جي ۽ ڪرشمو وجيهہ جو،
زيور سفيهہ جو ۽ ٿيو حليو فقيهہ جو.
ٿيو شان لاءِ ناهہ هي شوڪت جي واسطي،
شهرت جي لاءِ آهہ نہ دولت جي واسطي،
حجت جي واسطي نہ خصومت جي واسطي،
ني عيش لاءِ مور نہ عشرت جي واسطي،
بهرِ خودي نہ دهر جي تزئين لاءِ آهہ،
علم آدميءَ کي وقف ٿيو دين لاءِ آهہ.
واقف جو ٿيو هدايتِ "لوڪان صين" کان،
او منجهہ عرب هجي تہ پڙهي علم چين کان،
بيشڪ وٺي تمتع دنيا ۽ دين کان،
جو علم کي پڙهي وجي ڪوشش يقين کان،
پهچائي سڀ کي علم معليٰ مقام ۾،
"دلگير" جو چوڻ هي ٿيو آخر ڪلام ۾.

## نظم

ڳوليون ٿا اسين عيش کي، ۽ ناموري پڻ،
دولت بہ اسان کي ٿي کپي، بي هنري پڻ،
اعزاز ٿيو مطلوب، ۽ بيهوده سري پڻ،
آوارگي منظور ٿي ۽ راهبري پڻ،
مقصود رفو آهہ، مگر جامہ دري پڻ،
گر پستئي همت ٿي، تہ عالي نظري پڻ،
هي ڳالهہ نہ ممڪن ٿي، نہ امڪان ۾ آهي،
ٻوڙون ٿا محالات پنيان چيلهہ کي ساهي.
بي ڪوشش و بي جهد ثمر ڪنهن کي ملي ٿو،

بي غوط زني گنج گوهر ڪنهن کي ملي ٿو،
بي خوف پيئڻ لقمئہ تر ڪنهن کي ملي ٿو،
بي جور ڪشي تاج و ظفر ڪنهن کي ملي ٿو،
بي محنت ۽ رنج جي زر ڪنهن کي ملي ٿو،
بي ڪاوشِ جان علم و هنر ڪنهن کي ملي ٿو:

جسي رتبۂ والا جا سزا وار ٿيـن ٿا،
پهرين سي مصيبت جا طلبگار ٿين ٿا.

قسمت جي برائي نہ ٿيو تقدير سندو قير،
خود پنهنجي هٿن ساڻ ٿيو آهہ هي انڌير،
تحصيل فضائل ۾ جوانو نہ ڪريو دير،
علمن جي ممالڪ کي فتحياب ڪريو سير،
بزدل نہ ٿيو آهہ، ڪيو ان کي خدا شير،
ڪُهسار جي هئي تا بہ ڪريو اُن کي زبر زير:

جولان ڪريو علم جي ميدان ۾ عزيزو،
آخر ٿيا اوهين قوم مسلمان ۾ عزيزو.

## صبح بهار يا بهارِ صبح

بهار صبح جي آهي ڏنو پيامِ نشاط،
چمن ۾ آهہ نئين سر ٿيو اهتمامِ نشاط.

ترانہ سنج ٿيا شاخن تي طائرانِ چمن،
ادب سين غنچہ ڏني اچ صلاي عامِ نشاط.

شرابِ ذوق ترنم کان مست تي قمري،
چمن ۾ سرو ٿيو ميناي سبز فامِ نشاط.

نگاهہ شوق کي بيخود ڪيو آبادِ بهار،
گلن جو باده شبنم کان پر ٿيو جامِ نشاط.

نسيمِ صبح چمن ۾ ڦري تي موالي،
شميمِ گل کان معطر ٿيو مشامِ نشاط.

سوار نڪهت گل ٿيو هوا جي مرڪب تي،
ڪڏائي خوب سمند سڪ خرام نشاط.

بياضِ روي چمن يا ڪ جوش بوي بهار،
سوادِ گيسوي سنبل ٿيو يا ڪہ شامِ نشاط.

فلڪ تي باده ڪشن لاءِ هيئن چوي خورشيد:
شرابِ نابِ صبوحي ڪان پُر ٿيو جامِ نشاط.

پيو پيو جو نہ دائم رهي ٿو وقتِ بهار،
بهارِ عمر ڪٿي آهہ، ڪٿ قيامِ نشاط.

پيو پيو جو نہ دائم رهي ٿي موسمِ گل،
صداي عيش ڪٿي آهہ، ڪٿ پيامِ نشاط.

سچو چمن ٿيو طلسمِ نگار خانۂ عيش،
گلن ۾ آهہ ٿيو رنگِ ميءِ دوامِ نشاط.

لٽايو آهہ خمِ عيش ساقيءِ گردون،
خوشا نويدِ مسرت، خوشا پيامِ نشاط.

سڄي جهان کي آ سيراب تو ڪيو ساقي،
رهان ٿو بزم طرب ۾ مان تشنہ ڪامِ نشاط.

مريد پير مغان جو بہ آهي هي "هارون"،
ڪرم سان ڪر تون ان کي هڪڙو جامِ نشاط.

## غزل

نہ ميءِ پرست آهيان ۽ نہ باده خوار آهيان،
فقط شرابِ محبت جو خواستگار آهيان.

ويو لنگهي جو اڳي هاءِ قيس ديوانو،
انهيءَ شهيدِ محبت جو يادگار آهيان.

ڪٿي تي بلبلِ شيدا ڪٿي ٿئو پروانو،
آءٌ صدق دل سان انهن ساڻ رشتہ دار آهيان.

جگر ۽ قلب ۽ سيني ۾ منهنجي باهہ بري،
مثال شعلۂ جوالہ شعلوار آهيان.

انيس ذوق محبت، حريف صبر و شڪيب،
برنگ ديدۂ پروانہ بيقرار آهيان.

متاعِ عمر گـرانمايہ صرف سوز و گداز،
چشـيده مـزهٔ دردِ انتظـار آهيـان.

فـداي ديـد تماشـاي عڪـس وجـد انگيـز،
مثـالِ سـرو لـبِ آب جوئبـار آهيـان.

شـگفتگئ طبيعـت نصيـب ناهـ ڪٿـم،
نـہ آهـ عيـش مـگر رنـج جـو خمـار آهيـان.

رفيـق رهـروِ آواره خانمـان بربـاد،
نشـانِ مـنزلِ گم گشتـهٔ ديـار آهيـان.

اسـيرِ دامِ تـالف، رهيـنِ حسـرت ويـاس،
بـلا ڪـشِ سـتمِ دورِ روزگـار آهيـان.

نہ خون فشان ڪوئي آيو نـہ گل فشان ڪوئي،
اميـد دل جـي رهـي ۽ اميـدوار آهيـان.

دمـاغ چـرخ تـي "دلگيـر" تـو رهـي دائـم،
جو ڪنهن جي واٽ ۾ پيو صورتِ غبار آهيان.

## سيد شاهنواز شاهہ

هن نالي سان ٽکڙ ۾ ڪوبہ شاعر پيدا ڪونہ ٿيو آهي. صرف هڪ سيد شاهنواز شاهہ هو، جو شاعر تہ ڪونہ هو، باقي ٽکڙ جي نامور شاعر، سيد حاجي محمد حافظ شاهہ، سان خاص محبت ۽ دوستي هيس. رات ڏينهن اڪثر وقت حافظ شاه سان گذاريندو هو. اڪر سنا هئس، انهيءَ ڪري حافظ شاهہ جون ڪافيون پاڻ ئي بياض ۾ درج ڪندو هو.

شاهنواز شاهہ جي نالي سان هڪ نظم بعنوان "رات جي بات"، "الحق" اخبار، مؤرخہ 3- نومبر 1906ع ۾ شايع ٿيو هو. نظم بي مثال آهي. پڙهڻ سان شاعر جي علميت ۽ قابليت جو پورو پورو پتو پوي ٿو. هن نظم سان گڏ، ساڳيءَ اخبار ۾، حضرت شمس الدين بلبل مرحوم هڪ نظم "ڏينهن شينهن" لکيو، جنهن ۾ شاهنواز شاهہ کي "سيد الشعراء سخندان" لکيو اٿس.

ٽکڙ جي جهونن ماڻهن جو خيال آهي تہ اهو نظم حافظ شاهہ جو ناهيل آهي. ڇاڪاڻ تہ ڪيس اخبارن ۽ رسالن ۾ پنهنجي ڪلام شايع ڪرائڻ جو شوق

ڪونہ هو، بيو تہ شاهنواز شاهہ جي دوستيءَ ڪري ٿي شايد هي نظم شاهنواز شاه جي نالي لکيو اٿس.

منهنجي ناقص خيال موجب هي نظم حافظ محمد هارون "دلگير" جو ناهيل آهي. ڇوتہ انهيءَ نظم جي سنڌي ۽ حافظ صاحب جي نظمن ۽ غزلن جي سنڌيءَ ۾ ڪجھ نہ ڪجھ هڪجهڙائي پئي معلوم ٿئي. هوڏانهن حافظ شاهہ جي ڪلام سان هن نظم جو ڪو تعلق ٿي نظر نہ ٿو اچي، ۽ نہ ئي حافظ شاهہ پارسيءَ جي اهڙن پيچيده لفظن کي، پنهنجي ڪلام ۾ ڪٿي جاءِ ڏني آهي. والله اعلم.

بهرحال آءٌ شاهنواز شاهہ جو اهو نظم پيش ڪريان ٿو:

## "رات جي بات"

رات جو وقت ٿيو مخلوق جي آسائش جو،
رات جو وقت خيالات جي آرائش جو،
رات جو وقت خرابات جي افزائش جو،
رات جو وقت ٿيو ظلمات جي زيبائش جو:

ساعتِ امن و سڪون رمز و اشارات جو وقت،
طاعتِ رب علا، حمد و مناجات جو وقت.

مظهرِ خيريتِ جملہ جهان رات جو وقت،
مصدرِ عافيتِ خواب گران رات جو وقت،
محضرِ راحت ۽ امن و امان جو رات جو وقت،
منظرِ قدرتِ خلاق زمان رات جو وقت:

رات جو وقت ملاقات مدارات جو وقت،
دلڪشا، رنج ربا، روح فزا رات جو وقت.

خواب نوشين جي سبب خواب پريشان جي سبب،
بزم عشرت جي سبب گوشہٴ حرمان جي سبب،
دور عصيان جي سبب طاعتِ سبحان جي سبب،
رات جو وقت عجب وقت ٿيو انسان جي سبب:

جنس عشرت جي سبب بيش بها رات جو وقت،
عيش خلوت جي سبب راهنما رات جو وقت.

رات جـو وقـت زهـي وصـل دلارا جـي گهـڙي،
عـرض معـروض جي اظهـار تمنـا جـي گهـڙي،
تـاب تسـڪين تسـلي ۽ مـدارا جـي گهـڙي،
مهـر و الطـاف مـروت جـي مـداوا جـي گهـڙي:

ان جي قسمت ٿي چڱي، جنهن کي هيءَ سوغات ملي،
او چڱو جنهـن کـي سدا وصـل سندس رات ملـي.

چور رهزن جي سبب وجع طرب رات جـو وقـت.
قلب فاسق جي شرارت جو سبب رات جو وقت.
فـاجرن کـي سـبب لهـو و لعـب رات جـو وقـت.
بهـر بيمـار دم رنـج و تعـب رات جـو وقـت:

رات ڪـاريءَ کـان ذرو ڪيـن جي زنهـار ڏچـن،
پـردهٔ شـب ۾ بـديءَ کـان نٿـا بدڪـار ڏچـن.

رات جـو وقـت تضـرع جـو، پريشـانيءَ جـو.
دولـتِ زهـد ريـاضت جـي نگهبـانيءَ جـو.
فڪر جو، خوض جو، خلوت جو، ثنا خوانيءَ جو.
ذڪـر جـو قلـبِ منـور جـي درخشـانيءَ جـو:

ڪـن رياڪـار سـچو ڏينهـن ريـا جـون ڳـالهيون،
رات جو مرد خدا ڪـن ٿـا خـدا جـون ڳـالهيون.

رات جي وقت پڙهن خوب ٿـا تهجـد جي نمـاز.
رات جي وقت ٿئي شوق سـان ٿـي شمـع گـداز.
رات جـو ڪـن ٿـا مـزا واه جـي عاشـق جانبـاز.
رات جـي واه ڪـي تعريـف تـو اي”شـاهنواز“:

تنهنجو هـي نظـم ڏسـي ”بلبـل“ تحسـين چـوي،
جنهـن مثـل ڪونـہ ٻيـو شـعر تـو شـيرين چـوي!

## حافظ محمد عبدالله ”بسمل“

علامه حافظ محمد يوسف جو ٽيون ۽ ننڍي ۾ ننڍو فرزند. حافظ محمد عبدالله ”بسمل“ 1306هه ۾ موجود ٺٽڙ ۾ تولد ٿيو.

**تعليم و تربيت:** تعليم و تربيت وٺڻ لاءِ پنهنجي والد جو مڪتب ئي ڪافي هوس. سنڌي ۽ پارسيءَ جي تعليم سان گڏ قرآن ڪريم بہ ياد ڪيائين. اتان فارغ ٿيڻ ڪان پوءِ علامہ اسدالله شاهہ "فدا" وٽ عربي پڙهڻ لاءِ ويٺو. مگر جلد ئي، پنهنجي والد جي وفات ڪري، تعليم ڇڏي گهر جي ڪم ڪار ۾ پاءُ سان ٻانهن ٻيلي ٿيڻو پيس.

**گذر اوقات:** حافظ محمد هارون ڪان پوءِ، پارسيءَ ۾ ماهر حافظ عبدالله "بسمل" ئي هو. ٽکڙ جي عالمن ۽ فاضلن جي آخري نشاني بہ حافظ صاحب ئي هو. سندس زندگيءَ جو وڏو عرصو درس و تدريس ۾ گذريو. پر جيئن تہ ٽکڙ ۾ ڪا ايڏي آمدني نہ هيس، انهيءَ ڪري 1335هہ ڌاري حيدرآباد ۾ سڪونت اختيار ڪيائين ۽ ذريعہ معاش لاءِ مختلف شعبن ۾ ڪم ڪندو رهيو.

مون اڳي ئي ذڪر ڪيو آهي تہ هن خاندان جي افراد کي خدا تعاليٰ علم جي دولت سان سرفراز ڪيو هو. پر مال ۽ زر جي دولت ڪان بلڪل محروم رهيا. سندن ذريعو آمدنيءَ جو فقط علم هو، جنهن مان ڪين ايڏو اپراسو ڪونہ ٿيندو هو، جنهن مان سکي ستابي زندگي گذاري سگهن.

ڪجهہ عرصو حيدرآباد ڇڏي وري ٽکڙ ۾ آيو، جتي حضرت آغا حسين جان سرهنديءَ، حضرت صاحب جي درگاه (مقبره) واري مڪتب ۾ کيس معلم ڪري رکيو، جتي بنده بہ ساڻس گڏ روزانو ٽکڙ مان پنڌ ڪري درگاه تي ويندو هو ۽ وري شام جو موٽي ايندا هئاسين. مگر اتي بہ حافظ صاحب جي آزاد طبيعت کي چين نہ آيو ۽ اها ملازمت بہ ڇڏي ڏنائين.

پاڪستان ڪان ڪجهہ عرصو اڳ مسٽر عبدالشڪور منشيءَ جي زير نگراني، حيدرآباد مان، روزانہ "هلال پاڪستان" اخبار شايع ٿيڻ لڳي. پاڻ اتي ملازمت شروع ڪيائين، کيس شاعر خاص ڪري رکيو ويو.

"هلال پاڪستان" ۾، روزانو حافظ صاحب جو قومي ۽ نعتيہ ڪلام شايع ٿيندو هو. حافظ صاحب پنهنجي ڪلام جي ذريعي ادب ۽ قوم جي ڪافي خدمت ۽ ترجماني ڪئي آهي.

حافظ صاحب پڇاڙيءَ جا ڏينهن ڪنج غم ۾ گذاريا. بيمارين جي مسلسل حملن، کيس نحيف ۽ لاغر بنائي ڇڏيو. ايڏي رقم تہ هيس ڪانہ، جو ترت علاج ڪرائي سگهي، نہ ئي وري اسان جي سڳوري گورنمينٽ سندس

علاج و معالجي ڏانهن ڪو توجهه ڏنو. ڪيس خود بہ پنهنجي بچڻ جو امڪان گهٽ هو ۽ پنهنجي هڪڙي غزل ۾ انهيءَ حقيقت ڏانهن اشارو ڪيو اٿس. جنهن ۾ سندس بيماريءَ، مفلسيءَ ۽ سنڌين جي بي قدريءَ جو نقشو نمايان نظر اچي ٿو. فرمائي ٿو تہ:

هڪ تہ پيري ٻيو وري مرضن ڪيو آهي هجوم،
هاڻ ڏسجي ڪيئن ٿو "بسمل" ناتوان زنده رهي.

افسوس، صد افسوس! حافظ صاحب 20- آڪٽوبر 1950ع ۾، پنهنجي عمر جا اٽڪل 64 سال ڪاٽي، هن جهانِ فاني کان هميشہ لاءِ منهن موڙي ويو. ڪيس ڪو نرينو اولاد ڪونهي. هن خاندان جو حافظ صاحب آخري شاعر هو. سندس ڀائٽيو حافظ الهه ڏنو، زماني جي مجبورين ڪري، شاعريءَ کان بلڪل نا آشنا آهي. هاڻ ائين ڪٿي چئجي تہ هن قديمي خاندان جي شاعريءَ جو سلسلو في الحال تہ منقطع ٿي ويو آهي.

**شعر و شاعري:** حافظ صاحب جي شاعريءَ جي ابتدا اٽڪل يارهن ٻارهن سالن جي عمر ۾ ٿي. سندس پهريون استاد سندس والد ماجد، حافظ محمد يوسف هو ۽ پوءِ حافظ محمد هارون "دلگير".

هي اهو زمانو هو، جڏهن ٺٽڙ جي شاعريءَ جو ستارو بامِ عروج تي پهتل هو. ٺٽڙ جي هر ذي فهم انسان کي شعر چوڻ بلڪل سٽائو لڳو ٿي. شاعرن جي صحبت ۽ استادن جي اصلاح مان حافظ صاحب چڱو فيض پرايو ۽ شاعريءَ جي ميدان ۾ سمندِ خيال کي بہ خوب ڪڏايائين. ان وقت ٺٽڙ مان نڪرندڙ رسالن "بهار اخلاق" ۽ "الاصلاح" ۾ سندس ڪلام شايع ٿيندو هو.

انهيءَ دور جي ختم ٿيڻ کان پوءِ، حافظ صاحب جي ڪلام کي اڃا بہ وڌيڪ وسعت ملي. عموماً هر اخبار ۽ هر رسالي ۾ سندس ڪلام شايع ٿيندو هو. ڪيترين اخبارون سندس نالي جي اڳيان "استاد الشعراء" لکنديون هيون.

**سندس ڪلام:** حافظ صاحب جو ڪلام نهايت پختو، سهڻن لفظن، بلند خيالن، چست بندشن، سهڻن محاورن سان سينگاريل آهي. پنهنجي اوائلي دور کان وني وچين دور تائين، صاف سنڌي چڱي ڪم آندي اٿس. غزل بہ گهڻو ڪري انهيءَ دور ۾ چيو اٿس. پوءِ "خال خط" جي خرخسي کي ترڪ ڪري پنهنجي قوم کي بيدار ڪرڻ خاطر نظم لکيا اٿس. جيئن چوي ٿو تہ:

خال خط جو مشغلو "بسمل" جوانيءَ ساڻ هو،
بند پيريءَ ۾ اها پنهنجي سخنداني ڪيم.

**صاف سنڌي:** حافظ صاحب جو اوائلي ڪلام، اڪثر صاف سنڌي ۽ تجنيس حرفيءَ سان سينگاريل آهي. جيئن هڪڙي غزل ۾ چيو اٿس:

اکين ڪي اوهان جي اپر ستي اداس،
پرين پرت وارن جي لاهيو پاس.
محبت ۾ ماتام من تي متو،
اٿم عشق ۾ ائين، وجهل ۽ وماس.
نه هڻ تيغ ابروءَ جي بهر خدا،
ڪنن تي ڪريو نيٺ ڪامل قياس.

**محاورو:** باڪمال شاعر هميشه پنهنجي بوليءَ جي "روزمره" ۽ محاورن سان پنهنجو ڪلام پُر ڪندو آهي. ملاحظه ڪريو:

ورڻ جي ڪا وائي وري وار تون،
نه ڪر مون ڪي نرمل تون هن پر نراس.

هتي حافظ صاحب، "وائي وارڻ" جو مشهور محاورو ڪم آندو آهي.

**رواني ۽ سلاست:** حافظ صاحب پنهنجي ڪلام ۾ هرويرو، دقيق ۽ ثقيل لفظ نٿو ٺنبي، متان پڙهندڙن جي دماغ تي بار ٿئين. مگر ڪوشش ڪري سليس لفظ استعمال ڪري ٿو، جن جي ڪري سندس ڪلام ۾ چڱي رواني ڏسجي ٿي.

ناهه باغ و بهار جي خواهش، صرف هڪ گلعذاري جي خواهش.
تيغ ابرو ڪٺي تي يار چيو: عاشق جان نثار جي خواهش!
راهه دلبر ۾ مثل خاڪ آهيان، تو رڪان شهسوار جي خواهش.
دل پريشان درد ۾ آهي، ٿئي وري من قرار جي خواهش!

**تلميح ۽ تشبيهه:** حافظ صاحب جي ڪلام ۾ تشبيهون ۽ تلميحون به گهڻيون ملن ٿيون. مثلاً:

حوصلو تنهنجو تہ اي ديدهٔ گريان نڪتو،
آب اکين مان تي هڪ نوح جو طوفان نڪتو.

هتي نوح جي طوفان ڪي تلميحاً ڪم آندو ويو آهي ۽ پنهنجي اکين جي لڙڪن کي نوح جي طوفان سان پيٽيو ويو آهي.

**تخيل:** شاعر ڪنهن معمولي ڳالهه کي اهڙي طريقي سان ادا ڪندو آهي، جو عام ماڻهو نہ ڪري سگهي ۽ پوءِ انهيءَ خيال جي ادائگيءَ ۾، هن جي خيال جو گهوڙو اک ڇنڀ ۾ زمين ۽ آسمان جو سير ڪريو اچي. حافظ صاحب جي تخيل جي بلند پروازي ملاحظ ڪريو:

هاڻ ڏسنداسون وري ذوق جگر سوزيءَ جو،
زخم جي واسطي اچ شور نمڪدان نڪتو.

آخرين دم ۾ ڪيم عشق جي حالت معلوم،
جان وئي، دم ويو، پر دل جو نہ ارمان نڪتو.

ابروي يار تي ڪيم حيف گمانِ قبلہ،
طاقِ محراب جو هو دشمنِ ايمان نڪتو.

**معاملہ بندي:** معاملہ بندي هر عالي مقام شاعر جو پهريون فرض آهي. هو جنهن ڳالهہ کي ڇوي ٿو، انهيءَ جي تلازمي لاءِ هن کي ٻي بہ اهڙي شيءِ آڻڻي آهي. جيئن تلوار جي مضمون لاءِ عاشق جو ڦٿڪڻ يا جنگ و جدل کي آڻڻ، يا يار جي نازڪ هٿ جو اُلارڻ، تيغ هلائڻ، وغيره سان تلوار جو مضمون نيائي سگهجي ٿو. ملاحظ ڪريو:

يار ڪئي زيب ڪمر اچ وري تلوار نئين،
حسن ۽ عشق ڪندا پاڻ ۾ پيڪار نئين.

حسن پنهنجي تہ وري آهہ کي بازار نئين،
شوخ شاهد ٿو هلي ناز سان رفتار نئين.

شورشِ عشق ترقي ڪئي دگريار نئين،
حسن نئون، ناز نئون، شوخيءَ گفتار نئين.

يار آغوش ۾ اچ، بخت ٿيو بالا منهنجو،
مرحبا هٿ ۾ رسي دولتِ بيدار نئين.

باده نوشيءَ جي تي آ منع ۾ جاري فتويٰ،
شيخ جي آهہ ڪئي ڳالهہ ڪا اظهار نئين.

**منظر نگاري:** حافظ صاحب پنهنجي ڪلام ۾ ڪنهن بہ شيءِ جو چڱو منظر پيش ٿو ڪري. ڏسو:

آئــي نســيم رحمــتِ فضــلِ خــدا ســندي،
ســر ســبز لطــف ســان تــہ وري لالــہ زار ٿيــو.

مڪڙين جـي منهـن جـو بـاد صبـا بنـد ڪوليـو،
بـاغ جهـان جـو صحـن ڦـري مشـڪبار ٿيـو.

ڪيــڏا ڪــرم ڪريــم ڪيــا، پــال بيشــمار،
بـــارش ۾ ابـــرِ رحمـــتِ پروردگـــار ٿيـــو.

نرگس جي نازمان نہ ڪڇي ڪنهن ڏي چشم ٿي،
هي ڪيف حسن جي ڪان گهٽو پرخمـار ٿيـو.

سـنبل سـنواري سينڌ لطـافت سـان ٿـو لـڏي،
چـا شــانِ دلبــريءَ ســان ٿــڙي آشــڪار ٿيــو.

حافظ صاحب نظمـن ۽ غزلـن کـان سـواءِ، ٽـي مثنويـون، هـڪ "مثنـوي محمدي" جنهن ۾ رسول ڪريم ﷺ جن جي سيرت بيان ٿيل آهي، ٻي "مثنوي سسئي پنهون"، ٽـي "مثنـوي دودو چنيسر" لکيـون. جن مـان "مثنـوي محمـدي" سندس وفات کان پوءِ محترم محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي ڪوششـن سـان شايع ٿي چڪي آهي. ٻي "مثنوي سسئي پنهون" قلمي حالت ۾ موجود آهي. "ٽئيـن مثنوي دودو چنيسر" ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ ڪو حريف وٽانس ڪنهن رمز سان تڳائي ويو آهي.

افسوس آهي جو ههڙي جيد شاعر، جنهن جي حيثيت مطابق سندس شعر جا ڪيترا مجموعا ملڻ گهربا هئا، سي حوادثِ زماني جي ڪري اڄ ڪن ٻين بوالهوس شاعرن جي نالي سان دنيا جي سامهون اچي رهيا آهن. مگر جستجو بعد جو ڪجهہ بہ هٿ آيو آهي، سو بہ ڪافي آهي. سندس غزلن جو ديوان ۽ ڪجهہ نظم جناب محمد خان صاحب "غنيءَ" وٽ موجود آهن، جي انشاءالله جلد ڪتابي صورت ۾ ايندا.

هيٺ سندس ڪلام مان انتخاب پيش ڪجي ٿو:

## انتخاب

## "غزليات"

ڪو دم ويهي تہ برهہ جو "بسمل" سان ڪر بيان،
مشتاق ساڻ رمز ۾ رانجهن ويهج رلي.

...................

جان نڪتي نہ دل مان دور ٿيو،
درد ۽ غم جو رنج ۽ ارمان.

...................

منهنجي خواهش ڪئي سندس حسن جي بازار گرم،
ورنہ عشاق ۾ ائين يار تہ مشهور نہ هو.
چشم جانان جي ادا جو نہ هو گهايل ڪوئي،
مست اکين جي تمنا ۾ ڪوئي چور نہ هو.

...................

حضرتِ دل جا ڪريان گر هجر ۾ آيو بهار،
ري سڄڻ سير گل و گلزار جو ڪهڙو ضرور.
منهنجي گردن ۾ وري وجهہ ڪاڪلِ خمدار ڪي،
بت پرستن واسطي زنار جو ڪهڙو ضرور.
پنهنجي عاشق جي جنازي ڪي نہ ڏج گردن حضور،
گردنِ نازڪ تي اهڙي بار جو ڪهڙو ضرور.

...................

اجا منهنجي اڱڻ تي ماهرو ۽ مہ جبين ايندا،
اجا هٿ خوبروين جا هزارين ڇهڇتا ٿيندا.
ڪڙن ۾ قرب جي دل ٿيندي مشتاقن سندي ماندي،
جڏهين زلفِ مسلسل ڪاڪلِ خمدار کوليندا.
اجا فتنا هتي اٿندا انهيءَ مخمور نرگس جا،
اجا هن تيغ ابروءَ ڪان هزارين خون فشان ٿيندا.
اٿي ڏيڪار "بسمل" جوهرِ تيغِ زبان پنهنجو،
سخن ور قدردان تنهنجي سخن تي آفرين ڏيندا.

...................

جو لالہ رخ جي محبت ڪيو بي حواس مون کي،
انهيءَ سبب کان سدا دل تي داغدار رهي.

زمان امن و امان جو نہ آهي هي هرگز،
جو چشم يار جي هر دم تي فتنہ بار رهي.

پياس خون شهيدان ۾ پڻ اجا ڪا اتس،
جو چشم ناز و ادا ۾ تي برقرار رهي.

ڪنداسون سر کي اڳيان تنهنجي زينتِ فتراڪ،
ڪڏهن جي توکي سڄڻ خواهش شڪار رهي،

نظر قياس جي ڪر ان جي حسن تي زاهد،
تہ ڇو هي دل تي سندم مبتلاي يار رهي.

نگاه ڦيري تو اڄ ناز سان سڄڻ "بسمل"،
خدا ڪري تہ طبيعت تي اختيار رهي.

..................

آيو نہ ڪڏهن حرف شڪايت جو دهن ۾،
نڪتو جي اندر مان تہ ويو گهٽجي گهٽن ۾.

ڪير آهي ڇڏي پنهنجو ويو عڪس گلن ۾،
هنگامو متو شوق جو مرغانِ چمن ۾.

رک پنهنجي شهيدن تي قدم، تيغ، سنيالي،
ڏسجان نہ متان جان اچي موتي مُئن ۾.

صياد منديو دام تہ گلچين تو چني گل،
بلبل لئي بهار آٿي تي افتاد چمن ۾.

اي دشت عدم، ڏسج اڏامي نہ سندءِ خاڪ،
وحشي ڪو اچي اڄ تو وجهيو چاڪ ڪفن ۾.

موٽي تو وجي موت، رسي گر تو ستمگر،
تقدير بہ ڇا آهہ تي قاتل جي هٿن ۾!

پهلو ۾ جي وينو تہ نهي درد تي وينو،
اٿيو تہ اٿيا سور نوان جان ۽ تن ۾.

غم مون کي تہ ڪجھ ناھ مگر گھر تو ڦٽائين،
دل منھنجي پڳئي، ڏس نہ پوين يار ڏکن ۾.
مقتل ۾ بھار آه ذرا ھل تہ تئي سير،
گل تنھنجي شھيدن جي ڪڍيا خون پٽن ۾.
اڄ چاڻ تي لاشي تي وٺي غير کي آيو،
بي رحم ستا سور تو جاڳائي سُتن ۾.
چو دست حنائيءَ کي ڏڃين يار تو رکندي،
تنھنجائي آھن تير انھن دل جي ڦٽن ۾.
ھن اھڙي ادا ساڻ چڪيو پاڻ ڏي مون کي،
دل وس مان وئي تاب رھيو ڪجھہ نہ بدن ۾.
معلوم نہ ٿيو، عرضِ تمنا تي چيئين ڇا؟
ھان ھوس اٿر نيم تبسم جو چپن ۾.
ڪنھن شوخ جي اکين ڪان ھي ماتام متو آھہ،
ساغر پيو ڦري خون جو اڄ بزمِ چمن ۾.
نادر جي سندس نظم تہ ھر شعر ٿيو شيرين،
وه طبع "عزيز" آيو وٺي شعر جي فن ۾.
ديوانو ڪٿان آيو ڪرڻ سمع خراشي،
"بسمل" کي ڏجو داد نہ ھن طرزِ سخن ۾.
عنقا جي طرح ويھہ نہ لڪي گوشہ گير ٿي،
نڪري اڏام صورتِ شاھين ميسر ٿي.
يا سر وڃائي لائقِ تاج و سرير ٿي،
يا ڏيئي تخت و تاج کي آرام گير ٿي.
ماضيءَ جي آھہ شان تي گر توکي افتخار،
غافل سنواري حال کي تون بينظير ٿي.
ھو پرتوو جو واديءَ يثرب مان چمڪيو،
ڪر تنھن مان اقتباس ۽ روشن ضمير ٿي.

بطحا جي پيشوا جو هليو آهه ڪاروان،
وٺ نقش پا انهيءَ جو، اتي راهگير ٿي.
سمجهيم ته آهين مسلم پر تنهنجو ڪٿ ڪمال،
نادان پنهنجي حال تي حسرت پذير ٿي.
اسلاف جي اچي ٿي اها قبر مان صدا:
اي ناخلف، نه ڪاهل، عاجز، اسير ٿي.
جوهر قلم جو، تيغ جو ڏيکار آب تاب،
عالم به ٿي، امام ٿي، آفاق گير ٿي.
مسند سنوار پنهنجي علومِ قديم جي،
'رازي' به ٿي، 'ڪمال' ٿي، 'ابنِ جرير' ٿي.
چمڙو جهليندو تاب نه هن پرتوي سندو،
اسلام جي تون نور جو مهر منير ٿي.
سمجهي اجا نه قوت ايمان جي تو آه،
مخدوم روزگار ۽ پيرن جو پير ٿي.
تقدير کي وسار، قلم تون به تو رکين،
قسمت جي سر نوشت جو خود ئي دبير ٿي.
"بسمل" اڳيون نه جوش چو تنهنجي سخن ۾ آه،
خاموش هن چوڻ کان اي شاعر شهير ٿي.

..................

## "مناجات مسلم"

يا رب ٿي عقل و فهم کان ٻاهر جو تنهنجي ذات،
قائم ازل کان تا به ابد با همه صفات،
پيدا ڪرين تو روح کي ۽ جملہ ڪائنات،
تون تو ڏئين حيات ۽ توکان ملي ممات:
قائم، بذات خودز ازل تا ابد اهين،
قيوم حي فرد، احد ۽ صمد اهين.

خالق جهان جو ناظرِ ارض و سما بہ تون،
مختار ڪل جو مالڪِ هر دوسرا بہ تون،
صاحب جلال و عظمت ۽ ڪبريا بہ تون،
بندا اسين، اسان جو ڏٺي ۽ خدا بہ تون:
تنهنجو شريڪ و مثل ڪٿي يا خدا نہ آه،
ڪونين جو خدا ڪوئي توڪان سواءِ نہ آه.
تون عرش تي زمين تي يمين و يسار ۾،
تون ٿو رهين نهان ۾ ۽ پڻ آشڪار ۾،
جلوو آ تنهنجو گردشِ ليل و نهار ۾،
تون باغ ۾، بهار ۾، هر لالہ زار ۾،
هر گل ۾ قدرتن جو عيان رنگ ٿو رهي،
هر رنگ کي ڏسي تہ عقل دنگ ٿو رهي.
آهين وڏو رحيم، ڪريم و جليل تون،
جاري ڪندڙ جهان ۾ سين جي سبيل تون،
بيشڪ شفا دهندهٔ هر هڪ عليل تون،
تون ڪارساز دهر ۽ ڪل جو ڪفيل تون:
خلاق ڪل جو مالڪ ڪون و مڪان اهين،
تون رازق و غفور وڏو مهربان اهين.
يڪسان سين تي تنهنجي نگ التفات آه،
رنج و غمن ڪان تنهنجي ڪرم سان نجات آه،
دل کي خوشي- خوشي، کي ميسر ثابت آه،
حاصل جهان جو توڪان ئي لطفِ حيات آهہ:
بندن کي ٿو نوازين حصول و حرام ڪان،
انعام ڏين ٿو وڏي لطف لاڪلام ڪان.
قومن جو تنهنجي هٿ ۾ عروج و زوال آهي،
قدرت کي تنهنجي قادر بيشڪ ڪمال آهہ،
ڪو تخت سلطنت تي بہ عزوجلال آهہ،
ذلت جي خاڪ تي ڪو مڪين بي مال آهہ:

شاهن کان تخت و تاج کسي بي نواکرين،
سي مملکت ڏٽي ٿو وري تون گدا ڪرين.
يا رب دعاي "بسمل" ڪي مستجاب ڪر!
چمڪائي پنهنجي ذره کي چون آفتاب ڪر!
پيدا وري جهان ۾ چڱو انقلاب ڪر!
مسلم ڪي شاد ڪام خدايا شتاب ڪر!
نرغي ۾ دشمنن جي پيل کي بچاءِ تون!
واماندگن کي واٽ تي پرور پچاءِ تون!

## "سنڌ جي بمبئي کان ڌار ٿيڻ تي"

شرابِ ارغواني جو پري ڏي جام، اي ساقي!
خدارا مي کشن تي کر ڪو اڄ انعام، اي ساقي!
پيارج پرت مان اهڙو ميءُ گلفام، اي ساقي!
رهي باقي نه مون هوش جو ڪو نام، اي ساقي!
مدامي شل رهي آباد ساقي تنهنجو ميخانو!
اڄي معمور ڪر هڪ جام مي سان دل جو ويرانو!
خزان ويئي بهار آئي چمن ٿيو گلفشان آهي،
قباي نو بغل ۾ ڪئي سمن ۽ ارغوان آهي،
خوشيءَ کان اڄ دهن غنچه ٿيو خنده زنان آهي،
ترنم تهنيت جو بلبلن ڪيو بر زبان آهي:
بنايئون قابلِ نظاره اڄ اجلال گلشن جو.
نه اهڙو ڪنهن ڏنو هرگز ڪڏهن اقبال گلشن جو.
شبِ غم وئي وهامي نيث ٿيو رنگِ سحر پيدا،
نمودِ صبح صادق ۾ ٿيو خورشيدِ ظفر پيدا،
ڏسو باغِ وطن ۾ ٿيو صداقت جو ثمر پيدا،
نهالِ آرزوي قوم ۾ ٿيو بار و بر پيدا:
عملداران آزاديءَ ڪي نصرت جي ندا آئي،
جدا ڪيئون سنڌ بمبئيءَ کان اها دلکش صدا آئي.

جدا ڪيئون سنڌ کي صوبو ڪري اڄ ڏار بمبئيءَ کان،
ونئي هٿ ۾ حڪومت کي ٿي خود مختيار بمبئيءَ کان،
عزيزانِ وطن آزاد ٿيا سرڪار بمبئيءَ کان،
نہ رهندو ملڪ کي خطرو، لٿو آزار بمبئيءَ کان:
ٻڌايو تار برقيءَ ملڪ کي فرمانِ آزادي،
مسرت سان پڙهيو هر ڪنهن اهو عنوان آزادي.
درِ آزادگي کولي ڏنائون سنڌ وارن کي،
ڪيائون دلدهيءَ سان شاد سيني بيقرارن کي،
مسرت جو مليو پيغام اڄ اميدوارن کي،
ڏنائون مرهمِ جان بخش قومي دلفگارن کي:
زمانو نڪبت و ادبار جو انجام تي آيو،
مہ اقبال چمڪي اڄ وطن جي بام تي آيو.
نويدِ زندگي مضمر هو ان پيغام شاهيءَ ۾،
دمِ عيسيٰ ڏنو هر ڪنهن انهيءَ اڪرام شاهيءَ ۾،
رهياسون منتظر مدت کان جنهن انجام شاهيءَ ۾،
مليو آخر اهو اڄ آه هن اعلام شاهيءَ ۾:
ورق گردان وري تاريخ ٿئي سنڌي تمدن جي،
بهادر افزاي دنيا هير ٿئي پنهنجي ئي گلشن جي.
نظر ۾ پيو اچي ساڳيو اڳيون اقبال سنڌين جو،
خدا گهريو تہ ٿيندو جلد بهتر حال سنڌين جو،
فلڪ تي بدر ٿيندو ڪوڪب اجلال سنڌين جو،
قرينِ ڪامراني ٿيندو ماه و سال سنڌين جو:
زمانو ٿيندو حيرت ۾ ڏسي سنڌي جلالت کي،
سگهو ڳائيندي دنيا هن اسان جي عز و عظمت کي.
نظر اڳيان اسان جي منظر علم و فضيلت آه،
اها ارزانيءَ دولت، اها صنعت ۽ حرفت آهہ،
ڪشايش جو وسيلو هٿ ۾ دنيا جي تجارت آه،
ڏسون ٿا هاڻ قبضي ۾ سچو سامان راحت آهہ:

نہ بيڪاريءَ ڪان نالان تين افرادِ وطن هرگز،
نڪو افلاس ڪان ڏسجي ڪٿي رنج و محن هرگز.
نشانِ عظمتِ قومي ڏسون پيا پنهنجي صحرا ۾،
ترقيءَ جو نظارو ٿو ڦري اڄ چشم بينا ۾،
ڏسون پيا موجِ گوهر ريز پيدا آهہ دريا ۾،
عجائب دلفريبي آهہ هن جي روي زيبا ۾:
صلاي عام يارو آهہ ٿيو آباد ميخانو،
پري بينو هٿن ۾ آهہ ساقي صاف پيمانو.
اٿو اهل وطن ٿي هاڻ يڪدل يڪ زبان بنجي،
وڏو اڳتي زماني ۾ دليل ڪاروان بنجي،
ڪريو ميدان کي سر، فاتحِ همت نشان بنجي،
رسو هڪدم بلنديءَ تي مثالِ آسمان بنجي:
اجا اهنجي اڳيان هڪ ڪشمڪش جو امتحان آهي،
اوهان جي تاڪ ۾ دشمن اجا تائين نهان آهي.
ڇڏيو اهل وطن سڀ باهمي بغض و عداوت کي،
ملي تازو ڪريو هڪوار پيمانِ محبت کي،
ڏسو تا خانہ جنگيءَ مان وجي پهتا مذلت کي،
ڪٽي وينا مٿي تي دائمي بارِ مصيبت کي:
نہ ايندو ڪم اوهان کي ڪو بيو هن هيڪلائيءَ ۾،
رهو يڪمشت تي لله هن قومي لڙائيءَ ۾.
الہ العالمين نئين سر اسان کي ڪامگاري ڏي!
مقيد ٿياسون ذلت ۾ انهيءَ کان رستگاري ڏي!
اسان جي باغ اجڙيل کي وري جوش بهاري ڏي!
ٿئي سرسبز ساري سنڌ، اهڙي آبياري ڏي!
اجابت جو کلي در، عاجزن جي التجائن تي،
اٿي اي جوش رحمت هاڻ "بسمل" جي دعائن تي!

# سيد محمد عالم شاهه "عالم"

علامه اسدالله شاهه "فدا" ۽ حاجي محمد حافظ شاهه جو پائٽيو ۽ سيد حاجي غلام شاهه جو وڏو فرزند، سيد محمد عالم شاهه "عالم"، 30- جمادي اول 1306ه ۾ موجوده ٺٽڙ ۾ تولد ٿيو.

**تعليم و تربيت:** ابتدائي تعليم لاءِ کيس علامه حافظ محمد يوسف جي مڪتب ۾ ويهاريو ويو. پاڻ اجا حافظ صاحب وٽ پڙهندو هو، ته هڪ ڏينهن، مسٽر پرنگل، هالا ڊويزن جو ڊپٽي ڪليڪٽر، حافظ صاحب جي مڪتب جو معائنو ڪرڻ آيو.

مڪتب ۾ ٻين شاگردن سان گڏ، محمد عالم شاهه کان به چند عقلي سوال پڇيائين. پرنگل صاحب عالم شاهه جي جوابن مان سندس تيز فهم هجڻ جو پورو پورو اندازو لڳايو ۽ سيدن کي چيائين ته: "عالم شاهه کي انگريزي تعليم ڏيو." سيدن پرنگل صاحب جي صلاح قبول ڪئي ۽ جيستائين عالم انگريزي پڙهڻ لڳو، تيستائين علامه "فدا" وٽ حافظ بسمل ۽ مرحوم فيض محمد شاهه سان گڏ عربي پڙهڻ لڳو.

سال کن کان پوءِ کيس سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ ۾ ويهاريو ويو، جتي مئٽرڪ تائين پڙهيائين، پر يونيورسٽيءَ کيس وڏي عمر هئڻ ڪري، امتحان ۾ ويهڻ نه ڏنو. (انهيءَ وقت مئٽرڪ جي امتحان لاءِ عمر جي حد مقرر ٿيل هئي). مدرسي کي ڇڏي ائين بيڪار پئي گهميو، ته کيس مرحوم نور محمد ۽ محترم دين محمد (عليگ) صلاح ڏني ته: "عليڳڙهه پڙهڻ وڃ." ٿوري عرصي کان پوءِ عالم شاهه عليڳڙهه وڃي پهتو. مگر الله تعاليٰ کي سندس وڌيڪ تعليم شايد منظور نه هئي، ڳوٺ ۾ سندس شاديءَ جا ڏينهن ٻڌجي ويا ۽ کيس واپس گهرايو ويو، ۽ انهيءَ کان پوءِ سندس تعليم جو سلسلو هميشه لاءِ منقطع ٿي ويو.

**شعر و شاعري:** عالم شاهه کي ننڍپڻ کان شاعريءَ جو شوق هو. خاص ڪري علامه "فدا" ۽ حافظ شاهه جي صحبت مان ججهو فيض پرايائين. سندس غزلن ۽ ڪافين ۾ نج سنڌي لفظ گهٽي قدر ڪم آيل آهن. ڪافين ۾ چڱو سوز ۽ اثر آهي. ڪافين تي حافظ شاهه جي صحبت جو ججهو رنگ چڙهيل اٿس. ٻين شوقن وانگر شاعريءَ جو شوق به زماني جي لاهين چاڙهين ڪري

ڪانئس ڇڏائي ويو، ۽ اڳتي هلي انهيءَ علم و ادب جي مشغلي کان ايترو دور ٿي چڪو هو، جو سندس ڪتب خانو جنهن ۾ ڪيترا علمي ۽ ادبي نادر الوجود ڪتاب موجود هئا ۽ ان ۾ خود سندس بياض بہ موجود هو، سو گهڻي وقت نہ ڏسڻ ڪري اڏوهيءَ جو کاڄ ٿي ويو ۽ هڪڙو ورق بہ صحيح سلامت نہ مليو. صرف چار ڪافيون ئي ملي سگهيون آهن.

شاهہ صاحب هڪ چڱو تاريخدان هو. خاص ڪري اسلامي تاريخ تي چڱو مَلڪو حاصل هوس. سندس گفتگو نهايت سهڻي ۽ عالمانہ هئي. افسوس، شاهہ صاحب 30 مئي 1955ع ۾ وفات ڪري ويو.

## ڪافي

(تـــل) هليــا جنــگ جوڳــي ســي نــروار نانگــا،
لتــاڙي لنگهيــا لــڪ لڪيــون ۽ لانگهـــا

نـہ ٻولين ڪنهن سان، ٻڌن ڪانـہ ڪنهن جي،
رکــن ڪانــہ پرواهــ، پرائــي نـــہ پنهنجـــي--
چنـــا ســـگ ســـامين، ســـياڪا ۽ ســـانگا.
وڏئــون بـــک بـــگري، ڪشـــيائون ڪمـــر،
رميـا راهـہ رج جـي نـہ ڪنيئـون سـج سمـر --
چڙهـــي چـــوٽ ٽيئـــڙا ڏســـڻ کـــان مهانگـــا.
شـــرعيت ســـندا شمـــس، تـــارا طريقـــت،
ســـندا معرفـــت مهـــر، هـــادي حقيقـــت --
وجـــي تـــوڙ پهتـــا تـــري تـــار تانگهـــا.
اتـــي ڳولهــ ان لئــي ڳليــون ڳــوٺ "عـــالم"،
سدا صـاف صحبت سـونهين تـن جـي سـالم --
انهـــن کـــان ســـکج عشـــق جـــا انـــگ اڙانگـــا.

## ڪافي

هـــوت هلـــي هڪـــوار، آ تـــون مـــون ڏي مهـــرون مـــوڙي.
جـــانب تنهنجـــي جدائـــيءَ جهوريـــو،
هـــن گنگهـــر ۾ گهـــارڻ گهوريـــو،

لهج سماءُ سڌ سار،
ورهہ وڏا مون وڌا وڇوڙي.
عين اهي جڏهن نيڻ ڏٺا مون،
سوز منجهان تڏهن سور سٺا مون،
ان کان پوءِ آزار،
عشق ارن کان ڇڏيس الوڙي.
درشن تنهنجو دلبر ڪيئڙم،
هائي اڇي هي هاجون پيئڙم،
برهہ وجهي هي بار
ورن ونگن ۾ وڌيس وڪوڙي.
"عالم" ڏي اي عجيب اچيجاهہ.
ونگي وجهي پوءِ ڪيم وجيجاهہ،
ڪيم مٺن ڪي مار،
نانگي نينهن نيوم نهوڙي.

## ڪافي

ٽل: تو سوا جيءَ جا جيار، زهر پانئيان زندگاني.

گهور جي گهايل سان گڏجي ڪا گهڙي گوهر گذار،
جي ڪيئي واعدا وري سي، پرت مان پيمان پار.
آهلي هڪوار جاني.
موت مئيءَ جا محب هاڻي، عشق ڪيس عاجز اپار،
برهہ بيحد باهہ پڙڪائي، اتيا دل مان بخار،
تي جلي جاني جواني.
آهہ "عالم" وات وائي، راتو ڏينهن پرين پچار،
سيگهہ مان سانول لهو، تنهنجي سما ڪا سڌ ۽ سار.
ڪيس فراقن هاڻ فاني.

## ڪافي

صبر ڪري سهجئين سور،
ڏينهن ڏکن جا تو لئي هاڻ آيا.

دردن دونهـــــــــــن لاٽ لڳــــــــائي،
باهــــ برهــــ جـــي پڙڪـــي آئـــي --
دلبــــر تـــي ويـــا مـــون ڪـــان دور،
ڪيـــــن پيـــــارل پـــاڙهي آيـــــا.

فــــالون پـــايو پنـــڌ پـــڇان تـــي،
راتـــو ڏينهــــان لوهـــ ۾ لڇـــان تـــي --
خـــاطوءَ خـــط نـــ رسـايو مـــور،
تـــ ســـانگي اچ ڪ ســـياڻي آيـــا.

"عـــالم" ڪـــي آهـــي اُڪيـــر عجبيـــن،
قـــرب منجهـــان مـــن ملـــي قريبـــن --
پـــون پريـــن جـــا پلپـــل پـــور،
شـــال ســـڄان مـــون نمـــاڻيءَ آيـــا!

# پير آقا محمد اسماعيل جان "روشن"

پير آقا محمد حسين جان سرهنديءَ جو وڏو فرزند پير آقا محمد اسماعيل جان "روشن" 1307ھ ۾ موجوده ٽڪڙ ۾ ڄائو. سندس ولادت ۽ پرورش هڪ اهڙي عظيم المرتبت گهر جي آغوشِ علم و عرفان ۾ ٿي، جو پنهنجو مٽ پاڻ آهي. خواجه عبدالرحمان رحہ پنهنجي هن پوٽي جي باري ۾ ڪيترين بشارتون ڏنيون.

**تعليم و تربيت:** 1312ھ ۾ ڪيس علامه يوسف جي مڪتب ۾ ويهاريو ويو. مرحوم حافظ يوسف جي زندگيءَ ۾ ئي درس تدريس جو بارگران "دلگير" مرحوم جي سر تي هو. 1322ھ ۾ حافظ يوسف جي رحلت ڪان پوءِ "دلگير" مرحوم "روشن" صاحب جو باقاعده استاد ٿيو. حافظ صاحب وٽ، قرآن، سنڌي، فقه ۽ پارسيءَ ڪان سواءِ شعر و شاعريءَ ۾ چڱي مهارت حاصل ڪيائين. عربيءَ ۾ علامه "فدا" جي شاگرديءَ جو شرف حاصل هوس.

**عادات و اطوار:** 20 سالن جي عمر ۾ سندس شادي ٿي ۽ ٻن سالن بعد سڄي عيال سميت پهرين حيدرآباد پوءِ ٽنڊي محمد خان ۽ پوءِ ٽر ۾ سڪون پذير ٿيو.

سندس پيدائش جو وڏو حصو اقربا نوازي ۽ مساڪين پروريءَ جو نذر ٿيندو هو. انهيءَ سبب ڪري باوجود وڏي زميندار هئڻ جي، وفات وقت ڪابہ

نقد رقم نہ ڇڏيائين. سندس عادت هوندي هئي تہ ڪڏهن بہ نوان ڪپڙا نہ پائيندو هو. ڇوتہ کيس اهو شڪ هوندو هو تہ ڪلف ڏيڻ وقت ڇربي استعمال ڪرڻ ۾ حلال ۽ حرام جو امتياز ڪونہ ٿو ڪيو وڃي.

ڪنهن ماڻهوءَ ڇيس تہ "ٽامي ڇيني" جي ٿانون جو روغن حرام جي هڏن مان ٺاهيو ٿو وڃي. پاڻ انهيءَ ڏينهن کان وٺي ڪڏهن بہ انهن ٿانون ۾ ڪونہ کاڌائين. ولائتي کنڊ ۾ ڪو شڪ جاڳيس تہ انهيءَ ڪي کائڻ صفا ترڪ ڪري ڇڏيائين. پنهنجي والد جي اڪيلي فرزند هئڻ جي باوجود ڪڏهن بہ سندس باغ جو ميوو اجازت کان سواءِ استعمال نہ ڪيائين.

**ٺٽڙ جي ماڻهن سان محبت:** ٺٽڙ جي ماڻهن سان آخري دم تائين محبت هوندي هيس. ٺٽڙ جو کهڙو بہ غريب ماڻهو وٽس ايندو هو، تہ پاڻ ضروري ڪم ڪاريون ڇڏي، هن سان رهاڻ ۽ حال احوال جي ڏي وٺ ۾ مشغول ٿي ويندو هو. ٺٽڙ مان لڏي وڃڻ کان پوءِ صرف هڪ دفعو 1354ع ۾ سيد حاجي عبدالحڪيم شاه جي وفات تي آيو. پنهنجن جهونن ساٿين ۽ اصلوڪن هنڌن ماڳن کي ڏسي، سندس اکين مان زار زار لڙڪ وهڻ لڳا. ڳوٺ جي هرهڪ ماڻهوءَ سان ڏاڍي محبت ۽ اڪير سان ڀاڪر پائي مليو. سندس انهيءَ محبت ڪري ٺٽڙ مان گهڻا ماڻهو لڏي سندس ڳوٺ ۾ وڃي آباد ٿيا ۽ اتي ٻنيون ٻارا ڪرڻ لڳا، جن مان اڄا بہ ڪيترا اتي آباد آهن. سندس ڪچهريءَ ۾ هميشہ ٺٽڙ جي عالمن، اديبن، حڪيمن، سگهڙن، شاعرن ۽ پهلوانن جو تذڪرو هلندڙ هوندو هو.

"روشن" صاحب 53 ورهين جي عمر ۾ 1361هہ ۾ وفات ڪئي. سندس لاش کي اتان ڪڻائي "مقبره شريف" ۾ سندس ڀاءُ محمد يعقوب جان جي پير ۾ دفن ڪيو ويو.

**نثر نويسي:** ٺٽڙ جي صالح صحبت، اعليٰ طرزِ تعليم، دلڪش فضا، شاعرانہ ۽ اديباڻي ماحول ۾ هڪ ذهين، ذڪي ۽ سليم الطبع ٻار جو رهڻ سندس مستقبل جي روشن هجڻ جو آئيني دار ٿي سگهي ٿو.

تيرهن چوڏهن سالن جي عمر ۾، جڏهن اڃا ٻاراڻي وهي هوندي آهي، پير صاحب ٺٽڙ مان هڪ علمي ۽ ادبي ۽ ديني رسالو "الاصلاح" جاري ڪيو ۽ ڪيتري وقت تائين انهيءَ رسالي جي وسيلي ديني ۽ ادبي شعور پيدا ڪرڻ لاءِ وڏي خدمت ڪيائين. سندس تصنيفات مان هينيان ڪتاب قابل ذڪر آهن:

**خطبات روشن:** هن ۾ سنڌي خطبا آهن.

**انشاء روشن:** هي ڪتاب "انشاء جاميءَ" جي تتبع ۾ جديد قسم جي خيالي مضمونن سان سينگاريل مجموعو پارسي زبان ۾ آهي.

**جواهر نفسيہ:** هي ڪتاب فارسيءَ ۾ آهي. تصوف جهڙي خشڪ موضوع کي اهڙي سلوڻي ۽ سهڻي نموني ۾ بيان ڪيو اٿس، جو ڪتاب هٿ ۾ کڻڻ کان پوءِ ڇڏڻ تي دل ئي نہ چوندي.

**شعر و شاعري:** شاعريءَ ۾ سنڌي، اردو، عربي، پارسي ۽ پشتو ۾ طبع آزمائي ڪئي اٿس. سندس جملي سنڌي ڪلام ابتدائي دور (ٺٽو ۾ سڪونت تائين) سان تعلق رکي ٿو. آخري دور ۾ سندس سمند طبع پنهنجو جولانگاهہ محض پارسي ۽ عربيءَ تائين محدود رکيو. نيٺ فارسي ۾ بہ عشقيہ غزلن کي صفا ترڪ ڪري، صرف نعت ئي چوندو هو. گويا حقيقي عشق، جو ڪو وقت مجاز جي پردي ۾ لڪل هو، سو نيٺ بيتاب ٿي بي نقاب ٿيو. طبع جي رواني‌ءَ جي اها حالت هئي، جو بعضي بعضي ڏگها نظم، اٿين لکندو ويندو هو، جيئن ڪر اڳي ياد اٿس. سندس سنڌي ڪلام صاف سنڌي، تجنيس حرفي، محاورن، تشبيهن، استعارن وغيره سان سينگاريل آهي.

"روشن" صاحب جو هينيون غزل ثابت ٿو ڪري تہ ڪيس سنڌي زبان تي ڪيتري قدر عبور حاصل هو. سڄو غزل صاف ۽ سلوڻي سنڌي، نيٺ سنڌي قافين، تجنيس حرفي، سنڌي محاورن، تشبيهن ۽ چست بندشن سان سينگاريل آهي.

سونهن وارا سڪ ۾ تنهنجي عمر وئي منهنجي سڄي،<br>
تنهنجي فرقت ۾ پرين، پويون پساهہ پيئڙم پُڄي.

اڄ ڪيا سهڻي سڄڻ سرخيون سفيدا عام جام،<br>
منهن منور مہ لقا جو واهہ جو ويئڙو وڄي.

پانَ جي پرينم نہ هرگز توکي حاجت آهہ ڪا،<br>
تنهنجا چپ سرخيءَ سوا خود لعل کي ڪن ٿا لڄي.

نينهن تنهنجي آءُ نهوڙيس، نازنين ڪر ڪا نظر،<br>
تو سوا اي بيوفا بي پئي سندم پيٺي پڄي.

عشق جو "روشن" اڳاهون پنڌ پيو آهي اڃا،<br>
هاءِ هيبت هجر جي ڪان ويو هنيون منهنجو هڄي.

................

"پساھ پڄڻ"، "وڃي وڃڻ"، "پيٺي پئجڻ"، "هنيون هڃڻ" صاف سنڌي محاورا آهن.

پير صاحب جي سنڌي غزلن، ڪافين، نعتن، مناجاتن وغيره جو مجموعو قلمي حالت ۾ موجود آهي، جنهن جي شايع ڪرڻ جون تياريون ٿي رهيون آهن.

**ديوان "روشن"**: فارسيءَ جي ديوان ۾ غزل، نظم، قصيدا ۽ تاريخي مادا، رباعيون، وغيره آهن ۽ سندس شاعرانه عروج جو ديوان آهي.

**نسيم چمن**: هي "گلستان" يا "بهارستان" جي طرز تي پارسي حڪايتن ۽ نصيحتن تي مشتمل هڪ پر لطف ڪتاب آهي ۽ قلمي حالت ۾ موجود آهي.

هن هيٺ پير صاحب جي ڪلام جو نمونو ڏجي ٿو:

## انتخاب

مون کي ماري مني محبوب ڪيو راضي رقيبن کي،
نه ڪنهن پر کهل ڪا آئي ڪنل تي هن، قريبن کي.

ڦٽي ڦاٽي پيا فرقت سندا ڦٽ اي پرين پيارا،
ڏنو ڏس تو سندو سڀ ڪنهن جڏهن طلبيم طبيبن کي.

ڪڏهن گهورن سان گهائين ۽ ڪڏهن وعدا وسارين سڀ،
وجهين هر ويل ڇو نازڪ نئين غم ۾ غريبن کي.

اسان کي آهه دم دم يادگيري يار جي ليڪن،
وسارڻ ڪيم گهرجي نينهن جو ناتو نجيبن کي.

ڪٿان ڪيئن دلربا تان دل ڏسي سنسار ۾ سهٽا،
جڏهن ڄاٽي بجهي هينئڙو ڏنم هٿ ۾ حبيبن کي.

شڪايت ڪيم ڪر ان شوخ بيپرواه جي "روشن"،
ڏسين ان کان جي آرڏايون نه تون ڏي ڏوهه نصيبن کي.

........................

ادا قاصد عجيبن کي اچڻ جي تات هئي يا نه،
ورڻ جي بيوفا کي ڪابه وائي وات هئي يا نه.

ڪدي نازڪ بدن جي نينهن منهنجي ننڊ نيٽن مان،
سڪايل ڏي سڄڻ کي ڪا سنبت اڄ رات هئي يا نه.

صبا هيءَ سڌ سٽاءِ مون کي تہ ڪا وٽ حسن جي حاڪم،
ڏکويل لءِ ڏکن ۽ ڏاکڙن ري ڏات هئي يا نہ.
قريبن جون اکين تي گاريون آءٌ تو قبوليان، پر،
سوا گارين جي سهڻن وٽ ڪا ٻي سوغات هئي يا نہ.
وٺا سارا وَرهيہ ڪانگل هتي ڪئين مينهن الفت جا،
گهٽيءَ ۾ گلبدن جي برھ جي برسات هئي يا نہ.
نہ وسرين تون مرڻ جي ويل، پڇ پوين ڪان، مون کان پوءِ،
تہ ساروٽي سنڌءِ "روشن" کي منجھ سڪرات هئي يا نہ.

...............

مٺا محبوب مشتاقن کان منهن موڙڻ مناسب ناهہ،
ڏکويل کي ڏيکاري پاڻ پوءِ ڊوڙڻ مناسب ناهہ.
ڏٺي هٿ هوت هن دريا منجهان هيٺن کي ڪڏ هيڪر،
برھ جي بحر ۾ اي بيوفا ٻوڙڻ مناسب ناهہ.
متان نرگس نهاري رشڪ مان نظري وجهئي گيسو،
قريبا ڪاڪلن کي باغ ۾ کولڻ مناسب ناهہ.
اتي ڏس آرسيءَ ۾ پنهنجو عارض اي گلابي گل،
ٻيا گل گلشنن ۾ گلرخا ڳولڻ مناسب ناهہ.
ٻہ تي پيرا ڪٽي ڪو پرت جو پئمان پيارا پار،
رندن ۾ مفت "روشن جان" کي رولڻ مناسب ناهہ.

..............................

عجيبا، چونہ آهن منهنجي ڪيو توتي اثر پيدا،
پتنگن جي ڪشش سان شمع کي ٿئي ٿو پگهر پيدا.
تنهنجي نازڪ بدن ۾ سخت دل، قدرت سان قادر جي،
ٿيو جڻ هڪ گلابي گل ۾ آهي ڪو پٿر پيدا.
ڪتان سَڌ جو سَلو سائو ٿئي تُنهنجي سڪايل جو،
ٻنيءَ ۾ ان جي قسمت جي ٿيو ڪارو ڪَلر پيدا.
مَ ڏي دوزخ جو ڊڙڪو عاشقن کي مور اي واعظ،
سندن سينن ۾ خود خالق ڪيو سِڪ جو سقر پيدا.

نـ بـارش جـي ڏنـي پرواهـ اسـان جـي پـوڪ ڪـي پـرور،
اسـان لءِ هـن اڪيـن جـي ابـر جـو ڪيـائين پـلر پيـدا.

اثـر آخـر ڪنديـون آهـون، سـنديـم اي سـنگدل تـو ۾،
پٿـر مـان پـڻ ٿئـي تـو زور ڏاڍي سـان شـرر پيـدا.

نـ چاٽان قرب تنهنجو قلب ۾ ڪنهـن پـر ٿيـم قـائم،
عجب آهي تـ دلبـر ڪيئـن ڪيـو تـو دل ۾ در پيـدا.

شڪر لب شوق تنهنجو روز شب "روشن" ڪي آهي جام،
تڏهن ٿي ٿئي انهيءَ جي شعر سڀ ڪنهن ۾ شڪر پيدا.

......................

اڄ ملـي مـون سـان منـا ڪـر ڪـا پلائـي جـاني،
مـون ڪـي مشـڪل ٿـي سـهڻ تنهنجـي جدائـي جـاني.

ڇا هـي مـون وٽ جـو رڪـان نـذر سـندي روز وصـال،
ڪانـ ڪـئي عمـر ۾ مـون اهـڙي ڪمـائي جـاني.

مـٽ نـ مـوروڻ ڪـو ٿئـي تنهنجـو مقـابل هرگـز،
منهـن ۾ تنهنجـي ڪـا خـدا رمـز رڪـائي جـاني.

پـرت پـائي پـوءِ وري پيـر نـ ڪٽجـي پـاهون،
صـاف سـهٽن ڪـي رڪـڻ گهرجـي سـچائي جـاني.

روز "روشـن" ڪـي طلـب تنهنجـي ملـڻ جـي آهـي،
ڪـر اڄـڻ جـي ڪـا اڄـي ان سـان اڄـائي جـاني.

....................

قيـد قـابو ڪيـس قريبـن زلـف جـي زنجيـر سـان،
ٿيـو ڇٽـڻ دشـوار دل جـو دوسـتو تدبيـر سـان.

ويـڄ ورجـي ويـا ڏسـي احـوال ابتـر مـون سـندو،
بيو بِـلو ڪهڙو ڪريان مان هن برهـ بـي پيـر سان.

هجر ۾ پڻ وصل جيئن حاصل اٿم هن جو حضـور،
منع محبوبـن ڪـان ڇـا قـاضي ڪنديـن تعزيـر سـان.

آهـي ”روشـن“ تـي اُلارڻ تيـغ ابـرو جـي عبـث،
تنهنجي مزگانن هٽي، جڏ صيد  ڪيو هڪ تير سان.

....................

اي عجيبـا اوچتـي توسـان سـندم دلڙي اڙي،
پيا ڳلن تي تنهنجي گهايل ڪان گهٽا ڳوڙها ڳڙي.

دل قتيـل ڪـي اي پريـن ڪـو پـرت جـو پيـالو پيـار،
ويو سڪايل جـو سـندءِ سـڪ ۾ صفـا سينو سڙي.

ڪل نہ پئي  ڪا اي قريبا قيد نَـئي قسمت ڪيم،
ڪاملن جـي اوچتـي پئـي ڪنـڌ ۾ قـابو ڪـڙي.

ريءَ دلاسـي ديـد جـي هـن درد جـي نـاهي دوا،
جيءَ جيارا جان من توسان سـندم جيءَ جي جڙي.

سهٽا سائين تو سوا مون ڪي نہ ٿي ساعت سري،
گهار گهـايل سـاڻ ڪـا اي گلبـدن هڪـڙي گهـڙي.

تـو بنـا هـر روز رانجهـن آهـ ”روشـن“ رنـج ۾،
آ لڪـي تـون لـوڪ ڪـان اي لعـل لـب لالـن لڙي.

## پارسي غزليات

دلبـرا ريـش دل و جـانم بهتـر گـردد،

مرهـم وصـل تـو گـر بـاز ميسـر گـردد.

لـبِ تيغـت نــ شـود ڪنـد زبـس خونريـزي،

بلڪـ خـون بـردمِ شمشـير تـو جوهـر گـردد.

اهـل عـالم زتجـاهل همـ شـبنم گوينـد،

گل زشرم رخ توچون بہ عرق بہ عرق تر گردد.

درس افسـون اگـر از چشـم سياهش گيـرم،

عجبـي نيسـت ڪـ آن شـوخ مسـخر گـردد.

بي توگـر بهـر تماشـا بــ گلسـتان بـروم،

هـر رگِ گـل بــ نظرهـا يـم نشـتر گـردد.

سربه مانند سرموئي نه پيچد "روشن"،
چون قلم گر بَرهِ عشق تو بي سر گردد.

....................

چو پرتو اف گند شمع جبينش،
شود پروانه شمسِ "خاورينش".
به آغوشِ خيالم خسته گردد،
چه نازک هست جسم نازنينش.
چو برگِ گل خراشد ساعدِ يار،
زبوي گل بسازيد آستينش.
به باغ غصه اش گردست يابم،
بلب چينم گلِ چينِ جبينش.
به باغ غصه اش گردست يابم،
بلب چينم گلِ چينِ جبينش.
شر رها ز آتش دل مي فشانم،
که گردد نرم قلبِ آ هنينش.
ز وازون بختيءُ عاشق نگين ساز،
نوشته نام او چپ در نگينش.
نه مشتاقش ز پيري مو سپيد است،
ولي غم ساخت خاکستر نشينش.
سواِ ديده ام را بينش افزود،
چو من ديدم به خالِ سرمگينش.
به سويش رفتن ار کس را دهد دست،
ز شادي کي رسد پا بر زمينش.
مگر شعرت شکر لب خواند "روشن"،
که گويد هر سخندان انگبينش.

....................

بہ عزمِ صيد چون او شد سوار آهستہ آهستہ،
بہ سويم آمد از بهر شڪار آهستہ آهستہ.

بہ چشمت اي نگارِ من ازان بيمار مي گويند،
کہ مي گرداني اورا بار بار آهستہ آهستہ.

منال اي دل بہ هجرش زانکہ آخر ناخنِ اميد،
کشايد عقدهٔ از تار کار آهستہ آهستہ.

ز فرياد و فغانم شد مکدر خاطر صافش،
به آبِ ديد شويم اين غبار آهستہ آهستہ.

اگر داغِ دلم بهتر نہ شد در زندگي اي دوست،
پس از مرگم شود شمع مزار آهستہ آهستہ.

ز آسيبِ خزان چون غنچه دل تنگيم از مدت،
چو گل بالم ز شادي در بهار آهستہ آهستہ.

چو "روشن" خانما را ساخت قربان در هواي تو،
کند اين نقد جان را هم نثار آهستہ آهستہ.

## پير آقا حاجي عبدالستار جان "پير"

حضرت صاحب خواجه محمد حسن جان رح سرهنديءَ جو ٻيو نمبر فرزند، آقا حاجي عبدالستار جان "پير" 1311هہ ۾ موجوده ٽکڙ ۾ تولد ٿيو. حضرت صاحب خواجه عبدالرحمٰن رح جو پنهنجي هن پوٽي سان ڏاڍو قرب هوندو هو. کيس سڄو ڏينهن پنهنجي دوش مبارڪ تي سواري ڪرائيندا هئا. خوش طبعيءَ جي نموني ۾ پڇندا هئس تہ "تو چنين و چنان هستي" تہ پاڻ يڪدم طوطلي زبان ۾ چوندو هو تہ "تو چنين و چنان هستي."

**تعليم و تربيت:** پير صاحب جي ابتدائي تعليم ٽکڙ ۾ علامه حافظ محمد يوسف وٽ ۽ باقي ٽنڊي سائينداد ۾ ٿي. ننڍپڻ کان ئي ذهين، ذڪي ۽ تيز فهم هو. فضائل ۾ هن وقت سنڌ جي عالمن ۾ امتيازي حيثيت حاصل اٿس.

**سير و سياحت:** کيس سير و سياحت جو ڏاڍو شوق آهي ۽ انهيءَ اشتياق کيس اسلامي ملڪن جو ڪافي سير ڪرايو آهي. ٻين ملڪن ۾ جيڪي رسمون ۽ رواج ڏٺا اٿس ۽ عجيب و غريب ڳالهين جا مشاهدا ڪيا اٿس، تن منجهس جهان بينيءَ وارا جوهر پيدا ڪيا آهن.

**محفل**: سندس گفتگو نهايت شستہ ۽ شائستہ ۽ فرحت ڏيندڙ آهي. سندس محفل مان اٿڻ تي ڪڏهن بہ دل نہ چوندي. خوش طبعيءَ جو پاڪيزه رنگ اٿن. اهوئي سبب آهي جو لاڙ جي پَٽَ جو مشهور ظريف ڪدو مگٹهار سندس خاص نوازيل ماڻهو آهي ۽ ساڻس گڏ سير و سياحت بہ ڪئي اٿس. پير صاحب کي نين نين ٻولين سکڻ جو ڏاڍو شوق آهي. هيئر پاڻ سنڌيءَ کانسواءِ اردو، پارسي، عربي ۽ پشتو زبانون چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو. انگريزي سکڻ جو ڪجهہ وقت کان شوق جاڳيو اٿس. هينئر انگريزيءَ جا خط ٿوريءَ ڪوشش سان پڙهي سگهي ٿو.

**مسلمانن سان محبت**: مسلمانانِ عالم سان عموماً ۽ حرمين جي رهاڪن سان خصوصاً گهڻي محبت اٿس. اهوئي سبب آهي جو جڏهن ڏهہ ٻارهن سال اڳ عربستان ۾ ڏڪار پيو هو، تڏهن پير صاحب ڪوشش ڪري، هتان سنڌ مان، هزارين مڻ اناج ۽ هزارين رپيا چندو گڏ ڪري، عربستان پهچي، اتي جي ساڪنين ۾ تقسيم ڪيو.

**شعر و شاعري**: شاعريءَ سان ننڍپڻ کان وٺي دلچسپي اٿس. سندس ئي اشتياق ڪري، ٺٽي سائينداد ۾ هڪ "انجمن الشعراء" برپا ٿي، جتي هفتي هفتي مشاعرا ٿيندا رهندا هئا.

پير صاحب جو ڪلام تخيل سان پرپور ۽ نهايت روان آهي. محمد حافظ شاهہ مرحوم وانگي پنهنجي ڪلام ۾ محبوب کي ڪڏهن بہ چنگيز، ڪافر، ظالم وغيره نہ سڏيو اٿس، بلڪ جن شاعرن محبوب جي شان ۾ گستاخي ڪئي آهي، انهن تي بہ اعتراض اٿاريو اٿس.

افسوس آهي جو ٺٽي سائينداد جي خشڪ ماحول جي اثر ۽ زماني جي مصروفيتن جي ڪري، گهڻن سالن کان سندس طبعيت شاعريءَ ڏانهن راغب ئي نہ ٿي آهي. اهوئي سبب آهي جو سندس بياض بلڪل ضعيف حالت کي پهچي چڪا آهن.

الله تعاليٰ شل سندس طبعيت هڪ ڀيرو ڦيرهہ، اڳي کان بہ وڌيڪ شعر و سخن ڏانهن مائل ڪري.

هن هيٺ سندس ڪلام جو نمونو پيش ڪجي ٿو:

## انتخاب

## ڪافي

لهہ سندم سهڻا سنيار، نينهن ٿو مون کي نهوڙي.
قول جي مون سان ڪيا تو، پرت مان پئمان پار،
وصل جا وعدا ڪري پوءِ تون وري سي نا وسار-
ماريو مون کي وڇوڙي.
روز شب، ويٺي ستي، آ يادگيري تنهجي يار،
دل کي دم دم تنهنجي صورت جي رهي ٿي سار يار-
وِره ويو مون کي وڪوڙي.
آءُ نہ هڪ آهيان اڪيلي، عشق ۾ عاجز اپار،
منجهہ انهيءَ ميدان ماريا، بِرهَ بيحد بيشمار-
"پير" جهڙا ڪئين ڪروڙي.

### غزليات

جڏهن جانچي ڏٺم ساري خدائي،
نظر مون کي فقط هڪ ڳالهہ آئي:
ڪمينن ۾ وفاداري نہ آئي،
اصيلن ۾ نہ آهي بيوفائي.
بہ چيزون بن ۾ خالق ڪين خلقيون،
چڱن ۾ بد ۽ بڇڙن ۾ چڱائي.
ڪمينا قرب ڪن ظاهر زباني،
اندر هڪڙي بهر بي ڪن بيائي.
ڪمينن سان نہ رکجي قرب قلبي،
ڪرڻ گهرجي نہ تن سان آشنائي.
پري رهجي نہ رکجي پيار تن سان،
نہ آهي چال ۾ جن جي چڱائي.

ڪجـي قربـان پنهنجـي جـان تـن تـان،
رڪـن جـي صـاف سـهڻا تـا سـچائي.
پچاڻـان تجربـي هـي شـعر جوڙيـم،
زمـاني زهـر جـي چنڻـي چڪـائي.

.................

مشتاق يار موهين، بانڪن پنيـن ۾ چا ٿئي؟
ونگيو ونن ويچارا، ڪارن ڪندين ۾ چا ٿئي؟
آبِ حيات ناهين ڪوثـر بـہ ڪيـن، ليڪـن،
بخشيـن ٿـو زندگاني، لعلن لبن ۾ چا ٿئـي؟
هيڪر ڪسي بيهر ڏي يعقوب جي اکيـن کي،
نورِ نظر، اي يوسف! چئو پير هن ۾ چا ٿَـئي؟
عيسـيٰ مئـا جياريـا، تـو ماريـا بظـاهر،
”مُـوتـُو“ مئا جياريا، سهڻا سخن ۾ چا ٿَئي؟
دنيـا ۾ درد هرڪـو آهـي عـذاب اوڪـو،
پر درد تنهنجو درمان، ڏاڍا ڏکن ۾ چا ٿَـئي؟
ظـاهر ۾ باهـ وانـگر گرچـہ ٻـرن ٿـا ليڪـن،
نارن هِنيون مِنيءَ سان، ڳاڙهن ڳلن ۾ چا ٿَـئي؟
اسـرار عشـق وارا محبـوب پـاڻ ڄـاڻي،
پوي ”پير“ چو پڇين پيو، اهڙن ڪمن ۾ چا ٿَـئي؟

.....................

جـا تمنـا آهـ دل ۾ سـا خـدا پـوري ڪـري،
دل جي دل ۾ شل نہ رهجي، وصل سهڻي جو سري.
نـا اميـديءَ ۾ اجـا آرام آهـي قلـب کـي،
وصـل جي اميـد ۾ تـان باهـ تـي ٻيٺي ٻـري.
هجـر ۾ آتـش انـدر جي، وصـل ۾ رخسـار جـي،
آئون ٻهر صورت ڀران ٿو، خواه ويجهو يا پري.
”پير“ هردم تون دعا پيو گهر خدا کان خير جي،
مـانَ محبوبـن جي واتـان وصـل جي وائـي وري.

...............

محبوب ماهه صورت ڪو بي وفا نه آهي،
ماڻا مني جا آهن، ليڪن جفا نه آهي.

شاعر شڪايتون ٿا بيجا بڪن مدامي،
دراصل دلبرن ۾ ڪائي خطا نه آهي.

تشبيھه تنهنجي قد جي شمشاد ساڻ ڪن ٿا،
شمشاد ۾ ٿلهڻ جي توصيف ڪانه آهي.

تنهنجي منن چپن کي مرجان پيا چون ٿا،
مرجان ۾ لطافت ميناج سا نه آهي.

ڪنهن دم چون ته آهي پيارو پريءَ جي پيڪر،
ليڪن پريءَ ۾ اهڙو ناز و ادا نه آهي.

تصوير تنهن صنم جي دل ۾ رکي جو دائم،
تنهن ڪان پرين پيارو هڪ پل جدا نه آهي.

آغاز عشق جي ۾ هي حال "پير" جو ٿيو،
اڳتي هلي ٿئي ڇا، تنهن جي ڪٿا نه آهي.

...................

آيو بهار ٿيئڙو تازو چمن دوباره،
سيراب ٿيا بخوبي سرو و سمن دوباره.

چو طرف اڄ چمن ۾ ڪيا چهچاٽ چيهن،
بلبل گلن ڦلن تي تي نغمه زن دوباره.

مٽ ڪونه آهه ڪو گل محبوب ساڻ منهنجي،
ڦاڙيو گلاب جي گل ڏس پير هن دوباره.

سامان بيا نظارا تو لئي ٿيا نگارا،
ايندين ڪڏهن پيارا پنهنجي وطن دوباره.

...............

عاشق و معشوق جامِ وصل مان مخمور بئي،
محو مقصد ۾ رهي ٿيا مست چڪنا چور بئي.

هڪ چوي "اڄ ويھه اکين تي"، بيو چوي "سيني اندر"،
گاهه هِت گاهي هُتي، هر جاءِ ۾ مسرور بئي.

ناز غمزو يار تنهنجو، نياز نوڙت مون سندي،
هر گهٽي هر شهر ۾ ماڻهو ڪندا مذڪور پئي.

هي ٻڌي مصرع ته موزون "پير" کي آئي پسند،
"دل به وڃي دلبر به ويو ڪنهن سان سليمان هي سور پئي!"

# سيد ميران محمد شاهه "مير"، "مهجور"

سيد حافظ حاجي حڪيم ميران محمد شاهه جو پوٽو ۽ سيد حاجي زين العابدين شاهه جو وڏو فرزند. سيد حاجي ميران محمد شاهه "مير"، "مهجور"، 1898ع ۾ موجوده ٺٽي ۾ تولد ٿيو.

**تعليم و تربيت:** پاڻ ابتدائي تعليم، علامه حافظ محمد يوسف ۽ حافظ محمد هارون وٽ حاصل ڪئي اٿس. تن ڏينهن ٺٽي ۾ لوڪل بورڊ ورنيڪيولر اسڪول قائم ٿيو هو. جتان شاهه صاحب 4 درجا سنڌي پاس ڪري، 1910ع ۾، اعليٰ تعليم لاءِ "سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي" ۾ داخل ٿيو. اُتان 1917ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪري، "ڊي. جي. ڪاليج ڪراچي" مان، بي. اي جو امتحان پار پيئي، 1924ع ۾ ايل. ايل. بي پاس ڪري، حيدرآباد جي مشهور وڪيل، سنتداس سان ڀائيوار ٿي، وڪالت ۾ مهارت حاصل ڪيائون.

**سياسي زندگي:** شاهه صاحب جي ذهن رسا ۽ لڪل خداداد قابليت جو اندازو، سندس مدبر ناني، مرحوم عبدالحڪيم شاهه، سندس ٻاراڻيءَ وهيءَ ۾ ئي پروڙي ورتو هو ۽ 1926ع ۾ جڏهن حيدرآباد ميونسپل اليڪشنون ٿيون، تڏهن عبدالحڪيم شاهه صاحب جي ڪوشش سان ميران محمد شاهه کهنه مشق اميدوارن کي پنتي ڇڏي، پهريون نمبر آيو. سياست جي ميدان ۾ سندس هي پهريون قدم هو ۽ پهرين شاناٿتي ڪاميابي هئي. ساڳئي سال کيس، اسڪول بورڊ جو چيئرمين چونڊيو ويو.

1928ع ۾، عبدالحڪيم شاهه کيس، "بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل" لاءِ اميدوار بيهاريو، جنهن ۾ ڪامياب ٿيو. ساڳئي سال ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ حيدرآباد جو ميمبر چونڊجي آيو ۽ کيس حيدرآباد لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ چونڊيو ويو.

وري 1930ع ۾ ٻيو دفعو بمبئي ڪائونسل جو ميمبر ٿيو، جتي سنڌ کي الڳ صوبي بنائڻ لاءِ نهايت اهم پارٽ ادا ڪيائين. سنڌ کي، جن سببن ڪري،

سنڌي اڳواڻن بمبئي کان جدا ڪري گهريو ٿي، انهيءَ جي مفصل رپورٽ شاهه صاحب جي ئي لکيل آهي.

1931ع ۾ 'فيلو آف بامبئي يونيورسٽي' ٿيو.

1936ع ۾ سنڌ بمبئي کان جدا ٿي ۽ 1937ع ۾ سنڌ جي اليڪشن ۾، حيدرآباد تعلقي ۽ شهر مان، باوجود سخت مخالفت جي نهايت شاندار ڪاميابي حاصل ٿيس. 1938ع ۾ سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ جي اسپيڪر، پوڄسنگهه، جي هن دنيا مان سڌارڻ ڪري شاهه صاحب کي سنڌس جاءِ تي اسپيڪر چونڊيو ويو، جنهن عهدي تي ڏهه سال فائز رهيو.

1946ع ۾، اسيمبليءَ ۾ مسلم ليگ ۽ مخالف ڌر جا ميمبر هڪ جيترا ٿي ويا ۽ ليگ جي شڪست يقيني پئي نظر آئي. انهيءَ نازڪ وقت ۾ شاهه صاحب بنا ڪنهن لالچ جي پنهنجي عهدي کي ڦٽو ڪري، ليگ کي ووٽ ڏنو ۽ مسلم ليگ شڪست کان بچي ويئي.

سال 1947ع جي شروع ۾، پاڪستان کان 8 مهينا اڳ، شاهه صاحب وري حيدرآباد تعلقي ۽ شهر مان بنا مقابلي، سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي آيو ۽ جلد ئي روينيو وزير ٿيو. پوءِ وزارت ۾ ڇهه دفعا تبديليون آيون، مگر شاهه صاحب جي لياقت کي ڏسي ڪيس سڀ ڪنهن وزارت ۾ ڪنيو ويو. پڇاڙيءَ ۾ پاڻ پي. ڊبليو. ڊي ۽ مهاجر آباد ڪاريءَ جو وزير هو. 1952ع ۾، سنڌي ليڊرن جي سياسي ڪشمڪش ڪري، سنڌ سان 92- الف فقرو لڳايو ويو ۽ اسيمبلي غير معين مدت تائين ٽوڙي ويئي. پر انهيءَ فقري لڳڻ کان اڳي شاهه صاحب وزيريءَ تان استعيفا ڏيئي ڇڏي هئي.

پاڪستان گورنمينٽ سنڌس جهوني تجربي کي مدنظر رکندي، کيس اسپين ۾ سفير ڪري موڪليو، جتي ٿوري ئي عرصي ۾ چڱي شهرت حاصل ڪيائين. سنڌس عالي دماغ جي اها ثابتي آهي، جو ٿوري ئي عرصي ۾ اسپيني ٻولي ايتري قدر سکي ويو، جو مجمع عام اڳيان هڪ دفعو اسپيني زبان ۾ تقرير به ڪيائين. پاڪستان گورنمينٽ ڪن سببن ڪري، اسپين ۽ ڪن ٻين سفارتخانن کي بند ڪرڻ جو ارادو ڪيو، ۽ شاهه صاحب سفارت تان استعيفا ڏيئي واپس اپريل 1953ع ۾ پاڪستان موٽي آيو.

ان ڪان پوءِ شاھ صاحب ڪي "ڪراچي امپرووميـنٽ ٽرسٽ" جو چيئرميـن مقرر ڪيو ويو، جتي ڪراچي ڪي هڪ عاليشان شهر بنائڻ لاءِ سندس خدمتون قابل قدر آهن.

**قومـي خدمتــون:** سنـدس ڳهٽيـن، ننـڍين وڏيـن قومـي خدمتـن مـان "مدرسة البنات" حيدرآباد. قابل ذڪر آهي. انهيءَ مدرسي جو وجود شاھ صاحب جي محنت جو نتيجو آهي. جنهن جي قائم ٿيڻ ڪري، مسلمانن جي ڇوڪرين ڪي حيدرآباد ۾ تعليم جي ڀرين ڀرين سهوليت ملي. انهيءَ ڪم ۾ سندس مددگارن مان مرحوم خانبهادر محمد صديق ميمڻ جو نالو قابل ذڪر آهي.

**ادبي خدمتون:** "سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي"، جنهن ڪيترا ادبي شهه پارا منظر عام تي آندا، تنهن جو روح روان به شاھ صاحب هو.

ڀٽائيءَ جي ميلي جي تاريخ جو اهو سونو ورق آهي، جو ميران محمد شاھ جي ئي ڪوشش ڪري، ميلي جي وقت اتي ادبي ڪانفرنسون ٿيـن ٿيـون ۽ سنڌ جا وڏا وڏا اديب ۽ سريلا ڳائڻا، جن مان گهٽن شاھ ڀٽائي رح جو ڪلام تہ پڙهيو ۽ ڳايو هو، مگر ڀٽ اڪين سان نہ ڏٺي هئائون، سي بہ اچيو ڀٽ پيڙا ٿين ٿا.

**نثر نويـسي:** پـڙهـنـدڙ حضـرات جي نـظـر مـان گذري چڪـو آهي تہ شاھ صاحب تعليـم ڪـان پوءِ پنهنجي زندگيءَ جو سمـورو عرصـو سياست ۾ گذاريو. مگر ايڏين مصروفيتن هوندي بہ سنڌي علم و ادب کي نہ وساريائين. ننڍپڻ کان قلم هٿ ۾ ڪنيو اٿس. جيتوڻيڪ سندس تصنيف ڪيل ڪوبہ ڪتاب ڇپيـل ڪونهي، تڏهن بـہ مختلف عنوانـن تـي سندس متعدد مضمون اخبـارن، رسالن ۽ مجموعن ۾ شايع ٿيل موجود آهن. سندس انٽر آرٽس جـي زمـاني وارو مضمون "گنجي جبل جو سير" کهڙي سنڌيءَ نہ پڙهيـو هونـدو. ان مضمـون مـان سندس قابليت جو پورو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. سندس ٻيو مضمـون "دل جي طلب" بہ سنڌي ادب ۾ چڱو درجو رکي ٿو. ڀٽ جي ڪانفرنس تـي، 1953ع ۾، سندس پڙهيل مضمون "شاھ جو اٿ" ۽ "شاھ جا پکي" عاليشان مضمون آهن. "پلن جو شـڪار" ۽ ماهنـامي "نئيـن زندگـي" ۾ ڇپيـل مضمــون "سـير الحمـرا" وغيره بہ اعليٰ معيار جا مضمون آهن.

**شعر و شاعري:** شعر و شاعريءَ جو ننڍپڻ کان وٽني شوق هوندو هوس. پاڻ انهيءَ دور ۾ پرورش پاتي اٿس، جڏهن ٺٽڙ ۾ شاعريءَ جو چرچو عام هو. گهر ۾

علامه "فدا" ۽ حافظ شاهه مرحوم سندس استاد هئا. استادن جي صحبت ۾ رهي ڪافيون، غزل ۽ نظم تمام سهڻي ۽ سليس سنڌيءَ ۾ چيا اٿس. سندس ڪلام تجنيس حرفيءَ، دلڪش زبان ۽ چست محاورن سان مرصع آهي.

افسوس آهي، جو سياست جي ميدان ۾ پير پائڻ ڪري شاهه صاحب جي شعر گوئيءَ جو ذوق بلڪل ماٺو ٿي ويو. گھڻن سالن کان شعر چوڻ بلڪل ڇڏي ڏنو اٿس. سندس ابتدائي ڪلام سڀ موجود آهي. جو اميد ته عنقريب شايع ٿيندو. سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

## انتخاب

### "ڪافيون"

مون کي ماڻن سان مار، اصل انڪار نه ڪر.
ڪافي کهڻ لاءِ سيف هي ابرو،
تير تبر تلوار، نپٽ نروار نه ڪر.
ڳالهه ڳجهي جا توسان ڳرهيم،
تنهنجو ذڪر اذڪار، پر اظهار نه ڪر.
سال سڪئي ٿيم سهٽا سائين،
هاڻ هتي هڪوار، اڇڻ ڪان عار نه ڪر.
ناوڪ نينهن جو بيشڪ بيچ تون،
ڏوٺ ڏمر ڏهڪار، تپي تڪرار نه ڪر.
"ميران شاهه" جون منٿون ماهي،
مچ منا مننار، حيا هربار نه ڪر.

..................

سهسين پليڪار، ڪانگلڙا!
جيءُ جيءُ ڪيانتا آئين اوتاري!

ڪانگ ويجهو تي ولهيءَ ڪي، دل سندو چئو داستان،
ڳالهيون ڳجهه راز رمزون، ڪر اڳيان منهنجي عيان،
بند لهن او بار، ڪانگلڙا، گهوٽ گهڙي جي مون سان گذاري.
ڪانگ ڪي اڳيان قريبن، ڪيئي قصو منهنجو تمام!

هـت عجيبـن جـي اچـڻ جـو، آنديـــي ڪهـــڙو انجـــام؟
پـايئين ڳچـيءَ هـار، ڪـانگلڙا، هـو جـي ولهـيءَ ڏي واڳـون واري.
ڪـانگ، مـون مشـتاق جـي، محبـوب ڪئـي تـي ڪـا مقـال!
ڪـا سَـڪايل جـي ڪـڏهن، سـهڻو اچـي لهنـدو سـنيال!
ڪهـڙا سـندس پـار، ڪـانگلڙا، پـاري نـہ مـون سـان پـرت پيـاري.
ڪـانگ وچ تـون تنهـن ولايـت، پريـــنءَ ڪـــي پيغـــام ڏي،
حـال مـون "مهجـور" جـو چئـو، ڪرنشـــون ڪوڙيـــن ڪـــري،
روئـج زارو زار، ڪـانـگـلـڙا، ڪهل اچي ڪامان ڪوهـياري.

پسي رات سپني ۾ پکڻيون پراڻيون،
صحيح سي سجاتيم پياريون اباڻيون.

ولر ڪيو ويڙهيچـون، ويـون مـون وڪـوڙي،
ڏئـي زور زانـوءَ ڪـي ڪـا جـوٽ جـوڙي-
سـنيالي سـٽاينئوم سـڪ جـون کهـاڻيون.

سـٽايو سـهيلين مـون سـڏڪا پـري، ميـان،
سـندم حـال ابتـر اصـل ڪـان ڪـري، ميـان-
تـہ ڪيئن قيد ۾ تيون سندم ٻانهون ساٽيون.

هجـي ويئـي هرڪـا ٻـڌي حـال هيٺـو،
سـڏيو سـومري ڪـي سـين ڪُـر ڪميٺـو -
تيـــون روح راڙي ۾ نرمـــل نمـــاڻيون.

پٽـن منجهـ پهـري پريئـون پـاند پيـرن،
پسـيون پـاس آنڌئـون ۽ ڏٿ، ڏار ڏونـرن-
ڪلـي تـي ڪـارايئونم مڪٽيـون مـانڌاڻيون.

ورهيـ ورهـ جـا ويـام ان وقـت وسـري،
عمـر جـي آري مـان ويس چـڻ تـہ نڪـري-
صبـح جـو ڏنـم پـر سـِـري سـومراڻيون.

سـٽج سـڌ سـرور سـڪايل جـا سـاري،
هتـي گهـوٽ ري جا گهنگهـر تـي گـذاري-
"ميران شاهہ" مارن سان تين رس رهاڻيون.

## غزليات

جي هلي هڪوار عاجز جي اڳڻ ايندو عجيب،
جان جند، سر ساهه، گهرتڙ، تت هي گهوريندو غريب.

دائما دلبر جي دوريءَ ڪان دکي تو درد دل،
درد ان جو وصل درمان، مرضَ ان جو مه طبيب.

هڪ اياڳيءَ جو اڙانگي ساڻ انگ آهي اڙيو،
پيو وجهي تو رند روڪون راهه ۾ رهزن رقيب.

وصل جي وجهه لئي ولهيءَ جو وس هلي ٿو ڪونه ڪو،
پر پرين پردي اندر پڻ قلب ڪان آهي قريب.

سڱَ ڪري هن سنگدل سان سور سهسين مون سنا،
ٿيو ندوريءَ جو نڪث نحس ۽ نپٽ ناقص نصيب.

محب جي محبت ۾ محنت "مير" ڪي منظور آهه،
نيٺ نيزارين سان ٿيريندو نظر نوري نجيب.

.....................

پرينءَ منهنجي ڪي ڪو پانڌي وجي پيغام پهچائي،
ته لالن تنهنجي لاءِ لوني ڏينهان راتيان تي ليلائي.

سنڌءِ صحبت جڏهن ساري، هنجون هاري ڪري هاجو،
جدائيءَ ۾ سنڌءِ جاني جيئڻ جنجال تي ياني.

نماٽيءَ جي اندر ۾ نينهن ڪيو ناسور اي نازڪ!
انهيءَ ورِ ڪئين ولاتن جا چڏيا سڀ ويج ورچائي.

ولهيءَ ڪي وير واجهائي، ورهيه تو لئه ويا گذري،
پڪي ۾ پورهيت جي پڻ پرين آ پيرڙا پائي.

ڪچي ڪا وصل جي وائي نه ڪج سهٽي اڳيان ساتي،
متان اُو شوخ شيرين لب انهيءَ گفتي ڪان شرمائي.

منٿ ۽ معذرت ڪج "مير" جي پاران وجي پانڌي،
سڪايل جا سٽي هي سور سهٽو مانَ سانگائي.

.....................

عشق وارن کي عجيبا عيش جو ڪونهي ضرور،
سوز سڪ ۽ سور مان تن جي سري سيني سرور.
نينهن ناوڪ جو نشان تي هٽ قريبن جي ڪسڻ،
مرڪ مشتاقن سندو ۽ شير مردن جو شعور.
رنج راحت، فرح محنت جو نه سڪندن کي سماءُ،
عشق جي آتش سندو تَنَ ۾ تپي تنِ جي تنور.
تات تاري، عمر ساري، يار آريءَ جي اتن،
ٿو هُري، هَر هَر هئين ۾، تن کي هو تن جو حضور.
جيءَ جفا تہ بہ دل صفا عاشق سچي سهٽي سدا،
ناز تا ناڪار پائڻ ۽ غصو چاٽن غرور.
منٿ جي هن "مير" کي، منهڙو پسائي ماهرو،
تان هنئين تان هوند هنجي، هجر جو هيڪر حَرور.

..................

## دنيا خود مطلبيءَ سان پر آهي:

دنيا هيءَ آهہ مطلب جي جنهين ۾ خير خواهہ ڪونهي،
گهڻائي دوست چائن تا مگر ڪو باوفا ڪونهي.
ملن مشڪن، گلي لائن، عزيز ۽ خويش تا چائن،
اندر ۾ پر رکن ڪينو، مُنجهن ڪو دل صفا ڪونهي.
دلاسا دلبريون ظاهر ڏکن ۾ تا ڏين مون کي،
حقيقت ۾ مگر دمساز دل جو دلربا ڪونهي.
سکن ۾ ڪئين سلامي پر نہ سورن ۾ ٿين ساٿي،
برائيءَ ۾ بهادر ڪئين، وفائي ۽ وِلا ڪونهي.
وجن پئسي تي منهن مٿيو، گهڻائي مرد مطلب جا،
سڀ سالم سچو ساٿي، سپاجهو باسخا ڪونهي.
لڳي هر ڪنهن کي پنهنجي، ڪانہ ٻئي جي ٿو رکي پرواهہ،
اَلا! اڄ ملڪ ۾ "مهجور"! ڪو مردِ خدا ڪونهي.

**تعليم:**

دوستو، دل سان ٻڌو اڄ ملڪ جي هيءَ ماجرا،
پيو سڄو سنڌري جهان ويو هت جهالت جا بجا.

علم جي حاصل ڪرڻ جو ناهه ڪنهن کي ڪو خيال،
بوالفضولي ۽ برائي، تي تڏهن بي انتها،

جيئن ڏيو روشن ڪري، گهر علم تيئن دل جو چراغ،
جنهن جي دل اونداهه تنهن کي، ڪيئن سڏيون انسان ڀلا؟

علم واري کي تين حاصل ٿئي دنيا ۽ دين،
تو تئي بي علم کان پر خود خدا خالق خفا.

زال توڙي مرد لءِ آهي ضروري علم ٿيو،
نر ۽ ناريءَ جي پڙهائڻ ۾ ٿيو بس بي ريا.

پير توڙي مير يا، هاري هجي يا ڪاسبي،
علم کان عاري رهيا جي جلد ٿيندا سي فنا.

من اندر "مهجور" جي، منشا رهي ٿي هيءَ مدام،
علم سان روشن رهي، هي ديس سارو دائما.

## سيد غلام محمد شاهه "ناظم"

سيد غلام محمد شاهه "ناظم" ولد سيد جلال شاهه 1319هه ۾ موجوده ٺٽڙ ۾ ڄائو.

**تعليم ۽ تربيت:** "ناظم" صاحب، سنڌي، ڪجهه پارسي ۽ قرآن شريف جي تعليم حافظ "بسمل" مرحوم کان پرائي. انهيءَ کان پوءِ پنهنجي زمينداري ڪمن ڪارين ۾ مشغول رهندو پئي آيو آهي.

**عادات و اطوار:** نهايت خوش طبع ۽ خوش وضع آهي. آواز سريلو اٿس. ڪڏهن ڪڏهن موج ۾ اچي ڳائيندو به آهي.

**شعر و شاعري:** شاعريءَ ڏانهن ننڍپڻ کان رغبت اٿس. سندس غزل ۽ ڪافيون ڪي پارسي آميز ۽ ڪي صاف سنڌي ۾ آهن. ڪلام ۾ چڱي رواني اٿس.

سندس ڪلام جو نمونو پيش ڪجي ٿو:

## انتخاب

تو ڇڏيا ڪاڪل ڪلهن تي پنهنجي پهرائي پرين،
وات ويچارن ڪي وڃهيو نانگ نايو تا ونن،
مُوءَ مٽيادار "ناظم" ڏنگ ڏڪوين ڪي هٽن،
وات وسهر پنهنجا پٽيو ور ورايو تا ونن.

..................

هي تہ ڏس جَرڪن سدا جلوا ڪريو جانب سنديون،
مست مشتاقن کي ڪن ٿيون پرت ڏيو پياريون اکيون.
من سندم ويهي ڪري وئين قيد ڪَجلين سان قريب،
تو ڪٺي مون ڏانهن منا، جنهن دم وري واريون اکيون.
جي ڪٺي مون ڏي نهاريئي باجهہ پريا نيڻ ڀئي،
مون منا تنهنجون ٿي صبح و شام سي ساريون اکيون.
هڪ نهارڻ سان "ناظم" جي ڪسيائين جان و دل،
سچ چوان هي لءِ هٽڻ ڌاڙي جي هن ڌاريون اکيون.

# محمد خان "غني"

قاضي محمد دائود جو فرزند ۽ حافظ حاجي "حامد" جو پوٽو محمد خان "غني"، 3- مارچ 1903ع مطابق 18- ذوالحج 1320هہ ۾ موجوده ٺٽ ۾ ڄائو.

حسن اتفاق اهو ٿيو، جو هن جسماني عالم ۾ اچڻ کان اٺ ڏينهن اڳ، مرحوم "مخلص" جو هڪ ڪير پياڪ پٽ، ڪيس داغ جدائيءَ جو ڏيئي، ابدي دنيا ۾ وڃي آرامي ٿيو. "مخلص" صاحب اجا پٽ جي ورهہ ۽ وڇوڙي ۾ ڳوڙها ڳاڙي رهيو هو، تہ ڪيس محمد خان جي ڄمڻ جي مبارڪ ملي. نہ رڳو مبارڪ، مگر محمد دائود پنهنجو اهو اڪيلو فرزند، پنهنجي وڏي پاءُ "مخلص" جي خدمت ۾ پيش ڪيو. انهيءَ ڏينهن کان وٺي محمد خان "مخلص" جي گهر نپنو ۽ اها تہ پيتائين جا اٺ ڏينهن اڳ "مخلص" جو فرزند پيئندو هو. محمد دائود، محمد خان تان ايتري قدر تہ دست بردار ٿيو، جو اڄ ڏينهن تائين بہ محمد خان جا گهڻا آشنا ڪيس محمد دائود جي بدران "مخلص" جو فرزند سمجهندا آهن.

**تعليم و تربيت:** "غني" صاحب جي ابتدائي تعليم، ٽکڙ جي لوڪلبورڊ سنڌي اسڪول ۾ ٿي. ڪجھ پارسي ۽ قرآن شريف، حافظ "بسمل" مرحوم وٽ پڙهيو. سنڌي فائينل پاس ڪرڻ بعد، 1916ع ۾، حيدرآباد ۾ ماستر مقرر ٿيو، جتي 1923ع تائين نوڪري ڪندو رهيو.

**ٽپيداري پاس ڪرڻ ۽ اخباري دنيا:** 1923ع ۾ ماستري ڇڏي، ٽپيداري پڙهڻ ويو. 1924ع ۾ اهو امتحان پاس ڪيائين.

6- جون 1924ع کان جڏهن "مسلمان" اخبار ميرپورخاص مان شايع ٿيڻ لڳي، تڏهن محمد خان، ڀيريائين ته ان انتظار ۾ ته جيستائين ٽپيداري ملي، تيستائين اخبار ۾ ڪم ڪندو رهيو. مگر پوءِ "ڪل شيءِ يرجع الي اصله" جي مصداق قدرتاً پنهنجي موروثي پيشي ۾ اچي وي و. يعني "مخلص" مرحوم جي قائم ڪيل اخبار "مسلمان" جو ايڊيٽر ٿيو ۽ 1931ع ۾ "مخلص" مرحوم جي حياتيءَ ۾ "مسلمان" جي باقاعدي چارج ورتائين. اجا تائين پاڻ هاشمي پريس جو مالڪ ۽ "مسلمان" اخبار جو ايڊيٽر آهي.

**نثر نويسي:** سندس نثر چڱو، عام فهم ۽ سليس ۽ ساديءَ ٻوليءَ ۾ آهي، جو هڪ بلند پايہ اديب کان وٺي هڪ معمولي پڙهيل ماڻهوءَ تائين بہ چڱيءَ طرح پڙهي ۽ پروڙي سگهي ٿو.

**ظرافت:** فن ظرافت ۾ بہ چڱو مَلڪو حاصل اٿس. ڳالهائيندي ٻولهائيندي نهايت عجيب عجيب لطيفا بيان ڪندو آهي.

"مسلمان" اخبار ۾ "علامه ڪڙپي" جي نالي سان شايع ٿيل مزاحيہ مضمون سندس ئي لکيل آهن.

**شعر و شاعري:** شاعري تہ لاکس ڪو مشڪل مرحلو ڪونہ هو. پاڻ انهيءَ خاندان سان تعلق رکي ٿو، جنهن سنڌي شاعريءَ کي بحر وزن جي پابنديءَ ۾ آندو، ۽ انهيءَ خاندان مان مرحوم حافظ حاجي حامد ۽ "مخلص" جهڙا باڪمال شاعر پيدا ٿيا. ڇاڪي ڄم کان وٺي سندس خون ۾ پيءُ ڏاڏي جي وسيلي سان، شاعريءَ جا جزا موجود هئا، مگر هر ڪا شيءِ پنهنجي پنهنجي وقت تي ظاهر ٿيندي آهي. آخر اها گهڙي بہ اچي ويئي. "غني" صاحب جي شاعريءَ جي شروعات بہ هڪ عجيب واردات آهي.

سيد حاجي محمد حافظ شاهه مرحوم جي اوطاق ۾ راڳ ۽ رنگ جي دور کان سواءِ ٽکڙ جي نو آموز شاعرن جي تربيت بہ ٿيندي هئي. هڪ رات سندس

محفل ۾ "اڄ ويو سهڻو سندم دلبر سِتاري هاءِ هاءِ" مصرع طرح تي طبع آزمائي ٿي رهي هئي. محمد خان کي موقعو ملي ويو. هڪ غزل، جو گهٽين غلطين سان پُر هو، عيسيٰ شيديءَ جي هٿان شاهه صاحب ڏانهن ڏياري موڪليائين. غزل پڙهڻ بعد، شاهه صاحب ڪيس پاڻ وٽ گهرائي ورتو ۽ پنهنجي نيري چيائينس ته "ابا انشاء الله حافظ 'حامد' جو بنياد ڪڏهن به پٽ تي نه پوندو." انهيءَ وقت غني صاحب جي عمر اٽڪل 13 سال هئي. حافظ شاهه سندس رازادان ۽ حافظ شاهه جي اوطاق سندس وندرگاهه هئي. جيئن ته خود "مخلص" مرحوم جي شاعريءَ جي ابتدا هڪ عشقيه داستان سان ٿي هئي، ان ڪري ان خوف کان ته متان "مخلص" صاحب ائين سمجهي ته ڪنهن جي عشق جي اري ۾ اچي ويو آهي، تنهنڪري ڪيترو عرصو "مخلص" مرحوم کان پنهنجو ڪلام مخفي رکندو آيو. ڳالهه آخر ڪيتري لڪندي، نيٺ "مخلص" کي خبر پئي جو سندس ڪلام پڙهي خوش ٿيو ۽ کيس شعر چوڻ جي اجازت ڏنائين. انهيءَ کان پوءِ "غني" صاحب باقاعدي شاعري شروع ڪئي ۽ حافظ "بسمل" مرحوم کي استاد ڪري ورتائين.

**قومي شاعري:** 1916ع ۾، حيدرآباد ۾، هڪ "بزم شعراء" قائم ٿي، جنهن جي زير سايه هر هفتي مشاعرا ٿيندا هئا.

"غني" به ان مجلس ۾ حصو وٺڻ لڳو، جنهن ڪري سندس انهيءَ وقت جي شاعريءَ تي به اهو رنگ چڙهي ويو، جيڪو اڄڪلهه سنڌي شاعرن اختيار ڪيو آهي، يعني هجر و فراق، گل ۽ بلبل وغيره، ڇوته انهن شاعرن لاءِ طرح مصرعون به اهڙيون ئي هونديون هيون.

14- ڊسمبر 1924ع جو واقعو آهي. حيدرآباد ۾ هڪ وڏي ادبي ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾ رکيل مشاعري لاءِ طرح مصرع "چشم موسيٰ کي به حسرت رهجي وئي ديدار جي" مقرر ڪيل هئي، جنهن ۾ گهڻو ڪري سنڌ جي سيني نامور شاعرن شرڪت ڪئي ۽ سيني جو ڪلام عشقيه هو. فقط هڪ "مخلص" مرحوم هو، جنهن "بات سپ بيڪار بلڪل گل ۽ گلزار جي" مصرع ڪم آڻي سنڌي شاعريءَ جي رخ کي قومي شاعريءَ ڏانهن موڙيو. انهيءَ تلقين جو "غنيءَ" تي به اثر ٿيو. انهيءَ موقعي کان پوءِ پاڻ جيڪو پهريون نظم لکيائين، سو قومي هو. هوئن به اخباري دنيا ۾ اچڻ ڪري ڪيس اڪثر قومي نظم لکڻا پيا، جنهن ڪري سندس بياضن ۾

وڏو حصو قومي نظم ئي ملن ٿا. ساڳئي وقت تي عشقيہ ۽ نعتيہ شاعري بہ ڪندو آيو. مرثيہ تي بہ طبع آزمائي ڪئي اٿس.

**سندس ڪلام:** "غني" صاحب پنهنجي ڪلام ۾ مغلق ۽ دقيق عربي ۽ پارسي لفظن جي ڀرمار کان گهڻو ٽڙو گريز ڪيو آهي. سندس ڪلام ۾ سادگي، رواني، صاف سنڌي زبان ۾ نظر اچي ٿي. تجنيس حرفي تہ سندس اباڻو ورثو آهي. تشبيهون، تلميحون، استعارا ۽ ڪنايا وغيره بہ سندس ڪلام جي جان آهن.

**تجنيس حرفي:** "غني" صاحب سنڌي شاعرن جي دستور موجب، عمر مارئي، ليلا چنيسر، سهڻي ميهار، سسئي پنهون ۽ مومل راڻي وغيره تي خوب طبع آزمائي ڪئي آهي. خاص ڪري عمر مارئي جي داستان تي پنهنجي ڏاڏي حافظ "حامد" وانگي گهڻو ڪجهہ لکيو اٿس. اهو سمورو ڪلام تجنيس حرفيءَ سان سينگاريل آهي. هونئن بہ سندس ڪلام جي گهڻي حصي ۾ تجنيس حرفي ملي ٿي:

ڏيٺ ٿي، پوءِ ڏسڪندن کي ڇو ڏمر ڏيکارين:
منهن لڪائي محب ڇو ماڻن سان تن کي مارين.

تيئن وجي قابو ڪڙن ۾ قيد دل ٿيندي سندم،
ونگ وارن ۾ وجهيو جيئن تو ورايو وارين.

دڙ دلاسي دلبريءَ جي دوست دعويٰ دمبدم،
پاڻ تون پيمان پنهنجا ڇونہ پيارا پارين.

وڙ ڪري ڪا وصل واري واڳ دلبر تون وراءِ،
غم لهن غمگين جا گڏجي گهڙي جي گهارين.

آسرو آهم "غني" ايندا اگڻ آخر اهي،
هاءِ جنهن جي لاءِ هيڏيون تون هنجون تو هارين.

**رواني ۽ سلاست:** "غني" صاحب جي ڪلام ۾ رواني ۽ سلاست جهجهي آهي. ڪلام پڙهڻ سان معلوم ٿيندو تہ سندس زبان مان بنا ڪنهن ڪاوش جي بيساختہ شعر نڪري ٿو. پڙهندڙ جي زبان کي اٽڪ ۽ رنڊڪ محسوس نہ ٿيندي. سادي ۽ سليس زبان ۾ اوچن خيالن کي ادا ڪرڻ "غني" جي هڪ خصوصيت آهي. مثلاً:

سڄڻ جي سوا ڪنهن سان تي سينڌ ناهم،
سماءَ سور جي پوءِ ڪنهن کي سڻايان.
ڏکن جا ڪٽيان ڏينهن ان آسري تي،
چپن کي اچي تنهنجي چانئٽ چمايان.
وڏي وقت جيئن جيئن وڇوڙي سندو ٿو،
ڪري نير نارا اکين مان وهايان.
خودي منهنجي خواهش اهائي رکي ٿي،
پٽي تنهنجي پيرن جي پنبڻين ۾ پايان.
گهرن گهور، گهر تڙ، سسي ساهه گهوريان،
مگر ڪنهن طرح ساڻ ناتو نيايان.

..................

**محاورا:** ”غني“ صاحب جي ڪلام ۾ محاوري جي چاشني جهجهي ملي ٿي. ملاحظ ڪريو:

منهنجي مدهوشي پڪاري هيئن چوي ٿي بار بار،
جان جادوءَ سان جهٽيندڙ منهنجا جادوگر سلام.

..........................

منهنجو جن مارن جي جهوريءَ ۾ جهڄي ٿو من مدام،
سي سگهوئي سار لهندم ڪين ڍارينڊا ڪي ڊپ.

......................

ڇڏي ننڊ نيڻن نہ آرام آهي، سڄي رات تارا تڪي ٿي وهايان.

مٿين شعرن ۾ ”جان جهٽڻ“، ”جهوريءَ ۾ جهڄڻ“، ”تارا تڪڻ“، سنڌي محاورا آهن.

**منظر نگاري:** سٺي شاعر جو ڪلام منظر نگاريءَ سان سينگاريل هوندو آهي. ”غني“ صاحب جي ڪلام ۾ منظر نگاريءَ جو بہ چڱو حصو نظر اچي ٿو. ٿر جي تراين جو پلر جي پاڪ پاڻيءَ سان پُر ٿيڻ، تنهن ۾ ماروئڙين جي راند روند ڪرڻ ۽ ڇيلن جي ڇانگن جو چرڻ ملاحظ ڪريو:

اڄ تراريــن ۾ اچــي پلٽــي پــلر تــازو پيــو،
وهنجيو تن ۾ وريتيون ٿيون وجهن ڇاڇول ڇپ.

ويئـي ويسـونيءَ مٿـان ڪيـرول جي ول ويڙهجـي،
ڪٽ ملي ڪونڊيں، ڪوري ساڻ سي پيا تہ جهپ.

ڇانگ ڇيلن جي ڇڙي پهتي مڙهي ۾ ماڳ تي،
ڏهر ۾ ڏهہ ڏهہ تا ڏسجن ۽ ٻــڪر پاسي ۾ ٻہ.

........................

**معامله بندي:** معامله بندي شاعريءَ جي مکيہ جزن مان هڪ آهـي. ان ۾ هڪ شيءِ جي مقابلي ۾ ٻيءَ شيءِ کي آڻي شعر ۾ سمائڻ هڪ شاعر لاءِ نهـايت ضروري آهي. مثلاً گل لاءِ بلبل، شمع لاءِ پروانو وغيـره ”غنـي“ صـاحب جي ڪلام ۾ معاملي بندي ملاحظہ ڪريو:

مثـل قمـريءَ جي ٿـو ڪريـان ڪُـو ڪـُـو،
ســرو ڪهســار جــي ســدا ٿــي طلــب.
باغبــان ڪــي تــي هيئــن چيــو بلبــل:
مــون ڪــي گــلزار جــي سـدا ٿــي طلــب.
ســـــرخروئي گهــــران تـــو الفــــت ۾،
لعــل رخســـار جـــي ســدا ٿـــي طلـــب.

...............

**تشبيهہ ۽ تلميح:** ”غني“ صـاحب جي ڪـلام ۾ تشبيهہ ۽ تلميح جو بہ چڱو انداز ملي ٿو:

نـــہ مثـــل مـــون ٿيـــو فرهـــاد جانڪُــــن پيـــدا،
۽ مثـــل يـــار بـــہ شـــيرين مقـــال ڪيـــن هئـــا.

...............

هـُــل هـوءِ يـا چمـن هجـي يـا سـير لالـہ زار،
ليڪـن ”غنـي“ ٿيـو دوسـت جـو ديـدار دلفريـب.

مٿئين شعر ۾ فرهاد ۽ شيرين کي تلميحاً بہ ڪم آندو ويو آهي ۽ پاڻ کي فرهاد سان ۽ يار کي شيرين سان تشبيهہ ڏني ويئي آهي.

هينئين شعر ۾ چمن وغيره جي نظاري کي يار جي ديدار سان ڀيٽي، يار جي حسن جو مرتبو ظاهر ڪيو ويو آهي.

22- اپريل 1952ع ”غني“ جي شاعريءَ لاءِ هڪ انقلابي ڏينهن آهي، جڏهن ”پير ڳوٺ“ ۾ موجوده پير صاحب پاڳاري ڪيس

”مون ڪان نہ وسرن مور، سانگي سنڌر مان سارو ٿي ساريان“.

جي مصرع ڏيئي چيو تہ ”هن تي ڪافي لکي وجي.“ غني صاحب انهيءَ مصرع تي ائن بندن ۾ هڪ ڪافي لکي، ۽ انهيءَ ڏينهن شام جو پير صاحب جي اڳيان پيش ڪئي، جنهن تي پير صاحب کين 500 رپيا انعام ڏنو. ان بعد، سندس شاعريءَ جو رخ غزليات سان گڏ ڪافيءَ ڏانهن بہ ٿيو، سندس ڪافيون لذيذ ۽ سليس سنڌيءَ ۾ تجنيس حرفيءَ سان سينگاريل آهن.

سندس مقبول شاعريءَ جو اهو ثبوت آهي جو سندس ڏنل مصرع ”مُڪي مون ڏي نڪا مارن پري پيرن سنڌي پاٽي“ تي رسالي ”نئين زندگيءَ“ ۾ ٽن سالن تائين سنڌ جا شاعر طبع آزمائي ڪندا رهيا.

سندس ”مسدس حالي“ جي ترجمي تي ڊولپمنٽ بورڊ طرفان کيس پنج سو روپيا انعام مليو. جو سنڌي ادب جو هڪ بيش بها خزانو آهي.

”مثنوي محمد بن قاسم“ تي بہ ادبي بورڊ طرفان کيس 700 رپيا انعام مليو.

انهيءَ ڪان سواءِ پاڻ بہ مثنويون ”گلزار غني“ ۽ ”مثنوي زهر عشق“ لکي تيار ڪيون اٿس، جي اجا زيور طبع سان آراستہ نہ ٿيون آهن.

هيٺ سندس ڪلام جو انتخاب پيش ڪجي ٿو:

## انتخاب

### ڪافيون

ري ويڙهيچن وهلور
لڙڪ لکين هت هاريو ٿي هاريان.
ڪٽي ڪوهر تان عمر تو آندي،
پيڻ ڪرين چو بند ۾ باندي:
ايڏو ڪر نہ ڪلور،
پاڻ مُني هت ماريو ٿي ماريان.
پائر ۾ مون پرت جا پاتي،

تات رکي سا تن ۾ تاتي:
نينهن ڪيم ناسور،
ڏيل ڏکن ۾ ڏاريو ٿي ڏاريان.
ڪلف ڪڙا ۽ ڪوٺ زنجيرون،
دهشت دڙڪا بار بهيرون:
مون کي سي منظور،
قول ڪيم سي پاريو ٿي پاريان.
ساريم سانگ ۽ سانگي سرتيون،
ورهه ويچاريون منهنجي ورتيون:
ڏيهي ڏکيءَ جا ڏور،
گهڙيون گهنگهر ۾ گهاريو ٿي گهاريان.
مند مينهن جي موتي آئي،
بادل برسي رم جهم لائي:
ٿيون تار ترايون تور،
ٻَٽيءَ ۾ جيءُ ٻاريو ٿي ٻاريان.
ننڍ نيس آءٌ عمر اباڻن،
پهتيس پنهنجي وڳر وتاڻن:
سانگين پهچي لاٿم سور،
ولر ورائي واريو ٿي واريان.
هليس ڇيلن ڇانگون ڪاهي،
ماڳ مڙهي ۾ مال ورائي:
جوڙرينئون سندم دستور،
چاهه منجهارؤن چاريو ٿي چاريان.
لوئي اباڻي ڪيئن لڄايان،
پَٽ "غني" مان ڪيئن هٽ پايان.
سُڻ "محمد" جو مذڪور،
پارڻ ۾ سي پاريو ٿي پاريان.

## غزليات

راز الفت جو عيان ٿيو آهه لڙڪن جي طفيل،
آبروي عشق خاطر ورنه مان خاموش هوس.

....................

چپن تي رکي جام زاهد چيو:
ورهين جي ٿي پوري اها چوڙ بند.

....................

جتي تو ڇڏيو منهنجا جانب اتي،
غمن ۾ هي گولو گذاري سدا.

....................

اجا انبوه ٿيندو ناز ۽ نخري جي لشڪر جو،
سيئي حرص و هوا، صبر و تحمل، نازنين نيندا.

....................

پَر ڇڏي ڏي، پر پڇائي، پُر انهيءَ جي پار ڏي،
هل ته حاصل ٿي وڃيئي دوست جو ديدار نيٺ.

....................

ڪريان سجدو خوشيءَ مان يار جي محراب ابرو ۾،
ملي آبِ ذقن مون کي اگر بهر وضو واعظ.
"غني" گهمٽو عدم ۾ پيو تلاشِ يار جي خاطر،
پَسِ مردن به گهٽ ٿيو ڪين عزمِ جستجو واعظ.

....................

هن مون ڏانهن ڏنو مون جو انهيءَ ڏانهن ڏنو تي،
آيو ۽ ويو پاڻ ۾ پيغامِ تمنا.
اڪين تي چيو "آهه"، مگر دل تي چيو "واهه"،
ڇا صبح تمنا ٿيو، ڇا شامِ تمنا.

....................

بيوفـائي ڪـو ڪـري پـر تـون وفـادارن مـان ٿـي،
آهہ ايءُ انسانيت، جـو تـون وفـا ڪـان منهـن نـہ موڙ.
ڪيـن ڪـا تدبيـر ٿـي تقديـر جـي آڏو اچـي،
شڪر ڪر سهہ صبر سان ۽ تون قضا ڪان منهن نہ موڙ.

.......................

بلبـل نـالان سـان گـڏ گلهـاي خنـدان ڪـي ڏسـي،
ٿـو روئـان ۽ پيـو ڪـلان رنـگ گلسـتان ڪـي ڏسـي.
شاد جيئن ٿو ميزبان ٿئي گهر ۾ مهمان ڪي ڏسي،
زخمِ دل خندان ٿيـا تيئـن تيـغ عريـان ڪـي ڏسـي.
ڪجهہ پشيمان ٿي ويو ۽ ڪجهہ پريشان ٿي ويو،
ظلم پنهنجي ڪي ڏسي ۽ منهنجي ارمان ڪـي ڏسـي.

....... .............

تـردد چونـہ طـائر سـو ڪـري آزاد جـو اصلـي،
قفـس جـي زندگـيءُ جـو پـاڻ ڪـي قـائل بنـائڻ ۾.
ميءُ وحدت جي متوالـن تـي ٿيندو ڪـارآمد ڪيئن؟
هي ڪنهن جي چشمِ ميگون جو اثر غافل بنائڻ ۾.
حدودِ قيد و بند ٽوڙڻ "غني" مردن جو شيوو ٿيو،
رهـي صيـاد پـل ديـوار ڪـي حـائل بنـائڻ ۾.

...................

عشـق سـوزِ زندگـي ۽ زندگـيءُ جـو سـاز آهـ،
عشق ڏاران زندگي ڪنهن جي نـہ سـر افـراز آهـ.
زندگي هڪ خواب ٿي جنهن جو نڪو تعبير آهہ،
بعـد مـردن مـون پروڙيـو زندگـيءُ جـو راز آهـ.
اشـڪ اکيـن ۾ ۽ دل مـان باهـ جـا شـعلا اٿـن،
گهـر جلـي برسـات ۾، قـدرت جـو ڇـا انـداز آهـ!

...................

سنبلسـتان ۾ ئـي ننـديڻ ڪـان وڏو پلجـي ٿيـس،
ڪهـڙو شـڪوو ڪجـي گيسـو ۾ گرفتـاريءَ جـو.

حلقــ زلــف ۾ تيــو نيــٿ وجــي دل جــو مڪــان،
مــرغ دل ڪــي جــو وڻــي دام ويــو مــاريءَ جــو.

....................

صــــورتِ بــــي نقــــاب جــــي خواهــــش،
آهــــ مــــون ڪــــي عــــذاب جــــي خواهــــش.
يــــاد ســــاقيءَ جــــي آهــــ فيــــاضي،
مــــون ڪــــي جــــامِ شــــراب جــــي خواهــــش.
رک نــــ تڪيــــو بــــه هســــتيءَ دنيــــا،
رک نــــ نقــــشِ ســــراب جــــي خواهــــش.
دمبــــدم دل ۾ تــــي رهــــي اي "غنــــي"،
ان رســــالت مــــاب جــــي خواهــــش.

......................

ڇا ٿو تون پڇين ڇا مون ڏنو تنهنجي غمن ۾،
هــڪ آه جــگر دوز، ۽ هــڪ باهــ بــدن ۾.
مــارين ٿــو نگهــ ســاڻ، جيــارين ٿــو ڪلــڻ ســاڻ،
اعجــاز ڏنــم تنهنجــي اکيــن ۾ ۽ ڇپــن ۾.
اکيــن ئــي ملــي توســان ڪيــو دل ڪــي گرفتــار،
پنهنجــن ڪــان لڳــي آهــ نــ رک خــوف ٻيــن ۾.
نخچير قريب آهــ، ڪمــان هــٿ ۾، هڪيــو ڪــان،
ويچــار اڇــي شــل نــ دلِ تيــر فــگن ۾.
جيئــن پيــر ٿــو ٿئــي تيئــن ٿــو ٿئــي تيــز ســتمگر،
ڏس ڪيئــن نــ ڪريــو چــرخ ڪهــن آهــ اڇــن ۾.
بلبــل جــي اگــر آهــ جــو تــاثير اهــو ناهــ،
جــو چــاڪ گريبــان ٿيــو گــل جــو چمــن ۾.
بربــاد ڪيــو دل ڪــي قــد و زلــف جــي ســودا،
نــادان جــو ڪــم نيــٿ پيــو دار و رســن ۾.

..................

شڪر الله نيث ياور تيو مقدر پاڻ سان،
تو ڪري وعدو وفاداريءَ جو دلبر پاڻ سان.

درد دل سوز جگر ڪي سو دفعا شابس هجي،
تا حياتي هي رهيا بينا برابر پاڻ سان.

لحد جي تاريڪين ڪان خوف مون کي ڪونه آهه،
داغ دل هوندا مثالِ مه منور پاڻ سان.

جن کي سمجهيو مون سدائين حال پائي ۽ حبيب،
سي وجهي وينا وري ڇو وير ۽ ور پاڻ سان.

**سلام:**

السلام والسلام اي لاله رخ دلبر سلام،
پنهنجي منڙي مه لقا کي تو ڇوي ڪمتر سلام.

حسن تنهنجي کي هزارين تيون اکين جون، بندگيون،
منهنجا ڇپ ڳاڙهن ڳلن کي تا ڇون هر هر سلام.

هو جي بانهون منهنجي گردن ۾ حمائل تيون ڪڏهين،
تو ڇوان تن کي سڄڻ ساري اهي ياڪر، سلام.

عشق منهنجو لطف تنهنجي کي ڇوي تو بندگيون،
زخم دل آهن ڇيا غنچه دهن خاطر سلام.

تنهنجي نازن کي گهڻو ڪن ياد تا منهنجا نياز،
گهاءَ منهنجا تنهنجي غمزن کي ڇون دلبر سلام.

منهنجي مدهوشي پڪاري هيئن ڇوي تي بار بار،
جان جادوءَ سان جهٽيندڙ منهنجا جادوگر سلام.

عهد فرقت کي ڏجان پڻ وصل واري وقت جا،
دمبدم منهنجا منا محبوب تون اڪثر سلام.

........................

ڪاڃ ڪه تنهنجا عمر! مون کي وٽي مارن جي رڀ،
چاهه ناهم چاشنيءَ سان ڪيئن ڏيان مان تنهن کي ڇپ.

منهنجو جن مارن جي جهوريءَ ۾ جهڄي تو من مدام،
سي سگهوئي سار لهندم ڪين ڍارِيندا ڪي ڍپ.

ڪالهہ ڪو نيٺ ۾ ٻڌم پيئنگهون پنوهارن ساڻ پئي،
اڄ انهن سرتين ڪي ساري ڏيل منهنجي ڪي ٿي ڏپ.

"تنهنجي ريبڻ تي نہ ريجهڻ" پر پنوهارن جي ميان،
سا نہ ڦٻنديئي سومرا! جنهن ڪي تو سمجهيو آهہ ڦپ.

ڪهہ ڪندس هي قورما ڪيئن پيٽ ۾ پايان پلاءُ،
ڏينهن ڏونئرن تي گذاريان رات جو ڪا رپ سپ.

هيج ٿيو تنهنجي هندورن ساڻ آهم ڪونہ ڪو،
مون ڪي پيئنگهن ڪان پيارا ڪاٺڙي ڪپرن جا ڪپ.

اڄ ترايـن ۾ اڄـي پلٽـي پـلر تـازو پيـو،
وهنجيو تن ۾ وراٽيون ٿيون وجهن ڇاچول ڇپ.

ويئـي ويسـونيءَ مٿـان ڪيـرول جـي ول ويڙهجـي،
ڪٿ ملي ڪونڌير ڪوري ساڻ، سي ٿيا پيا تہ جهپ.

ڳم ڳمولن ۽ ڳنڌيرن سيڻ سانئين ۾ سُـئم،
ٿيو پٽن پاٽي پرن، اڄ ڪونج ڪانوري ۽ ڏپ.

ڇانگ ڇيلن جي چڙهي پهتي مڙهي ۾ ماڳ تي،
ڏهر ۾ ڏهہ ڏهہ ٿا ڏسجن ۽ ٻُـڪر پاسي ۾ ٻہ ٻہ.

جي اٿيئي قيد مان ڪيڏو تہ ڪي جلدي عمر،
ورنہ مارن سان ملاٽڻ جي لڳائين ڇو ٿو لپ.

تون "غني" هي عرض منهنجو آهہ تو وٽ ان طرح،
وجهہ نہ مون مسڪين ڪي مارن ملڻ ڪان هاڻ هپ.

.................

## قوم سا زنده رهي، جنهن جي زبان زنده رهي

يا خدا جيسين زمين ۽ آسمان زنده رهي،
چرخ تي جيسين نشانِ ڪهڪشان زنده رهي،
جيستائين باغ ڪي سر سبز پوشاڪون ملن،
جيستائين دهر ۾ دورِ خزان زنده رهي،

جيسين پاڻيءَ جي مٿان هي هيڏا ٻيڙا ٿا هلن،
جيستائين بحر ۾ آبِ روان زنده رهي،
جيستائين قصرِ سلطانِ امارت ٿئي تباهه،
جيسين ٿي مظلوم جي آه و فغان زنده رهي،
جيستائين عاشقن کي آهه جي طاقت هجي،
جيسين دنيا ۾ اهو حسنِ بتان زنده رهي،
جيسين ساقي ۽ صراحي جام جنبشن ۾ رهن،
جيسين ميخاني ۾ محفل شائقان زنده رهي،
طالب و مطلوب جا جيسين هلن راز و نياز،
جيسين شڪوو ۽ شڪايت درميان زنده رهي،
سربڪف ميدان ۾ نڪري مجاهد ٿا اٿن،
تن جي هٿ ۾ جيسين ٿي تيغ و سنان زنده رهي،
حق پرستن صلح جوين جو هجي جيسين وجود،
۽ سندن آواز جيسين در زمان زنده رهي،
جيستائين ٿيو اديبن جو قلم آهي روان،
شاعرن جو جيسين هي فڪرِ جوان زنده رهي،
شل رهي زنده زبانِ سنڌ ۽ ان جا اديب،
نڪته سنج هرهڪ انهيءَ جو نڪتدان زنده رهي،
سنڌ ٿيو منهنجو وطن سنڌي زبان ٿي جان من،
تا قيامت شل اهائي جانِ جان زنده رهي،
آه ڪعبي کي شرف جيئن اولين اسلام جو،
هند ۾ تيئن سنڌ جو ٿو عز و شان زنده رهي،
ٿي اديبن شاعرن کي آه منهنجي التجا،
پنهنجي غفلت ساڻ ڪيئن پنهنجي زبان زنده رهي؟
جي گهرو جڳ ۾ جيئڻ اقبال سان ۽ اوج سان،
سنڌ ۾ سنڌين جي هستي آب سان زنده رهي،

جــي ترقــي تمنــا آهـــ دل ۾ موجـــزن،
فڪـر آهـي، قـوم باتـاب و تـوان زنـده رهـي،
آهـي تهذيـب و تمـدن جـو زبـان سـان واسـطو،
"قوم" سا زنده رهي جنهن جي زبان زنده رهي،
زندگـي آهـي زبـان سـان بـي زبـاني مـوت آهـ،
گـرج ڌاران ڪيئـن پـلا شـهرِ زز زندهـ رهـي،
بـاد صـر صـر ڪـان بچـائج يـا خدا منهنجـي زبـان،
بـرق جـي بربـادين ڪـان آشـيان زنـده رهـي!
اڄ ٻڌي مضمـون مـوزون طبـع تـي منهنجـي روان،
هي "غني" سنڌي زبان جو مدح خوان زنده رهي.

**ترجيع بند:**

بحمـدلله بشـارت هـي ملـي اڄ بـزم مـان آهـي،
اسـان جـو بخـت خوابيـده وري بيـدار ٿـي وينـدو.
برابـر آهـ تـي طـاقت اهـائي ذات بـاريءَ ڪـي،
بقا بخشيو نہ جنهن آهي هميشہ رات ڪاريءَ کي،
خزان کي جو ڪري ٿو ختم ۽ آڻي بهـاريءَ کـي،
تغيـر ۽ تبـدل ۾ رکـي دنيـا ٿـو سـاريءَ کـي-
انهيءَ جي لطف سان ئي نـار مـان گلزار ٿي وينـدو،
اسـان جـو بخـت خوابيـده وري بيـدار ٿـي وينـدو.
اسـيرِ حـرص تنهنجـي آرزو شـايد اجـائي تـي،
اسـان جـو بخـت خوابيـده وري بيـدار ٿـي وينـدو.
اڙي تقديـر جـا تـابع اڙي تدبيـر ڪـان عـاري،
انهن وهمن ۾ ويئي عمر تنهنجي صرف تـي سـاري،
مگر پنهنجي زبون حالت ڪڏهن تو ڪين ويچاري،
تہ رحمت جي عـوض ذلت متـم ڇا لاءِ تي طـاري-
ڪـڏهن هـي ختـم دورِ ذلـت و ادبـار ٿـي وينـدو،
اسـان جـو بخـت خوابيـده وري بيـدار ٿـي وينـدو.

گـل وبلبـل جـا شـيدائي وطـن جـي لاءِ بلبـل ٿـي،
اسـان جـو بخـت خوابيـده وري بيـدار ٿـي وينـدو.

وطـن جـي لاءِ دل ۾ جـي تـو ڏاريـن بيقـراري تـون،
انهيءَ جي تازگيءَ جي جي رکيـن ٿـو انتظاري تـون،
خزان ۾ خون ڏيئـي ڪـر چمـن جـي آبيـاري تـون،
يقيـن آهي سگهوئي بـاغ ۾ ڏسـندين بهـاري تـون-
هينئـر ويـران جـو آهـي سـپان گـلزار ٿـي وينـدو،
اسـان جـو بخـت خوابيـده وري بيـدار ٿـي وينـدو.

# الحاج مولانا محمد ابراهيم جان ”خليل“

حضرت آقا محمد حسين جان سرهنديءَ جو پوٽو، حضرت خواجـه محمد حسـن جان جو ڏهٽو ۽ آقـا محمـد اسماعيل جان ”روشـن“ جو نمبر ٻيـو فرزنـد محمد ابراهيم جان ”خليل“ رمضان المبارڪ 1334ھ ۾ ڄائو.

**تعليـم و تربيـت:** ننڍپڻ ۾ پنهنجي والد ۽ ڏاڏي ڪـان عربـي، پارسـي، سنـڌي ۽ فقـه ۾ چڱي تعليـم حاصل ڪيائين. سنڌي چوٿيـن درجي ڪـان پوءِ ”سنڌ مدرسة الاسلام“ ڪراچيءَ ۾ انگريزي پڙهڻ لاءِ داخل ٿيو. سندس ذهـانت ۽ علم لاءِ شوق ڪيس ايتري فوقيت ڏني هئي جو اتي ڪيترا مئٽرڪ جا شاگرد ڪانئس عربي ۽ پارسيءَ جي ڏکين لفظن جي معنيٰ پڇندا هئا.

انهيءَ زماني ۾ انگريزي تعليم علمائي ڪرام ۽ مشائخين عظام کي ڏکي لڳندي هئي، ۽ پنهنجي اولاد کي انگريزي پڙهائڻ کان عار لڳندو هون. آغا حسين جـان ۽ آغـا اسمـاعيل جـان، علمـاءِ ڪـرام جـي پيـروي ڪنـدي، صاحبزادي کان انگريزي تعليم ترڪ ڪرائي ڳوٺ وٺي آيس، مگر هن علم جي طالب کي اها ڳالهه ڏکي لڳي ۽ جلد ئي سنڌ کي الوداع ڪري، ”طيبـه ڪـاليج دهلي“ ۾ داخل ٿيو. جتان چند سالن بعد سند يافته ٿي واپس وطن ڏانهن وريو. حديث شريف ۾ سنڌ ۽ هند جي ڪيترن عالمن کان سندون حاصل ڪيون اٿس.

**طبيعـت:** پيـر صـاحب نهـايت خليـق ۽ ملنسـار شـخص آهـي. سـندس ڪچهري نهايت لطف واري ۽ گفتگو رس واري آهي.

**نثر نويسي:** جيتوڻيڪ پير صاحب جو ڪو ڪتاب شايع ٿيل ڪونهي، نڪي پاڻ ايترو نثر لکي ٿو، تاهم جيڪي ڪجهه لکي ٿو سو نهايت مرصع آهي ۽ سندس زبان دانيءَ تي دلالت ڪري ٿو.

**شعر و شاعري:** ننڍپڻ کان پيءُ ۽ ڏاڏي جي صحبت ۾ رهڻ ڪري، پير صاحب شعر چوڻ شروع ڪيو. سندس استاد خود سندس والد ماجد هو.

سندس شعر پختو ۽ تخيل سان پر آهي. تجنيس حرفي، صاف سنڌي محاوره وغيره سندس ڪلام ۾ گهڻي قدر موجود آهن. ڏوهيڙا وغيره به چيا اٿس.

سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

## انتخاب

### بيت

مران تہ مرڻ جٺ، جيان تہ جيئڻ نہ اچي،
ڏکن ڏيل ڏڪائيو، سکن واري پٺ،
پوءِ مون ڪي سمجهي اٺ، سور ستيائون سرتي.

.......................

سڙي سينو سوز مان، ڳرن دل جا ڳچ،
محبت منهنجي من ۾، اهڙا مچايا مچ،
فنا ٿيس فراق کان، سهڻا سائين سچ،
هاٽي ڍولڻ ڍري اچ، تہ اوريون حال اندر جو.

.......................

جهليون نہ جهلجن، چڙهن نظاري نينهن جي،
اکيون امالڪ وڃيو ارڏيءَ پر اٽڪن،
چنان تا نہ چڇن، جي تارون مڙهيون تن سان.

.......................

### غزليات

سهڻا ڏسان ٿو سَوَ سڄڻ پر تنهنجو آهي ساز ڪٿ،
منجهہ ملڪ لک لک لعل لب پر نازنينن جو ناز ڪٿ.

ماٺهو چون ابرو اکيون ڪاڪل ڪمر ۽ رنگ روپ،
آءٌ ٿو چوان پيو ڪجهہ بہ نہ، اوهو عجب انداز ڪٿ.

فونــا وڄــن، ريڊيــا رڙن، ڪـــن هارمونيــا هـــل حشـــر،
ســـارنگيون ســـرندا ســـوين، پـــر آهـــــ اُو آواز ڪـــت.

ويــا اوچتــو حمــلا هٽــي، جهــاتو جهٽــي دل جــو پڪـــي،
نيٽــن جــا نخــري نــاز هٿــا، بينـــل الائـــي بـــاز ڪـــت.

اک جـــي اشـــاري ســـاڻ جنهـــن ســـارو ســـٽايو راز دل،
هئــي مــات جنهــن جــي مدعــا ســو رازدان ۾ راز ڪـــت.

مايــا ســـوا مـــاڻين تــــ تـــون محبـــوب، مفلـــس! مفــت ۾،
پـر جنهـن پڪـي ڪـي ناهـ ڪـو، تنهـن جـو پـلا پـرواز ڪـت.

ڪنهن سان سليان سپ ڪوپچي، ڪيئن لئون لڳي، ڪنهن سان لڳي؟
ڏي ڪــا خبــر تيــو عشــق جــو انجــام ڃــا، آغــاز ڪــت؟

مشڪڻ سان مارڻ جنهن جو ڪم، گهورن سان گهايس جنهن صنم.
هئــي ســونهن جــي ســپ ســتم، ســو تندخــو طنــاز ڪــت.

اڄ اوچتـــو آغـــوش ۾ پـــاڻهي اچـــي التـــا عجيـــب.
اهــڙو نـــ "ابراهيــم" ڪـــي اڳ هـــو مليـــو اعـــزاز ڪـــت.

. . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . . .

اڄ عجيبــن جــي اکيــن عاشــق ســان ڪيــا آزار ڪـــي،
اک چنبيــو اک چنبي ۾ ڪـن، اقــرار ڪــي انڪــار ڪـــي.

ڪجهـ اشارا ٿيا اکين جا، ڪجهـ ٿي چرپر منجهـ چپـن،
خيــال پنهنجــا خوبــرو، ان پــر ڪيـــا اظهـــار ڪـــي.

مــاڻڪيون محبــوب جــون ڪــن ٿيــون مڪمــل مجلســون،
ڪنهــن ڏنــا هونــدا ڪــڏهن اهــڙا عجــب اســرار ڪـــي.

سونهن جا سائينءَ ڏنئي تنهن کي سفيديءَ سان نـ ڍڪ،
چــڏ تـــ تجــلا تــرورا تنهنجــا پســـن پينـــار ڪـــي.

قدرتــي پــالش ڪــي پــائوڊر ســان تــون ڍوليــا نـــ ڍڪ،
ڇـڏ تـــ چهــري جـــا ٿيـــن چمڪـــات اڄ چـــوڏار ڪـــي.

شـــرم جــو آهــي بهــانو منهــن جــو هــر هــر هيــٺ ٿيــڻ،
گــڏ ڪـرڻ چــاهي تـــو ان پـــر شـــوق جــا انبـــار ڪـــي.

نانگ ڪر پاٽي پين پيا نور جي چشمي منجهان،
منهن تي محبوبن ڇڏيا اڄ ڇيڪ ڇوڙي وار ڪي.
قرب جي ڏي وٽ ۾ توکي ڪونہ ڪس ڏيندو ڪڏهن،
وٺج ”ابراهيم“ سان تون، وصل جا واپار ڪي.

.........................

نينهن واريءَ نماز ۾ عشق ڪي تون امام ڪر،
سجدهٔ شوق لئي ادا پوءِ ڪو اهتمام ڪر.
سڌ ڪا اٿئي تہ سارجي تو ڇا سان وره جو وضو،
آب جي جاءِ ان لئي خون دل ۽ جگر ڪان وام ڪر.
حسن جي شاهہ وٽ وڃاءِ پنهنجو هُئڻ، هوس ۽ هٺ،
سنگ در سڄڻ ڪي تون عجز سان استلام ڪر.
پوءِ تون پاءِ پرت مان حُب سندي حرم ۾ پير،
قلب جي ڪعبي ۾ اچي قرب جو ڪو قيام ڪر.
اشڪ روان سان يار ڌوهست جو داغ پاڻ تان،
نيست تي نازنين جي ناز ڪي تون تمام ڪر.
آه جو دونهن تي وجي گڏج ڪجل ۾ ڪنهن طرح،
محب جي اک ۾ اهڙي پر پنهنجو وجي مقام ڪر.
غم تي خوشي تي چاهہ تي شوق تي انتظار تي،
دوست جي دل ۾ ڪنهن نہ ڪنهن ويس تي تون دوام ڪر.
خاڪ تي پاڻ سان اُپاڙ گل، ۽ بنيءَ تي چڙهہ. تي گل،
عطر تي پنهنجو آستان محب سندو مشام ڪر.
پاڻ ڪي ڇاٽي پاڻ پوءِ، پرت جا پهہ پڇائين ڇو،
خام ”خليل“ خوامخواهہ اهڙو نہ خيال خام ڪر.

<u>بر وفات حضرت خواجہ محمد حسن جان رح</u>

اي دست روزگار تو هي کهڙو ڪم ڪيو،
ڪيئن هٿ هٽي اجهائي ڇڏيئي ڏيهہ جو ڏيو.
جنهن ڪان سريو تي نور سڀجي سنڌ هند ڪي،
جنهن جي شعاع، تاب هو سج چند جو نيو.

# سيد محمد سعيد شاهه "سعيد"

سيد محمد عالم شاهه "عالم" جو پاڻيو ۽ سيد ويڊل شاهه جو فرزند محمد سعيد شاهه "سعيد" 1- سيپٽمبر 1918ع ۾، موجوده ٺٽو ۾ تولد ٿيو.

**تعليم ۽ نوڪري**: فائنل سنڌي اسڪول ٺٽو مان پاس ڪري، جلد ئي ماستر ٿيو. جتي پنهنجي قوم جي ٻارن کي تعليم ڏيڻ سان گڏوگڏ ترقي ۽ ڪمال حاصل ڪرڻ جي تلقين به ڏيندو رهيو. بندي کي پڻ سندس شاگرد ٿيڻ جو شرف حاصل آهي. مون کي ياد آهي ته ڪلاس ۾ پاڻ روزانو ڪنهن نه ڪنهن مسلم مجاهد جو تذڪرو ڪندو هو. مصطفيٰ ڪمال پاشا سان سندس خاص عقيدت هئي. جڏهن ڪمال پاشا وفات ڪئي، تڏهن سعيد صاحب سندس غم ۾ ٻارن جيان زار زار روئڻ لڳو.

**قومي خدمتون**: سعيد صاحب آزاديءَ جي هر ڪنهن تحريڪ ۾ نمايان ٻهرو وٺندو هو. جڏهن خاڪسار تحريڪ جو سنڌ ۾ زور هو، تڏهن هن شخص ٺٽو ۾ خاڪساريءَ جو پرچار ڪيو. سندس ولوله انگيز تقريرون ڳوٺ جي هر مسلمان جي دل ۾ جذبه آزادي بيدار ڪيو ۽ خاڪسارن جي هڪ ٻٽئلين تيار ٿي پئي، جنهن جو سالار اعليٰ به پاڻ هو. وري جڏهن مسلم ليگ ساڳيو مقصد کڻي اٿي تڏهن به سعيد صاحب ان ۾ اهو ساڳيو حصو ورتو، جيڪو خاڪسار تحريڪ ۾ ورتو هئائين.

ڳوٺ ۾ عيدن جي موقعن تي جلسا ڪرڻ، جلوس ڪڍڻ، تعمير ٿيل مسجدن کي سينگارڻ ۽ ضعيف مسجدن کي از سر نو تعمير ڪرڻ سندس خاص شغل هوندو هو.

**شعر و شاعري**: شاعريءَ جو شوق ننڍپڻ کان هوس. انهيءَ اشتياق کي علمي جامي پهرائڻ لاءِ استاد الشعراءَ ؛بسمل؛ مرحوم جو شاگرد ٿيو، جنهن وٽان ججهو فيض پرايائين.

سندس غزلن ۽ ڪافين کي سندس هڪ شاگرد، دوسو مگڻهار، چڱي شهرت ڏني آهي. دوسو پيشه ور ڳائڻو آهي. جتي محفل ڄميس اُتي سعيد جو ڪلام ضرور ڳائيندو. شاهه صاحب خود به هڪ سريلو ڳائڻو آهي. سندس ڪلام ۾ چڱو سوز ۽ اثر آهي:

ڪجهه وقت کان هر شوق کان منهن موڙي ڇڏيو اٿس، الله ڪري تہ وري نئين جذبي سان اٿي ۽ علم و ادب جي خدمت ڪري.

سندس ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

## انتخاب

### ڪافي

ڪـــيـ ظلــمـ جـــا زور زنجيـــر عمـــر،
وجـــي جيئـري ڏســان مـــان مليـــر عمـــر.

موتـــي ملـــڪ رســـان، پنوهـــار پســـان،
هـــڪ جيـــڏين ســـان، پـــائي هـــار هســـان،
مـــارو ميـــر ڏســان، جـــن لءِ ٿـــي ڪـُـسان،
منهنجـــو ســـرتين ســـان، ســـچ ســـير عمـــر.

هـُــت ڪنوڻيـــون ڪنـــون، ســـاوا گاهـــ گســـن،
پـُـسيون لعلـــون پڇـــن، ڇيـــلا ڇيـــڪ ڇـــرن،
ڪـــري يـــاد وطـــن، اکيـــون روز روئـــن،
نـــت نيڻـــن وهـــن ٿـــا نيـــر عمـــر.

ڇـــڏ زور ظلـــم، ڪـــر ڪيـــم ســـتم،
ســـردار ســـندم، ڪـــر تـــرس مٿـــم،
لڪئـــي لـــوح قلـــم، لاچـــار ڪيـــم،
هـــي نيئـــر وڌم، تقديـــر عمـــر.

وران شـــال وطـــن، پـــَساهـ پـــوءِ پڇـــن،
مـــارو ســـاڻ هتـــن، ڪـــن مـــون ڪـــي دفـــن،
لوئـــي ليـــڙ لٿـــن، آهـــي منهنجـــو ڪفـــن،
تنهنجـــا زهـــر لـــڳن، ڪنـــد ڪيـــر عمـــر.

ڪـــر قيـــد انـــدر، اي "ســـعيد" صبـــر،
فريـــاد نـــہ ڪـــر، تـــون شـــام و ســـحر،
منهنجـــو روح شـــهر، هـــن ڪـــوٽ انـــدر،
ڪنـــدو نيـــٺ اثـــر، اي ميـــر عمـــر.

## غزليات

### نعتيه

بشر ڪان ڪيئن پڄي سگهندي ثنائي سرورِ عالم،
خدا خود تو رهي مدحت سرائي سرورِ عالم.
لڪين دنيا اندر ٿيا انبياءَ ۽ اولياءَ هادي،
مگر هڪڙو بہ ناهي ڪو بجائي سرورِ عالم.
شب معراج ۾ مولا، گهرائي مير مرسل کي،
ڏنو رب عرش اعلىٰ تي لقائي سرورِ عالم.
نہ ان کي غم قيامت جو نہ خطرو خوف دوزخ جو،
رهي جو جان ۽ دل سان فدائي سرورِ عالم.
شفاعت ڪج شفيع المذنبين محشر ۾ امت تي،
عذابِ نار دوزخ کان بچائي سرورِ عالم.
سڪايل "سعيد" جي شام و سحر هي التجا آهي:
سگهو مون کي مديني ڏي سڏائي سرورِ عالم.

.......................

ڪٿي ساقي، ڪٿي ساغر، ڪٿي ميڪش ۽ ميخانو،
ڏسي پيو روح رندن ۾ پڳل شيشو ۽ پيمانو.
نہ ڏسجي ٿي صحرائيءَ ۾ اها ساقيءَ جي سرمستي،
ڏني جنهن جام محفل کي ڪيو مستيءَ ۾ مستانو.
سڪائين ڇو تو اي ساقي پياسيءَ کي پيالي کان،
ڪڏهن تو پي ڏنو مون کي ٿي پيماني تي پيمانو.
خدا جي واسطي رک پنهنجي روشن شمع مينا کي،
پڇڻ ري ڪيئن رهي خاموش ساقي تنهنجو پروانو.
پڇاڙيءَ جو سجاتم، "سعيد" دنيا جي حقيقت کي،
ڏٺم جيڪي سو هو سپنو، ٻڌم جيڪي سو افسانو.

.......................

دل جي هيءَ اجڙيل دنيا دلبر وسائين ڇو نٿو،
راهه الفت ۾ تون مون کي آزمائين ڇو نٿو.

سوز تنهنجي ۾ سڄڻ جي نينهن جا ناسور ٿيا،
تون دواي وصل سان تن کي ڇٽائين ڇو نٿو.

تير مزگان جي لڳڻ سان جان تڙپي ٿي مٺا،
خنجرِ ابرو سندم سر تي وهائين ڇو نٿو.

راهه ۾ پيو تو رلي منهنجو جنازو بي ڪفن،
پنهنجي پيرن سان پرين لاشو لتائين ڇو نٿو.

اي صنم توکي سڏيان مان باوفا يا بيوفا،
"سعيد" جي سامهون اڄي برقعو هٽائين ڇو نٿو.

..................

خدا را صنم تون نه مون کان خفا ٿي،
وٺي مون کي تنهنجي مٺا هيءَ جفا ٿي.

دنيا بيوفا، بيوفا ٿيو زمانو،
وفادار تقدير خود بيوفا ٿي.

اميدن جو گلشن به ويران ٿي ويو،
غرض دل جي هر آرزو وئي فنا ٿي.

ٿي حسرت روئي حال منهنجي تي مون سان،
پيان خون دل تو سندم غم غذا ٿي.

ڏسي نبض هاڻي ڪندو ڇا مسيحا.
"سعيد" رهيو دردِ دل لادوا ٿي.

..................

اڄ عمر مون کي اباڻن جا اندر ۾ پور پيا،
سوز سانگين جا سندم سيني اندر ناسور ٿيا.

ظلم زوريءَ ساڻ ظالم ڪئي پنوهارن کان پري،
ساهه کي سرتين سندا سامهون هزارين سور ٿيا.

آئي مند موٽي مينهن جي ٿيون ملهاريون منجهه ملير،
هُت پسن پل پل پکا هِت چشم چکندي چور ٿيا.

قيد قسمت جا هي ڪاٽي شل وطن واپس وران،
ظلم ۽ ڏک، ڏاڍ تنهنجا مون ڪي سڀ منظور ٿيا.

سهه "سعيد" سر تي سختيون سور سانيج ساهه ۾،
ڪير لهندءِ ڪل هتي ڏوٿي ڏکيءَ جا ڏور ٿيا.

## سيد محمد حافظ شاهه "حافظ"

علامہ اسدالله شاهه "فدا" جو پوٽو ۽ سيد حاجي محمد حافظ شاهه جو ڏوهٽو ۽ سيد الهه بخش شاهه جو وڏو فرزند محمد حافظ شاهه "حافظ" تاريخ 22- فيبروري 1928ع ۾، موجوده ٺٽڙ ۾ ڄائو.

**تعليم و تربيت:** "حافظ" صاحب سال ٻہ جناب "دلگير" مرحوم وٽ ديني علم پڙهيو. ان بعد، سنڌي چوٿون درجو پاس ڪري، حيدرآباد ۾ 'اڪيڊمي هاءِ اسڪول' ۾ انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ داخل ٿيو. ٽئي درجي ۾ وري 'نور محمد هاءِ اسڪول' ۾ انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ داخل ٿيو. 1945ع ۾ 'بمبئي يونيورسٽيءَ' مان مئٽرڪ پاس ڪيائين. 1951ع ۾ بي. اي (آنرز) ۽ ايل. ايل. بي پاس ڪيائين. هينئر ٽنڊي محمد خان ۾ وڪالت ڪري رهيو آهي.

**نثر نويسي:** نثر سان شاهه صاحب جي ننڍپڻ کان وٺي دلچسپي رهندي آئي آهي. هيل تائين سندس ترجمو ڪيل ڪتاب "تباهي"، "آئين زندگي"، ۽ "داستان غم" ڇپجي چڪا آهن.

شاهه صاحب جي ادبي خدمتن جو نتيجو آهي، جو سندس زير نگراني "ادارهٔ سنڌي ادب" ٽنڊو محمد خان قائم ٿيو. جو ٻن سالن کان سنڌي ادب جي شوقينن کي هر ماهه ڪونہ ڪو علمي ۽ ادبي تحفو ڪتابي صورت ۾ پيش ڪندو رهي ٿو ۽ باقاعدگيءَ سان ڪتابي سلسلو هلائي رهيو آهي.

**شعر و شاعري:** شاعريءَ ڏانهن سندس ڪو خاص لاڙو ڪونہ هو. مگر هاڻي ڪجهه وقت کان شعر چوڻ شروع ڪيو اٿس. اجا شاعريءَ جون ابتدائي منزلون طئي ڪري رهيو آهي. تاهم سندس ڪلام ۾ چڱو رنگ ۽ رس آهي، اگر مشقِ سخن جاري رهي، تہ پوءِ اميد آهي تہ سندس ڪلام اجا بہ سهڻو ٿي پوي.

## انتخاب

## ڪافيون

پنهل پسڻ ڪان آهي ڏور،
ساعت سهٽل ري نہ سري.
ساجن سرتيون ساڻ نياڻون، ڏير سندم پر قهر ڪيائون،
پيم پنهونءَ جا پل پل پور،
ڳٽتين ۾ جيءُ منهنجو ڳري.
باهہ پنيور ڪي ڏينديس پينر، ڪيچ ڏانهن ڪاهي وينديس ٽينر،
ورنديس ور ري ڪين مان مور،
ٽينديس پب ڪان پل ۾ پري.
روح روئڻ ۾ حال وڃايم، عشق سيئي آرام ڦتايم،
نينهن اندر ۾ ڪيا ناسور،
باهہ برهہ جي دل ۾ ٻري.
رڙهنديس روئنديس هلنديس آءٌ، پنڌ پنهل جو پڇنديس آءٌ،
هاڙي هلڻو آهي ضرور،
ڏينهن تپي يا رات ٺري.
هوت حمايت "حافظ" تن جو، قرب تيو ڪامل يار سان جن جو،
وڃ نہ بنهہ تون بس وهلور،
ڪيچي ايندا قرب ڪري.

...................

ڪانگل ڪر ڪا پرينءَ پچار،
ڏاڍا ڏکيءَ ڪي ڏينهن ڏني ٿيا.
قرب ۾ قيد قريب ڪري ويو، پختو پائي پيچ، پري ويو،
برهہ بنهہ ڪيو مون بيمار،
ويڄ ولهيءَ لءِ ڪيئي ڪُني ٿيا.
دردن دل ۾ دونهن دکايا، دانهـُن سان مون عرش دبايا،
ساجن لهي من منهنجي سار،
آس انهيءَ ۾ وره ويني ٿيا.

خوش ٿي ڪيانتا سنيهو سٺائي، سڄڻ ڏنئي جو لوڪون لڪائي،
ڏيان ذري چئو ڪيم وسار،
چيت ۾ توکي ڏينهن چيني ٿيا.
"حافظ" جو ڪجهه ڪانگ، چيئي ڪو، پرينءَ کي پائي پاند، چيئي ڪو،
ورڻ جو چيس ڪو ڪر ويچار،
سال گهٽا گهر تنهن کي پيني ٿيا.

## غزليات

اڄ اگڻ منهنجي عجيبا پرت مان پيرا پري،
تو سوا سهٽا سڪايل جي نہ ساعت ٿي سري.

درد دل ۾ ڪئين دکيا، پيا سور سامهون ٿيا سوين،
هجر ۾ هاري هنجون، هت هاڻ هيٺي ٿي ڳري.

اڄ نهوڙي نينهن مون نيو، ناسور نوڪن نيٺ ڪيا،
دل مٿي دائم برهہ جي، باهہ ڀڙڪي ٿي ٻري.

رات جو تارا تڪيندي، ڏينهن ڏسڪڻ ۾ وڃي،
آهہ آهيان عشق جي، اوکي اچي ويو منجهہ آري.

ويچ ٿيا وهلور ۽ موٽي مسيحا پڻ ويو،
هڪ نظر تنهنجي مٺا ٿي درد جو دارون ڪري.

حال "حافظ" جو پسي، وائي وڃڻ جي ڪيم ڪر،
دم لبن تي آهہ هاٺي، پل نہ ٿي هڪڙو پري.

.....................

تو لڳي ويران چمن اي همنوا توکان سوا،
ڪين ٿي دل کي وٺي منڙي صبا توکان سوا.

اڄ هلي هيڪر هتي تون، مهر مون تي ڪا ڪري،
ٿي ڏکي گذري گهڙي اي مهلقا توکان سوا.

دلربا دلدار دل کي ڏي اچي ڪا دلبري،
تو عدو سمجهي رکڻ تهمت روا توکان سوا.

دم لبن تي آهہ هاٺي تي ويا پويان پساهہ،
ٿيو بدن بيمار هاٺي بي بقا تو کان سوا.

سور سهندي سال لنگهيا، لهه سچڻ تون سار ڪا،
درد منهنجي جي نه ٿيندي ڪا دوا توکان سوا.
حال ”حافظ“ جو اچي هيڪر پرين تون پاڻ پس،
ڪونه هرگز ڪو ڪندو، مرهم شفا توکان سوا.

..................

تمنا منهنجي دل جي يا الاهي شل ٿئي پوري،
پسن اکڙيون عجيبن کي وجي ٿئي ختم هيءَ دوري.
ڪٿي چنڊ ۽ ڪٿي تارا ڪٿي ڪتيون ڪٿي سورج،
وڃن بي نور ٿي سڀ، جي ڏسن ساجن جو منهن نوري.
لڄان ٿڪان پڇان پڇران نه ڪنهن دم چين آ مون کي،
برهه پڙڪائي منهنجي دل اندر هي آهه جا ڪوري.
رقيبن جي اچي نرغي ۾ ويو سياجن،
شراب وصل تن پيتو، سري پر مون کي معذوري.
سنيها سَوَ مڪا مون پر نه آيو مهلقا موروُن،
ملڻ جي مون سڪايل سان ملي تنهن کي نه منظوري.
سمايل آ سندم سر ۾ سرور و ڪيف اڄ تائين،
جڏهن کان هن ڪنيا مون ڏي هئا ٻئي نيڻ مخموري.
گلاب ۽ موتيو مگرو چنبيلي تا ٿين حيران،
پسيني جي سگند سان ڇا ٿئي مٽ بوي ڪستوري.
سندس نام و نشان ڪنهن کي نه هو معلوم ڪڏهين پي،
مگر منهنجي محبت کان ملي هئي هن کي مشهوري.
نه ”حافظ“ کي ٿيو حاصل ڪو ثمرو پنهنجي الفت جو،
هتي ٿيو پورو دم منهنجو، هتي ٿي هن کي مغروري.

## محمد آچر ”نظير“

محمد آچر ولد جمال خان، 11- اپريل 1930ع ۾، موجوده ٺٽڙ ۾ ڄائو.

**تعليم و تربيت:** ننڍپڻ کان ڏاڍو ذهين ۽ تيز فهم هوندو هو. ڪلاس ۾ هميشه پهريون نمبر ايندو هو. سنڌي فائنل پاس ڪري، تعليم کاتي ۾ ملازمت

اختيار ڪيائين. ڪجهہ عرصي کان پوءِ ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ وڏيڪ سکيا لاءِ داخل ٿيو. جتان ٻہ سال پڙهي پاس ٿيو. هينئر تعليم کاتي ۾ هيڊ ماستر آهي.

**طبعيت:** خوش طبع ۽ هنس مک آهي. سندس ڪچهري لذت ڀري آهي.

**شعر و شاعري:** شاعريءَ جو شوق گهڻي عرصي کان اٿس. سندس ڪلام چڱو آهي.

سندس ڪلام جو نمونو پيش ڪجي ٿو:

## انتخاب

اڙي نادان بلبل چئو چمن کي آ بقا ڪهڙي؟
ڪرين ٿي ناز جنهن گل تي انهيءَ ۾ ٿي وفا ڪهڙي؟

ڪرين ٿي ناز نخرا نينهن جا نو رنگ نغمن سان،
ٻڌائج بلبلا جلدي انهيءَ جي انتها ڪهڙي؟

ڪرين ٿي چاهہ مان چہ چہ گلن جي پاسبان ٿي تون،
مگر اجڙي چمن ويندو ڪنديءَ تنهن جي دوا ڪهڙي؟

بهاريون ختم ٿي وينديون، خزان آئي، اجها آئي،
خزان ۾ بلبلا گل تي ڪندين ناز و ادا ڪهڙي؟

"نظيرا" تون حقيقي گل مٿي پل ناز ڪر هردم،
اهو گل وصف کان بالا، ڪجي تنهن جي ثنا ڪهڙي.

# اسدالله شاه "اسد"

نہ شاعر نہ اديب نہ عالمن ۾ شمار، مگر ماحول جي تقاضا شمار ڪرايو. منهنجي تاريخ تولد 12- اپريل 1931ع آهي. سندم والد بزرگوار جو نام اسم گرامي سيد الهہ بخش شاه آهي.

1953ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪيم. بي. اي. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پاس ڪيم ۽ هاڻي لنڊن يونيورسٽيءَ ۾ بي. اي ڪري رهيو آهيان ۽ پڻ سنڌي زبان جي ريسرچ واري محڪمي ۾ اسسٽنٽ ٿي ڪم ڪري رهيو آهيان.

جنوري 1953ع ۾، جناب سيد ميران محمد شاهہ جڏهن منهنجو ڪلام ڏٺو، تڏهن چيائين تہ: "شعر ناهڻ وڏي ڳالهہ آهي، تون تہ بلڪل ڪونہ ٿو

چاٽين." انهيءَ ڏينهن کان پوءِ استاد ونڻ جو خيال ڪيم. جناب "غني" صاحب منهنجي شوق ڪي تاڙي ورتو ۽ مهرباني فرمائي وزن بحر سمجهائي ڏڳ لاٿائين. انهيءَ کان پوءِ جناب قبله مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ" ۽ جناب مولانا غلام محمد صاحب "گرامي" جي صحبت ۽ سندن اصلاح مان فيض پرائي رهيو آهيان.

يادگار طور پنهنجي ٿنل ڦٽل ڪلام مان ڪجهه پيش ڪريان ٿو:

## انتخاب

### بيت

رڙهان ۽ روئان، ساجن تو ساري،
اچان شال "اسد" چئي، تنهنجي اوتاري،
ماريو تو ماري، وره تنهنجو ولها.

..................

الستان اڳ لڳي، منهنجي لنئون لالن سان،
رليس ايئن رانجهن سان، جيئن وارن ۾ سڳي،
تنهين ري تڳي، آءٌ نه سگهان مورئون.

....................

اسان ڪي الله، پرين پسائيين پنهنجا!
انهن سوا واهه، ڪانهي ڪا ڪُنن جي.

...................

الله اچي شال، ڪانگو قريبن جو،
سوين ٿيئڙم سال، ساري سپرين ڪي.

### ڪافيون

محبوب منهنجا ماهرو،
نيڻن جي نازڪ ناز سان،
سينگار جي سو ساز سان،
شهباز تنهنجو عشق ٿيو،
هڪڙي ئي تنهن حملي ڇڏيو،

مون کان ڇو وئين منهڙو مٽي
مشڪي عجب انداز سان،
جهٽ پٽ وئين دلڙي جهٽي.
چائي چنبن ۾ چست ويو،
جيري، چستي، ڦاڙي، ڦٽي.

سـي محفلـون سـي مجلسـون، جن ۾ نـ هئي ڪـا تـون ۽ مـون،
افسـوس دلبـر تـن سـنديون، ڇـا ڪـان ڇـڏيئي پـاڙون پٽـي.
آخـر "اسـد" آيـو اجـل، مهلـت ڏنئيـن هڪـڙو نـ پـل،
ميـٽي سـنديم خـاميون خـلل، هـي لـوڙهـ شـل لالـن لـٽي.

.............................

يـار نـ ڇـن تـون يـاري، وي،
معـاف مـُـنيءَ جـون ڪـر تـون مدايـون.
وره تنهنجـي ۾ ولهـبـا آءٌ
روز وسـايان واري، وي،
محـب ملـڻ جـي منهنجـي مـن تـي،
تـات رهـي تـي طـاري، وي،
راتيـون ويهنـدي ويهنـدي وهـايون.
گهـوٽ گهـڙي ڪـا تنهنجـي هجـر ۾،
مـون ڪـان نـ تـئي تـي گهـاري، وي،
سـاريو صحبـت تنهنجـي سـاجن،
رت روئـي ڪريـان زاري، وي،
عشـق اڙانگـي متيـون منجهـايون.
محبـت تنهنجـي محـب مـُـني هـيءَ،
مـوت ڪـان اڳ ۾ مـاري، وي،
دردونـديءَ ڪـي تـو ري دلبـر،
ڪيـر ڏئـي دلـداري، وي،
مـوت، وڇـوڙي واهـون وڃـايون.
منـد مينهـن جـي موتـي آئـي،
بـاغن ۾ تـي بهـاري، وي
عيـد ملهـائي سـيني ڏسـندي،
جهـڙ ڦـڙ مينگهـ ملهـاري، وي،
اڪڙيـون "اسـد" جـون آهـن اجـايون.

## غزليات

مون سان قرب تنهنجو، اي ماهرو، مون کي ياد آ، مون کي ياد آ،
منهنجي دل ۾ ٿو وسين تون ئي تون، مون کي ياد آ، مون کي ياد آ.
سو ڪو دور هو، تو اي جان جان، مون سان ذوق شوق پيار سان،
جا مِـني ڪئي ٿي سا گفتگو، مون کي ياد آ، مون کي ياد آ.
مون سان دور فصل بهار ۾، ٿي مليـن گلن جي قطار ۾،
سو مقام بر لبِ آبجو، مون کي ياد آ، مون کي ياد آ.
تون وئين چمن تہ خزان وئي، تو ڪلئين منا تہ ڪَلي ڪُلي،
گل جذب ڪئي تو مان رنگ بو، مون کي ياد آ، مون کي ياد آ.
خم و پيچ جو قسم، تو لءِ گهاٽ گهر ڪي ڇڏي صنم،
مون گهڻي گهڻي ڪئي جستجو، مون کي ياد آ، مون کي ياد آ.
ڪري قتل تيغ جفا سان تو، مون کي ڦٽڪندي ڇڏي منا ڏنو،
منهنجي خون سان پوءِ ڪيءِ وضو، مون کي ياد آ، مون کي ياد آ.
ڏکي در تان تو هي "اسد" منا، چيو بيحجاب ٿي برملا،
"پيو رلي ڦري پلي چار سو"، مون کي ياد آ، مون کي ياد آ.

........................

لڳائي نينهن جو نعرو، نسنگ نانگا نچي ڪي ڪي،
ڏکي پڙ پرت جي ۾ پير، پائيندا اڇي ڪي ڪي.
ڪسوٽي قرب جي اهڙي منى محبوب وٽ آهي،
ڪريل ڪوٽا پچي ويا مڙ، ٿيا ريٽا رچي ڪي ڪي.
نہ آسان عشق آهي، تون نہ ڪر سڌ بوالهوس ناحق،
هتي مرندا وري جيئندا، پتنگ وانگر پچي ڪي ڪي.
هزارين هـُل هلاچا هن جهان جي عشق ۾ آهن،
بري هن بحر مان نڪتا، بهادر پر بچي ڪي ڪي.
لباسِ زهد سان سجاده تي وينل گهڻا ڏسبا،
خبر سهڻي جي صادق پر سڏائيندا سچي ڪي ڪي.
ٻنا ڪن سان ڪني آهي ڪڏهن ڪنهن قرب جي بازي،
محبت جي اي يارو ڏور، ڏوريندا ڪچي ڪي ڪي.

ڏڃي آخر پڇي ويا ڪي، ڪِنهين جو ويو نشان گم ٿي،
"اسد" منزل تي پهتا مرد ٿي مانجهي مڃي ڪي ڪي.

## نظم

هو ياد ڪر ڪي راتيون، هو مٺڙيون مٺڙيون باتيون،
جي تنهنجي منهنجي وچ ٿيون، نہ دل تان منهنجي سي ويون،

هو عيش و ڪيف جو مزو،
هو تنهنجو منهنجو ڇهڇٽو،
هو تنهنجو مون تي پروسو،
هو منهنجو توتي آسرو،

هو ناز ساز سوز جو، اٿيل دلين ۾ ولولو،
نہ هوش جنهن ۾ ڪو رهيو، هو ڏينهن جو نہ رات جو،

ٿئين نہ مون ڪان دم پري،
نہ تنهنجا پيچ و خم پري،
هو رنج و غم الم پري،
۽ غير جا قدم پري،
هي ڇا ڪيئي جو وئين ڇڏي،
غمن ۾ مون ڪي تون گڏي،
سڏي تي توڪي دل سڏي-
هلي آ مون ڏي دلربا!

سدا رهي تي جستجو، رلان ٿو تو لئي ڪُو بڪُو،
حرام عيش ۽ طرب، مدام رنج ۽ تعب،

جڏهن ڪان توسان اڪ اڙي،
نہ چين ڪيم ڪو پل گهڙي،
هي زخم دل جو پيو ڇڙي،
پڏي نٿو بنهہ ڪڙي،

حريم دل جو نور تون، تجلي گاهِ طور تون،
غيوب تون حضور تون، مجسمہ سرور تون،

وفــا جفــا جـــي ڳالهـــ ڇــڏ،
عطــا خطــا جـــي ڳالهـــ ڇــڏ،
فنــا بقــا جـــي ڳالهـــ ڇــڏ،
ســـزا جـــزا جـــي ڳالهـــ ڇــڏ،

رهيـــن ٿـــو مـــوج ۾ مـــگن، اي ســـيم تـــن اي گلبـــدن،
اڪيـــون اهـــي تـــ ننـــڊ ڪـــن، لڳـــي آ تنهنجـــي جـــن لـــڳن،

لڳـــي آ جـــن ڪـــي تـــار ڏس،
ســـي روڪـــشِ هـــزار ڏس،
ســـي وقـــف انتظـــار ڏس،
ســـي چشـــم اشـــڪبار ڏس،
نـــ ڪـــر تـــون هـــاڻ رد و ڪـــد
آ ســـگِ در ســـندئي "اســـد"،
تـــون جـــان هـــو ســـندئي جســـد،
پلـــي تـــ غيـــر ڪـــن حســـد،
هلـــــي آ مـــــون ڏي دلربـــــا!

# سيد شبير علي شاه "شبير"

سـيد شـبـيـر عـلـي شـاه ولد سيد الهه بخش شاه موجوده ٺٽڙ ۾ تاريخ 28- صفر 1359ھ، مطابق 4- اپريل 1940ع تي ڄائو. 'شبير' صاحب علامه اسدالله شاهه "فدا" جو پوٽو ٿئي. سندس ڪلام رنگين ۽ پختو آهي.

شـاعـريءَ جو ابتدائي شوق جناب "غني" صاحب ڏياريس، ان کان پوءِ جناب مولانا "گرامي" صاحب جي اصلاح ۽ همت افزائيءَ سندس ڪلام کي ڪمال تي پهچايو. هي نوخيز ۽ نو عمر شاعر، وڏن وڏن استادن ۽ قادر الڪلام شاعرن وانگر، پختہ ۽ شستہ ڪلام چوي ٿو:

ترس، ظلم و ستم جي ڪر تڪميل،
غـم جانـان! ڇـو ايتـري تعجيـل؟

ڪهـڙي تفريـقِ عشـق و حسـن ڪجـي،
نڪهـت و گـل جـو رشـتو بـي تفصيـل.

يـــار جـــو در ڇـــڏڻ محـــال آهـــي،
فطــرت عشــقِ ٿينــدي ڪيئــن تبديــل.
رنــد و واعــظ جــو ڪيئــن نباهــ ٿئــي،
مختلــــف روح، مختلــــف تشــــڪيل.
شــــبِ فرقـــت ۾ يـــاد جـــو عـــالم،
چشــــم گريـــان ۾ ٿـــا ٻـــرن قنديـــل.
هـــــــر ادا لاجـــــــواب، لاثـــــــاني،
حســـن محبـــوب، حســـن جـــي تڪميـــل.
آه و زاريءَ ڪـــي ڇـــڏ، اي چشـــمِ نم،
شـــڪوهٔ عشـــق، حســـن جـــي تذليـــل.
صحبـــتِ يـــار ۾ هـــي تلخـــيءِ غـــم،
شـــهد ۾ زهـــر ٿـــي ويـــو تحليـــل.

....................

اي طبيبِ دردِ الفت، اي حبيبِ جان مـن،
اي سرورِ دل، علاجِ حسرت و رنج و محن.
اي نگــارِ نــازنين اي زينــتِ بــزمِ چمــن،
گـل رخ و گلفـام، گـل انـدام، گـل بـو، گـل بـدن.
تون جي مشڪين ٿو تہ مڪڙيون دل سنديون ٿڙيو پون،
حسنِ گل توکي ڏسي، تـو پـاڻ تـي ٿئـي خنـده زن.
چشمِ گلگون جي ڪليئي، آبـاد ٿيـا دشـت و دمـن،
تنهنجـي زلـفِ عنبريـن تـي مسـت آهـوي ختـن.
تـو اڳيـان آهـن بتـانِ مـاهوش سـجده فـگن،
بيشـڪ آهن اي صنم تنهنجـون ادائـون بـت شـڪن.
تنهنجـا ابـرو عاشـقن کـي ٿـا اشـارن سـان ڪهـن،
تنهنجا چپ، تنهنجي جبين، تنهنجون اکيون موهيون وڄهن.
توتـان جـي قربـان ٿيـا، سـي ٿـا سـدا زنـده رهـن،
تنهنجي در تـي روز ڪيئـي ٿـا مـرن، ڪيئـي جيئـن.
پـاڻ کـي ڇـا ڇـا ٿـا سمجهـن، عاشـقانِ خسـتہ تـن،
تن کي ڪنهن جي ڪاڻ هوندي، جن کي تـو جهڙا ملن.

پيڪرِ حسنِ مڪمل آهين، اي سيمين بدن،
تون يقين ڄاڻج تہ هي منهنجو نہ آهي حسنِ ظن.

.......................

حسن کي بيقرار ڪير ڪري،
عشق کي داغدار ڪير ڪري.
منهنجو گُلرو سدا شگفتہ آهہ،
انتظارِ بهار ڪير ڪري.
سنگدل سان اسين نباهيون پيا،
پر اسان سان پيار ڪير ڪري.
ڪنهن قصور ڪيو تہ ڪسجي ويو،
ذڪرِ ابروي يار ڪير ڪري.
تنهنجي حسنِ ڪرم کي ڇا چئجي،
مهربانيون شمار ڪير ڪري.
منهن تي چڙهبو، شڪايتون ٿينديون،
وصل کي زهرِ مار ڪير ڪري.
پاڻ وٽ جهوپڙي بہ ڪانهي ڪا،
فڪرِ برق و شرار ڪير ڪري.
جيڪو ٻَرندو، سو ڪنجهندو، 'هاتف'،
آهہ تي اختيار ڪير ڪري.

.......................

ڪٿي آءٌ ڪٿ شانِ دستِ ستم،
انهيءَ کي چئجي ٿو، حسنِ ڪرم.
اسان لئي سنڌ در ٿيو بيت الحرم،
اسان جون جبينون، اوهان جو قدم.
اسين بي نيازانِ لوح و قلم،
اسان جو مقدر، اوهان جو ڪرم.
اجهي تنهنجا ديوانا، آيا لنگهي،
ڳچيءَ منجهہ ڳارا ۽ باچشمِ نم.

اوهــان جــا پرســتار آهــن لڪيــن،
اسـان جـو سـهارو، اوهـان جـو سـتر.
ســندئي خشــر تــو حشــر برپــا ڪــري،
ســندءِ مــرڪ ســان ليــڪ ڪليــو ارم.
متــان عشــق مجبــورِ نالــہ ٿئــي،
الاهــي! حســينن جــو رڪجــان پــرم.
زماني جــا اســرار ڪنهــن ڪــان پڇــون؟
ڪو سمجهي سگهيو، زلف جا پيچ و خم!
شــڪايات جــو سلســلو ٿيــو شــروع،
اجــا عشــق ۾ آهــہ پهريــون قــدم.

## امداد علي شاهہ "امداد"

سيد امداد علي شاهہ "امداد" ولد سيد فضل محمد شاهہ ٽکڙ جي نوجوان شاعرن مان هڪ چڱو شاعر آهي. پاڻ علامہ اسدالله شاهہ "فدا" جو پوٽو ٿئي. سندس شاعريءَ جي ابتدا چوٿين درجي سنڌيءَ ڪان شروع ٿي. فن جي مطالعي ۾ ڪلام جي اصلاح، جناب "گرامي" صاحب جي مرهون منت آهي، سندس ڪلام رس ڀريو ۽ پختو آهي. بيت، غزل ۽ نظم تي طبع آزمائي ڪئي اٿس: نمونو ڪلام جو هيءَ آهي:

**غزل**

توڪــان ٿينــدا ويــا بهانــا ســَــوَ،
حيــف! گذريــا ائيــن زمانــا ســَــوَ.
تنهنجــو در منهنجــو ڪعبــہ مقصــود،
تــو تــہ بدلايــا آســتانا ســَــوَ.
فرق منجي ويو، هڪ ٿيا غيب و حضور،
مــون ڪيــا ســجدا غائبانــہ ســَــوَ.
بــرق صــد حيــف! آشــيان تــي ڪــري،
جنهــن ۾ ميــڙي وڏا مــون ڪانــا ســَــوَ.

منهنجـــي خاموشـــي گفتگـــو آهـــي،
منهنجـــي هـــڪ آه ڇـــن فســـانا ســـَـــوَ.
راه وينـــدي نظـــر نظـــر ســـان لڙي،
بنجـــي "امـــداد" ويـــا فســـانا ســـَـــوَ.

. . . . . . . . . . . . . . .

چشــمِ قــاتل بــہ مهربــان آهــي،
چوتــہ گــردش ۾ آسمــان آهــي.
هــر قــدم ڪــي ســڄڻ ســنيالي ڪــڻ،
ڏس تـہ قدمن ۾ ڪنهن جي جان آهي!
ذڪــر هــن مــاهرو جــو جــت آيــو،
آئــي لــرزش ۾ ات زبــان آهــي.
رهـج ڪجهـہ ديـر شمـع تـون روشـن،
مـــختصر منهنجـــو داســـتان آهـــي،
پهريـــن ڪونـــي وري ڏڪـــاري ٿـــو،
هـــيءُ بـــہ "امـــداد" امتحـــان آهـــي.

# سيد غلام رسول شاهہ "سوز"

سيد غلام رسول شاهہ "سوز" ولد سيد حاجي علي اصغر شاهہ. اصل وطن ٽنڊ، حال اصغر آباد. تعلقو گوني، ضلعو حيدرآباد. 1- مارچ 1938ع تي، اصغر آباد ۾ ڄائو.

هن وقت نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ مئٽرڪ جو شاگرد آهي. شعر و شاعريءَ جي اصلاح جناب "گرامي" صاحب کان وٺي رهيو آهي. سندس ڪلام جو نمونو پيش ڪجي ٿو:

## انتخاب

## ڪافي

منهنجـــا جـــانب جـــيءَ جيـــارا، توتـــان تيـــن قربـــان لکيـــن،
وارو وســـيهر ور ڏئـــي واريـــن، ڪـــارا ڪـــاريهر ڪيئـــي ڏاريـــن،

ڏور ڪـان ڏسيو ڏنـڪن ويچـارا، روز ٿيـــن بيجـــان لڪيـــن.
سـرڪي سـڪ جـي پـي متـوالا، عاشـق ونيـو تنهنجـا نـالا،
ڪريــو تــوڏي يــار اشـــارا، گهــورن تـا جنـد جـان لڪيـن.
تنهنجي چپن جون ڏسندي چالون، گوهـــر هيـــرا موتـــي لالـــون،
ڏنـد ڏسـي پوتـل هـي پيـارا، صدقـي ٿيـن مرجـان لڪيـن.
"سـوز" پريـت جـي ريـت اٽـانگي، سـور سـهانگو مـوج مهـانگي،
رنـگ رڪـي تـو نيـنـهـن نـيـارا، سـڪ جـا سـجهـن ميـدان لـڪيـن.

## غزليات

شـوقِ شـراب ذار ۽ جـامِ شـراب پـي،
پـي، خـوب طـرح پـي، دلِ خانـہ خـراب پـي.

پيمانـہ جـي صحراحـي جـي پرواهـہ رک نـہ ڪـا،
هـت بـي حسـاب آهـہ، تـون بـي حسـاب پـي.

پردا پري ڪري ٿي جا شيشي جي هيءَ پري،
پـردو پـري هٽـائي پلـي بـي حجـاب پـي.

اڄ ڪيـر ڪونهـي آهيـون اڪيـلا اسـين ٻئـي،
پرهيزگـار، اڄ تــہ ڇـڏي اجتنـاب پـي!

همشـڪلِ خـون آهـہ مـي نـاب سـوز چـوءُ:
"اي سـرخ دل، تـي سـرخ، ۽ ڪولـي نقـاب پـي."

..................

وصـل جـو ڪـو وِاعـدو ڪـر دلربـا دلـدار اڄ،
دل دکـيءَ کـي ڪـو دلاسـو ڏي منـا منـٺار اڄ.

زلف زهري پنهنجي سر تي ور ڏئي جي وارين،
تـا ڏنـگن ور ور ڏيـو دل کـي وسـيهر وار اڄ.

ساهہ سر پنهنجو ڪيو محبوب مون تـو تـان فـدا،
ڇـا ٻيـو مـون وٽ رهيـو توکـي ڏيـان جـو يـار اڄ.

جلد دلبر تون اچي مل، هاڻ پنهنجي "سوز" سان،
پرت جي پياري گهڙي، سهڻا سڄڻ ڪا گهار اڄ.

# سنڌي ادبي بورڊ طرفان پڌرا ٿيندڙ ڪجهه ڪتاب




Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.